# حقيقت خلافت ۽
# اڄوڪي دور ۾ اُن
# جو نظام

ڊاڪٽر اسرار احمد
داعي تحريڪ خلافت پاڪستان

جي چئن خطبن جو مجموعو

شايع ڪندڙ: انجمن خدام القرآن سنڌ- ڪراچي
DM-55 خيابان راحت رخشان فيز 6 ڊيفينس ڪراچي

# حقيقتِ خلافت ۽
# اڄوڪي دور ۾ اُن
# جو نظام

يعني

خلافت جي اصل حقيقت ۽ ان جو تاريخي پس منظر.... ۽ موجوده دور ۾ ان جي دستوري وقانوني ۽ معاشي و معاشرتي ڍانچي ۽ ان جي قيام لاءِ سيرت النبي صلي الله عليه وسلم کان اخذ ڪيل طريقہءِ ڪار جي تشريح تي مشتمل


## ڊاڪٽر اسرار احمد
داعي تحريڪ خلافت پاڪستان
جي ڇهن خطبن جو مجموعو

مترجم
## عبدالعزيز انصاري هالائي



شايع ڪندڙ: انجمن خدام القرآن سنڌ- ڪراچي
DM-55 خيابان راحت درخشان فيز-6، ڊفينس

# ترتيب


## پيش لفظ

## خطبو پهريون
عالمي خلافت جي دعوت

## خطبو ٻيو
موجوده دور ۾ نظام خلافت جو سياسي ڍانچو

## خطبو ٽيون
موجوده دور ۾ نظام خلافت جو معاشي و معاشرتي ڍانچو

خطبو چوٿون
قيام خلافت جو نبوي ﷺ طريقو

| | |
|---|---|
| نالو ڪتاب جو | حقيقت خلافت ۽ اڄوڪي دور ۾ ان جو نظام |
| مصنف | ڊاڪٽر اسرار احمد |
| مترجم | عبدالعزيز انصاري هالائي |
| نظرثاني | عبدالرحيم ميمڻ |
| ڇاپو پهريون آڪٽوبر ١٩٩٨ع | يارهن سؤ |
| شايع ڪندڙ | نام مڪتبہ انجمن خدام القرآن سنڌ، ڪراچي |

# ترتيب


## پيش لفظ

## خطبو پهريون
عالمي خلافت جي دعوت

## خطبو ٻيو
موجوده دور ۾ نظام خلافت جو سياسي ڍانچو

## خطبو ٽيون
موجوده دور ۾ نظام خلافت جو معاشي و معاشرتي ڍانچو

### خطبو چوٿون
قيام خلافت جو نبوي ﷺ طريقو

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# پيش لفظ

سلطنت خداداد پاڪستان ۾ نظام خلافت جي قيام لاءِ "تحريڪ خلافت پاڪستان" جو آغاز، راقم الحروف سيپٽمبر ١٩٩١ع ۾ ڪراچي پريس ڪلب ۾ پنهنجي هڪ پريس ڪانفرنس سان ڪيو هو. جتي جيڪو تحريري بيان به تقسيم ڪيو ويو هو اهو ان ڪانپوءِ "پاڪستان ۾ نظام خلافت" ڇا؟ ڇو؟ ۽ ڪيئن؟ جي عنوان سان لکن جي تعداد ۾ ڇپجي تقسيم ٿي چڪو آهي.

عربي زبان جي منطقي چوٽي يعني "الفضل للمتقدم" ۽ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي فرمان مبارڪ "من لم يشڪرالناس لا يشڪرالله" جي مطابق لازم آهي ته قيام نظام اسلامي جي لاءِ پنهنجي ٽيهه سال جدوجهد جي هدف جي لاءِ هن عنوان جي اختيار ڪرڻ ۾ مونکي جن حلقن کان رهنمائي ملي انهن جو حق شڪر ادا ڪيو وڃي.

پاڪستان ۾ جيتوڻيڪ هن کان اڳ به بعض حضرات خلافت جي عنوان سان ڪم ڪري رهيا هئا ۽ ڪنهن موقعي تي ان جو هڪ اجتماعي نظم به قائم ٿيو هو جنهنجي هڪ اجلاس ۾ مونکي به شريڪ ٿيڻ جي سعادت حاصل ٿي هئي. پر افسوس ته منهنجي گمان جي مطابق انهن حضرات جي سامهون نه واضح طور تي ڪجهه تصورات هئا نه ڪو عين مطابق لائحہ عمل-

مون سڀ کان پهرين جيڪو تاثر ورتو اهو "حزب التحرير" مان هو جيڪا اصل ۾ ته فلسطيني ۽ اردني عربن جي تحريڪ هئي پر انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ ان جي زير اثر هندو پاڪ جا به گهڻا مخلص ۽ جوش و جذبي سان سرشار نوجوان تحرڪ ۾ اچي ويا هئا. ان جماعت

ڪافي لٽريچر بہ خلافت جي متعلق پنهنجي تصورات و نظريات تي مشتمل شايع ڪيو. پر آئون جتي انهن جي عملي جذبي کان تہ تمام گهڻو متاثر ٿيس اتي انهن جي تمام گهڻن نظريات سان اتفاق نہ ڪري سگهيس. تنهن هوندي بہ هي ڳالهہ منهنجي سمجهہ ۾ اچي وئي تہ اسانکي پنهنجو پاڻ اسلام کي جيارڻ لاءِ جهاد جي دنيوي پهلو جي طور تي خلافت جو اهتمام ڪرڻ گهرجي.

("حزب التحرير" جي مشهور زمانہ "خلافت ڪانفرنس" جيڪا آگسٽ ١٩٩٤ع جي شروع ۾ ويمبلي ايرينا، لنڊن ۾ ٿي هئي، ان ۾ انهن جي دعوت تي مون بہ شرڪت ڪئي هئي ۽ عالمي راءِ عامہ بہ منهنجي تقرير کي گهڻي اهميت ڏني هئي. جڏهن تہ ان جي نتيجي ۾ مونکي دبئي ايئرپورٽ تان واپس ڪيو ويو هو-)

انهي دوران ڪراچي ۾ هڪ صاحب راؤ اميد علي خان مونسان ملڻ آيو- جيڪو پاڪستان ايئر فورس جو ونگ ڪمانڊر رهيو هو پر ١٩٧١ع ۾ پاڪستان جي ذلت آميز رسوائي کان بددل هئڻ جي باعث پهرين ئي رٽائرمينٽ وٺي آمريڪا منتقل ٿي ويو هو. جتي ان جي بيان جي مطابق ڪجهہ ماڻهن پنهنجو پاڻ تي هي رضاڪارانہ ذميداري عائد ڪئي هئي تہ هو يهودين جي عزائم ۽ منصوبن کان آگاهي حاصل ڪندا رهڻ پوءِ ان جي سدباب جي آڙ ۾ عالم اسلام جي حڪومتن ۽ اهم شخصيات کي مشوره ڏيندا رهن. انهن چيو تہ اسانجي نزديڪ يهودين جي سازشن جو واحد توڙ هي آهي تہ عالم اسلام ۾ عموماً ۽ پاڪستان جي روءِ زمين ۾ خصوصاً قيام خلافت جي تحريڪ هلائي وڃي. مون انهن کي ٻڌايو تہ آئون ازخود بہ ان نتيجي تي پهچي چڪو آهيان. لهٰذا اسان فيصلو ڪيو تہ هڪ گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ ان جو اعلان ڪيو وڃي. جنهن لاءِ ذڪر ڪيل اتفاقي بيان مرتب ٿيو. ليڪن پنهنجي رهائشگاهہ کان واپس گهر پهچندي ئي انهن فون ڪيو تہ هو پريس ڪانفرنس ۾ شريڪ نہ ٿيندا. ان تي مون الله تي ڀروسو ڪندي

پنهنجي طور تي ٿي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪيو ۽ تحريڪ جي آغاز جو اعلان ڪري ڏنو. تنهن هوندي ان جو ذڪر به هتي هن شعر وسيلي ڪيو ويو آهي ته:

تم تو غم دے کے بھول جاتے ہو،
مجھ کو احساس کا پاس رہتا ہے!

آئون ڪيترا دفعا عرض ڪري چڪو آهيان ته جيئڻ ته مونکي اسلام جي زنده رکڻ جو هڪ مبهم جذبو ته پهرين علامه اقبال جي ملي شاعري کان مليو هو ليڪن هن خاڪي ۾ تحريڪ ۽ ان جون ضرورتون ۽ خوبصورتي جو رنگ مولانا مودودي جي تحريرن جي ذريعي پريو ويو. مولانا مرحوم جماعت اسلامي جي تاسيس جي موقعي تي پنهنجي "نصب العين" جو تعبير "حڪومت الاهي" جي انهي اصطلاح سان ڪيو هو جنهنجو استعمال پهرين مولانا ابوالڪلام آزاد ..... ۽ ان کانپوءِ خيري برادران ۽ علامه مشرڪي ڪيو هو .... پر جڏهن جماعت اسلامي ۾ مولانا امين احسن اصلاحي جي شموليت کانپوءِ ان جي قراني فڪر جو آبشار به مولانا مودودي جي افڪار جي وهڪرن ۾ شامل ٿي ويو ته ان وقت ان جي تعبير جي لاءِ خالص قرآني اصطلاحات يعني "شهادت علي الناس" .... "فريضه اقامت دين" ۽ "غلبه دين حق" جو استعمال عام ٿي ويو.

جڏهن ته خود مون ١٩٥٧ع ۾ جماعت اسلامي کان علهده ٿيڻ کانپوءِ ١٩٦٥ع ۾ پنهنجي ذاتي ڪوشش جو آغاز ڪيو جو انهن ئي اصطلاحات کي نه فقط اپنايو پر پنهنجي وسعت آهر وڌيڪ مدلل ۽ چٽو به ڪيو ۽ وڌيڪ "جهاد في سبيل الله" جي عين فرض هئڻ تي قرآن وسنت سان مطابق رڪندڙ پرپور راءِ قائم ڪئي ۽ ان جي مرحلن ۽ ضروريات جي پوري نقشي کي به سيرت النبي صلي الله عليه وسلم کان ئي ثابت ڪري ڏيکاريو ويو..... تڏهن به هي احساس ضرور رهيو ته انهن مشڪل اصطلاحات مان پڙهيل لکيل طبقو ته ڪجهه قدر معمولي محنت سان راغب به ٿي سگهي ٿو، پر عوام الناس جي دل و دماغ تائين

ان جي ذريعي رسائي ممڪن ناهي. آئون ان شش و پنج ۾ هئس تہ ذڪر ڪيل بالا حلقن جي ذريعي "خلافت" جي اصطلاح ڏانهن ذهن منتقل ٿيو ۽ ان سان گڏ هن حقيقت جي طرف بہ توجه ٿيو تہ "خلافت راشده" جي تابناڪ ياد سموري نوع انساني جي اجتماعي شعور ۾ هڪ حسين خواب جي طور يقيني آهي، لهذا ان جي ذريعي عام و خاص ٻنهي جي دلين ۽ ذهنن تائين آساني سان رسائي حاصل ڪري سگهجي ٿي. جڏهن تہ مون ان جي لاءِ "تحريڪ خلافت پاڪستان" جي عنوان سان هڪ ادارو باقاعده رجسٽر ڪرائي ان جي تحت ڪم شروع ڪري ڏنو-!

ان ڪانپوءِ هيستائين جيڪا محنت آئون خود ۽ منهنجي جماعت يعني "تنظيم اسلامي" هن ڪوشش ۾ ڪري چڪا آهيون ان جو اصل حاصل هي آهي تہ هاڻ الحمد الله پاڪستان جي ديني شعور جي حامل سيني حلقن ۾ هن تحريڪ جو تعارف ٿي چڪو آهي ۽ سيئي ڄاڻن ٿا تہ جيئن تحريڪ پاڪستان جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ واري جماعت جو نالو "مسلم ليگ" هو ائين ئي "تحريڪ خلافت پاڪستان" جي لاءِ عملي ڪوشش ڪرڻ واري جماعت جو نالو "تنظيم اسلامي" آهي ۽ هاڻ "خلافت" جي عنوان سان پاڪستان ۽ ٻيرون پاڪستان هڪ ئي ادارو ڄاتو سڃاتو ويو آهي ۽ اهو آهي "تحريڪ خلافت پاڪستان" جنهنجي داعي جي حيثيت هن خاڪسار کي حاصل آهي!!

هاڻ ظاهر نتيجو اهو آهي تہ تنظيم اسلامي جا سيئي رفقاء و ڪارڪن ۽ تحريڪ خلافت جو سيڪجهہ، ارڪانن ۽ معاونن جي ايثار مال ۽ نفس جي سخا سان مليو آهي. تنهن هوندي بہ هن ۾ منهنجي "ذاتي ڪوشش" ٻن اهم صورتن ۾ سامهون آئي جيڪا پنهنجي ٻڍاپڻ ۽ معذوري تائين پهچي وڃڻ واري بيماري جي باعث الله تعالي جي خصوصي فضل و ڪرم ۽ مدد جوئي مظهر قرار ڏئي سگهجي ٿو:

هڪ سچي پاڪستان جو مفصل دورو، جنهن جي دوران لاهور، فيصل آباد، سرگوڌا، ميانوالي، ديرو اسماعيل خان، بنون، پشاور راولپنڊي، گجرات، گوجرانوالا، سيالڪوٽ، رحيم يار خان، ڪوئيٽا ۽ ڪراچي جي ڪليل ميدان ۾ عوامي جلسا منعقد ڪيا ويا جتي مون ٻن ٻن ۽ اڍائي اڍائي ڪلاڪن جون تقريرون بيٺي پوري جوش و جذبي سان ڪيون (جنهنجي نتيجي ۾ منهنجا گوڏا جيڪي پهرين ئي متاثر هئا، بلڪل جواب ڏئي ويئا!- تنهن هوندي بہ آئون پنهنجي ان جسم و جان جي قرباني کي پاڻ لاءِ سعادت جي لائق ٿو سمجهان!!)

جڏهن تہ ان ڪانپوءِ آئون هڪ طرف مردان، دير، ايبٽ آباد ۽ هريپور ۾ ۽ ٻئي طرف جهلم و پنڊي، گهير ۽ مظفرآباد وڌير ڪوٽ ۽ ٽئين طرف ساهيوال، ملتان، خانيوال، بوري والا ۽ حيدرآباد سنڌ ۾ انهن جلسن کي ڪرسي تي ويهي خطاب ڪيم.

۽ ٻيو، پاڪستان جي وڏن وڏن مرڪزن ۾ حالن ۽ آڊيٽوريم جي پرسڪون چار ديوارن اندر "خطبات خلافت" جي صورت ۾ ڏنل خالص علمي ۽ عقلي دليلن سان گڏ نظام خلافت جي متعلق انهن مڙني مسئلن ۽ مشڪالتن جي حل جي ڪوشش جيڪا عام طور تي نہ فقط مخالفن پر موافقن جي ذهن ۾ بہ موجود آهي.

انهن بالعموم چار ۽ ڪٿي ڪٿي ٽہ روزه خطبن جو آغاز ڪراچي جي خالق ڏنو هال کان ٿيو هئو. جتي هن صدي جي شروع ۾ " تحريڪ خلافت" جي اڳواڻن جي بغاوت جي ڪيس جي ڪارروائي ٿي هئي. جڻ ان ڪاروان جي نئين سر سفر جو آغاز بہ انهي جاءِ تان ئي ٿيو جتي هن جي پيشقدمي کي روڪيو ويو........ ۽ اختتام لاهور ۾ ٿيو، جتي ١٩٤٠ع ۾ "قرارداد پاڪستان" منظور ڪيو ويو هو.

ڪراچي ۽ لاهور کان سواءِ هي خطبات راولپنڊي، پشاور، ڪوئيٽا ۽ ملتان ۾ بہ ڏنا ويا هئا، تنهن هوندي بہ نگاهہ جي سامهون ڪتاب جي ترتيب ۾ اصل عبارت جي لاءِ انهن جي آخري بيان Version

يعني جناح هال لاهور جي خطبن کي ٽيپ تان لاهي ۽ غير ضروري فقرا ڪڍي ڪري مرتب ڪيو ويو آهي.

ذاتي طور تي مونکي انهن تي نظرثاني ڪرڻ جي مهلت نہ ملي سگهي آهي. لهذا انهن کي اصل ۾ اهل علم ۽ اهل دانش جي خدمت ۾ هي گذارش اراداً تجويز طور "عرضداشت بغرض استصواب" سمجهڻ گهرجي. آئون انهن جملي بزرگن ۽ عزيزن جو حد درجي جو احسانمند رهندس جيڪي ان ڪوشش ۾ منهنجي فڪر جي ڪمي پيشي کي واضح ڪن ۽ آئون الله کي شاهد بنائي وعدو ٿو ڪريان تہ سندن تبصرن ۽ تجويزن تي پوري توجه سان غور ڪندس.

آخر ۾ الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ هو منهنجي هن ڪوشش کي شرف بخشي ۽ هن سلطنت خداداد پاڪستان ۾ "خلافت علي منهاج النبوت" جي نظام جي قيام کي، جيڪو نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي "رحمت اللعالمين" جو سڀ کان وڏو مظهر آهي، سڄي دنيا ۾ قائم ۽ نافذ ڪرڻ جي لاءِ هن جدوجهد کي ابتدائي مرڪز بنائي وما ذالڪ علي الله بعزيز!!

خاڪسار اسرار احمد غني عنه
داعي تحريڪ خلافت پاڪستان

لاهور- ٢ آڪٽوبر ١٩٩٦ع

# 1

# خطبو پهريون

## عالمي خلافت
## جي بشارت

بسمر الله الرحمٰن الرحيمر

## آيٹ استخلاف جو مکمل تعارف

مون پنهنجي خطبي جي شروع ۾ جيڪي مبارڪ آيتون تلاوت ڪيون آهن انهن مان پهرين سوره نور جي آيت ۵۵ ۾ ارشاد رباني آهي:

وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَيَسْتَخْلِفَنَّهُمْ فِي الْاَرْضِ كَمَا اسْتَخْلَفَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ وَلَيُمَكِّنَنَّ لَهُمْ دِيْنَهُمُ الَّذِي ارْتَضٰى لَهُمْ وَلَيُبَدِّلَنَّهُمْ مِّنْ بَعْدِ خَوْفِهِمْ اَمْنًا يَعْبُدُوْنَنِيْ لَا يُشْرِكُوْنَ بِيْ شَيْئًا وَمَنْ كَفَرَ بَعْدَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ

"واعدو ڪيو آهي الله انهن ماڻهن سان جن توهان ۾ ايمان آندو آهي ۽ ڪيا آهن انهن نيڪ ڪم، البت پنيان حاڪم ڪندو انهن کي ملڪ ۾ جهڙي طرح حاڪم ڪيو هئائين انهن اڳين کي ۽ پختو ڪندو انهن لاءِ دين انهن جو جيڪو پسند ڪيو انهن جي واسطي ۽ ڏيندو انهن کي خوف جي بدلي ۾ امن منهنجي بندگي ڪندا، شريڪ نہ ڪندا مونسان ڪنهن کي ۽ جيڪو ناشڪري ڪندو اُن جي پر پٺ، سي اهي ئي ماڻهو آهن نافرمان."–

هن آيہ مبارڪ ۾ الله تعاليٰ ايمان ۽ عمل صالح جو حق ادا ڪندڙ مسلمانن سان واعدو فرمايو آهي تہ هو انهن کي زمين ۾ ضرور خلافت عطا فرمائيندو. هتي خلافت مان مراد مسلمانن جي حڪومت آهي.

هن واعدي جي سلسلي ۾ وڌيڪ وضاحت هيءُ فرمائي تہ هي خلافت يا حڪومت موجوده امت مسلمہ (جيڪا امت حضرت محمد صلي الله عليه وسلم آهي) کي اهڙي طرح عطا ڪئي ويندي جهڙي طرح

هن کان پهرين جي امت مسلمہ (بني اسرائيل) کي عطا ڪئي وئي هئي. (١)

هن آيت ۾ اشارو ڪيو پيو وڃي تہ اسان هن اڳئين امت کي بہ حڪومت عطا ڪئي هئي، جيئن قرآن مجيد ۾ ارشاد آهي:

يا داود انا جعلنٰك خليفہ فيْ الارض

"اي دائود! سان توکي زمين ۾ خليفو (٢) بنايو"۔

جڻ تاريخ جي حوالي سان ٻڌايو پيو وڃي تہ اي امت مسلمہ! توهان مان جيڪي ماڻهو ايمان ۽ نيڪ عمل جو حق ادا ڪندا اسان انهن کي يقيناً خلافت عطا ڪنداسين جهڙي طرح توهان کان پهرين کي عطا ڪئي هئي.

آيت مبارڪ جو مطالعو ڪندي هي ڳالهہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ مسلمانن سن جيڪو واعدو فرمايو آهي ان جي لاءِ عربي زبان ۾ تاڪيد جو جيڪو سڀ کان وڌيڪ اثرائتو ۽ مڪمل طريقو ممڪن هو ان کي ٽي ڀيرا استعمال ڪيو آهي.

(i) ليستخلفنهم في الارض

"انهن کي ضرور بضرور خلافت عطا ڪندو"۔

(ii) وليمكنن لهم دينهم

"۽ انهن جي دين کي لازماً قوت عطا ڪندو"۔

(iii) وليبدلنهم من بعد خوفهم امنا

"انهن جي خوف جي حالت کي جيڪا ان وقت انهن تي طاري آهي، يقيناً امن ۾ تبديل ڪندو"۔

ڏسو هي هڪ ئي مضمون جي جو تڪرار آهي پر قرآن حڪيم ۾ تڪرار جو بہ هڪ عجيب شان ٿئي ٿو- جيئن ڪنهن چيو آهي

اک پھول کا مضموں ہوتو سو رنگ سے باندھوں

---

(١) هر خطبي جون ياداشتون هن خطبي جي آخر تي درج ڪيون ويون آهن: قرآن حڪيم ۾ هڪ ئي مضمون کي مختلف طريقن ۾ بيان ڪيو وڃي ٿو پر ان جي بار بار دهرائڻ سان ڪلام جي اثر ۽ دلڪشي ۾ گهٽتائي جي بدران وڌيڪ اضافو ٿي وڃي ٿو.

وري هي جيڪو فرمايو تہ "۽ انهن جي دين کي طاقت ۽ اختيار عطا ڪندو جيڪو هن انهن جي لاء پسند ڪيو آهي" تہ هي اها ئي ڳالهہ آهي جيڪا سورة المائده ۾ آئي آهي:

(اليوم اكملت لكم دينكم واتممت عليكم
نعمتي ورضيت لكم الاسلام دينا) (المائده:٣)

"اڄوڪي ڏينهن مون اوهان لاء توهان جي دين کي مڪمل ڪيو توهان تي پنهنجي نعمت تمام ڪئي ۽ توهان جي لاء اسلام کي (قيامت تائين) دين جي حيثيت کي پسند ڪيو".

۽ ظاهر آهي تہ جنهن دين کي الله تعاليٰ پسند فرمايو اهو مغلوب نہ رهندو پر ان کي غلبو حاصل هوندو- هي ٽيون واعده استخلاف جو ٻيو پيرو تاڪيد آهي.

هي ئي ڳالهہ ٽئين پيرو هن طرح بيان فرمائي-

وليبدلنهم من بعد خوفهم امنا

"انهن جي خوف جي حالت کي (جيڪا ان وقت انهن تي طاري آهي) لازماً امن ۾ بدلي ڇڏيندو"-

سوره نور جون هي آيتون سن ٥ هجري جي آخر يا سن ٦ هجري جي شروع ۾ نازل ٿيون هيون ۽ جيئن تہ معلوم آهي تہ سن ٥ ۾ ئي غزوه احزاب لڳي هئي جڏهن عربن جي مجموعي قوت اٽڪل هڪ مهنو ۽ ڪيترن ڏينهن تائين مديني جو سخت گهيرو ڪيو هو-١٢ هزارن جي لشڪر مديني جهڙي ننڍڙي ڳوٺ تي حملہ آور ٿيا هئا. مديني جي آسپاس يهودي جدا سازش ۾ مصروف هئا مسلمانن جي متان شديد آزمائش جي گهڙي هئي- خود قرآن حڪيم صورتحال کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

وزلزلوا زلزالا شديدا (الاحزاب:١١)

"اهل ايمان شديد طور تي پريشان هئا"-

ان سنگين صورتحال جو نتيجو هي نڪتو تہ منافقن جي لڪل دشمني انهنجي زبانن تي اچي وئي جڻ سندن اندروني شرارت ظاهر ٿي

وٺي. ان وقت اٿين لڳندو هو جهڙوڪ ويران بيابان ۾ هڪ روشن ڏيئو آهي جنهن کي وسائڻ لاءِ هر طرف کان طوفان لڳي رهيا هئا. خطرو اهو محسوس پئي ٿيو ته هينئر هوازن جو وڏو قبيلو حملہ آور ٿيندو- نجد جا قبيلا فساد ڪڙو ڪندا. متان خيبر جا يهودي نہ اچي ڪڙڪن يا پوءِ ڏکڻ طرف کان قريشي نہ چڙهائي ڪن- هي اهي حالات هئا جن ۾ هي بشارت ڏني وئي تہ الهن جي ان خوف جي ڪيفيت کي اسين امن سان بدلائي ڇڏينداسين.

آيت مبارڪ جو هي حصو تمام اهميت وارو آهي تہ يعبدونني لا يشركون بي شيئا يعني" (جڏهن آئون انهن کي غلبو عطا ڪندس تڏهن) هو منهنجي بندگي ڪندا. مونسا ڪنهن کي شريڪ نہ بنائيندا"- هتي سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ هن کان اڳ بہ مسلمان جيتوڻيڪ خوف جي حالت ۾ ئي هئا پر بندگي تہ الله جي ئي ڪندا هئا- پوءِ هاڻ غلبو دين ۽ خوف جي خاتمي سان گڏ بندگي کي ڇو ڳنڍيو ويو؟ هن سوال جو جواب هي آهي تہ توحيد ايستائين اڌوري آهي جيستائين الله جو دين غالب نہ ٿي وڃي- قرآن حڪيم ان ڳالهہ کي هن طرح بيان ڪيو آهي ويكون الدين كله الله (الانفال:٣٩) يعني "دين سڀ جو سڀ الله جي لاءِ ٿي وڃي"- غير الله جي حاڪميت جو تصور ئي سڀ کان وڏو شرڪ آهي- جيئن سوره المائده ۾ آيو آهي "ومن لم يحكم بما انزل الله فاولئك هم الظالمون..... الفاسقون ..... الكٰفرون" (المائده) هي ئي سبب آهي تہ جيستائين نظام خلافت قائم نہ ٿيندو تيستائين ماڻهو تہ موحد ٿي سگهن ٿا پر نظام بهرحال ڪافرانہ و مشرڪانہ ئي رهي ٿو. جڏهن تہ دراصل توحيد جي تڪميل ئي تڏهن ٿيندي جڏهن هي ٿئي واعدا پورا ٿيندا.

## فسق ۽ ڪفر جي حقيقت

آيت مبارڪ جو اختتام هن طرح ٿئي پيو: "ومن كفر بعد ذالك فاولئك هم الفاسقون" (۽ جيڪي هن کانپوءِ بہ ڪفر ڪن اهي تہ

نهايت ئي سرڪش ماڻهو آهن) هن آيت ۾ "فاسق" ان معنيٰ ۾ آيو آهي جنهن معنيٰ ۾ ابليس ڪي سوره ڪهف ۾ "فاسق" چيو ويو آهي؛ "كان من الجن فَفَسق عن امر ربه" (هو جنن مان جنهن پنهنجي رب جي حڪم جي خلاف "ففسق" (سرڪشي اختيار ڪئي) جتي هي فسق سرڪشي ۽ بغاوت جي معنيٰ ۾ آيو آهي-

۽ هي جيڪو ارشاد فرمايو ته: "هن ڪانپوءِ به جنهن ڪفر ڪيو" ته هن آيت ۾ ڪفر جو مفهوم به سمجهڻ ضروري آهي. ڪفر اصل ۾ ٻن معنائن ۾ استعمال ٿئي ٿو- هڪ ته ڪفر اصطلاحي آهي جنهنجو مطلب اسلام جو انڪار، توحيد جو انڪار، رسالت جوانڪار يا دين جي ضروريات مان ڪنهن جو انڪار ڪرڻ آهي. جڏهن ته ٻيو ڪفر اهو آهي جيڪو شڪر جي مقابلي ۾ اچي ٿو- جيئن قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو-

(لئن شكرتم لازيد نكم ولئن كفرتم ان عذابى لشديد) ابراهيم:٧)

"جيڪڏهن اوهان منهنجي نعمتن جو شڪر (قدرداني) ڪندؤ ته منهنجي طرفان ان ۾ اجا وڌيڪ اضافو ٿيندو ۽ جيڪڏهن نعمت جي ناشڪري يا احسان فراموشي ڪندؤ ته پوءِ (ياد رکو) منهنجوعذاب تمام سخت آهي"-

اهڙي طرح سوره لقمان ۾ به ڪفر" شڪر جي مقابلي ۾ آيو آهي- جيئن فرمايو ويو آهي: (ومن يكفر فانما يشكر لنفسه" ومن كفر فَاِن الله غني حميد) (لقمان: ١٢)

"جنهن شڪر جو طريقو اختيار ڪيو ته ان پنهنجو ئي ڀلو ڪيو۽ جنهن ناشڪري جو طريقو اختيار ڪيو ته (ان کي معلوم هئڻ گهرجي ته) الله غني (حمد و شڪر کان بي نياز) آهي- حميد يعني تمام تعريف ڪيل آهي (سڀني صفتن سان خود متصف آهي)"

پر سوره نور جي جنهن آيت تي گفتگو ٿي رهي آهي ان ۾ ڪفر جي هنن ٻنهي معنائن جو مفهوم آهي- جيئن ته هي مفهوم به آهي ته:

(١) "جڏهن اسلام جو غلبو ٿي ويندو ۽ ان کانپوءِ به ڪجهه ماڻهو جيڪڏهن ڪفر تي اٽڪي رهيا ته ڇڻ هو شرارت (شيطنت) جو مجسمو آهن"- ڇاڪاڻ ته غلبه ڪفر جي حالت ۾ ته ڪو عذر ٿي سگهي ٿو ته ماڻهو مجبور آهي، حالت جي دٻاءُ جو شڪار آهي- اهڙي حالت ۾ ظاهر آهي ته دين جو دامن اصحابِ همت ئي مضبوط پڪڙي رکندا- اهي ئي ماڻهو باطل نظام سان ٽڪرائڻ جي همت ڪري سگهندا. پر دين جي غلبي کانپوءِ ته اڪثريت جي لاءِ دين تي هلڻ آسان ٿي ويندو- جڏهن ته هن غلبي کانپوءِ به جيڪو ڪفر تي ڳنڍ ٻڌي ويهندو ڇڻ ان ۾ شروع کان ڪو خير ئي ڪونهي-

(٢) هن جو ٻيو مفهوم به آهي جيڪو اسان سان گهڻو تعلق رکندڙ آهي ۽ اهو هي آهي ته اسانجي (يعني الله تعالىٰ جي) طرف کان ايترن پڪن پختن واعدن کان پوءِ به جيڪڏهن توهان همت نه ڪندؤ ته ڇڻ اسانجي واعدن جي انتهائي ناقدري ڪري رهيا آهيو-

البت هي ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته هن مقدس آيت ۾ جيڪي به واعدا آهن، اهي مشروط آهن- ڇڻ انهن سان گڏ ايمان ۽ عمل صالح جو شرط لڳل آهي- ڇڻ نالي ماتر مسلمانن سان الله جو واعدو نه آهي- ايمان ۽ عمل صالح جو واعدو توهان پورو ڪندؤ ۽ انهن جو حق ادا ڪندؤ ته خلافت عطا ڪرڻ جو واعدو اسان پورو ڪنداسين-(٣٠)

## سوره صف جي آيتن جو مڪمل تعارف

هاڻ سوره صف جي آيتن ٨ کان ١۴ مان تعلق رکندڙ ڪجهه ڳالهيون عرض ڪرئيون آهن- پهرين هنن آيتن تي هڪ نظر وري وجهون:

(يريدون ليطفئوا نورالله بافواههم' والله متم نوره ولوكره الكفرون ⊙ هو الذي ارسل رسوله بالهدي ودين الحق ليظهره علي الدين كله ولو كره المشركون ○ ياايهاالذين امنوا هل ادلكم علي تجاره

تنجيكم من عذاب اليم ○ تؤمنون بالله ورسوله وتجاهدون في سبيل الله باموالكم وانفسكم، ذالكم خيرلكم ان كنتم تعلمون ○ يغفر لكم ذنو بكم ويد خلكم جنت تجري من تحتها الانهر و مساكن طيبة في جنت عدن' ذالك الفوز العظيم ○ واخرىٰ تحبونها' نصرمن الله و فتح قريب' وبشر المومنين ○)

"چاهين ٿا تہ وسايون الله جي روشني کي پنهنجي وات سان ۽ الله کي پوري ڪرڻي آهي پنهنجي روشني ۽ خواه (۴) خراب ڀانئين منڪر- اهوئي آهي جنهن موڪليو پنهنجي رسول کي سمجهہ ڏئي ۽ سچو دين تہ ان کي مٿانهون ڪري سيني دينن کان ۽ خواهہ برو ڀانئين شرڪ ڪندڙ ايمان وارو! آئون ٻڌايان توهان کي اهڙو واپار جيڪو بچائي توهان کي دردناڪ عذاب کان- ايمان آڻيو الله تي ۽ ان جي رسول تي ۽ وڙهو الله جي راهہ ۾ پنهنجي مال سان ۽ پنهنجي جان سان- هي بهتر آهي اوهانجي حق ۾ جيڪڏهن اوهين سمجهدار آهيو- بخشيندو هُو توهانجا گناهہ ۽ داخل ڪندو توهانکي باغن ۾ جن جي هيٺان وهن ٿيون نهرون ۽ صاف سٿرن گهرن ۾ رهڻ جي لاءِ باغن ۾ اندر هي آهي مراد ماڻڻ ۽ هڪ ٻي شيءِ جنهنکي توهان چاهيو ٿا- مدد الله جي طرف کان ۽ فتح جلدي ۽ خوشخبري ايمان وارن کي"-

## نورِ خدا جا دشمن؟

هنن آيتن ۾ پهرين آيت گهڻي اهم آهي- جيتوڻيڪ هن سان متعلق بہ نهايت ضروري ڳالهيون وضاحت سان بيان ڪرڻ چاهيان ٿو- پهرين ڳالهہ هي آهي • يريدون (اهي چاهين ٿا) جو فاعل ڪير آهي؟ ۽ "اهو" جو اشارو ڪنهن ڏانهن آهي؟ ڪنهن جي باري ۾ ٻڌايو پيو وڃي تہ اهي الله جي نور کي پنهنجن واتن جي ڦوڪن سان وسائڻ لاءِ آتا آهن؟

هن آيت کان پهرين سورة وصف ۾ سابق امت مسلمہ يعني يهودين جو ذڪر هلندو اچي ٿو تہ انهن سيدنا موسا عليه السلام سان

ڪھڙو سلوڪ ڪيو- حضرت عيسيٰ عليه السلام سان انهن جو برتاءُ ڪھڙو هو ۽ هي تہ هاڻ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن سان ڪھڙو معاملو ڪري رهيا آهن- هي سابقہ امت مسلمہ جي ٽن دورن جو ذڪر آهي جيڪو سورة صف جي پهرئين رڪوع ۾ انتهائي وضاحت سان آيو آهي تہ جڻ هن آيت ۾ يهودين جي طرف اشارو ڪندي فرمايو ويو آهي تہ هو پنهنجن واتن جي ڦوڪن سان الله جي نور کي وسائڻ چاهين ٿا- (۵)

پوء يهودين جي باري ۾ هي ڳالهہ چو چئي وئي تہ الله جي نور کي گل ڪرڻ چاهين ٿا؟ هن سوال جو جواب معلوم ڪرڻ جي لاءِ عرب جي جزيري ۾ ان وقت مسلمانن جا جيڪي دشمن موجود هئاانهن تي هڪ نظر وجھڻي پوندي- انهن مان هڪ تہ مشرڪ هئا جن جا اڳواڻ مڪي جا قريش هئا پر هي تمام بهادر ۽ جنگجو ماڻهو هئا- سامهون کان حملو ڪندا هئا جڏهن تہ ٻيا دشمن هئا يهودي جيڪي انتهائي بزدل هئا- انهن جي باري ۾ سوره حشر ۾ آيو آهي تہ "هي ڪڏهن کليل ميدان ۾ مقابلو نہ ڪندا- ها لڪي لڪي قلعن جي اندران پٿراءُ ڪندا- ابوجهل تہ پنهنجي دين جي لاءِ بهرحال سسي ڪترائي پر انهن ۾ هن جي همت نہ هئي هي تہ فقط ڦوڪن سان ڪم هلائڻ گھرن ٿا چاڪاڻ تہ پروپيگنڊا ۽ سازشن کانسواءِ انهن وٽ ڪجھہ ناهي- پر انهن جي سازشن ۽ پروپيگنڊا جي جواب ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي؛

والله متم نوره ولوكره الكفرون

"الله تعاليٰ پنهنجي نور کي مڪمل ڪري رهندو ڀلي ڪافرن کي ڪيترو بہ ناگوار ڇو نہ هجي"- (٦)

آيت جي هن پهلو تي زور ان لاءِ ڏئي رهيو آهيان جو اڄ جي حالتن ۾ بہ اهڙي صورتحال جو مشاهدو ڪري سگھجي ٿو- جڻ تہ؛

آگ ہے، اولاد ابراهيم ہے، نمرود ہے،
کيا کسی کو پھر کسی کا امتحاں مقصود ہے؟

يعني اڄ بہ يهودين جي اها ئي ڪيفيت آهي- هن وقت جھڙي طرح

يهودين جي عالمگير تحريڪ (يهوديت) اسلام جي ان نور جي وسائڻ جي فڪر ۾ آهي ۽ جنهن تيزيءَ سان يهودي پنهنجي منصوبي تي عمل پيرا آهن جنهنجو اندازو هن مان لڳايو تہ دنيا جي سڀ کان وڏي حڪومت Sole supreme Power جي سر تي بہ اهي ئي سوار آهن- انهن سڄي دنيا ۾ Islamic Fundamentalism يعني "اسلامي بنياد پرستي" جي ليبل لڳائي شوشو ڇوڙي ڇڏيو آهي- هي سيڪجهہ اڄ بہ توهان هن آيت سڳوري جي سٽن جي وچ ۾ پڙهو-

## رسول الله صلي الله عليه وسلم جو مقصد بعثت

هن ڪانپوءِ ارشاد ٿئي ٿو: (هوالذي ارسل رسوله بالهديٰ ودين الحق ليظهره علي الدين كله ولو كره المشركون) "اهوئي الله آهي جنهن موڪليو پنهنجي رسول کي الهديٰ (يعني قرآن حڪيم) ۽ دين حق ڏئي ڪري تہ جيئن غالب ڪري ان کي سيني دينن تي يا سموري نظام زندگي تي خواهہ مشرڪن کي هي ڳالهہ ناپسند هجي"-

هن آيت ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جو مقصد بعثت بيان ڪيو ويو آهي- هي حقيقت تمام اهم آهي تہ جيستائين نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جو مقصد بعثت جي صحيح صحيح سمجهہ حاصل نہ ٿئي- سيرت النبي سمجهہ ۾ نٿي اچي سگهي، نہ ئي قرآن حڪيم جو گهرو فهم ۽ ادراڪ حاصل ٿي سگهي ٿو- هي ڳالهہ آئون دراصل امام الهند حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلوي جي حوالي سان چئي رهيو آهيان- جنهن هن آيت مبارڪ کي سڄي قرآن جو ٿنيو قرار ڏنو آهي-

ظاهر آهي تہ ڪنهن بہ وڏي شخصيت جي ڪارنامن ۽ ڪوششن جو قدر و قيمت مقرر ڪرڻ ۾ انهن جي اثرات جو صحيح صحيح اندازو لڳائڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ پهرين ان جو مقصد مقرر ٿي وڃي- تڏهن ئي تہ توهان تجزيو ڪري سگهندا تہ اها ڪوشش پنهنجي مقصد ۾ ڪيتري حد تائين ڪامياب رهي ۽ ڪيترو ناڪام- وڏيڪ هي تہ هن پنهنجو هدف ڪهڙي طريقي ۽ ڪنهن حد تائين حاصل ڪيو-

نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جو مقصد بعثت فقط تبليغ نه آهي پر دين حق جو غلبو آهي- انهن ٻنهي ڳالهين ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق موجود آهي- جيڪڏهن فقط تبليغ ڪرڻ هجي ها ته شايد حضور صلي الله عليه وسلم ڪڏهن به هٿ ۾ تلوار نه کڻن ها- پر غلبه دين حق جي لاءِ هٿ ۾ تلوار کڻڻ کانسواءِ ڪوبه چارو نه هو. انهي حقيقت جي ظاهر هئڻ سان سموري ڳالهه ڪلي صاف ٿي وڃي ٿي- تبليغ ته ٻڌمت جا ڀڪشو به ڪن ٿا- آخر هيءَ عيسائي مشينري وارا به ته تبليغ ۾ ڪٿان ڪان ڪٿي پهچي وڃن ٿا- مگر هي تبليغ جهڙي طرح ڪري رهيا آهن ان ۾ ڪنهن ٽڪر کائڻ جي ضرورت نٿي پيش اچي ان لاءِ ته محض تبليغ جون ڪجهه ٻيون ضرورتون ٿين ٿيون- جڏهن ته غلبه دين جا ڪجهه ٻيا شرط ٿين ٿا- نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جو مقصد بعثت ئي غلبه دين حق آهي- ان لاءِ فرمايو ويو ته هي مشرڪن لاءِ نهايت ئي ناگوار ٿيندو- هي ڳالهه به واضح ٿيڻ گهرجي ته مشرڪ آهن ڪير؟ هر اهو شخص يا ادارو جيڪو دين حق جي مقابلي ۾ ڪو ٻيو نظام توهان جي سامهون رکي اهو مشرڪ آهي- پر اسان شرڪ کي فقط چند عقيدن تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي- بقول علامه اقبال؛

زنده قوت تهی جهاں میں یہی توحید کبھی
آج کیا ہے؟ فقط اک مسئله علم کلام

## غلبه دين ۽ جهاد و قتال

الله جو دين غالب ٿيندو- نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو مقصد بعثت ئي غلبه دين آهي ليڪن ان جي لاءِ سر فروشي، جانفشاني ۽ جهاد و قتال جا مرحلا ته مؤمنين صادقين ئي کي طئه ڪرڻا آهن- جيئن فرمايو ويو؛

ياايها الذين امنوا هل ادلكم علي تجارة تنجيكم من عذاب اليم ○
تؤمنون بالله ورسوله و تجاهدون في سبيل الله باموالكم
وانفسكم، ذالكم خير لكم ان كنتم تعلمون ○ ) (الصف؛ ١١-١٠)

"اي ايمان وارو ڇا آئون توهان جي رهنمائي هن واپار جي طرف ڪريان جيڪا توهانکي دردناڪ عذاب کان ڇوٽڪارو ڏياري؟ (پختو) ايمان رکو الله تي ۽ ان جي رسول صہ تي ۽ جهاد ڪريو الله جي راهہ ۾ پنهنجن مالن سان ۽ جندن سان- جيڪڏهن توهان علم (حقيقي) رکو ٿا تہ توهان (سمجهندا تہ) هي ئي توهان لاءِ بهتر آهي"-

سوره صف جي هنن آيتن تي ڪجهہ پنهنجو توجہ مرڪوز ڪرڻ گهرجي-

سوره نور جي آيت ۵۵ ۾نظام خلافت جي قيام جي لاءِ ٻہ ئي شرط آيا هئا- يعني واعدو ايمان ۽ عمل صالح سان گڏ مشروط هئا. هن جاءِ تي بہ ٻہ ئي شرط آيا آهن. يعني ايمان ۽ جهاد في سبيل الله- اهو ايمان، اهو عمل صالح ۽ اهو جهاد ڪهڙا آهن- جن سان هي واعدا پورا ٿي سگهن ٿا؟ افسوس آهي جو اسانجي ذهنن ۾ ايمان، عمل ۽ جهاد جي معنيٰ تمام محدود ۽ بدلجي وئي اهي- ان ڪري ان جي حقيقت کي چڱي طرح سمجهڻ جي ضرورت آهي-

## دنيوي ۽ اخروي واعدا

سوره صف جي مذڪوره متين آيتن ۾ ٻہ واعدا ذڪر ڪيل آهن جڏهن تہ سوره نور جي آيت ۵۵ ۾ ٽي واعدا آيا آهن، پر سوره نور ۾ جن واعدن جو ذڪر آهي انهن جو تعلق دنيا سان آهي- يعني اي مسلمانو! اسان توهانکي خلافت عطا ڪنداسين، دنيا ۾ توهانجو دين غالب ٿي ويندو ۽ دنيا ۾ توهانجي خوف جي ڪيفيت امن سان بدلائي ويندي- جڏهن تہ سوره صف جي مذڪوره متين آيتن ۾ پهرين آخرت جو نتيجو بيان ڪيل آهي. يعني اي ايمان وارو! جيڪڏهن توهان الله ۽ ان جي رسول تي حقيقي ايمان رکندؤ ۽ جهاد في سبيل الله تي پختہ رهندؤ تہ هو توهان جا گناهہ بخشي ڇڏيندو، توهان کي جنتن ۾ داخل

ڪندو ۽ هميشہ هميشہ جي لاءِ باغن ۾ توهانکي نهايت پاڪ سڪون وارو گهر عطا ڪندو ۽ انهيءَ اخروي نتيجي کي وڏي ڪاميابي قرار ڏيندي فرمايو: -ذالك الفوز العظيم) ان طرح اسان جي معيار خير و شر (Value Structure) کي بہ درست ڪيو ويو آهي تہ اصل ڪاميابي دنيا جي نہ آخرت جي آهي. انهيءَ ڪري اڳتي هلي ان جي ڀيٽ (Contrast) ۾ فرمايو: (واخريٰ تحبونها) (هڪ ٻي شيءِ جيڪا توهانکي پسند آهي.)

هن موقعي تي امام رازي تفسير ڪبير ۾ وڏي وضاحت سان لکيو آهي تہ "هتي درحقيقت هن ڳالهہ جي مذمت ڪئي وئي آهي تہ هي توهانجي بشريت (انسانيت) آهي جنهنجي ڪري توهان دنيا جي فتح ۽ ڪاميابي کي اهميت ڏيو ٿا مگر الله تعاليٰ جي نگاهہ ۾ ان جي ڪا اهميت ناهي. اگر اهميت هجي ها تہ (اهل ايمان کي) هڪ لمحي ۾ فتح عطا ڪري ها- الله جي نگاهہ ۾ تہ توهانجي آزمائش ۽ امتحان کي اهميت حاصل آهي. هاڻ ڏسڻو اهو آهي تہ ڪير هن آزمائش ۾ پورو لهي ٿو. حضرت حمزه رضہ پنهنجين اکين سان فتح مڪي منظر ڏسي نہ سگهيو تہ ڇا هُو ناڪام ٿي ويو! حضرت سميہ رضہ ۽ حضرت ياسر رضہ جن تہ مڪي ۾ ئي شهيد ٿي ويا، انهن کي مديني جو دارالامن بہ ڏسڻ نصيب نہ ٿيو. لهذا اصل ڪاميابي ثابت قدمي آهي- ايمان و عمل صالح جوحق ادا ڪندي پنهنجي جان الله جي سپرد ڪرڻ ئي فتح عظيم آهي.

اخروي ڪاميابي جي اهميت واضح ڪرڻ کانپوءِ دنيا جي متعلق واعدن جو ذڪر ٿيو آهي: (واخريٰ تحبونها، نصرمن الله و فتح قريب، و بشر المومنين) يعني الله جي طرف کان مدد اچڻ ئي چاهي ٿي ۽ فتح توهانجا قدم چمڻ چاهي ٿي ۽ اي نبي اسانجي مؤمن بندن کي خوشخبري ڏي تہ توهان جي سخت آزمائشن جو زمانو هاڻ ختم ٿيڻ تي آهي- توهان ايمان ۽ عمل صالح جو حق ادا ڪري ڇڏيو آهي ۽ جهاد جُون ضرورتون بہ پوريون ڪري ڇڏيون آهن-

قران حڪيم جي مطالعي مان هي حقيقت واضح ٿئي ٿي ته الله تعاليٰ جي طرف کان جڏهن آزمائش انتها تي پهچي وڃي ٿي ۽ اهل ايمان ان ۾ به پنهنجي ثابت قدمي ۽ استقلال جو مظاهرو ڪري ڏيکارين ٿا تڏهن الله جي مدد بنا ڪنهن دير جي اچي وڃي ٿي. انهي اصول جي تحت هن آيت ۾ به مؤمنن کي فتح ۽ نصرت جي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي-

## واعدي استخلاف جي پهرين تڪميل

اچو هاڻ هي ڏسون ته تاريخي اعتبار کان هي واعدو استخلاف و نصرت ڪيترو جلد پورو ٿيو. مذڪوره مٿيون آيتون سن ٥ هجري جي آخر يا سن ٦ هجري جي شروع ۾ نازل ٿيون- ٦هه جي ذوالقعد ۾ صلح حديبيه ٿيو ۽ قرآن حڪيم اعلان ڪيو (انا فتحنالك فتحا مبينا) (الفتح:١) "اي نبي اسان توکي فتح مبين (٧) عطا ڪئي"- ٦هه جي صلح حديبيه کان فوراً بعد ٧هه ۾ خيبر فتح ٿيو. مسلمانن جي تنگدستي ختم ٿي. پوءِ ٨هه ۾ خود مڪو فتح ٿيو ۽ پوري عرب ۾ اعلان ڪيو ويو: براءة من الله ورسوله الي الذين عاهدتم من المشرڪين) (التوبه:١) يعني "مشرڪ ڪن ڪولي ٻڌن ته اڄ کانپوءِ انهن سان مسلمانن جو ڪوبه معاهدو ڪونهي"- جيتوڻيڪ هڪ سال جي اندر اندر پوري عرب مان ڪفر و شرڪ جو خاتمو ڪيو ويو- سورة توبه ۾ Mopping of operation جواعلان ڪيو ويو- ڪنهن علائقي جيفتح ٿي وڃڻ کانپوءِ به ڪٿي ڪٿي مزاحمتي ۽ دفاعي مورچا (Pockets of resistance) باقي رهجي وڃن ٿا. فتح مڪي کانپوءِ انهن مزاحمتي مورچن جي صفائي سن ٩هه ۾ ٿي- پوءِ ٩هه جي آخر يا ١٠هه جي اوائل تائين (جاء الحق وزهق الباطل ان الباطل كان زهوقا) (بني اسرائيل:٨١) نور الاهي جي طاقت جو مشاهدو ڪيو ۽ سڄي عرب جزيري ۾ الله جو دين غالب ٿي ويو- نظام خلافت جوواعدو پورو ٿي ويو. نبي اڪرم صلي الله عليه

وسلم جي وفات کانپوء ۲۴ سالن جي اندر اندر جيحون درياء کان وٺي بحر اوقيانوس تائين نظام خلافت غالب ٿي ويو. جڏهن استخلاف جي آيت جي نزول کانپوء ٽيهن سالن جي اندر اندر ظاهري دنيا جي تمام وڏي حصي تي اهي ڪيفيتون پوريون ٿي ويون جن کي (ليستخلفنهم في الارض ..... وليمكنن لهم دينهم الذي ارتضي لهم وليبد لنهم من بعد خوفهم امنا) جي فصيح انداز ۾ بيان فرمايو ويو هو-

## قافلہ سخت جان' منزل بمنزل

هي تہ آهي واعدو استخلاف ۽ نصرت جي ڀهرين ڪاميابي- البت هن کانپوء ڇا ٿيو ان وقت کان هيستائين اسان ڪهڙن ڪهڙن مرحلن ۽ مشڪلاتن مان گذرياسين ۽ هاڻ:

ڪون سی وادی میں ہے ڪون سے منزل میں ہے
عشق بلاخيز کا قافلہء سخت جاں

هي تيرهن سؤ ايڪتيهہ سالن جي تاريخ آهي- ٦٣٢ع ۾ نبي صلي الله عليه وسلم جن جي وفات ٿي، ٽيهہ سال خلافت راشده جا پيا ڪيڏي چڏيو، ان حساب سان تيرهن سؤ ايڪتيهہ سال بنجن ٿا (٨)- جيڪڏهن اسان پنهنجي ڪوشش سان ان سموري داستان کي تمام مختصر ڪري بيان ڪريون تہ بہ ڳالهہ ڏکهي ٿي وڃي ليڪن هي نبوي ڪلام جي بلاغت آهي جو اسان هن طويل تاريخ کي فقط هڪ حديث نبوي سان سمجهي وٺنداسين-

نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم هڪ حديث مبارڪ ۾ پنهنجي زماني کان وٺي قيامت تائين پنجن دورن جو ذڪر فرمايو آهي- اسانجي پوري تاريخ هن حديث ۾ سمائجي آئي آهي. مسند احمد بن حنبل جي روايت آهي جنهنڪي حضرت نعمان رضہ بن بشير روايت ڪيو آهي "تكون النبوة فيكم ماشاء الله ان تكون" ثم يرفعها الله اذاشاء ان يرفعها" (مسلمانو!) توهانجي اندر نبوت رهندي جيستائين الله چاهيندو پوء جڏهن الله چاهيندو، ان نبوت کي کڻي وٺندو) پوء پاڻ صلي الله عليه

وسلم جن ٻئي دور جو ذڪر ڪيو آهي (٩) ثم تڪون خلافة علىٰ منهاج النبوة (پوءِ خلافت هوندي منهاج نبوت تي)

## خلافت علىٰ منهاج النبوه

هن جا الفاظ تمام قابلِ غور آهن. هن دور جي لاءِ اسان وٽ معروف اصطلاح "خلافت راشده" آهي. تنهن هوندي بہ هي اصطلاح حديث ۾ هن طرح نہ آيو- ها "خلفاءِ راشدين جا الفاظ آيل آهن، جيئن مشهور حديث آهي؛ عليڪم بسنتي وسنه الخلفاء الراشدين المهديين (منهنجي سنت جو اتباع ڪرڻ ۽ منهنجن خلفاءِ الراشدين المهديين جي سنت جي پيروي ڪرڻ توهانتيلازم آهي)- ليڪن حضرت نعمان رضہ بن بشير جي زير مطالعہ روايت ۾ خلافت جي جيڪا تعريف آئي آهي اها ايتري مشهور نہ آهي- الله تعالىٰ هي توفيق اسانکي ڏني تہ پنهنجين تقريرن ۽ مطبوعات جي ذريعي هن صفت کي عام ڪري رها آهيون. خلافت علىٰ منهاج النبوة جي معنىٰ ٿيندي تہ "بعينہ نبوت جي نقشِ قدم تي خلافت" هي "بعينہ" جو لفظ خصوصي اهميت رکي ٿو، ڇاڪاڻ تہ خلافت راشده ۾ اهو نظام جيڪو محمد عربي صلي الله عليه وسلم جن خود پاڻ قائم ڪيو هو اهو بعينہٖ بتمامہٖ ۽ بكمالہٖ جيئن جو تيئن قائم رهيو-

## دور صديقي رضہ جو مثال

هن سلسلي ۾ فقط هڪ مثال ڏيڻ ڪافي ٿو سمجهان- حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي عهد مبارڪ جي شروع ۾ ٿي منڪرين زڪوات جو فتنو ڪڙو ٿيو ۽ حضرت عمر رضہ جهڙي عظيم شخص بہ مصلحت انديشي جو مشورو ڏنو ڇاڪاڻ تہ بہ محاذ پهرين ئي کليل هئا. حضرت ابوبڪر رضہ هڪ محاذ تي رومين سان جنگ جي لاءِ جيش اسامہ رضہ کي هي چئي روانو ڪري ڇڏيو هو تہ هن لشڪر جي

موڪلڻ جو فيصلو خود نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ڪيو هو ان جو علم خود پاڻ سڳ پنهنجن هٿن مبارڪن سان ٻڌو آئون ان کي ڪيئن تو کولي سگهان- ٻيو محاذ نبوت جي ڪوڙن دعويدارن جي خلاف کلي چڪو هو، انهن جي ڪفر ۾ ڪنهن شڪ جي گنجائش نہ هئي، جيئن تہ انهن سان تہ وڙهڻو ئي هئو. ان صورتحال کي ڏسندي حضرت عمر رضہ چيو "هاڻ نيون محاذ نہ کوليو" هن ڳالهہ تي حضرت ابوبڪر صديق رضہ جو ردعمل (Reaction) نهايت ئي سخت هو. هن حضرت عمر رضہ کي ٻہ جهڻڪيو. حضرت ابوبڪر رضہ ئي جو مقام آهي جو حضرت عمر رضہ جهڙي هستي کي دڙڪا ڏئي تي سگهيو- صحابہ رضہ ۾ ڪنهن ٻئي جو هي مقام نہ هو- حضرت ابوبڪر رضہ چيو؛ اي عمر رضہ تون جاهليت ۾ تہ تمام سخت هئين، اسلام ۾ اچي بزدل بنجي وئين؟ (اجبار في الجاهليه و خوار في الاسلام؟) ۽ ٻي ڳالهہ جيڪا پاڻ فرمائي دراصل ان کي بيان ڪرڻ جي لاءِ هي سمورو واقعو مون نقل ڪيو آهي. فرمايو؛ اينقص الدين وانا حي؟ (ڇا منهنجي جيئري هوندي دين ۾ گهٽتائي ڪئي ويندي؟ پاڻ وڌيڪ فرمايائون؛ خدا جو قسم! جيڪڏهن حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ زڪوات جي آنن سان گڏ جيڪي انهن کي ٻڌڻ جون رسيون ڏيندا هئا پر هاڻ رسي ڏيڻ کان انڪار ڪندا تڏهن بہ آئون انهن سان جنگ ڪندس"-

ڪميونزم هاڻ تہ پراڻو داستان بنجي چڪو آهي، ليڪن هن جي زوال جو آغاز نظريات ۾ ردوبدل سان ٿيو هو. جوڻ وارا چوندا هئا تہ ڪميونزم عالمي نظرئي جي بدران روسي قوم پرستي Russian National-ism جو لباس ڍڪي چڪو آهي، جڏهن تہ ان هڪ تبديلي ئي ڪميونزم جي پوري عمارت کي زمين دوز ڪري ڇڏيو-

دور حاضر جي هن مثال کي سامهون رکندي حضرت ابوبڪر رضہ جي موقوف تي غور ڪريو- پاڻ پنهنجي ضمير جي آواز ۾ فصاحت و بلاغت جي ٻہ حد ڪري ڇڏي، ڪٿي اٺ ۽ ڪٿي ان جي رسي؛ ليڪن

جناب صديق اڪبر رضہ ڪي ايتري معمولي ترميم بہ گوارا نہ هئي-

سندن جذبات جي شدت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڻ اعلان ڪيو هئائون "خدا جو قسم پيو ڪو مونسان ڪڏ هلي يا نہ هلي آئون اڪيلو بہ ويندس ۽ انهن سان جنگ ڪندس- آخر امت ڪين "افضل البشر بعدالانبياء بالتحقيق" (بيشڪ انبياء ڪانپوءِ تمام انسانن کان افضل) جو اعليٰ مقام ائين تہ نہ ڏني ڇڏيو هو. سندن جهڙو نرم مزاج انسان هن نازڪ موقعي تي هماليہ جبل وانگر ارادي جو مضبوط ۽ ثابت قدم نظر اچي-

بهرحال هن سڄي بحث مان هي ڳالهہ واضح ٿي وئي تہ خلافت عليٰ منهاج النبوة جي معنيٰ حقيقت ۾ آهي ڇا ۽ ان مان دراصل مراد ڇا آهي- انهيءَ خلافت کي عام طور تي خلافت راشده چيو ويجي ٿو-

حضور صہ جن پنهنجي حديث مبارڪ ۾ وڏيڪ فرمايو تہ هي نظام بہ ان وقت تائين رهندو جنهن وقت تائين الله چاهيندو. ان ڪانپوءِ هي بہ ختم ٿي ويندو. اڳتي وڌڻ کان پهريائين هن نڪتي تي بہ غور ڪريون تہ ڇا خود حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو دور بہ دور خلافت هو يا نہ؟ يقيناً سندن ﷺ دور بہ خلافت ئي آهي- هر نبي الله تعاليٰ جو خليفو ٿئي ٿو- قرآن حڪيم خود چوي ٿو: (يا داود انا جعلنٰڪ خليفه في الارض) ترجمو: "اي داؤد! اسان توکي زمين ۾ خليفو بنايو"- بلڪ پاڻ صلي الله عليہ وسلم جو دور خلافت هاڻ هڪ "ماڊل" جي حيثيت رکي ٿو- جيئن ارشاد اهي -لقد كان لكم في رسول الله اسوة حسنة (الاخراب:٢١) (توهان جي لاءِ الله جي رسول ۾ بهترين نمونو آهي) جيتوڻيڪ هاڻ قيامت تائين جيڪي بہ نظام هوندا انهن کي انهيءَ حوالي سان پرکيو ويندو.

ان ڪانپوءِ نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم ٽئين دور جو ذڪر هن طرح فرمايو آهي: "ثم يكون ملكا عاضا فتكون ماشاء الله ان تكون. ثم يرفعهاالله اذا شاء ان يرفعها" يعني "پوءِ هڪ دور بادشاهت جو ايندو۽ اها ڏريو ۽ ڪاٽو واري بادشاهت هوندي. هيءَ دور بہ ان وقت تائين

رهندو جيستائين الله چاهيندو- پوءِ الله جڏهن چاهيندو، ان کي بہ کڻي وٺندو."

## ظالم بادشاهت جو دور

خلافت راشده يا خلافت علىٰ منهاج النبوة کانپوءِ جنهن نظام کي عام طور تي خلافت چيو وڃي ٿو حديث نبوي ۾ ان کي بادشاهت جي نالي سان مخاطب ڪيو ويو آهي. تنهن هوندي بہ ان دور کي اسين هن معنيٰ ۾ خلافت چئي سگهون ٿا تہ اتي گهٽ ۾ گهٽ نظري طور تي ڪتاب وسنت جي مڪمل بالا دستي تسليم ڪئي ويندي هئي. هن قسم جي بالا دستي خلافت بنو اميہ ۾ بہ هئي ۽ بنو عباس جي خلافت ۾ بہ ۽ خلافت عثماني ۾ بہ هيءَ بالادستيءَ قائم رهي- البت اقتدار جي منتقلي ۽ دولت جي تقسيم جو نظام عملي طور بدلجي ويو هو ۽ بنو اميہ دور جا ٩٠ سال دراصل عارضي مدت آهي. خلافت علىٰ منهاج النبوة کان بادشاهت تائين ڳالهہ هڪ ڏينهن ۾ نہ پهتي هئي. جيتوڻيڪ اصل بادشاهت تہ بنو عباس جي دور ۾ شروع ٿي.

## بنو اميہ جا ظلم

بهرحال بنو اميہ جي حڪومت بہ يقناً ظالم هئي- حضرت حسين ابن علي رضہ سان ڪربلا جي ميدان ۾ جيڪي ڪجهہ ٿيو ان کان تہ ٻچو ٻچو واقف آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جو ذڪر تہ اهتمام سان وڏي پيماني تي ٿيندو آهي. ليڪن انهيءَ جهڙو سلوڪ حضرت عبدالله بن زبير رضہ سان حرم مڪي ۾ ٿيو. ڪيس بي دردي‌ءَ سان ذبح ڪيو ويو ۽ لاش کي ٽن ڏينهن تائين بي گور وڪفن ڦاهيءَ جي تختي تي لٽڪايو ويو- حرم مڪي جي حرمت کي داغدار ڪيو ويو-

انهيءَ دور ۾ واقعو حره بہ پيش آيو- ان واقعي ۾ ٽن ڏينهن تائين مديني منوره ۾ قرلت ڪئي وئي- عورتن جي بي حرمتي ڪئي وئي ۽

حجاج بن يوسف جي هٿان سوين تابعين شهيد ڪياويا. مگر منهنجي نگاهہ ۾ هن ڪان وڏو ظلم هي هو تہ محمد بن قاسم کي سنڌ مان واپس گهرائي شهيد ڪيو ويو- هو نوجوان هو ليڪن ايتريقدر مقدس هو جو هندن پنهنجي معيار ۽ عقيدي مطابق ان کي خدا رسيده قرار ڏئي ڇڏيو ۽ هن جون مورتيون ٺاهي پوڄا شروع ڪري ڏني- اهڙي متقي ۽ عادل حڪمران کي جيڪڏهن موقعو ملي وڃي ها تہ پورو هندُستان فتح ٿي وڃي ها. پر ان سان بادشاهت کي وڏو خطرو لاحق ٿي پوي ها- بادشاهت ۾ تہ سوچڻ جو انداز هي آهي تہ ڪنهن شخص جو هر دلعزيز هئڻ تخت شاهي لاءِ خطرو آهي- محمد بن قاسم جو بہ اهو ئي ڏوهہ هو تہ هُو اقتدار جي ڪشمڪش ايندڙ برسرِ اقتدار بادشاهہ جي مخالف گروپ ۾ شمار ٿيندو هو- جيڪي ڪجهہ محمد بن قاسم سان ٿيو اهين ئي موسيٰ بن نصير سان بہ ٿيو- هن اتر آفريقا جو گهڻو حصو فتح ڪيو هو- طارق بن زياد موسيٰ بن نصير جو ادنيٰ ڪمانڊر هو- موسيٰ بن نصير کي بہ بي عزت ڪيو ويو. اس ۾ بيهاريو ويو. تمام پوڙهو هو. بي هوش ٿي ڪري پيو- پنهنجي کي بادشاهت جي لاءِ خطرو سمجهيو ويو-

## بنو عباس جو تعيش

هيءَ تہ حالت بني اميہ جي دور جي آهي- ان کانپوءِ بنو عباس جي دور ۾ جيڪي ڪجهہ ٿيو اهو بہ تاريخ جو حصو آهي- جيڪو ٺاٺ هن دور ۾ ڇميو. رقص وسرود جون محفلون سجايون ويون. اهي سڀني کي معلوم آهن. ڪوهہ قاف جو سمورو نسواني حسن بغداد جي محلن ۾ ڇڪجندو ايندو هو- هي آهي تيون دور جنهن کي نبي صلي الله عليه وسلم جن "ڦريو ۽ کائو واري بادشاهت" سان تعمير ڪرڻ فرمايو آهي.

## جبر تي مبني بادشاهت

چوٿين دور جي باري ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:
" ثم تكون ملكا جبريا، ثم يرفعها الله اذا شاء ان يرفعها" يعني: پوءِ هڪ ٻي بادشاهت ايندي اها مجبوري واري بادشاهت هوندي- پوءِ ان کي به الله تعاليٰ جڏهن چاهيندو ڪڻائي ڇڏيندو."

انهن ٻن قسمن جي بادشاهتن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ هن سوال جي جواب جي سلسلي ۾ اسان وٽ نه ان امر جي ڪا شهادت موجود آهي ته آنحضرت صلي الله عليه وسلم کان ان جي باري ۾ ڪو سوال ڪيو ويو هو، نه هي معلوم ٿي سگهيو ته ان زماني ۾ انهن ٻنهين بادشاهتن جي درميان ڪهڙو فرق سمجهيو ويو، مگر اڄ جي حالتن ۾ اسان جي سامهون روشن ڏينهن وانگر واضح آهي ته ان مان ڇا مراد آهي- پهريون بادشاهي دور اهو هو جو بادشاهه مسلمان ته هئا ليڪن ان کانپوءِ جيڪا بادشاهت اسان تي مسلط ٿي اها غير مسلم هئي- هيءُ مغربي استعماريت (وحشيت) جو دور آهي. اسين برطانيا جا غلام، فرانس جا غلام، اٽلي جا غلام ۽ ولنديزين جا غلام ٿيندا وياسين. هي چوٿون دور آهي جنهنجي هن حديث مبارڪ ۾ خبر ڏني وئي آهي.

## بالواسطه غلاميءَ جو دور

هيءُ دور اڃا ختم نه ٿيو- براه راست غلامي ته ختم ٿي وئي پر بالواسطه يعني Rule of proxy يا Indirect Rule اڃا برقرار آهي- پوري امت مسلمه اڃا تائين انهن جي گرفت ۾ آهي. اسانجي معيشت ۽ وسائل انهن جي قبضي ۾ آهن. اسان جا دماغ انهن جي قابو ۾ آهن. ذهني، فڪري ۽ تهذيبي اعتبار کان اسان انهن جا غلام آهيون. علم ۽ ٽيڪنالوجي ۾ اسان انهن جا پينار آهيون. دراصل هيءُ چوٿون دور جزوي طور تي ختم ٿيو آهي پر معنوي اعتبار کان ان جو تسلسل اڃا به جاري آهي ۽ ان غلاميءَ جو جيڪو حصو باقي آهي اهو اڳئين کان وڌيڪ تلخ، ڪڙوءِ ان جون سختيون ۽ مصيبتون پهرين کان ڪئين دفعا وڌيڪ هونديون.

## پهرين دَور جي فرحت انگيز خوشخبري

جيئن تہ مٿي ذڪر ٿي چڪو، حديث مبارڪ جي مطابق بهرحال ان دور کي بہ ختم ٿيڻو آهي ۽ ان کانپوءِ پاڻ صلي الله عليه وسلم جن آخري دور جو ذڪر فرمايو آهي: "ثم تکون خلافة علىٰ منهاج النبوة" (پوءِ خلافت منهاج النبوة جو دورو ايندو) هيءَ آهي اها فرحت انگيز خوشخبري، اها خوشخبري جيڪا موجوده مايوس ڪن حالات جي لاءِ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ٻڌائي آهي.

هن حديث مبارڪ جو راوي حضرت نعمان رضہ بن بشير فرمائين ٿا تہ "ثم سکت رسول الله صلي الله عليه وسلم" يعني: هن کانپوءِ الله جا رسول صلي اللهعليه وسلم جن خاموش ٿي ويا. انهيءَ حديث مبارڪ کي مولانا مودودي مرحوم ڪافي تفصيل سان پنهنجي ڪتاب "تجديد و احيائي دين" ۾ نقل ڪيو آهي. هن روايت ۾ اضافي مضمون هيءُ آهي تہ:

> "جڏهن خلافت علىٰ منهاج النبوة جونظام قائم ٿي ويندو تہ ماڻهن ۾ معاملات سنت محمد صلي الله عليه وسلم جي مطابق هوندا ۽ اسلام پنهنجا جهنڊا زمين ۾ کوڙيندو- آسمان وارا بہ راضي ٿي ويندا ۽ زمين وارا بہ، آسمان پنهنجا مبارڪ قطرا تمام تيز برسات جي صورت ۾ زمين تي وسائيندو۽ زمين بہ پنهنجا تمام معدني ۽ نباتاتي خزانا ڪڍي ٻاهر ڪندي."

جڻ هن حديث مبارڪ ۾ هن نظام خلافت جو اضافي شان نمودار ٿيو آهي. افسوس مولانا سيد ابو الاعلىٰ مودودي مرحوم حوالو نہ ڏنو. آئون اڃا تائين ممڪن ڪوشش جي باوجود بہ حوالو تلاش ڪري نہ سگهيس.

## پهريئن دور جي فرحت انگيز خوشخبري

جيئن تہ مٿي ذڪر ٿي چڪو، حديث مبارڪ جي مطابق بهرحال ان دور کي بہ ختم ٿيڻو آهي ۽ ان ڪانپوءِ پاڻ صلي الله عليه وسلم جن آخري دور جو ذڪر فرمايو آهي: "ثم تكون خلافة علىٰ منهاج النبوة" (پوءِ خلافت منهاج النبوة جو دورو ايندو) هيءَ آهي اها فرحت انگيز خوشخبري، اها خوشخبري جيڪا موجوده مايوس ڪن حالات جي لاءِ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ٻڌائي آهي.

هن حديث مبارڪ جو راوي حضرت نعمان رضہ بن بشير فرمائين ٿا تہ "ثم سكت رسول الله صلي الله عليه وسلم" يعني: هن ڪانپوءِ الله جا رسول صلي الله عليه وسلم جن خاموش ٿي ويا. انهيءَ حديث مبارڪ کي مولانا مودودي مرحوم ڪافي تفصيل سان پنهنجي ڪتاب "تجديد و احيائي دين" ۾ نقل ڪيو آهي. هن روايت ۾ اضافي مضمون هيءُ آهي تہ:

> "جڏهن خلافت علىٰ منهاج النبوة جو نظام قائم ٿي ويندو تہ ماڻهن ۾ معاملات سنت محمد صلي الله عليه وسلم جي مطابق هوندا ۽ اسلام پنهنجا جهنڊا زمين ۾ کوڙيندو- آسمان وارا بہ راضي ٿي ويندا ۽ زمين وارا بہ، آسمان پنهنجا مبارڪ قطرا تمام تيز برسات جي صورت ۾ زمين تي وسائيندو۽ زمين بہ پنهنجا تمام معدني ۽ نباتاتي خزانا ڪڍي ٻاهر ڪندي."

جڏهن حديث مبارڪ ۾ هن نظام خلافت جو اضافي شان نمودار ٿيو آهي. افسوس مولانا سيد ابو الاعلىٰ مودودي مرحوم حوالو نہ ڏنو. اسين اڄا تائين ممڪن ڪوشش جي باوجود بہ حوالو تلاش ڪري نہ سگهيا آهيون.

جيڪڏهن ان وقت جي پيش آيل حالتن کي ڏٺو وڃي ته هيءَ خوشخبري بلڪل ناممڪن الوقوع (واقع نه هئڻ جي قابل) نظر اچي ٿي- ليڪن اسانجي ايمان جي تقاضا آهي ته جڏهن نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم کي اسان مڃيو آهي ته پاڻ صہ الصادق والمصدق آهن ته ان ﷺ جي هر خبر تي ايمان آڻڻ لازم آهي. حديث صحيح آهي، لهذا ايمان آڻڻو آهي- شڪ وشبه جي گنجائش ئي ڪانهي- اسين يقين ڪريون يا نه ڪريون، ٿيندو اهو ئي جنهن جي پاڻ صہ جن خبر ڏني آهي-

## ويهين صديءَ جي تاريخي اهميت

هاڻ ڪجهه ڳالهيون ويهين صديءَ جي حوالي سان به عرض ڪرڻيون آهن. انساني تاريخ ۾ ويهين صديءَ کان وڏيڪ ڳنڀير دور ڪوبه نه گذريو- هن صدي ۾ ٻن عظيم مملڪتن جو اهڙو خاتمو ٿيو جو نالو و نشان تائين متجي ويو- صدي جي شروع ۾، سلطنت عثمانيه جيڪا ٽن براعظمن تي پکڙيل هئي ذهنن تان متجي وئي جڏهن ته هن صديءَ جي اختتام تي U.S.S.R جهڙي سپر طاقت هڪ خواب هو جيڪي ڪجهه ڏٺو ۽ ٻڌو افسانو هو، جي تصوير بنجي وئي- ڇا عجب ته انهيءَ صديءَ ۾ ڪا ٽئين طاقت به اهڙي طرح ڀڳهرجي وڃي- ڄاڻڻ وارا ڄاڻن ٿا ته آمريڪا جو هيءُ انجام پري ڪونهي. آمريڪي معيشت سخت بحران جو شڪار آهي. ان جي معيشت جي اصل ڪَل جو پرزو (Lever) يهودين جي هٿ ۾ آهي. يهودي جڏهن چاهيندا هڪ جنبش ۾ سڀ ڪجهه ختم ڪري ڇڏيندا. اُلون ته انهن حقيقتن کي ٻہ ۽ ٻہ چار وانگر ڄاڻن ٿا. وقت پري ناهي جڏهن هُو مسجد اقصيٰ کي مسمار ڪري ان جي جاءِ تي هيڪل سليماني تعمير ڪندا. مسلمان ملڪن مان انهن جي رستي ۾ ڪابه مزاحمت ناهي. جيڪڏهن مزاحمت ٿيندي ته آمريڪا ئي ٿيندي. لهذا هُو پهرين ان جو خاتمو ڪندا. جيڪي ماڻهو مغرب جي حالتن جو مطالعو صيهون تحريڪجي عزائم جي پس منظر ۾ ڪن ٿا سي

يقين سان چئي رهيا آهن تہ آمريڪا جو هي انجام پري ناهي.

ويهين صدي عيسوي ۾ ٻي ٻہ عظيم جنگيون ٿيون آهن، جن ۾ ڪروڙين انسان قتل ٿيا. ڇا ٽئين جنگ نٿي ٿي سگهي؟ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن احاديث مبارڪہ ۾ الملحمة العظميٰ جي خبر ڏني آهي، ان کي جنگ عظيم نہ جنگ اعظم چونداسين. ان لاء تہ عظميٰ اعظم جو مؤنث آهي. حالات تيزيءَ سان ان طرف وڌي رهيا آهن. دراصل هيءَ ٽئين (١٠) صليبي جنگ هوندي. احاديث مبارڪہ کان علاوه ان جو ذڪر بائبل ۾ بہ موجود آهي.

## ويهين صديءَ جو ٽيون عجوبو

۽ ويهين صدي ٻي جو ٽيون عجوبو هي آهي تہ يهودي قوم جيڪا ٻن هزار سالن کان دربدر هئي، ان کي هن صديءَ ۾ گهر مليو ويو- اسرائيل وجود ۾ اچي ويو ۽ آيو بہ ڪهڙي شان و شوڪت سان!

٧٠ عيسوي کان يهودي بي گهر هئا- ٽائيٽس رومي يروشلم تي حملو ڪيو هو- هڪ لک کان وڌيڪ يهودي هڪ ڏينهن ۾ قتل ٿيا- هيڪل سليماني ڊاٺو ويو جيڪو اڃا تائين ڊٺو پيو آهي. انهي ڪري يهودي ان کي پنهنجي تاريخ جو دور انتشار (Diaspora) چوندا آهن. هن وقت صورتحال هيءَ آهي تہ يهودي دنيا ۾ ٽيرهن چوڏهن ملين (يعني هڪ ڪروڙ ٽيهہ لک) کان وڌيڪ نہ آهن. ان جي برعڪس امت مسلمہ مان فقط عربن کي شمار ڪيو وڃي تہ اهي ٻي ويهہ پنجويهہ ڪروڙ آهن پر انهن جي جيڪا معنوي حقيقت آهي اها سيني جي سامهون آهي. اٺون سوچيندو رهندو آهيان تہ شايد يهودين جو موجوده تسلط ۽ غلبو متائڻ کان پهرين ڏيئي جو آخري پنيت ٿئي- ان کانپوءِ شايد هي مغضوب (غضب ڪيل) و ملعون (لعنت ڪيل) قوم تباهہ و برباد ڪئي وڃي.

## اهل ايمان جو طلوع وغروب

جيڪڏهن هن صديءَ جي آغاز ۾ خلافت عثمانيہ جو خاتمو ٿيو تہ ڇا هن صديءَ جي اختتام تي نظام خلافت زنده نٿو ٿي سگهي. جڏهن اسين بقول علامہ اقبال مرحوم هيءُ منظر ڏسي رهيا هجون تہ:

جہاں میں اہل ایماں صورت خورشید جیتے ہیں
اِدھر ڈوبے اُدھر نکلے، اُدھر ڈوبے اِدھر نکلے.

هي فقط کوکلي شاعري ناهي، پر تاريخي حقيقتون آهن. جڏهن اندلس (اُسپين) ۾ مسلمانن جي اٺ سؤ سالہ حڪمراني جو سج غروب ٿي رهيو هو تہ انهيءَ وقت مشرق ۾ اسلام جو سج طلوع ٿي رهيو هو.

اسلام کي تہ قيامت تائين رهڻو آهي. حضور ﷺ جن جي حديث مبارڪ آهي تہ "انا آخر المرسلين وانتم آخر الامم" (آئون آخري رسول آهيان ۽ توهان آخري امت آهيو) هيءُ امت ڪنهن هڪ نسل تي مبني نہ آهي. الله تعاليٰ عربن کي معزول ڪيو تہ پنهنجي دين جو جهنڊو ترڪن جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏيو. هاڻ ترڪ جيڪڏهن معزول ٿي ويا آهن تہ ڪهڙي خبر تہ هاڻ هي اسلام جو جهنڊو هندستانين جي هٿن ۾ اچڻ وارو هجي جيئن تہ علامہ اقبال چيو آهي:

عطا مومن کو پھر درگاہ حق ء ہونے والا ہے
شکوہ ترکمانی، ذہن ہندی، نطق اعرابی

هيءُ منظر، انساني تاريخ پهرين بہ ڏسي چڪي آهي.

ہے عیاں یورش تاتار کے افسانے سے
پاسباں مل گئے کعبے کو صنم خانے سے

اگر عثمانیوں پر کوہ غم ٹوٹا تو کیا غم ہے
کہ خون صد ہزار انجم سے ہوتی ہے سحر پیدا.

اهو پري ناهي تہ آفتاب خلافت جيڪو هن صدي جي شروع ۾ غروب ٿيو سو هن جي اختتام تي طلوع ٿي پوي.

## برعظيم جي مسلمانن جو استحقاق

ويهين صدي جي حوالي سان آخري ڳالهہ هيءَ آهي تہ جڏهن خلافت جو نالي ماتر ادارو،بہ غيرن جي سازشن ۽ پنهنجن جي نادانين سان ختم ڪيو ويو تہ ان جو ردعمل ڪٿي ظاهر ٿيو؟ فقط ۽ فقط برعظيم پاڪ وهند ۾ احتجاج جو آواز بلند ڪيو ويو- خلافت جو ادارو تہ سڄي عالم اسلام جي وحدت جو نشان هو ان ڪري لڙڪ تہ سڄي عالم اسلام ۾ وهائڻ گهربا هئا، ليڪن ڪٿي ڪوبہ ردعمل ظاهر نہ ٿيو- ان اداري جي بحالي جي تحريڪ هلي تہ فقط هن صنم خانہ هند ۾ هلي ۽ اهڙي زور سان هلي جو گانڌي کي بہ ان ۾ شريڪ ٿيڻو پيو- گانڌي هيءَ محسوس ڪري ورتو هو تہ جيڪڏهن هن ان موقعي تي مسلمانن جو ساٿ نہ ڏنو تہ آئنده ڪڏهن بہ انهن جو تعاون حاصل نہ ڪري سگهبو. جڏهن تہ سڄو برعظيم هن نغمي سان گونجي اٿيو-

بولیں اماں محمد علی کی
جان بیٹا خلافت پہ دے دو!

جهڙوڪ مٿي اشارو ڪيو ويو خلافت جو هيءُ نالي ماتر ادارو پنهنجن جي غداري ئي سان منسوخ ٿيو هو- بقول اقبال:

چاک کردی ترک ناداں نے خلافت کی قبا
سادگی مسلم کی دیکھ، اوروں کی عیاری بھی دیکھ

مصطفيٰ ڪمال ان وقت صيهونيت جي ايجنٽ جو ڪردار ادا ڪيو (١١) ١٩٢۴ع کان وٺي هينئر ١٩٩۴ع تائين ستر سال گذري ويا آهن پر سڄي دنيا ۾ خلافت جي ادارن جو نالي ماتر وجود بہ ڪونهي. امت مسلمہ جي تاريخ ۾ هن کان اڳ ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيو-

## عالمي خلافت

جهڙوڪ هن کان اڳ بہ چيو ويو آهي تہ نظام خلافت هڪ دفعو وري قائم ٿي رهندو ليڪن هاڻ جڏهن بہ خلافت قائم ٿيندي تہ هيءَ دنيا جي ڪنهن هڪ خطي تي محدود نہ هوندي بلڪ عالمي خلافت

هوندي- ان ڪري وضاحت سان گڏ احاديث نبوي ۾ ان جون پيشنگوئيون موجود آهن. حديث کان علاوه خود قرآن حڪيم ۾ ان جو صغريٰ ڪبريٰ (١٢) موجود آهي.

قرآن حڪيم ۾ هي الفاظ مبارڪ (هوالذي ارسل رسوله بالهديٰ و دين الحق ليظهره علي الدين ڪله) ٽي ڀيرا هڪ انوکي ڳالهه جي بغير ڪنهن فرق جي نازل ٿيا آهن. جڻ هي صغريٰ آهي.

پوءِ قرآن مجيد ۾ لفظن جي معمولي فرق سان گڏ هيءَ ڳالهه پنج ڀيرا نازل ٿي آهي ته نبي صلي الله عليه وسلم جي بعثت (رسالت) پوري عالم انسان جي لاءِ آهي، جيئن ته سوره سبا جي آيت ٢٨ ۾ آهي (وما ارسلنلـــ الاڪافةً للناس بشيرا و نذيرا) يعني اي نبيﷺ اسان توکي سيني انسانن جي لاءِ بشير (خوشخبري ڏيندڙ) ۽ نذير (ڊيڄاريندڙ) ڪري موڪليو- هي ڪبريٰ آهي- هن کي صغريٰ سان گڏ ملايو، نتيجو سامهون اچي ويندو- بعثت محمدي ﷺ جو مقصد غلبه دين آهي (صغريٰ) بعثت محمدي تمام عالم انساني جي لاءِ آهي (ڪبريٰ) غالبه دين تمام عالم جي لاءِ آهي (نتيجو)

بعثت جو مقصد غلبه دين لازمًا پورو ٿيندو. مگر ڪڏهن؟ هن جي جواب ۾ هيءَ حقيقت پيش نظر رهڻ گهرجي ته هن واعدي جي تڪميل اسانجي آزمائش ۽ امتحان جي راهه تان گذرندي اڳتي وڌندي. جڏهن ته اسان کي علامه اقبال جوهيءَ پيغام ياد رکڻ گهرجي ته:

وقت فرصت ہے کہاں کام ابھی باقی ہے
نور توحید کا اتمام ابھی باقی ہے

۽ جڏهن هيءَ مڪمل ٿي ويئي ته دنيا جي حيثيت جو نقشو ڪجهه هن طرح ٿي هوندو.

آسمان ہوگا سحر کے نور سے آئینہ پوش
اور ظلمت رات کي سیماب پاہو جائے گی.
پھر دلوں کو یاد آجائے گا پیغام سجود
پھر جبیں خاك حرم سے آشنا ہوجائے گی
آنکھ جو کچھ دیکھتی ہے لب پہ آسکتا نہیں
محو حیرت ہوں کہ دنیا کیا س کیا ہوجائے گی
شب گریزاں ہوگی آخر جلوہ خورشید سے!
یہ چمن معمور ہوگا نغمۂ توحید سے»

جڏهن ان وقت (يعبدونني لايشركون بي شيئا) جي تصوير سامهون اچي ويندي-

## غلبہ دين ۽ احاديث مبارڪ

هينئر اسين انهن پيشنگوئين جو حوالو ڏيندس جيڪي احاديث مبارڪ ۾ آيون آهن. صحيح مسلم جي روايت آهي جنهنجا راوي حضرت ثوبان رضي الله تعاليٰ عنه آهن- حديث جا الفاظ هن طرح آهن:

ان الله زوي لي الارض فرايت مشار قها و مغاربها وان امتي سيبلغ ملكها مازوي لي منها (مسلم، ترمذي، ابو داؤد، ابن ماجہ)

"بيشڪ الله تعاليٰ منهنجي لاءِ زمين کي سوڙهو ڪيو (يا ويڙهي جڏيو) تہ مون زمين جا سڀئي مشرق ۽ سڀئي مغرب ڏسي ورتا ۽ (ٻڌو) منهنجي امت جي حڪومت انهن سڀني علائقن تي قائم ٿي رهندي جيڪي مونکي زمينون ڏيکاريون ويون آهن"-

هڪ ٻي حديث مسند احمد بن حنبل جي روايت آهي ۽ ان جا راوي مقداد رضہ بن الاسود آهن- انهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي هي فرمائيندي ٻڌو تہ: لايبقي علي ظهرالارض بيت مدر ولا وبرالادخله الله كلمة الاسلام بعز عزيز اوذل ذليل- اما يعزهم الله فيجعلهم من اهلها اويذلهم فيديون لها (مسند احمد بن حنبل بنسد صحيح)

"زمين جي پٺيءَ تي نہ ڪنهن سر مٽيءَ جو گهر باقي رهندو نہ ڪمبلن سان ٺهيل ڪو خيمو جنهنجي اندر الله تعاليٰ اسلام جو ڪلمو داخل نہ فرمائي، عزت مند جي عزت سان گڏ يا اطاعت پسند جي اطاعت سان گڏ- يا تہ الله انهن کي هن ڪلمہ جي ذريعي عزت ڏيندو تہ هو خود هن ڪلمہ جا حامل بنجيويندا، يا هو انهن کي مغلوب ڪري ڇڏيندو تہ اهي هن جا مطيع ۽ تابع بنجي ويندا"-

راوي حديث (حضرت مقدار رضہ) چون ٿا تہ مون پنهنجي دل ۾)

چيو تڏهن اها ڳالهہ پوري ٿي ويندي تہ "دين سڀ جو سڀ الله جي لاءِ ٿي وڃي"-

جڻ احاديث مباركہ جي انهن پيشنگوئين کي سامهون رکيو وڃي تہ ان ڳالهہ ۾ ڪنهن شڪ وشبہ جي گنجائش نٿي رهي تہ سڄي روءِ زمين تي الله جو دين غالب ٿيندو-

## فلسفہ ارتقاءِ غلبہ دين

انهيءَ ڳالهہ کي آئون ٻن ٻين حوالن سان واضح ڪرڻ ٿو چاهيان- پهرين ڳالهہ جو تعلق فلسفہ ارتقاء سان آهي- ڊاڪٽر رفيع الدين مرحوم پنهنجي ڪتاب Idealogy of the future ۾ فلسفہ ارتقاء جا مختلف مرحلا بيان ڪيا آهن. هڪ فلسفہ ارتقاء اهو آهي جنهن کي ڊارون بيان ڪيو آهي. ان جي فلسفہ ارتقاء کي ذهن مان ڪڍي ڇڏيو جو ان جا ڪجهہ فقرا اجا تائين حياتيات جي ميدان ۾ بہ صحيح نٿا سمجهيا وڃن. تڏهن بہ جيستائين نفس ارتقاء جو تعلق آهي تہ ان کي سڀ کان پهرين بيان ڪرڻ وارو تہ مسلمان فلسفي ابن مسڪويہ آهي. هن فلسفي کي پوءِ مولانا روم بہ بيان ڪيو آهي.

ڊاڪٽر رفيع الدين مرحوم ارتقاء جو پهريون مرحلو Physical Evolution يعني ارتقا طبي بيان ڪري ٿو- ڪائنات جي تخليق جي جديد نظريات مطابق تخليق جو هڪ مرحلو (Stage) اهو آهي جنهن مان پوءِ ڪيميائي مرڪبات (Chemical Compounds) ٺهيا آهن- انهن سان جڏهن نامياتي مرڪبات (Organic Compounds) وجود ۾ آيا جن ۾ زندگي جي صلاحيت هئي تہ جڻ (Physical Evolution) پنهنجي نقطہ عروج تي پهچي ويو. هاڻ زندگيءَ جو آغاز ٿيو- ان کانپوءِ ارتقاء جو Second Phase آهي حياتياتي ارتقاء Biological Evolution ڊارون جو بحث انهي Phase تائين محدود آهي. انسان جي تخليق سان گڏ ئي هي ارتقاء بہ پنهنجي عروج تي پهچي وئي. هن کان اڳتي حياتياتي ارتقاء جي ڪابہ منزل ناهي-

جڏهن ان وقت (يعبدونني لايشركون بي شيئا) جي تصوير سامهون اچي ويندي-

## غلبہ دين ۽ احاديث مبارڪ

هيٺئر آئون انهن پيشنگوئين جو حوالو ڏيندس جيڪي احاديث مبارڪ ۾ آيون آهن. صحيح مسلم جي روايت آهي جنهنجا راوي حضرت ثوبان رضي الله تعالىٰ عنه آهن- حديث جا الفاظ هن طرح آهن:

ان الله زوي لي الارض فرايت مشار قها و مغاربها وان امتي سيبلغ ملكها مازوي لي منها (مسلم، ترمذي، ابو داؤد، ابن ماجہ)

" بيشڪ الله تعالىٰ منهنجي لاءِ زمين کي سوڙهو ڪيو (يا ويڙهي چڏيو) تہ مون زمين جا سڀئا مشرق ۽ سڀئا مغرب ڏسي ورتا ۽ (ٻڌو) منهنجي امت جي حڪومت انهن سڀني علائقن تي قائم ٿي رهندي جيڪي مونکي زمينون ڏيکاريون ويون آهن"-

هڪ بي حديث مسند احمد بن حنبل جي روايت آهي ۽ ان جا راوي مقداد رضہ بن الاسود آهن- انهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي هي فرمائيندي ٻڌو تہ: لايبقي علىٰ ظهرالارض بيت مدر ولا وبرالادخله الله ڪلمة الاسلام بعز عزيز اوذل ذليل- اما يعزهم الله فيجعلهم من اهلها اويذلهم فيديون لها (مسند احمد بن حنبل بنسد صحيح)

" زمين جي پٺيءَ تي نہ ڪنهن سر متيءَ جو گهر باقي رهندو نہ ڪمبلن سان ٺهيل ڪو خيمو جنهنجي اندر الله تعالىٰ اسلام جو ڪلمو داخل نہ فرمائي، عزت مند جي عزت سان گڏ يا اطاعت پسند جي اطاعت سان گڏ- يا تہ الله انهن کي هن ڪلمہ جي ذريعي عزت ڏيندو تہ هُو خود هن ڪلمئہ جا حامل بنجيويندا، يا هو انهن کي مغلوب ڪري ڇڏيندو تہ اهي هن جا مطيع ۽ تابع بنجي ويندا"-

راوي حديث (حضرت مقدار رضہ) چون ٿا تہ مون پنهنجي دل ۾)

چيو تڏهن اها ڳالهہ پوري ٿي ويندي تہ ”دين سڀ جو سڀ الله جي لاءِ ٿي وڃي“-

جڻ احاديث مباركہ جي انهن پيشنگوئين کي سامهون رکيو وڃي تہ ان ڳالهہ ۾ ڪنهن شڪ وشبہ جي گنجائش نٿي رهي تہ سڄي روءِ زمين تي الله جو دين غالب ٿيندو-

## فلسفہ ارتقاءِ غلبہ دين

انهيءَ ڳالهہ کي آئون ٻن ٻين حوالن سان واضح ڪرڻ ٿو چاهيان- پهرين ڳالهہ جو تعلق فلسفہ ارتقاء سان آهي- ڊاڪٽر رفيع الدين مرحوم پنهجي ڪتاب Idealogy of the future ۾ فلسفہ ارتقاء جا مختلف مرحلا بيان ڪيا آهن. هڪ فلسفہ ارتقاء اهو آهي جنهن کي ڊارون بيان ڪيو آهي. ان جي فلسفہ ارتقاء کي ذهن مان ڪڍي ڇڏيو جو ان جا ڪجهہ فقرا اجا تائين حياتيات جي ميدان ۾ بہ صحيح نٿا سمجهيا وڃن. تڏهن بہ جيستائين نفس ارتقاء جو تعلق آهي تہ ان کي سڀ کان پهرين بيان ڪرڻ وارو تہ مسلمان فلسفي ابن مسڪويہ آهي. هن فلسفي کي پوءِ مولانا روم بہ بيان ڪيو آهي.

ڊاڪٽر رفيع الدين مرحوم ارتقاء جو پهريون مرحلو Physical Evolution يعني ارتقا طبي بيان ڪري ٿو- ڪائنات جي تخليق جي جديد نظريات مطابق تخليق جو هڪ مرحلو (Stage) اهو آهي جنهن مان پوءِ ڪيميائي مرڪبات (Chemical Compounds) ٺهيا آهن- انهن سان جڏهن نامياتي مرڪبات (Organic Compounds) وجود ۾ آيا جن ۾ زندگي جي صلاحيت هئي تہ جڻ (Physical Evolution) پنهنجي نقطہ عروج تي پهچي ويو. هاڻ زندگيءَ جو آغاز ٿيو- ان کانپوءِ ارتقاء جو Second Phase آهي حياتياتي ارتقاء Biological Evolution ڊارون جو بحث انهي Phase تائين محدود آهي. انسان جي تخليق سان گڏ ئي هي ارتقاء بہ پنهنجي عروج تي پهچي وئي. هن کان اڳتي حياتياتي ارتقاء جي ڪابہ منزل ناهي-

ان کان پوءِ ڊاڪٽر رفيع الدين مرحوم جنهن ارتقاء جي مرحلي جو ذڪر ڪيو آهي (هُو ان کي هڪ مرحلو چوي ٿو پر آئون ان کي ٻن مرحلن ۾ ورهايان ٿو) اهو مرحلو آهي نفسياتي ۽ ذهني ارتقاء يا Psy-chological and Intellectual Evolution جو مرحلو- منهنجي نزديڪ ان ئي مرحلي جو انتهائي عروج حضرت ابراهيم عليه السلام جن آهن ڊاڪٽر رفيع الدين ان کي نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن تائين ڪٽي آيا آهن. اهو ئي سبب آهي تہ حضرت ابراهيم جون ٽي نسبتون آهن، يعني: (i) خليل الله (١٣) (ii) امام الناس (iii) ابوالانبياء يعني ان کانپوءِ تمام انبياء انهي ئي جي نسل مان ٿيا آهن چاهي اهي بني اسرائيل مان هجن چاهي بني اسماعيل مان هجن يا بني مدين مان هجن-

محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن تي رسالت جي تڪميل ٿي آهي. پاڻ ﷺ هڪ معاشري کي ايتري تائين بلند ڪري ڇڏيو جيستائين الله تعاليٰ ڪين ﷺ بلندي عطا فرمائي هئي. حضرت نوح عليه السلام جي قوم تباهہ ٿي، اهڙي طرح هود عليه السلام ۽ شعيب عليه السلام جون قومون تباهہ ٿيون، ليڪن محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم قوم کي بلندي تائين کڻي ويا، هڪ معاشرو قائم ڪيو آهي- هي اهو ڪمال آهي جو محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم ڪري ڏيکاريو آهي-

. هاڻ هن کان اڳتين ڳالهہ اها آهي جنهن کي ڊاڪٽر رفيع الدين مرحوم بيان ڪيو آهي- ارتقاء جي هاڻ فقط هڪ امڪاني شڪل Phase آهي، يعني Globalization of the Revolution of Mohammad مطلب هي تہ دنيا جو عمراني ارتقا هن انتها تي پهچي ويندو جنهنجي جهلڪ محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ڏيکاري هئي ۽ بني نوع انساني جي اجتماعي ياداشت ۾ جنهن کي هڪ خوشگوار خواب جي حيثيت حاصل آهي. پاڻ ﷺ جيڪو معاشرو قائم ڪيو هو ان جي بنياد تي ١٩٣٧ع ۾ گانڌي پنهنجي اخبار هريجن ۾ هڪ مقالي ۾ ڪانگريسي وزيرن کي خطاب ڪندي لکيو هو تہ: ”آئون اوهان ماڻهن جي سامهون ابوبڪر و

عمر جا مثال پيش ڪريان ٿو"- نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جيڪو نظام قائم ڪيو ان تائين ته اڃا انساني فڪر پهچي به نه سگهيو آهي- علامه اقبال صورتحال جي صحيح صحيح تعبير ڪندي چيو آهي:

هر ڪجا بينى جهان رنگ وبو
زان ڪه از خاڪش بروبد آرزو
يا زنور مصطفى او را بها ست
يا هنوز اندر تلاش مصطفى ست! (١٤)

جڻ انسانيت جي جهولي ۾ جيڪو خيرو پلائي آهي سو نورِ مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم کان گهريو ويو آهي. يا پوءِ انسانيت اڃا ان طرف وڃي رهي آهي جتي محمد صلي الله عليه وسلم جن ان کي چوڏهن سؤ سال پهرين ئي پهچائي ڇڏيو هو-

هي آهي ارتقاء جي آخري منزل، لهذا فلسفه ارتقاء جي حوالي سان "نظام خلافت" جو زنده رهڻ لازمي آهي-

## New World Order کان نظام خلافت تائين

هينئر اسين هڪ ٻئي اعتبار کان غور ٿا ڪريون. هن وقت دنيا ۾ نئين عالمي نظام جي باري ۾ سوچيو پيو وڃي. خليج جي جنگ کانپوءِ ان جو چؤپول ڪجهه گهڻو ئي تي ويو آهي- صنعتي ۽ سائنسي ترقي جي ڪري مفاصلا گهٽجي رُهيا آهن. سڄي دنيا هڪ شهر جي حيثيت اختيار ڪري ورتي آهي. انهي خيال کان سوچيو پيو وڃي ته سڄي دنيا جي لاءِ ڪو هڪ نظام به ته هئڻ گهرجي. انهي غرض سان پهرين جنگ عظيم کانپوءِ League of Nations وجود ۾ آئي، ليڪن جيئن ته هن نظام جي لاءِ انسان وٽ ڪو فڪري بنياد نه آهي لهذا اها جلد ئي ناڪام ٿي وئي- (١٥)

"انجمن اقوام جي ناڪامي ۽ ٻي جنگ عظيم کانپوءِ هڪ ٻيو ادارو تنظيم اقوام متحده (United Nations Organization) جي نالي سان وجود ۾ آيو. هي به عالمي نظام جي قيام جي هڪ ڪوشش آهي. مگر هي ادارو به ناڪام ٿي چڪو آهي. هاڻ ان جي حيثيت آمريڪا جي گهر جي

ان کان پوءِ ڊاڪٽر رفيع الدين مرحوم جنهن ارتقاء جي مرحلي جو ذڪر ڪيو آهي (هو ان کي هڪ مرحلو چوي ٿو پر آئون ان کي ٽن مرحلن ۾ ورهايان ٿو) اهو مرحلو آهي نفسياتي ۽ ذهني ارتقاء يا Psy-chological and Intellectual Evolution جو مرحلو- منهنجي نزديڪ ان ئي مرحلي جو انتهائي عروج حضرت ابراهيم عليه السلام جن آهن ڊاڪٽر رفيع الدين ان کي نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن تائين کڻي آيا آهن. اهو ئي سبب آهي تہ حضرت ابراهيم جون ٽي نسبتون آهن، يعني: (i) خليل الله (١٣) (ii) امام الناس (iii) ابوالانبياء يعني ان کانپوءِ تمام انبياء انهي ئي جي نسل مان ٿيا آهن چاهي اهي بني اسرائيل مان هجن چاهي بني اسماعيل مان هجن يا بني مدين مان هجن-

محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن تي رسالت جي تڪميل ٿي آهي. پاڻ ﷺ هڪ معاشري کي ايتري تائين بلند ڪري ڇڏيو جيستائين الله تعاليٰ کين ﷺ بلندي عطا فرمائي هئي. حضرت نوح عليه السلام جي قوم تباهہ ٿي، اهڙي طرح هود عليه السلام ۽ شعيب عليه السلام جون قومون تباهہ ٿيون، ليڪن محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم قوم کي بلندي تائين کڻي ويا، هڪ معاشرو قائم ڪيو آهي- هي اهو ڪمال آهي جو محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم ڪري ڏيکاريو آهي-

. هاڻ هن کان اڳتين ڳالهہ اها آهي جنهن کي ڊاڪٽر رفيع الدين مرحوم بيان ڪيو آهي- ارتقاء جي هاڻ فقط هڪ امڪاني شڪل Phase آهي، يعني Globalization of the Revolution of Mohammad مطلب هي تہ دنيا جو عمراني ارتقا هن انتها تي پهچي ويندو جنهنجي جهلڪ محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ڏيکاري هئي ۽ بني نوع انساني جي اجتماعي ياداشت ۾ جنهن کي هڪ خوشگوار خواب جي حيثيت حاصل آهي. پاڻ ﷺ جيڪو معاشرو قائم ڪيو هو ان جي بنياد تي ١٩٣٧ع ۾ گانڌي پنهنجي اخبار هريجن ۾ هڪ مقالي ۾ ڪانگريسي وزيرن کي خطاب ڪندي لکيو هو تہ: "آئون اوهان ماڻهن جي سامهون ابوبڪر و

عمر جا مثال پيش ڪريان ٿو"- نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جيڪو نظام قائم ڪيو ان تائين ته اڃا انساني فڪر پهچي به نه سگهيو آهي- علامہ اقبال صورتحال جي صحيح صحيح تعبير ڪندي چيو آهي:

هر ڪجا بيني جهان رنگ وبو
زان ڪه از خاڪش بروید آرزو
يا زنور مصطفی او را بها ست
يا هنوز اندر تلاش مصطفی ست! (١٤)

جڻ انسانيت جي جهولي ۾ جيڪو خيرو پلاٿي آهي سو نورِ مصطفیٰ صلي الله عليه وسلم کان گهريو ويو آهي. يا پوءِ انسانيت اڃا ان طرف وڃي رهي آهي جتي محمد صلي الله عليه وسلم جن ان کي چوڏهن سؤ سال پهرين ئي پهچائي ڇڏيو هو-

هي آهي ارتقاء جي آخري منزل. لهذا فلسفہ ارتقاء جي حوالي سان "نظام خلافت" جو زنده رهڻ لازمي آهي-

## New World Order کان نظام خلافت تائين

هينئر اسين هڪ ٻئي اعتبار کان غور ٿا ڪريون. هن وقت دنيا ۾ نئين عالمي نظام جي باري ۾ سوچيو پيو وڃي. خليج جي جنگ کانپوءِ ان جو چؤپول ڪجهہ گهڻو ئي ٿي ويو آهي- صنعتي ۽ سائنسي ترقي جي ڪري مفاصلا گهٽجي رهيا آهن. سڄي دنيا هڪ شهر جي حيثيت اختيار ڪري ورتي آهي. انهي خيال کان سوچيو پيو وڃي ته سڄي دنيا جي لاءِ ڪو هڪ نظام به ته هئڻ گهرجي. انهي غرض سان پهرين جنگ عظيم کانپوءِ League of Nations وجود ۾ آئي، ليڪن جيئن ته هن نظام جي لاءِ انسان وٽ ڪو فڪري بنياد نه آهي لهذا اها جلد ئي ناڪام ٿي وئي- (١٥)

"انجمن اقوام جي ناڪامي ۽ ٻي جنگ عظيم کانپوءِ هڪ ٻيو ادارو تنظيم اقوام متحده (United Nations Organization) جي نالي سان وجود ۾ آيو. هي به عالمي نظام جي قيام جي هڪ ڪوشش آهي. مگر هي ادارو به ناڪام ٿي چڪو آهي. هاڻ ان جي حيثيت آمريڪا جي گهر جي

نوڪرياڻي ڪان وڌيڪ ناهي. جڏهن تہ هينئر هي New world order آيو آهي، هي بہ انهي ارتقاء جي طرف هڪ پيشقدمي آهي. جيتوڻيڪ هي نئون عالمي نظام اڃا تائين پوري طرح جڙ نہ پڪڙي سگهيو، تنهن هوندي بہ عالم اسلام سڄي جو سڄو هن جي گرفت ۾ اچي چڪو آهي. البت چين، جپان ۽ اتر ڪوريا کي ماتحت ڪرڻ ۾ ڪجهہ وقت لڳندو.

هي New world order درحقيقت Jew world order آهي. هي ١٨٩٧ع ۾ پروٽوڪولز جو جيڪو نقشو "صيهرني اڪابر (Elder of the Zion) بنايو (١٦) هو اهو ئي درجي بدرجي عملي شڪل وٺي رهيو آهي. ١٩١٧ع جو اعلان بالغور (١٧) پوء ١٩٤٨ع ۾ اسرائيل جو قيام، ١٩٦٧ع ۾عربن سان جنگ ۾ اسرائيل جي فتح هي مڙئي واقعا هڪ تدريجي عمل جو حصو آهن. اهو ئي سبب آهي تہ اسرائيل يروشلم ڪانسواءِ سيني معاملات تي گفتگو ڪرڻ لاء تيار آهي. "جريڪو ۾ پنهنجي قومي حڪومت ناهيو" - "غزه ۾ بہ Self Rule وٺو" - "غرض سيڪجهہ منظور آهي مگر ڳالهہ نہ تينديي تہ يروشلم جي باري ۾، هي اسانجو اٽوٽ حصو آهي" -

منهنجي خيال ۾ تہ شايد چند سالن ۾ مسجد اقصيٰ کي ڍانو ويندو- جنهن جي جاءِ تي هيڪل سليماني تعمير ڪرڻ چاهينتا. اٽڪل ٻن هزار سالن کان انهن جو هيءُ "ڪعبو" ڊٺو پيو آهي. اسرائيلي اتي وڃن تا ۽ روئي پٽي واپس اچن تا. اتي وڃي اسرائيلي ديوار گريا سان مٿو ٽڪرائين تا. جيتوڻيڪ اهو ٽڪرائڻ Symbolic هوندو آهي تڏهن بہ Movement تہ اهڙي بنائين تا ڄڻ سچ پچ ئي ٽڪر هڻي رهيا آهن. هاڻ هو ان کي تعمير ڪندا. مسجد اقصيٰ هاڻ انهن لاء ڪيرائڻ مشڪل ناهي رهيو. ان ڪري جو بابري مسجد ڪيرائي انهن مسلمانن جي نبض تي هٿ رکي ڪري ڏسي ورتو آهي تہ انهن ۾ ڪابہ همت ناهي. فقط عالم عرب جا ڪجهہ جوشيلا نوجوان احتجاج لاء اٿي کڙا ٿيندا. انهن کي چپيائڻ لاء اسرائيل کي پنهنجون گوليون بہ ضايع ڪرڻ جي ضرورت ناهي. ان جي لاء حسني مبارڪ موجود آهي. شاهہ فهد صاحب

جن آهن، ۾ پيا بہ جيڪي اردن ۾ مراڪش جا بادشاهہ ۾ الجزائر جا ڊڪٽيٽر آهن. ان فهرست ۾ هاڻ پي ايل او جو ياسر عرفات جو اضافو ٿي ويو آهي. هن سڄي گفتگو مان هيءُ نتيجو ڪڍي رهيو آهيان تہ New word order جيڪو درحقيقت Jew world order آهي جيڪو هڪ دفعو تہ قائم ٿيندو، ليڪن قائم ٿيڻ ڪانپوء ان کي Just world order of Islam ۾ بدلائڻ اڳيون قدم هوندو.

هن تبديلي کي هڪ مثال سان سمجهي وٺو، فرض ڪريو توهانکي سؤ ماڻهن کي مسلمان بنائڻ جي ذميداري سونپي وئي آهي. هاڻي جيڪڏهن اهي سؤ ماڻهو بالفرض هڪ ماڻهوء جي صورت اختيار ڪري وٺن يا ڪنهن هڪ ماڻهوء جو مسلمان ٿيڻ سيني لاء مسلمان ٿيڻ جو ذريعو بنجي وڃي تہ توهان جو ڪم ڪيترو آسان ٿي پوندو. هن مثال کي سامهون رکندي ڏسو تہ دنيا عالمي نظام اسلام ڏانهن آڻڻ فقط هڪ Shift over جي ڳالهہ رهجي ويندي. اهڙي طرح نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي ڏنل خبر جي صداقت ثابت ٿي ويندي. اهو اسلام جو عالمي نظام هوندو ۾ انهي نظام کي حضور صلي الله عليه وسلم جن "خلافت علي منهاج النبوت" جو نالو ڏنو آهي.

## دور سعادت کان اڳ

هيستائين جيڪي ڪجهہ بيان ڪيو ويو اهو تمام خوش آئند آهي تہ الله جو دين پوري دنيا جي تختي تي غالب ٿيندو. پر ان عظيم ڪاميابيء جي منزل تائين پهچڻ کان پهرين ڪن درد ناڪ حالتن مان گذرڻو پوندو ۾ جواهر بنجڻ کان اڳ اُن ڦڙي تي ڇا ڪجهہ گذرندو، هي دردناڪ باب آهي. هن جون خبرون بہ نبي صلي الله عليه وسلم جن اسان کي ڏنيون آهن. افسوس جو احاديث جي طرف اسانجو رجحان ئي نہ آهي. عوام جو تہ خير ذڪر ئي ڇا ڪيترن عالمن بہ مونکي ٻڌايو تہ "هي جيڪي ڪتاب احاديث جي آخر ۾ " ڪتاب الفتن" " ڪتاب

الملاحم" علامات الساعہ" جي عنوانن سان باب اچن ٿا. اسين انهن کي پڙهون ٿي ڪونہ- علماء جو پورو زور احاديث جي فقهي بحثن تي صرف ٿئي ٿو- حالانڪ صحيح ۽ متواتر حديثن ۾ جيڪي خبرون ۽ پيشنگوئيون موجود آهن انهن کي فقط ڏسڻ تائين ڪهڙو فائدو؟ ڳالهہ هيءَ آهي تہ مرزا غلام احمد قادياني عليه ماعليه احاديث نزول مسيح عليه السلام جي لاءِ جيڪي حديثون دليل طور پيش ڪيون انهن مان عام مسلمان چون ٿا تہ انهن ڳالهين کي مرڪو ٿي ڇڏي ڏيو، ان ۾ پوڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي جنهن مان فسادي فائدو وٺن. جڏهن تہ هي ڳالهيون جيڪي نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايون آهن تمام اهم آهن، انهن کان لاپرواهي وٺڻ جڻ محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي مقام و مرتبي کي گهٽ ڪرڻ آهي. بهرحال احاديث مبارڪ جي روشنيءَ ۾ ڏٺو وڃي تہ ايندڙ وقت مغربي سامراج جي غلاميءَ کان بہ وڌيڪ سخت هوندو.

آئون پنهنجي ڳالهہ کي جيڪڏهن هڪ جملي ۾بيان ڪريان تہ هي چئي سگهجي ٿو تہ عالمي خلافت کان اڳ ۾ ٻن مسلمان امتن کي انهن جي سزائن جي آخري قسط ملڻي آهي. هن جملي جي مختصر تشريح جي سلسلي ۾ پهريون سوال تہ هيءَ ٿي آهي تہ اهي ٻہ مسلمان امتون ڪهڙيون آهن؟ تہ ٿورو سورة نور جي آيت ۵۵ جنهنجو حوالو پهرين اچي چڪو آهي، ان تي هڪ نظر وجهو- هن جا الفاظ هن طرح اهن:

(ليستخلفنهم في الارض كما استخلف الذين من قبلهم...)

"..... انهن کي زمين ۾ خليفو بنائيندو جهڙي طرح انهن مائهن کي خليفو بنايو هو جيڪي انهن کان اڳ هئا......"

جڻ پهرين بہ هڪ امت مسلمہ هئي ۽ جيڪڏهن منهنجي ڳالهہ جو غلط مفهوم نہ ورتو وڃي تہ چوندس تہ ڪجهہ ڳالهين ۾ اڳئين امت مسلمہ اسان کان افضل هئي. بلڪ شايد هي چوڻ غلط نہ هوندو تہ ان کي مڪمل برتري حاصل هئي-

جهڙي طرح جزوي برتري تہ ڪنهن نبي کي حاصل ٿي سگهي ٿي ليڪن مڪمل ۽ بلڪل قطعي برتري حضور صلي الله عليه وسلم جن ئي کي حاصل آهي. جڏهن تہ گذريل امت مسلمہ جي لاءِ قرآن حڪيم ۾ ٻن جاين تي ارشاد ٿيو آهي؛

(واني فضلتكم علي العالمين) البقره: ۴۷ , ۱۴۲)

"مون توهانکي تمام جهانن وارن تي فضيلت (برتري) ڏني"-

جڏهن تہ اسان جي لاءِ جيڪي الفاظ آيا آهن اهي فقط هي آهن؛

(وكذالك جعلتكم امةً وسطا...) (البقره: ۱۴۳)

"۽ اسان توهان کي "امت وسط" بنايو"

ٻنهي آيتن جي ڍنگ ۽ ڳالهين جي فرق کي ڏسو!

هن ڪان علاوه هي پهرين امت اها امت آهي، جنهن ۾ ۱۴ سؤ سالن تائين نبوت جو سلسلو نہ ڪٽيو-۱۴ سؤ قبل مسيح ٻن رسولن حضرت موسيٰ ۽ حضرت هارون عليحما السلام جن کان هيءَ سونهري زنجير شروع ٿي ۽ ان زنجير جي اختتام تي بہ ٻہ ئي نبي حضرت عيسيٰ ۽ حضرت يحيٰ عليهما السلام موجود رهيا. هن سونهري زنجير جي وچ ۾ جڏهن بہ ڪو نبي فوت ٿيو تہ ڪو نبي ئي ان جو جانشين ٿيو- هن سابقہ امت جي تاريخ ۳۴ سؤ سالن تي ڇانيل آهي- چوڏهن سؤ سال قبل مسيح ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام کي توريت مليو هو. بني اسرائيل تہ پهرين بہ موجود هئا- حضرت يوسف عليه السلام نبي هو- حضرت موسيٰ ۽ انهن جي وچ ۾ ڪنهن نبي جو ذڪر نٿو ملي (۱۸) ليڪن بني اسرائيل جا ۱۲ قبيلا تہ موجود هئا- پوءِ توريت ملڻ کانپوءِ انهن کي امت جي حيثيت حاصل ٿي وئي- قران حڪيم ۾ ارشاد آهي؛

(واتينا موسيٰ الكتب وجعلناه هدي لبني
اسرائيل الاتتخذوا من دوني وكيلا)
(بني اسرائيل:۲)

"۽ اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو ۽ ان (ڪتاب) کي بني اسرائيل جو رهنما بنايو تہ (ڏسو) مون کانسواءِ ڪنهن کي سرپرست نہ بنائجو."
جڻ هتان کان امت جي تاريخ شروع ٿئي ٿي-

هن امت کي هڪ ئي ڪتاب نہ ڏنو ويو پر ڪيترائي ڪتاب ڏنا ويا. بہ ڪتاب تہ اهي آهن جن تي اسان جو بہ ايمان آهي. زبور ۽ انجيل..... انهن کانسواءِ گهڻائي صحيفا بہ عطا ڪيا ويا.

هي آهي اها سابقہ امت مسلمہ جنهن جي فضيلت جي لاءِ قرآن حڪيم ۾ مذڪوره مٿين آيت ۾ جاين تي آئي آهي. بلڪل اهڙي طرح بہ دفعا هي مضمون بہ آيو آهي.

(ضربت عليهم الذله والمسكنه وباء وابغضب من الله)

(البقره: ٦١-آل عمران: ١١٢)

"انهن تي خواري ۽ محتاجي هنئي وئي ۽ اهي الله جو غضب وٺي موٽيا"

هڪ طرف انهن کي هيءَ فضيلت ڏني وئي ۽ ٻئي طرف اها ئي قوم مغضوب ۽ ملعون قرار ڏني وئي. سورة فاتحہ جا ڪلمات "مغضوب عليهم" جي تفسير ۾ سيئي متفق آهن تہ ان مان مراد يهودي آهن ۽ "الضالين" مان مراد نصاريٰ آهن. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

(لعن الذين كفرو امن بني اسرائيل علي لسان داود و عيسيٰ ابن مريم...) (المائده: ٧٨)

"دائود ۽ عيسيٰ ابن مريم جي زبان سان لعنت ڪئي وئي، جن بني اسرائيلن منجهان ڪفر ڪيو"-

سوال ٿو پيدائٿي تہ ائين ڇو ٿيو؟ دراصل ان سلسلي ۾ الله تعاليٰ جي عذاب جا ڪجهہ قانون آهن جن کي سمجهڻ ضروري آهي. الله تعاليٰ جي قانون عذاب جي سلسلي ۾ پهرين ڳالهہ هي آهي تہ هيءَ دنيا ماڻهن لاءِ دارالجزاء نہ آهي، جڏهن تہ قومن جي لاءِ دارالجزاء آهي. ماڻهن جي لاءِ عذاب و ثواب جو فيصلو آخرت ۾ ٿيندو. آخرت ۾ هر شخص انفرادي حيثيت ۾ ايندو. پر قومن جي گناهن جو حساب گهڻو ڪري

هن دنيا ۾ ئي چڪائجي وڃي ٿو- بقول علامہ اقبال جي؛

فطرت افراد سے اغماض بھی کر لیتی ہے
نہیں کرتی کبھی ملت کے گناہوں کو معاف!

پوءِ قومن تي ٻن قسمن جا عذاب اچن ٿا- هڪ وڏو عذاب، جنهنکي قرآن مجيد "العذاب الاڪبر" چوي ٿو- هن کي عذاب استيصال (پاڙان پٽجڻ) بہ چئي سگهجي ٿو- هن عذاب ۾ قومن جو نالو و نشان مٽايو وڃي ٿو. ائين ٿو لڳي جڻ هُو ڪڏهن هئا ئي ڪونہ. هي عذاب فقط انهن قومن تي اچي ٿو جن ڏانهن ڪنهن رسول کي مبعوث ڪيو ويو هجي ۽ قوم مجموعي طور رسول جي دعوت کي ٺڪرايو هجي- "قوم نوح، "قوم صالح"، "قوم هود"، "قوم شعيب"، "قوم لوط" ۽ آل فرعون انهي عذاب استيصال جي ور چڙهيا ۽ هي ڇهہ مثال قرآن مجيد ۾ پندرهن دفعا بيان ڪيا ويا آهن.

هن کان گهٽ درجي وارو عذاب ان مسلمان امت تي اچي ٿو جيڪا زمين تي الله جي نمائندي هجڻ، الاهي ڪتاب جي حامل هجڻ ۽ نبوي علوم جي وارث هجڻ جي باوجود پنهنجن عملن سان پنهنجن دعوائن کي ڪوڙو سمجهڻ شروع ڪري ڏئي- ظاهر آهي تہ هن کان وڏو مجرم ڪير ڪونهي. باقي انسانن جي گمراهي ۽ ڏوهن جي ذميدار بہ اها ئي قرار ڏنل آهي. ڇاڪاڻ تہ حق جو پيغام پهچائڻ ان جو فرض هو. جيڪڏهن هوءَ اهو پيغام حق ڪجهہ نہ ڪجهہ پهچائي ڇڏي ها ۽ پوءِ دنيا نہ مڃي ها تڏهن تہ انڪار ڪرڻ وارا ڏوهي قرار ڏنا وڃن ها ۽ اها امت ان ذمي کان آجو سمجهجي ها- مگر جڏهن هن امت مسلمہ پهچائڻ جو فرض ادا نہ ڪيو تہ هاڻ مجرم اها خود ٿجي وئي جو الله جي زمين تي هُن جي نمائندي جي دعويدار بہ آهي ۽ عمل ان جي برعڪس آهي. هن کان وڏو ڏوهہ پيو ڪو ڪونهي. انهي جي بدلي ۾ اهو عذاب آهي جيڪو بني اسرائيل تي آيو ۽ جيڪو امت محمد ﷺ تي آيو.

هن موقعي تي آئون هڪ عظيم حديث مبارڪ جو حوالو ڏيڻ

چاهيان ٿو. هي حديث دراصل تمام وڏي خزاني جي ڪنجي آهي. هن جا راوي حضرت عبدالله رضہ بن عمرو رضہ بن العاص آهن. هو فرمائين ٿا تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "منهنجي امت تي اهي سڀ حالات نمودار ٿي رهندا جيڪي بني اسرائيل تي ظاهر ٿيا بلڪل ائين جيئن هڪ جتي جو ترو ٻي جتي جي بلڪل هڪجهڙو ۽ برابر هوندو آهي" حضور ﷺ جن جي فصاحت ۽ بلاغت جي انتها آهي. جتيءَ جو جوڙو جيڪڏهن مٿان کان ڏٺو وڃي تہ ان جي ننڍي وڏي هجڻ جو فرق نظر نہ ايندو پر جڏهن انهن جا ترا پاڻ ۾ ملائي ڏٺو ويندو تہ جوڙي جو فرق معلوم ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن صحيح جوڙي هوندي تہ ٻنهي جي ترن ۾ ڪوبہ فرق نہ هوندو.

تاريخ جي مطالعي مان هن حديث جي ڪنجي هجڻ جي حيثيت بلڪل واضح ٿي وڃي ٿي. نبي صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت تائين بني اسرائيل تي بہ عروج جا دور اچي چڪا هئا ۽ زوال جا بہ ٻہ ٽي دور گذري چڪا هئا. سوره بني اسرائيل جي پهرئين رڪوع ۾ انهن ٻن دورن جو ذڪر آهي– فرمايو؛

(وقضينا الىٰ بني اسراء يل في الكتب لتفسدن
في الارض مرتين ولتعلن علوا كبيرا ○)

پهرين آشورين جي هٿان اسرائيل جي حڪومت ختم ٿي– ان ڪانپوءِ ڪلدانين جي هٿان تباهي آئي. ڇهہ سؤ سال قبل مسيح بخت نصر جي هٿان ڇهہ لک انسان يروشلم ۾ قتل ٿيا ۽ ڇهن لکن کي قيدي بنائي وٺي ويا. يروشلم ۾ هڪ ساهوارو نہ ڇڏيو. هيڪل سليماني کي ڊاهي هموار ڪيو ويو. ان کي بنيادن تائين کوٽي اڇلايو ويو. ان ڪانپوءِ حضرت عزير عليه السلام توبه جي دعوت ۽ اعلان ڪيو، جنهن تي هي سجاڳ ٿيا ۽ الله جي حضور توبه ڪئي. تڏهن سائرس جي هٿان الله بابل جي قيد کان نجات ڏياري. ان کانپوءِ هي يروشلم آيا ۽ هيڪل سليماني، جيڪو انهن جي لاءِ ڪعبي جو درجو رکي ٿو، ٻئي دفعا

تعمير ڪيو. ھي انھن جو ٻيو دورعروج آھي. ليڪن انھن پھرين وانگر وري ڪتاب الله کي پٺي ڏيکاري، عياشين ۽ بدمعاشين ۾ مبتلا ٿيا ۽ طائوس و رباب (رنگينين) ۾ غرق ٿي تباھي جي ان رستي تي ھلڻ لڳا جنھن کي علامہ اقبال ھن طرح بيان ڪيو آھي.

میں تجھ کو بتاتا ہوں تقدیر امم کیا ہے
شمشیر و سناں اول طاؤس ورباب آخر!

لھذا وري سخت عذاب نازل ٿيو- ھي عذاب جون سختيون پھرين يونانين، پوءِ رومين جي ھٿان مليون- پھرئين دور ۾ سزا آشورين جي ھٿان آئي جيڪي اتر کان آيا، پوءِ اوپر کان ڪلداني آيا. بخت نصر بابل جو بادشاھہ ھو. ٻئي دور ۾ پھرئين عذاب جون سختيون يونانين جي ھٿان مليون ۽ پوءِ رومين جي ھٿان. ۷۰ع ۾ ٽائيٽس روميءَ جيڪو حملو ڪيو ان ۾ ھڪ لک ٽيتھہ ھزار يھودي ھڪ ڏيھن ۾ قتل ٿيا. باقي يھودين کي اتان ٻاھر ڪڍيو ويو. ان وقت کانپوءِ ھاڻ ھن صديءَ ۾ انھن کي پنھنجو گھر نصيب ٿيو آھي. يروشلم ۾ انھن جي داخلا بند ھئي. جڏھن حضرت عمر رضہ جي ھٿان بيت المقدس فتح ٿيو تڏھن وڃي يروشلم ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ملي. حضرت عمر رضہ ان کي "Open City" قرار ڏنو نہ تہ پورن ساڍا پنج سؤ سالن تائين ڪوبہ يھودي پنھنجي مقدس شھر ۾ داخل بہ ٿي نٿي سگھيو. بھرحال ھي آھي ان وقت تائين جي تاريخ جڏھن آنحضرت صلي الله‌عليه وسلم جن جي بعثت ٿي.

## بني اسرائيل جي عذاب استيصال ۾ دير جو سبب

حضرت مسيح عليه السلام انھن ڏانھن رسول ڪري موڪليو ويو ھو. سوره آل عمران (آيت ۴۹) ۾ آھي: ورسولا الي بني اسرائيل (يعني بني اسرائيل ڏانھن موڪليو ويو رسول) انھن حضرت مسيح عليه السلام جي دعوت کي رد ڪري ڇڏيو بلڪ پنھنجي طرف کان تہ چڻ ان کي ڦاھي تي چاڙھي ڇڏيو- ھيءَ جدا ڳالھہ آھي تہ الله تعاليٰ پنھنجي ڪامل قدرت سان ان کي زنده آسمان تي کڻي ورتو، لھذا انھي وقت کان ھيءَ

قوم عذاب استيصال (پاڙئون پٽجڻ وارو عذاب) جي مستحق ٿي چڪي آهي.

سوره بني اسرائيل ۾ جي ٻئي رکوع ۾ آيو آهي:

(وما كنا معذبين حتىٰ نبعث رسولا) (بني اسرائيل:١۵)

يعني "اسان ان وقت تائين عذاب (استيصال) نٿا نازل ڪريون جيستائين اسان پنهنجو رسول نہ موڪليون".

جيئن تہ واضح ڪيو ويو، رسول اچي چڪو ۽ انهن ان (رسول) کي رد بہ ڪري ڇڏيو. ليڪن هڪ خاص سبب سان هن قوم تي اِن طرح جو عذاب جو نازل ٿيڻ نہ اُن وقت هو نہ هِن وقت ٿيو. ڳالهہ هي آهي تہ قرآن حڪيم نبي صلي الله عليه وسلم جي بعثت جي شڪل ۾ انهن جي لاءِ هڪ رحم جي اپيل (Mercy Appeal) جو موقعو پيدا ڪيو. جڏهن تہ سورة بني اسرائيل ۾ ارشاد ٿيو آهي:

(عسىٰ ربكم ان يرحمكم، وان عدتم عدنا، وجعلنا جهنم للكافرين حصيرا O ان هذا القرآن يهدي للتي هي اقوم و يبشر المومنين الذين يعملون الصلحت ان لهم اجرا كبيرا) (بني اسرائيل:٩-٨)

يعني: "هينئر بہ محمد صلي الله عليه وسلم جي دامن ۾ پناهہ وٺو، قران تي ايمان آڻيو، جيڪو هر معاملي ۾ سڌو رستو ڏيکارڻ وارو ڪتاب آهي، اسان هينئر بہ توهان تي رحم فرمائڻ لاءِ تيار آهيون" افسوس! يهودين هن Mercy Appeal جو موقعو بہ وڃائي ڇڏيو. ليڪن ان جي باوجود "العذاب الاكبر" جي تعميل (Execution) نہ ٿي. ڇو نہ ٿي؟ اِهو هن داستان جو تلخ حصو آهي. ان لاءِ تہ پهرين موجوده مسلمان امت جي افضل حصي (عالم عرب) کي مار موچڙو ان مغضوب (ڏمرڪيل) ۽ ملعون (لعنت ڪيل) قوم جي هٿان لڳائڻو آهي.

## امت مسلم جي عروج و زوال جي تاريخ

هينئر اسين هن حديث مبارڪ جي روشني ۾ امت مسلم جي

تاريخ جي مختلف دَورن جو جائزو ڏنا ونون. هِن امت تي بہ عين عروج و زوال جا اهي ئي چار دور اچي چڪا آهن.جيڪي تاريخ بني اسرائيل جي حوالي سان بيان ڪيا ويا آهن. امت مسلمہ جو پهريون دور عربن جي عروج جي اڳواڻي ۾ آيو. هن پهرئين دور ۾ خلافت راشده جو سونهري دور بہ شامل آهي. ان کانپوءِ خلافت راشده ختم ٿي وئي مگر مسلمانن جي حڪومت موجود رهي. ان کانپوءِ پهريون زوال جو دور صليبين جي هٿان آيو. ١٠٩٩ع ۾ يروشلم هٿن مان نڪري ويو ۽ لکين مسلمان قتل ٿيا. جنهن کانپوءِ ١٢٥٨ع ۾ اهو تاتاري فتنو آيو جنهن ۾ ڪروڙين مسلمان قتل ڪيا ويا. انهن جي عظيم مملڪت تباه وبرباد ڪئي وئي ...... ١٢٥٨ع ۾ بغداد هٿان نڪري ويو. بنو عباس جي آخري خليفي کي محل جي اندران ڪِهلي ڪڍيو ويو ۽ جانورن جي کل ۾ ويڙهي گهوڙن جي سنبن هيٺان لتاڙيو ويو- حضرت شيخ سعدي رح مرثيو چيو هو:

آسمان راحق بود گر خون ببارد بر زمين
بر زوال ملک مستعصم امير المومنين

(اميرلمومنين مستعصم جي بادشاهت جي زوال تي آسمان کي حق آهي تہ هُو زمين تي (رت جا) لڙڪ وهائي)

ڏسو ٻنهي امتن جي تاريخ ۾ ڪيتري گهري مشابهت آهي، ائين محسوس ٿي رهيو آهي جهڙي ڪاربان ڪاپي هجي. هُتي اتر کان آشوري آيا هٿا جڏهن تہ هِتي پهرين يورپ يعني اتر کان صليبي آيا. هُتي اوڀر کان ڪلداني آيا جڏهن تہ هِتي اوڀر کان تاتاري آيا. هُتي لکين مسلمانن جو رت وهيو، هتي ڪروڙين انسان تلوار هيٺ آيا (موجوده امت مسلمہ جي وسعت جي لحاظ کان هن جا ڪروڙين ماڻهو پراڻي امت مسلمہ جي لکن جي برابر ئي آهن.

هن زوال کانپوءِ اسانجي عروج جو ٻيو دور شروع ٿيو

ہے عياں يورش تاتار کے افسانے سے
پاسباں مل گئے کعبے کو صنم خانے سے

## ايندڙ عذاب جي جهلڪ

هن فصل ۾ جيڪا تمام ناپسند ڳالهہ مونکي ٻڌائڻي آهي اها هيءَ آهي تہ هن جي "ڪاربان ڪاپي" اڄا امت مسلمہ تي اچڻ واري آهي. ان لاءِ تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي حديث ڪوڙي ٿي نٿي سگهي. هي صحيح آهي تہ الله اسانکي مغربي وحشيت کان ڇوٽڪارو ڏياريو آهي. ليڪن اسين هاڻ وڏيڪ وڏي امتحان ۾ وڌا ويا آهيون. پهرين تہ (بطور عذر) اسان چئي ٿي سگهياسين تہ اسان انگريزن، فرانسيسين ۽ اطالوين جا غلام آهيون، هاڻ تہ غلامي ختم ٿي وئي. ليڪن غلامي جي خاتمي جي باوجود دنيا ۾ ڪوبہ اهڙو مسلمان ملڪ نہ آهي جنهن هِن نظام کي قائم ڪيو هجي جيڪو محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جي امانت و وراثت جي حيثيت سان اسان وٽ آهي. لهذا امتحان ۾ هن ناڪاميءَ جو نتيجو تہ نڪرڻو ئي آهي.

اڳتي هلي دجال جو ظاهر ٿيڻو آهي. يهودين کي اڃا عظيم تر اسرائيل قائم ڪرڻو آهي. هُن جي نقشي ۾ تقريباً اڌ عرب جزيره موجود آهي. مديني سميت مصر جي پوري زرخيز علائقي تي انهن جي دعويٰ آهي. عراق ۾ هُو قيدي ٿي رهيا آهن ان لاءِ هن تي بہ انهن جي دعويٰ آهي ۽ شام تہ انهن جو اصلي گهر آهي. ترڪيءَ جو مشرقي حصو بہ انهن جي نقشي ۾ شامل آهي. هڪ پاسي انهن جا هي ارادا آهن ۽ ٻئي پاسي ڪابہ مزاحمت شروع کان موجود ئي ناهي. عالم عرب منجهان ڪنهن ۾ دم آهي؟ عراق جي ڪجهہ "ايٽمي طاقت" هجڻ جو أنديشو ٿي ويو هو تہ اسرائيل سعودي عرب جي فضائي حدن مان لنگهي عراق جا ايٽمي ري ايڪٽر تباهہ ڪري ڇڏيا ۽ باقي جيڪا ڪسر رهجي وئي هئي اها خليج جي جنگ پرنڪري وئي. آمريڪي فوجي جنرل شوازڪوف صاف چيو آهي تہ اسان جنگ وڙهي ئي اسرائيل جي حفاظت جي لاءِ آهي.

## نزول مسيح ۽ خروج دجال

حديث مبارڪ ۾ جنهن "الملحمة العظمي" (جنگ اعظم) جو ذڪر آهي ان جي باري ۾ هي الفاظ اچن ٿا ته ايترا انسان قتل ٿيندا جو هڪ پکي اڏامندو هلندو ويندو ليڪن هن کي سواءِ لاشن جي ٻيو ڪجهه نظر نه ايندو. ايستائين جو هو ٿڪجي ڪري پوندو ته لاش تي ئي ڪرندو.

"الملحمة العظمي، خروج دجال ۽ دجالي فتني مان ڇا مراد آهي؟ هڪ شيءِ دجالي فتنو آهي، ان جو مفهوم ڪجهه ٻيو آهي. هن فتني ۾ ته اسين سڀ مبتلا آهيون. هڪ "المسيح الدجال" آهي. هي در حقيقت هڪ يهودي هوندو. هن جي دعويٰ هيءَ هوندي ته "آئون مسيح آهيان" هي دعويٰ ان بنياد تي ڪندو ته يهودين وٽ حضرت مسيح ع جي باري ۾ پيشنگوئيون موجود هيون. يهودي ان کي پنهنجو نجات ڏياريندڙ مڃيندا پئي آيا. اهو نجات ڏياريندڙ حضرت مسيح ع ابن مريم هئا. جن جي بعثت ٿي به چڪي پر يهودين ان جو انڪار ڪري ڇڏيو. بلڪ پنهنجي طرف کان ته ڄڻ هُن کي ڦاهي تي چاڙهي ڇڏيو. لهذا هن جي جڳهه يهودين جي خيال ۾ اڃا به خالي آهي. هاڻ ڪو شخص يهودين منجهان عظيم تر اسرائيل قائم ڪرڻ جو پڪو عزم ڪري اٿندو. ان جي رستي ۾ هاڻ ڪابه رڪاوٽ ناهي. صدام حسين کي ته آمريڪا ان ڪري ڍَر ڍئي رهيو آهي ته جيڪڏهن هن کي هٽايو ويو ته پوءِ ايران کي اڳتي وڌڻ کان روڪڻ واري ڪا طاقت نه رهندي. صدام حسين جيڪڏهن اڃا تائين اقتدار جي ڪرسي تي آهي ته هُو پنهنجي طاقت سان ٿورو ئي آهي بلڪِ هن جي پنهنجي ته ڪا به حيثيت ناهي.

اِن طرح خود يهودين منجهان دجال نڪرندو۽ پوءِ "خون اسرائيل" نه خون اسماعيل جوش ۾ ايندو. حضور صلي الله عليه وسلم، جو اسماعيل جي اولاد منجهان آهن، جي امت مان اهو عظيم قائد اٿندو جيڪو مهدي جي نالي سان مشهور آهي (جڏهن ته مهدي ان جو نالو نه

صفت آهي)-

مون پنهنجي طور "ظهور مهدي" جي لفظن جي بدران "عظيم قائد" جو لفظ استعمال ڪيو آهي تہ متان اهل تشيع جي امام غائب جي ظهور ڏانهن اشارو نہ سمجهيو وڃي. اسانجي خيال ۾ عالم عرب مان هڪ قائد ايرندو. هن جي قيادت ۾ مسلمان صالحين اها جنگ ڪندا جو آسمان مان بہ مدد ايندي. حضرت عيسىٰ جو نزول ٿيندو۽ هي اصل عيسىٰ عہ هوندو جيڪو ان ڪوڙي جعلي مسيح کي مقام لد تي قتل ڪندو. هيءَ ٺي اها جاءِ آهي جيڪا هن وقت "لدا" جي نالي سان اسرائيل جوسڀ کان وڏو "Air Base" آهي. ان ڪانپوءِ حضرت عيسىٰ عہ صليب ڀڃي ڇڏيندو، ڇوڻ صليب جو عقيدو ختم ڪري ڇڏيندو. هُو چوندو تہ مونکي تہ ڪنهن بہ صليب تي نہ چاڙهيو هو، مونکي تہ الله کڻي ورتو هو، الله ٺي ڀيهر هيٺ لاٿو. توهانجو هيءَ عقيده صليب ڪوڙو آهي. ان کان علاوه پاڻ خنزير (سوئر) کي قتل ڪندا، ڇوڻ خنزير کي حرام قرار ڏيندا. سڄي دنيا تي اسلام جو غلبو ٿيندو، شريعت موسوي عہ ۽ شريعت محمد ﷺ گڏجي دنيا تي ڇانئجي ويندي يون ۽ ان طرح پوري دنيا تي اسلام جو غلبو هوندو.

ليڪن انکان پهرينَ تمام وڏي سزا امت محمد صلي الله عليه وسلم بالخصوص ان جي سڀ کان افضل حصي کي ملي رهندي. هن اصول تي تہ:

جن کے رتبے ہیں سوا، ان کی سوا مشکل ہے

عربن جو رتبو بلند آهي جو نبي صلي الله عليه وسلم جن انهن ٺي منجهان هٺا- پوء الله جو آخري ڪتاب انهن جي زبان ۾ نازل ٿي. اسانکي قرآن سمجهڻ لاء وڏي محنت ڪرڻي پوي ٿي. جڏهن تہ عربي انهن جي مادري زبان آهي.

دنيا جي هڪ ارب ٿيهہ ڪروڙ مسلمانن منجهان هڪ عرب جي تعداد ۾ غير عرب آهن جڏهن تہ عربن جو تعداد پنجويهہ ڪروڙن کان

زياده نہ آهي. غير عرب مسلمانن منجهان چاليهہ ڪروڙ تہ ڏکڻ ايشيا، برعظيم پاڪ وهند ۾ رهن ٿا. انهن چاليهہ ڪروڙن منجهان ڏهہ ڪروڙ مسلمان پاڪستان ۾ آهن. ڏهہ، يارهن ڪروڙ بنگلاديش ۾ هوندا جڏهن تہ ڀارت ۾ گهٽ ۾ گهٽ ارڙهن ڪروڙ مسلمان موجود آهن. عالم اسلام ۾ ثقافتي مرڪز بہ ٻہ ئي رهيا آهن. عربن جي لاءِ ثقافتي مرڪز مصر ۽ عجمي مسلمانن جي لاءِ هيءُ برعظيم رهيو آهي. هڪ هزار سالن تائين سيئي ديني بزرگئي وارا عالم عرب ۾ پيدا ٿيا جڏهن تہ چار سؤ سالن کان سڀ ديني بزرگ برعظيم پاڪ وهند ۾ پيدا ٿيا.

اسلام جي نالي تي تحريڪ هن ئي برصغير ۾ هلي جنهنجو نتيجو قيام پاڪستان آهي. آئون پاڪستان جي باري ۾ شڪ وشبهہ جي ڪيفيت ۾ آهيان هڪ اعتبار کان سڄي امت مسلمہ ۾ عربن کانپوءِ سڀ کان وڏا مجرم اسين آهيون. هن لاءِ تہ انهن کانپوءِ فضل بہ سڀ کان زياده اسانتي ئي ٿيو آهي. ويهين صدي عيسوي ۾ عظيم شخصيتون هتان ئي ابريون. علامہ اقبال جهڙو مفڪر هتي پيدا ٿيو، جنهنجي مقابلي جي شخصيت پوري عالم اسلام ۾ پيدا نہ ٿي. پوري دنيا ۾ فقط هيءُ ئي هڪ ملڪ اهڙو آهي جو هن دور ۾ اسلام جي نالي تي ظاهري طور وجود ۾ آيو پاڪستان جو قيام معجزي کان گهٽ ڪونهي. ڪجهہ مهينا اڳ جيڪو گانڌي هي چئي رهيو هو تہ پاڪستان منهنجي لاش تي ئي ٺهي سگهي ٿو، هن کي پاڪستان تسليم ڪرڻو پيو. بهرحال پاڪستان باري ۾ هيءُ ئي چئي ٿو سگهان تہ "Hope for the best and be prepared for the worst" (اميد تہ بهتريءَ جي رکو ليڪن خراب (حالات) جي لاءِ تيار رهو).

## پاڪستان ۾ خلافت جو جياڻ

تنهن هوندي بہ هڪ ڳالهہ يقين سان چئي ٿو سگهان تہ خلافت جو رائج ڪرڻ هتان ئي شروع ٿيندو. هن لاءِ تہ پوري اسلامي دنيا ۾

فقط ۽ فقط هي ملڪ اهڙو آهي جنهن ۾ قرارداد مقاصد منظور ٿيو ۽ ڏهه ڪروڙ عوام جي اسيمبلي اعلان ڪيو ته اسين حاڪميت تان دستبردار ٿيون ٿا. حاڪميت فقط ۽ فقط الله تعاليٰ کي حاصل آهي. اسان وٽ جيڪي به اختيارات آهن اهي هڪ امانت آهن ۽ هي انهن ئي حدن جي اندر اندر استعمال ٿيندا جيڪا اصل حاڪم مقرر ڪيا آهن. دنيا جي باقي سيني ملڪن جي دستورن ۾ وڌ کان وڌ هي آهي ته ڪنهن ملڪ جي سرڪاري مذهب جو نالو اسلام لکي ڇڏيو ويو آهي جيڪا تمام محدود ۽ اڻ ڇتي ڳالهه آهي.

تبديلي هتان ئي ايندي پر ان تبديلي جي عمل شڪل يا ته هيءَ ٿي سگهي ٿي ته "Hope for the best" جي مصداق يعني الله تعاليٰ اسان کي توبه جي توفيق عطا فرمائي ۽ بغير ڪنهن وڏيڪ عذاب ۽ سزا جي اسين الله جي طرف موٽي اچون. ۽ هي توبه ڪرڻ وارا ايترا ته گهڻي تعداد ۾ هجن جو گڏ ٿي هتي انقلاب برپا ڪري ڇڏين. ڳڻپ جيترن چند ماڻهن جي توبه سان ظاهر آهي ته ڪم نه هلندو. جيڪڏهن هن توبه جو آغاز بهرحال ماڻهن سان ٿيندو ته:

ہر فرد ہے ملت کے مقدر کا ستارا!

پر ڇا اجتماعي توبه جي هيءَ توفيق اسان سيني کي نصيب ٿيندي؟ عذاب جو هڪ موچڙو اسان تي پنجويهه سال اڳ لڳي چڪو آهي. پر اسين هڪ دفعو وري ان عذاب جا مستحق بنجي چڪا آهيون. تاريخ مان اسان ڪوبه سبق نه سکيو. عذاب جو اهو موچڙو ڪو معمولي نه ڪونه هو. بدترين شڪست هئي. پاڪستان به ٽڪر ٽي ويو، ٩٣ هزار فوجي ۽ سويلين ان هندو جي قيد ۾ ويا جنهن تي اسان اٺ سؤ سالن تائين حڪومت ڪئي هئي. ان ڪانپوءِ الله تعاليٰ اسانکي وڏيڪ مهلت ڏني پر افسوس! حالات ان طرف وڃي رهيا آهن ته ڪٿي تاريخ وري پنهنجو پاڻ نه دهرائي. ڪنهن قوم تي جڏهن عذاب جا آثار شروع ٿي ويندا آهن ته پوءِ اهو ٽرندو نه ٽري. پوري انساني تاريخ ۾ ان جو واحد مثال حضرت يونس عليه السلام جي قوم آهي جنهن عذاب جا نمايان آثار ڏسي

اجتماعي توبه ڪئي ۽ ان جي نتيجي ۾ ايندڙ عذاب ٽري ويو. هي ئي هڪ رستو پاڪستان جي مسلمانن لاءِ به آهي ته اجتماعي توبه ڪري الله سان ڪيل واعدن ۽ اقرارن کي پورو ڪن. جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته انديشو آهي ته ڪو اڳئين کان به سخت موچڙو اسانجي پٺيءَ تي لڳندو.

تبديليءَ جي ٻي عملي صورت هيءَ ٿي سگهي ٿي ته عذاب جي هن پهرئين موچڙي کانپوءِ اسين هوش ۾ اچي وڃون. جيڪڏهن ائين ٿيو ته هيءُ وڏو مبارڪ موچڙو هوندو. جيئن ته الله تعاليٰ جو ارشاد آهي:

"ولنذيقنهم من العذاب الادنىٰ دون العذاب الاكبر لعلهم يرجعون"
(السجده: ٢١)

"اسين انهن کي آخري وڏي عذاب کان اڳ ننڍي عذاب جو مزو چکائينداسين شايد ته هو موٽي اچن"-

انهي ننڍي عذاب جو هڪ موچڙو اسان تي پيو هو ليڪن به هزار ميل پري هجڻ جي سبب کان اسان محسوس ئي نه ڪيو. ڪيترا ماڻهو مئا. ڪيتريون عصمتون لٽيون ۽ ڪيترا گهر اجڙي ويا. ان جو اسانکي اندازو ئي ڪونهي. حد ته اها آهي ته اڍائي ٽي لک پاڪستاني اڄا تائين اتي پيا آهن ۽ جانورن کان به بدتر حالت ۾ هڪ هڪ ڪوٺيءَ ۾ پندرهن پندرهن انسان رهيا پيا آهن! مگر اسين بهرحال مڪمل تباهي کان بچي وياسين. اسانکي الله تعاليٰ تازو عمل جي ڍر (Fresh lease of exis-tance) عطا ڪري ڏني. جيتوڻيڪ الله تعاليٰ نڪسن جي دل موڙي ڇڏي، هن Hot line تي ڀارت کي الٽيميٽم Ultimatum ڏئي ڇڏيو. ڪوسيجن به اندرا گانڌي کي حڪم جاري ڪري ڇڏيو- جيڪڏهن الله تعاليٰ جي طرف کان،هيءَ خصوصي مداخلت نه هجي ها ته پوءِ جيڪا تباهي اچڻي هئي ان جو اندازو نٿو ڪري سگهجي. ان جو Morale (انتظام) آسمان تي هو جڏهن ته اسانجو زمين جي تري ۾- اسانجي فضائيه مفلوج ٿي چڪي هئي- اسانجا جهاز ته چُري به نه ٿي سگهيا. ڀارت کي روس جا ڏنل اولڪس طياره ڀارت کي پاڪستان ۾ اڏامندڙ جهرڪيءَ جي به خبر ڏيندا هئا. هو اسانجي بحريه کي ڪياماڙي ۾ حملو ڪري هليا

ويندا هئا. اسانجو Land defence ٽٽي چڪو هو سواءِ هيڊ سليمانڪي جي- شڪرڳڙهه ۽ راجستان ۾ اسانجو محاذ ٽٽي چڪو هو- انهن حالتن ۾ آمريڪا ۽ روس جي صدرن جي مداخلت الله تعاليٰ جي طرف کان دلين جي ڦيرائڻ جي قوت جو ظهور ۽ مغربي پاڪستان جو بچي وڃڻ الله جي مرضيءَ جو مظهر آهي.

## ڀارت ۾ هندومت جو جيارڻ

پاڪستان جي تبديليءَ جي حوالي سان ٽئين ۽ آخري ڳالهه تمام دل جي ڳري بارسان چئي رهيو آهيان- ڀارت ۾ هندومت جو جيارڻ وڏي تيزيءَ سان ٿي رهيو آهي. ايوڌيا جي مسجد ڊاهڻ جي لاءِ ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ کان جيڪي ٽي لک ڪارڪن پهتا آهن، انهن جي نظم وضبط (Discipline) جو هيءُ عالم هو ته هندوستان جي ڪنڊ ڪڙڇ کان آيا مگر مسلمانن کي ڪٿي به نقصان نه پهچايو. هيءُ ڪم ڊسيپلين کانسواءِ ممڪن ناهي- ميڙيل هجوم کي قابو ۾ ٿئو رکي سگهجي. هي اعليٰ تربيت يافته ۽ منظم ڪارڪن هئا. انهن جو بس هڪ ئي مقصد هو، بابري مسجد کي مسمار ڪرڻ- اها ڊاٺي ۽ واپس هليا ويا. فساد جيڪي ٿيا بعد ۾ ٿيا، جڏهن مسلمانن تحريڪ هلائي-

آئون هي حقيقتون ڇهن سالن جي عرصي کان ٻڌائي رهيو آهيان ته آر ايس ايس ۾ ٢٥ لک ڪارڪن موجود آهن، جن سيني جو مقصد اسلام ۽ پاڪستان جو خاتمو آهي. تازو هينئر هن جي ٽئين گرو "ديوداس" هندوستان جي سيني هندو سماجي، علمي، سياسي ۽ غير سياي تنظيمن کي هڪ اطلاع نامو (Circular) موڪليو آهي. جنهن ۾ هن چيو آهي ته هاڻ وقت اچي ويو آهي ته اسين هندستان جي سرزمين کي مسلمانن جي نجاست (پليتي) کان پاڪ ڪريون- ان گرو وڌيڪ لکيو ته آئون توهان کي يقين ٿو ڏياريان ته جيڪڏهن ڪجهه ردعمل ٿيندو ته اهو پاڪستان ۽ بنگلاديش ۾ ٿيندو جنهن جي اسانکي پرواهه

ڪانهي. باقي پوري عالم اسلام ۾ ڪتي ردعمل ڪونہ ٿيندو. هن اهي الفاظ جو استعمال ڪيا آهن تہ "آئون توهانکي يقين ٿو ڏياريان.... ..... ان لاء تہ ايوڌيا جي مسجد جي مسمار ڪرڻ تي پوري عالم اسلام مان هن ٻن ملڪن ...... پاڪستان ۽ بنگلاديش ...... کان علاوه ڪتي ردعمل نہ ٿيو. ڪنهن مسلمان ملڪ ايترو بہ نہ چيو تہ مسجد ٻيهر تعمير ڪريو نہ تہ اسان جا توهان سان تجارتي تعلقات ڪٽجي ويندا. سفارتي تعلقات ٽوڙڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، جيڪڏهن فقط امارات، سعودي عرب ۽ ڪويت جي هيءَ ڌمڪي اچي وڃي ها تہ اسين تجارتي تعلقات ختم ڪري رهيا آهيون تہ ڀارت جا هوش ٺڪاڻي اچي وڃن ها.

هيءَ آهي ٽئين صورت جيڪا بدترين هوندي-

هڪ طرف تہ هندومت جي تيزيءَ سان جيئڻ تي رهيو آهي ۽ ٻئي طرف صورتحال هيءَ آهي تہ اسين بدترين انتشار جو شڪار آهيون.

- تازو اليڪشن (۱۹) ۾ ديني، مذهبي سياسي جماعتن جو جيڪو حشر ٿيو اهو اسان سڀني جي سامهون آهي. مگر ڪا خبر ڪانهي تہ تاريخ هڪ دفعو وري پنهنجو پاڻ دهرائي جو هندو قوم جي هٿان اسان کي تہ نيست و نابود ڪرايو وڃي ليڪن الله تعاليٰ هن کي اسلام آڻڻ جي توفيق عطا فرمائي.

ہے عیاں یورش تاتار کے افسانے سے
پاسباں مل گئے کعبے کو صنم خانے سے

## نظام خلافت ڪڏهن ۽ ڪٿي قائم ٿيندو؟

بهرحال هن ٽن صورتن منجهان خواهہ ڪهڙي بہ پيش اچي مونکي يقين آهي تہ انشاء الله خلافت جو جيارڻ هن ئي خطي کان ٿيندو. هڪ سوال جو جواب مون وٽ نہ آهي تہ هي جيارڻ ڪڏهن ٿيندو؟ آئون ڇا جواب ڏيندس جڏهن تہ قرآن خود حضور صلي الله عليه وسلم جن کان چورايو آهي:

(ان ادري اقريب امر بعيد ما توعدون ○) الانبياء ۱۰۹)
" آئون نٿو ڄاڻان تہ (جنهن ڳالهہ جي خبر توهانکي ڏني پئي وڃي) جيڪو واعدو توهان سان ڪيو پيو وڃي سو ويجهو آهي يا پري" اهڙي طرح سورة جن ۾ آيو آهي؛
(قل ان ادري اقريب ماتوعدون امر يجعل له ربي امدا ○)
(الجن؛ ۲۵)
يعني "مونکي معلوم ناهي تہ (جيڪا خبر توهانکي ڏني پئيوڃي) جيڪو واعدو توهان سان ڪيو پيو وڃي سو قريب اچي چڪو آهي يا ايا ان ۾ توهانجو رب دير ڪندو"-
هن ئي خطي مان نظام خلافت جي جيارڻ جو يقين مونکي بهرحال حاصل آهي. هاڻ آئون ان جي تائيد ۾ بہ حديثون پيش ڪري رهيو آهيان. هڪ حديث ابن ماجه حضرت عبدالله بن حارث رضہ کان روايت ڪئي آهي؛
" مشرق ڪان فوجون نڪرنديون جيڪي مهدي جي حڪومت قائم ڪرڻ لاء ملڪن جا ملڪ فتح ڪندي ايندي"-
هن حديث مان معلوم ٿيوتہ مشرق جي ڪنهن علائقي ۾ اهو نظام خلافت پهرين قائم ٿي چڪو هوندو. ٻي حديث ابوهريره رضہ کان روايت آهي ۽ ان کي امام ترمذي رح پنهنجي "جامع" ۾ روايت ڪيو آهي؛
" خراسان جي طرف کان جهنڊا کڄي هلندا. انهن کي ڪير بہ روڪي نہ سگهندو جيستائين اهي ايلياء ۾ وڃي کوڙيا نہ وڃن"-
(حضور صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ يروشلم جو نالو ايلياء هو) خراسان هن علائقي جو نالو آهي جنهن جو ڪجهہ حصو هن وقت پاڪستان ۾ آهي ۽ گهڻو حصو افغانستان ۾ آهي. جڻ هني ئي علائقا آهن جتان خلافت جو آغاز ٿيندو.
بظاهر بهتريءَ جي ڪابہ صورت نظر نٿي اچي ڇاڪاڻ تہ عربن کانپوء سڀ کان وڏي ڏوهاري قوم پاڪستان جا مسلمان آهن. هن

وقت پاڪستان ڪليو سڪيولر ازم جي طرف وڃي رهيو آهي ايتريقدر جو قومي شناختي ڪارڊ تي مذهب جو خانو تائين درج نہ آهي. ان لاءِ تہ هي ڳالهہ عيسائين کي پسند نہ هئي. ايستائين ۾ مذهب جو خانو ختم ڪرائڻ جي لاءِ پوپ صاحب بہ ڳالهائي وڌو. هي سڀ هن ملڪ ۾ ٿي رهيو آهي جيڪو اسلام ئي جي نالي ظاهري وجود ۾ آيو هو.

جهڙوڪ هن ڪان اڳ واضح ڪري چڪو آهيان تہ حديثن جي ڪتابن ۾ ڪتاب الفتن و ڪتاب الملاحم" مان مراد جنگين جو باب آهي. هنن ۾ خاص طور تي "الملحمة العظمىٰ" جو ذڪر ملي ٿو جيڪا تاريخ انساني جي عظيم ترين جنگ هوندي. ان ڪانسواءِ حديثن ۾ قيامت جون علامتون، دجال جو نڪرڻ، عرب ۾ مهدي جي قيادت جو ظهور، مشرق ڪان فوجين جي آمد، آسمان ڪان حضرت مسيح جو نازل ٿيڻ، ان جي نتيجي ۾ يهودين جو استيصال ۽ پوءِ عالمي سطح تي اسلام جي نظام خلافت علىٰ منهاج النبوة جي قيام جون پيشنگوئيون موجود آهن. مون هن ڪان اڳ بہ چيو آهي تہ هي اهي حالات آهن جيڪي منهنجي خيال ۾ تہ گهٽو پري ناهن، مثالن ۾ ثبوتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ معاملو تمام ويجهو پهچي چڪو آهي.

الله تعالىٰ جي ذات مبارڪ کي ڪنهن ڏٺو آهي- فقط ان جي نشانين مان ئي ڪيس سڃاتو وڃي ٿو.

حق میری دسترس سے باہر ہے
حق کے آثار دیکھتا ہوں میں

اهڙي طرح جيڪي پيش ايندڙ حالات آهن ۽ قيامت ڪان اڳ جون جيڪيعلامتون آهن، نبي صلي الله عليه وسلم جن انهن کي وضاحت سان بيان ڪري ڇڏيو آهي جڏهن تہ ڏسڻ وارا انهن کي ڏسي رهيا آهن- محسوس ٿئي ٿو تہ ڄڻ تہ بسترو وڇايو پيو وڃي، جهڙوڪ ڪنهن ڊرامي جي لاءِ اسٽيج تيار ڪيو وڃي ٿو ۽ سامان فراهم ڪيو وڃي ٿو- جيڪي ڪجهہ پيش اچڻ وارو آهي اهو درحقيقت ۾ مسلمان امتن جي سزائن جون آخري قسطون آهن جيڪي تہ هاڻ اچڻ واريون آهن.

## حادثات ۽ واقعات جو ظاهر ۽ باطن

هڪ اصولي ڳالهہ اجا سمجهي وڃي تہ تاريخ ۾ جيڪي وڏا وڏا حادثا ۽ واقعا رونما ٿين ٿا انهن جو هڪ ظاهر هوندو آهي ۽ هڪ باطن. ظاهر ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون قوتون ۽ عوامل ڪار فرما آهن، باطن ۾ اصل حقيقت ڪهڙي آهي ۽ تقدير الاهي ڪهڙي طريقي سان پنهنجو انڪشاف ظاهر ڪري رهي آهي، هي ٻہ شيون بلڪل جدا جدا آهن- اڪثر ڪري ظاهري اعتبار کان جن شين جي جن واقعات ۽ حادثات جي تمام گهڻي اهميت هوندي آهي، باطني اعتبار کان انهن جي ڪا بہ اهميت نہ آهي. اهڙي طرح باطني اعتبار کان جن ڪمن جي اهميت هوندي آهي اهي ظاهري اعتبار کان اهميت جي حامل نظر نٿا اچن. ان جو سڀ کان وڏو مثال هي آهي تہ جن حالات ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت ٿي آهي ان وقت جي دنيا ان واقعي جي اهميت ڪي ڇا سمجهيو هوندو؟ دنيا جي هڪ ننڍڙي ڪنڊ ۾، عرب جزيري جي ويران بيابان ۾ هڪ ننڍڙو واقعو ٿيو- پوءِ ان واقعي اڳتي هلي اتي انقلاب برپا ڪري وڌو- پر دنيا تي ان جو يا ان جي نتيجي ۾ برپا ٿيندڙ انقلاب جو فوراً اثر ڇا ٿيو هوندو. مشرق کان مغرب تائين پکڙيل دنيا ۾ آباد انسانن جي اڪثريت هن جو ڇا نوٽيس ورتو هوندو؟ ليڪن معنوي اعتبار کان هي ڪيترو اهم واقعو هو. حضور صلي الله عليه وسلم جي بعثت نبين ۽ رسولن جي سلسلي جو خاتمو ۽ تڪميل آهي. هن بعثت جي ڪري روءِ زمين تي ڪيڏو وڏو انقلاب برپا ٿيو؟ جڏهن تہ ان وقت جي حالات ۽ واقعات ۾ ڪجهہ ٻيون قوتون وڌيڪ مؤثر نظر اچن ٿيون. حقيقت ۾ باطني معاملو تہ "الله جي مرضي" جو آهي. الله تعاليٰ جو جيڪو قانون آهي، هن جي جيڪا سنت آهي. هي واقعو ان جو ظهور آهي ۽ جهڙوڪ هن کان اڳ چيو ويو مسلمان امت تي بہ عذاب اچي ٿو ۽ ڪافرن کان وڌيڪ عذاب اچي ٿو- پر ڪافرن جي متعلق هيءَ ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ اهي ڪافر جن ڏانهن براه راست ڪو رسول آيو

هجي، ۽ رسول جي طرف کان انتهائي ڪوشش جي باوجود، اهي ايمان نہ آڻين تہ اهڙن ڪافرن کي ڪابہ رعايت نٿي ملي. پر ان کان علاوه اهي ڪافر جن تي ڪنهن رسول براهہ راست ڪوشش پوري نہ ڪئي انهن تي دنيا ۾ ڪوبہ عذاب نٿو اچي. انهن جو سمورو معاملو آخرت ۾ ئي چڪايو ويندو. هن دنيا ۾ سڄ ارسولن جي امتن کي سندن اعمال ۽ قول و فعل جي تضاد جي بنياد تي ملي ٿي. سورة صف آيت ٢ ۾ اهي:

(ياايهاالذين آمنو لم تقولون مالا تفعلون O
كبر مقتاً عندالله ان تقولوا مالا تفعلون O)

"اي ايمان وارو ڇو چوندا آهيو جيڪو ڪريو نٿا- ناراضگيءَ جي لحاظ ڪان الله جي نزديڪ هي ڳالهہ تمام وڏي آهي تہ اهو چئو جيڪو ڪريو نٿا"

هن ڳالهہ جو تجزيو ڪرڻ مشڪل نہ آهي- هڪ قوم دعوي ڪري ٿي تہ اسين الله کي مڃيون ٿا، هن جي رسول کي مڃيون ٿا، هن جي ڪتاب کي مڃيون ٿا ۽ هن جي شريعت کي مڃيون ٿا- پر هي سڀڪجهہ مڃڻ ڪانپوءِ عمل نٿا ڪن يا عمل ڪن ٿا تہ معمولي طور (٢٠) تي- پنهنجي هن طرز عمل جي ڪري اها مسلمان امت جيڪا زمين تي الله جي نمائندگي جي منصب تي فائز هئي، ان مخالف نمائندگي شروع ڪري ڏني آهي. هي امت هاڻ خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ اوٽ بڻجي وئي آهي. دنيا هن کي ڏسي ٿي ۽ انهيءَ ئي جي حوالي سان دين کي سمجهي ٿي. هن وقت هيءَ امت خدا جي مخلوق کي دين جي طرف اچڻ جي بدران ان کان ماڻهن کي متنفر ڪري رهي آهي.

پنهنجي هن طرزعمل ۽ غلط نمائندگي جي سبب هيءَ ڪافرن کان وڏيڪ مجرم ۽ وڏيڪ سزا جي مستحق بڻجي چڪي آهي. هيءُ ئي سبب آهي تہ امتِ محمد صلي الله عليه وسلم هڪ مغضوب ۽ ملعون قوم (٢١) جي حثان مري رهي آهي ۽ وڏيڪ مرندي.

## يھودين جا خواب ۽ انھن جو تعبير

يھودين جي ارادن کي اڳون تفصيل سان بيان ڪري چڪو آھيان. اسانجي ھڪ دوست، جيڪو پي آء اي ۾ ڪم ڪري ٿو، ھڪ ڪھڙائيندڙ ڳالھہ ٻڌائي. گذريل ڏينھن ۾ ھو پنھنجي فلائيٽ تي بنگڪاڪ ويل ھئو، اتي ٽيليويزن تي ھڪ فلم "Stories of the Bible" ڏيکاري پئي وئي. ھن فلم ۾ تاريخي دليل و ثبوت ۽ انگ اکر پيش ڪيا ويا آھن جنھنجي ذريعي يھودي ھيءُ پرچار ڪري رھيا آھن. تہ سندن "تابوت سڪينہ" (٢٢) مسجد اقصيٰ جي ھيٺان ھڪ سرنگ ۾ موجود آھي. جڏھن بخت نصر ھيڪل سليماني کي ڊاٺو ھو، يھودين جي دعويٰ مطابق اھو انھيءَ وقت کان اتي دفن آھي. ان ڪري يھودي ان کي ٻيھر ڪڍڻ جي ڪوشش بہ ڪري چڪا آھن. ان ۾ تہ ھو ناڪام رھيا پر ھاڻ گھڻي تيزيءَ سان ان طرف وڃي رھيا آھن تہ ھيڪل سليماني جي تعمير ۽ "تابوت سڪينہ" جي تلاش ۾مسجد اقصيٰ کي مسمار ڪيو وڃي. اسرائيل جي سپريم ڪورٽ فيصلو ڏئي چڪي آھي تہ "يروشلم" اسرائيل جو "اڻ ٽٽ حصو" آھي.

حالات ھاڻ روشن ڏينھن وانگر واضح ٿي رھيا آھن. جيڪي ماڻھو احاديث صحيحہ کان لاپرواھي ڪن ٿا انھن جي حالت تي مونکي نھايت افسوس ٿئي ٿو- ھاڻ تہ حقيقتون حديث مبارڪہ جي مشابھت (٢٣) "مثل فلق الصبح" صبح صادق وانگر کلي سامھون اچي ويون آھن.

يھودين جي جيڪا سزا رکيل ھئي ان جي نافذ ٿيڻ جو وقت بہ ويجھو اچي چڪو آھي. اڳون انھن حقيقتن کي قرآن جي حڪمت جي بنياد تي ميچيان ٿو- حديثون ان جي تائيد ڪنديون نظر اچن ٿيون. علاوہ ان جي عقل و منطق بہ ان ڳالھہ جي تائيد ڪري ٿي. اوھان غور ڪرڻيو تہ يھودين کي ڪير ختم ڪري سگھي ٿو؟ اسرائيل وٽ ڪيترا ايٽم بم موجود آھن؟ مسلمان ملڪن منجھان ڪنھن وٽ ھڪڙو بہ ڪونھي. دنيا کي ڪجھہ پاڪستان تي شڪ ٿيڻ لڳو آھي تہ ھن وٽ

"اسلامڪ بم" آهي. آمريڪي سينيٽرز به اچي چئي ويا آهن ته اسانکي "اسلامڪ بم" کان تمام گهڻو خوف ٿو اچي. لهذا اسرائيل ۾ يهودين کي ته اهي ئي آخري درجي جا معجزا ختم ڪري سگهن ٿا جيڪي حضرت مسيح عه کي ڏنا ويا آهن. انهيءَ لاءِ حديث ۾ آيو آهي ته حضرت مسيح جي نظر جيستائين ويندي يهودي پگهرندا ويندا رهندا. هي الفاظ به حديث ۾ آهن ته جيڪڏهن ڪو يهودي ڪنهن پٿر جي پٺيان لڪندو ته اهو پٿر به آواز ڏيندو ته "اي روح الله هي منهنجي پٺيان هڪ يهودي لڪيل آهي"- ته جڻ هڪ هڪ پيرو "گريٽر اسرائيل" قائم ضرور ٿيندو پر وري اهو ئي ان جو وڏو قبرستان "Greater Grave yard" به بنجندو.

هيءَ ڳالهه به عقل و منطق جي عين مطابق آهي. جيتوڻيڪ يهودين جو "دور انتشار" جيڪو ٧٠ع کان شروع ٿيو آهي، جنهن ڪانپوءِ يهودي پوري دنيا ۾ دربدر ٿي ويا هئا. جتي جنهن کي پناهه ٿي ملي هليو ٿي ويو، ليڪن مختلف ملڪن ۾ پهچي انهن پنهنجا اڏا بنائي ڇڏيا ۽ ڄمي ويهي رهيا. هاڻ يهودين کي ختم ڪرڻ جي لاءِ يا ته پوري دنيا تي عذاب آندو وڃي يا انهن سڀني کي ويڙهي ڪٿي گڏ ڪري هڪ هنڌ ڪٺو ڪيو وڃي هي ٻئي به صورتون ٿي سگهن ٿيون.

اسرائيل جي قيام ڪانپوءِ انهنکي بظاهر لڳاتار فتحون ٿين پيون. انهن جي هٿان عرب مسلمان مار کائي رهيا آهن. پر حقيقت ۾ الله جي مرضي هن طرح سموري گند ڪچري کي ٻهارو ڳهمائي هڪ جاءِ تي ڪٺو ڪري رهي آهي ته جيئن سڀني کي هڪ ئي وقت تيلي سان ٻاري سگهجي. هيءَ ڳالهه سوره بني اسرائيل ۾ موجود آهي پهرئين رڪوع ۾ تاريخ بني اسرائيل جي ڇئن دورن جو ذڪر آهي جڏهن ته آخري رڪوع ۾ فرمايو:

(فاذا جاء وعد الأ خرة جئنا بكم لفيفا ۞ )

"جڏهن آخرت واري واعدي جو وقت ايندو ته اسان توهان سڀني

(يهودين) کي ويڙهي کڻي ايندا سين"

ڏسي وٺو! پوري دنيا کان يهودي اسرائيل جو رخ ڪري رهيا آهن. ظاهر آهي تہ سڀ جا سڀ موجوده اسرائيل ۾ تہ نہ ٿا سمائجي سگهن. لهذا "گريٽر اسرائيل" وجود ۾ آندو ويندو.

انهن سڀني حقيقتن جي باري هاڻ ڪنهن شڪ و شبهہ جي گنجائش نہ آهي- ليڪن هلندڙ وقت ۾ احاديث نبويہ کان جديد تعليم يافتہ طبقو جيڪو منهن موڙي رهيو آهي، اهو فتنہ انڪار سنت، فتنہ قاديانيت جو نتيجو آهي. هن کي اسين "گوشہ نشيني" بہ چئي سگهون ٿا. جڏهن تہ روزانہ «نوائے وقت» ۾ جڏهن منهنجا مضمون شايع ٿيندا رهندا هئا تہ انهن جي حوالي سان هڪ طويل خط مون وٽ آمريڪا کان آيو- خط ۾ چيو ويو هو تہ اوهان پيشنگوئين جون ڳالهيون ڪري رهيا آهيو!! هن جو مطلب تہ هيءَ ٿيو تہ مسلمان انهن جي انتظار ۾ هٿ پير پيچي ويهي رهن؟ هن صاحب سان جڏهن خط وڪتابت جو سلسلو هليو تہ معلوم ٿيو تہ هُو قادياني آهي. مون ان کي جواب ۾ لکيو تہ پيشنگوئيون فقط حديثن ۾ نہ قرآن ۾ بہ تہ آهن. سوره روم جي ابتدائي آيتون پيشنگوئي تي مبني ناهن؟ هن پيشنگوئي ۾ چيو ويو تہ جيتوڻيڪ هن وقت قريب جي سرزمين ۾ مغلوب ٿي ويا آهن ليڪن ڪجهہ سالن جي اندر اندر هُو پيهر غالب اچي ويندا ۽ ان ڏينهن مومن بہ الله جي ڏنل فتح تي خوش ٿيندا. هيءَ پيشنگوئي نون سالن ۾ پوري ٿي وئي. هڪ طرف تہ هر قل يروشلم کي پيهر فتح ڪيو ۽ ايرانين کي شڪست فاش ڏني ٻئي طرف بدر ۾ مسلمانن کي الله تعاليٰ فتح عظيم ۽ يوم فرقان (حق و باطل ۾ فرق ڪرڻ وارو ڏينهن) عطا فرمايو. هيءَ پيشنگوئي نون سالن کانپوءِ حرف بہ حرف پوري ٿي وئي. ڇا نون سالن تائين مسلمان هٿ پير پيچي ويهي رهيا هئا ۽ پيشنگوئي پوري ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا؟ نہ، ان جي برعڪس ٿيو هيئن تہ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم ۽ سندن اصحابن رضہ تڪليفون برداشت ڪيون، هجرت ڪئي، اهل وعيال کي

انسان نما بگهڙن جي رحم و ڪرم تي ڇڏي مديني جو رخ ڪيو ۽ پوء ٿي سؤ تيرهن .... پندرهن سالن جي سخت محنت جو حاصل ..... پاڻ ميدان ۾ آڻي ڇڏيو، تڏهن فتح مبين حاصل ٿي.

هاڻ بہ جيڪي ڪجھہ ٿيندو محنت و ڪوشش سان ٿيندو. جن کي توفيق ملندي اهي هن ڪم ۾لڳي ويندا. جيتوڻيڪ قرآن جي پيشنگوئين وانگر محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن بہ پيشنگوئيون فرمايون آهن، پر نہ قرآني پيشنگوئين جو مطلب هٿ پير ڇڏي ويهي رهڻ هو ۽ نہ حديثن ۾ ذڪر پيشنگوئين جو هي مطلب آهي.

☆☆☆☆

## ياداشتون

١. هن موقعي تي هيءَ ڳالهہ سمجهڻ گهرجي حضرت طالوت کان وٺي حضرت سليمان تائين جو دور جيڪو اٽڪل هڪ سؤ سالن تي ڇانيل آهي. سابقہ امت مسلمہ جي خلافت راشده جو دور آهي.

٢. ان سابقہ امت جو وجود تہ ڪنهن مصلحت جي تحت (جنهنجي وضاحت اڳتي ايندي) هينئر برقرار رکيو ويو آهي تنهن هوندي بہ اها پنهنجي منصب کان معزول ٿي چڪي آهي.

٣. اسان وٽ ڪجهہ ماڻهو "خلفاء ثلاثہ" جي خلافت جائي نہ پر انهن جي عملن ۽ نيڪين جا بہ انڪاري آهن پر سوره نور جي هي آيت انهن جي اِنهن سيني دعوائن جي مڪمل نفي ڪري ٿي. جيئن امام الهند حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلوي رح پنهنجي معرڪة الآراء تصنيف "ازالة الخفاعن خلافة الخلفاء" ۾ جن آيتن تي پنهنجي دليل جو بنياد رکيو آهي انهن مان پهرين آيت هي ئي آهي. حضرت شاهہ صاحب رح پنهنجي دليل کي

واضح ڪري لکيو آهي تہ "جڏهن الله تعاليٰ جي طرف کان ايترا مضبوط واعدا موجود آهن تہ انهن واعدن جو سچو هجڻ آخر ڀاهر بہ تہ ٿيندو ۽ جيڪڏهن "خلافت راشده" جي دور کي خلافت جو دور ۽ آيت جو سچو هجڻ مڃيو وڃي تہ قرآن مجيد جي شهادت جي مطابق پهريان ٽي خليفا بہ ايمان و عمل صالح جو حق ادا ڪرڻ وارا آهن. چڻ حضرت ابوبڪر صديق رضہ حضرت عمر فاروق رضہ ۽ حضرت عثمان غني رضہ ايمان ۽ عمل صالح جا مڪمل واعده صداقت وارا آهن. تڏهن تہ "خلافت" جا حقدار ٿيا-"

هي تہ الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب جي حفاظت جو ذمو خود کنيو آهي- نہ تہ هي ماڻهو هن آيت کي قرآن حڪيم مان هيستائين اهڙي طرح رڳڙي چڪا هجن ها جو ان جي وجود جو سراغ بہ نہ ملي ها.

۴. خواهہ

۵. مولانا ظفر علي خان مرحوم هن آيت جي ترجماني ڪندي فرمايو آهي-

نور خدا ہے کفر کی حرکت پہ خندہ زن
پھونکوں سے یہ چراغ بجھایا نہ جائے گا

٦. انهيءَ مضمون جي آيت سوره توبه ۾ بہ معمولي فرق سان گڏ نازل ٿي آهي؛ يريدون ليطفئوا نورالله بافوا ههم ويابي الله الا ان يتم نوره ولو كره الكفرون- ترجمو: چاهيندا آهن الله جي نور کي وسائڻ پنهنجن واتن سان ۽ نہ رهندو الله پنهنجي نور کي پوري ڪرڻ کانسواءِ جيتوڻيڪ ڪافر ارها ٿين- هن آيت ۾ بہ ذڪر يهودين جو ٿي آهي-

٧. هي اهم نڪتو آهي تہ قرآن مجيد صلح حديبيہ کي فتح مبين قرار ڏنو آهي پر فتح مڪي جو ذڪر اهڙي اهتمام سان نٿو ڪري. ان جو سبب صاف ظاهر آهي تہ صلح حديبيہ ۾ ڪافرن

مسلمانن جي وجود کي هڪ طاقت جي حيثيت سان تسليم ڪري ڇڏيو هو ۽ هيءَ سڀ کان وڏي ڪاميابي هئي. اسانجي زماني ۾ عربن جي مقابلي ۾ يهودين ۱۹۴۸ع ۾ زبردست ڪاميابي حاصل ڪئي پوءِ ٦٧ع ۾ يهودين عربن جي وڏن وڏن علائقن تي قبضو ڪيو ۽ سندن طاقتور حڪومتن مصر ۽ شام کي شڪست ڏني. پر اسرائيل جي اصل ۽ سڀ کان وڏي فتح هي آهي ته اڄ سيئي عرب ملڪ هن کي تسليم ڪرڻ تي مجبور ٿي چڪا آهن. توهين ۽ ذلالت جي حد آهي ته سيني کي اسرائيل جي سامهون هڪ ميز تي گفتگو ڪرڻ جي لاءِ سڏايو ويو آهي. جڏهن ته عرب اِن تي ڪڏهن به تيار نه هئا فقط مصر هي خواري گوارا ڪئي هئي. پر هنيئر سيني کي ميډرډ ۾ سڏائي ويهاريو ويو آهي. هي ميډرډ "تهذيب حجازي" جي مزار اندلس (اسپين) جو مشهور شهر آهي. هن کان اڳ ميډرډ ۾ ڪابه بين الاقوامي ڪانفرنس منعقد نه ٿي ليڪن عربن جي ذلالت جي لاءِ هيءَ جڳهه منتخب ڪئي وئي آهي، جتي آٺ سؤ سال انهن حڪومت ڪئي هئي پر جتان هنن جو پڃو پڃو ختم ڪيو ويو ۽ جتان هنن کي ذليل ڪري ڪڍيو ويو هو.

۸. ۱۹۹۴ع تائين

۹. يعني آئون توهانجي وچ ۾ بنفس نفيس (جسماني ۽ روحاني طور) موجود رهندس پوءِ (انک ميت وانهم ميتون) (زمر:۳۰) موت توکي به اچي ٿو ۽ موت انهن کي به اچڻو آهي) جي تحت الله جي حڪم سان نبي صلي الله عليه وسلم دنيا مان رخصت ڪندا.

۱۰. واضح رهي ته يورپ به صليبي جنگيون پهرين وڙهي چڪو آهي-

۱۱. هن موقعي تي هڪ نهايت عبرت انگيز ۽ سبق آموز واقعو

اسير مالٽا حضرت شيخ الهند مولانا محمود حسن رح جو آهي. اسيري جي دوران انگريز ڪمانڊنٽ سندن درويشي کان متاثر ٿي پيو. پاڻ هن کان پڇيائون تہ اوهان ماڻهو اسانجي خلافت جي پٺيان ڇو اچي پيا آهيو؟ هيءَ تہ هڪ مرده خلافت آهي، هن کان اوهانکي ڪهڙي تڪليف آهي؟ هن جواب ڏنو "مولانا اوهان ايترو ساده نہ ٿجو! اوهان بہ سمجهو ٿا ۽ اسانکي بہ معلوم آهي تہ هي ختم ٿيل خلافت بہ ايتري طاقتور آهي جو جيڪڏهن ڪٿي دارالخلافہ کان جهاد جو اعلان ٿي وڃي تہ مشرق کان مغرب تائين لکين مسلمان سر سان ڪفن ٻڌي ڪري ميدان ۾ نڪري ايندا-!!

۱۲. منطق ۾ ٻن معلوم ياتسليم شده ڳالهين يا واقعن کي ترتيب ڏئي ڪري ڪنهن نامعلوم ڳالهہ جنهن کي نتيجو چوندا آهن، تائين پهچڻ کي قياس چون ٿا- معلوم يا ڄاتل واقعن جو Sub-ject (موضوع) سڏجي ٿو. جنهن واقعي جو موضوع گهڻن ماڻهن تي مشتمل هوندو آهي اهو واقعو "ڪبريٰ" سڏجي ٿو ۽ جنهن جو موضوع نسبتاً گهٽ ماڻهن تي مشتمل هوندو آهي ان واقعي کي "صغريٰ" چوندا آهن. ٻن واقعن ۾ جيڪا مشترڪ ڳالهہ هوندي آهي ان کي "حد اوسط" يعني (درمياني سزا شريعت) چون ٿا- صغريٰ ۽ ڪبريٰ منجهان حد اوسط ڪڍي ڇڏڻ سان نتيجو سامهون اچي وڃي ٿو. مثلاً ڪرڪيٽ راند آهي (صغريٰ) تفريحي راند آهي (ڪبريٰ) نتيجو ڪرڪيٽ تفريح آهي. حد اوسط: "راند" کي ٻنهي جملن مان ڪڍي ڪري نتيجو معلوم ڪيو ويو-

۱۳. هنن ٽن نسبتن منجهان "خليل الله" جي نسبت تمام اهم آهي. حضور صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي زندگي جي آخري ڏينهن ۾ فرمايو هو "لوڪنت متخذا خليلا لاتخذت ابابڪر خليلا"

جيڪڏهن آئون ڪنهن کي پنهنجو خليل بنايان ها (يعني انسانن منجهان) ته ابوبڪر کي خليل بنايان ها. هن حديث مان به عظيم حقيقتون ظاهر ٿين ٿيون. پهرين هيءَ ته انبياء ڪان علاوه انسانن منجهان عظيم ترين انسان ابوبر رضہ آهن. ٻي هيءَ ته هُو به هن مقام تي ناهن ته جنهن کي خليل چئي سگهجي "خليل" اهو لفظ آهي جو الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عہ جن جي لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي- فرمايو: واتخذالله ابراهيم خليلا (النساء:١١٥) يعني: الله تعاليٰ ابراهيم کي خليل بنائي ڇڏيو"-

١۴. جتي جتي توهانکي شان و شوڪت جي اهڙي دنيا نظر اچي ٿي جنهن جي متيءَ مان اميد جو ٻوٽو اپري ٿو، ان دنيا جي رونق يا ته مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي نور سان آهي يا اها دنيا اجا تائين مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي ڳولا ۾ آهي.

١۵. هن "انجمن اقوام" جي باري ۾ اقبال تبصرو ڪيو هو:

بے چاری کئی روز سے دم توڑ رہی ہے
ڈر ہے خبر بد نہ مرے منہ سے نکل جائے
تقدیر تو مبرم نظر آتی ہے و لیکن
پیران کلیسا کی دعا یہ ہے کہ ٹل جائے

١٦. i صيهوني اڪابرن (وڏن) ٽيتيهين ٻيري تي فائز يهودي دانشورن جا ڪيترائي خفيہ اجلاس ١٨٩٧ع کان منعقد ٿيڻ شروع ٿيا.
(ii) صيهوني اڪابرن جي خفيہ اجلاس ۾ سڄي دنيا تي يهودين جي حڪومت قائم ڪرڻ جي لاءِ جيڪو خفيہ دستاويز تيار ڪيو ويو هو اهو "پروٽوڪول" جي مختصر نالي سان مشهور آهي،ان جو پورو نالو The protocol of the learned Zions آهي. هن دستاويز ۾ ٢۴ قانوني فقرا آهن. هن خفيہ دستاويز کي پهرين ٻن روسي اخبارن شايع ڪيو پوءِ عيسائي پادرين ١٩٠۵ع ۾

اِن يهودي سازش کي بي نقاب ڪرڻ جي لاءِ شايع ڪيو. هن جو نسخو برٽش ميوزيم لائبرري ۾ محفوظ آهي. يهودي هن دستاويز کي عام ٿيڻ نٿا چاهين ۽ جتي به هن جا نسخا ملن ٿا انهن کي ضائع ڪرڻ لاءِ آتا رهنتا- ته جيئن غير يهودي انهن جي سازشن کان بي خبر رهن.

۱۷. پهرين جنگ عظيم ۾ برطانوي وزير خارجه جنهن جنگ ۾ يهودي امداد جي عيوض فلسطين ۾جنگ کانپوءِ يهودي حڪومت (اسرائيل) جي قيام جو اعلان ڪيو هو-

۱۸. قرآن حڪيم جي هڪ آيت مان به اشارو نڪري ٿو ته بنهي.... حضرت يوسف عله السلام ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام.... جي درميان ڪو ٻيو نبي نه هو- آل فرعون منجهان هڪ مومن جا هي الفاظ نقل ٿيل آهن: حتيٰ اذاهلک قلتم لن يبعث الله من بعده رسولا) (مؤمن: ۳۴) "ايستائين جو جڏهن هن (حضرت يوسف) وفات پاتي ته توهان هي چوڻ لڳا هاڻ هن کانپوءِ الله ڪو ٻيو رسول نه ڪندو"

۱۹. واضح رهي ته هيءُ خطاب ۱۹۹۳ع جو آهي ۽ "تازه اليڪشن" مان مراد ۱۹۹۳ع جا انتخابات آهن.

۲۰. اسانجي جهالت ۽ بدبختي ماتم جي لائق آهي جو اسان پنهنجي بي عملي، بدعملي يا منافقت کي جائز سمجهڻ لاءِ نوان نوان عذر گهڙي رکيا آهن. جڏهن ته اسين وڏي فخر سان چئون ٿا جيڪڏهن اسان خراب آهيون ته ڇا ٿيو، آهيون امتِ محمد صلي الله عليه وسلم ۾. اسين الله، رسول کي مڃيون ٿا.... نه مڃيندڙن کان ته ڀلا آهيون- اسان وڏي عقيدت سان ظاهر ظهور چئون ٿا "اسين تنهنجي محبوب جا امتي آهيون" ۽ پوءِ جيڪڏهن اسين ڪجهه احڪامن تي عمل ڪري وٺون ٿا ته انهن جي مقابلي ۾ ته بهتر ئي آهيون جيڪي ڪنهن حڪم کي

نتا ميين. آخر ڪجهه تہ اسانجو (Credit) ڪريڊٽ (ڪارپت) هڻڻ گهرجي.

هي آهي اسانجي سوچ جو انداز، پر قرآن حڪيم اسانکي ٻيو ئي فيصلو ٻڌائي ٿو. يهودين جو طريقو هي هو تہ مختلف يهودي قبيلا پنهنجي پنهنجي ساٿي غير يهودي قبيلن سان گڏجي ٻين يهودي قبيلن سان جنگ ڪري ۽ انهن کي گهرن مان ڪڍي قيدي بنائيندا هئا. پر جڏهن هُو گرفتار ٿي آيا تہ انهن کي ياد اچي ويندوهو تہ هي تہ اسانجا ڀائر آهن، انهن کي اسين گرفتار ڪيئن ٿا ڏسي سگهون. جڏهن تہ يهودين جو فديو ادا ڪري انهن کي آزادي ڏياري ۽ فديو ادا ڪرڻ جي لاءِ چندا جمع ڪندا. يهودين جي هن روش تي تنقيد ڪندي الله تعاليٰ فرمايو: (افتومنون ببعض الڪتاب وتڪفرون ببعض) (البقره: ٨٥) "تہ ڇا توهان ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان رکو ٿا ۽ ٻئي حصي جا منڪر آهيو"- پوءِ ان روش جي سزا جو اعلان ڪندي فرمايو: "توهان منجهان جيڪو شخص هي طريقو اختيار ڪري ٿو، ان جي سزا هن ڪانسواءِ ڇا آهي جو دنيا جي زندگيءَ ۾ هو ذليل هجي ۽ آخرت ۾ هن کي سخت عذاب ۾ وڌو وڃي"- هي الله جو ابدي قانون آهن، جنهن ۾ ڪنهن سان ڪنهن بہ صورت ۾ رعايت نہ ڪئي ٿي وڃي-

٢١. امير جماعت اسلامي ڪراچي چوڌري غلام محمد مرحوم هن معاملي کي "موچيءَ هٿان مارائڻ" چوندو رهندو هو-

٢٢. يهودين جي تابوت سڪينہ جو ذڪر قرآن مجيد ۾ بہ آيو آهي. هي تابوت جيڪو يهودين جي دشمن وٽ هليو ويو هو ان جي واپسي کي "طالوت" جي سرداري جي علامت جي طور تي هتي بيان ڪيو ويو آهي. ان "تابوت سڪينہ" ۾ ڇيو وڃي ٿو تہ اهي پٿر جون تختيون موجود آهن جن تي لکيل توريت

حضرت موسيٰ عہ کي عطا ڪيو ويو هو. هن جي اندر حضرت موسيٰ عہ جي لٺ جي موجودگيءَ جي دعويٰ بہ ڪئي ويجي ٿي. جڏهن تہ يهودي هن ”تابوت سڪينہ“ کي تمام مقدس سمجهن ٿا ۽ ان کي پنهنجي فتح جي علامت تصور ڪن ٿا.

٢٣. حضور صلي الله عليه وسلم جن تي وحي جو آغاز سچي خواب سان ٿيو- پاڻ صہ جن جيڪو خواب ڏسندا هئا اهو ٿورن ڏينهن کانپوءِ يا اڳئين ڏينهن تي ئي اهو واقعي جي صورت ۾ ظاهر ٿي ويندو. انهيءَ ڳالهہ کي هڪ حديث ۾ ”مثل فلق الصبح“ (پرهہ ڦٽي وانگر) قرار ڏنو ويو آهي.

# ٢

# خطبو ٻيو

## موجوده دور ۾ نظام خلافت جو سياسي ڍانچو

ڊاڪٽر اسرار احمد
مترجم
عبدالعزيز انصاري هالائي

عنوان صفحو


- بنياد پرستي ۽ اجتهاد
- خلافت جي حقيقت
- اجتماعيت جي پهرين سطح - عائلي (خانداني) نظام
- قرآن مجيد ۾ سياسي ۽ معاشي ڍانچو موجود ناهي!
- خلافت راشده کانپوء
- انساني حقوق جو جيارڻ ۽ رياستي تنظيم جو ارتقاء
- دنيا ۾دستوري خاڪي جو رائج ۽ صدارتي نظام جي برتري جا اسباب
- نظام خلافت جي لاء ٿي لوازم (ضروري شيون)
- الله جي بادشاهت
- ڪتاب و سنت جي خلاف قانون سازيء جي ممانعت
- مخلوط قوميت جي نفي (انڪار)
- نظام خلافت ۾ غير مسلمانن جو حقوق ۽ پابنديون

## خطبہ مسنونہ، تلاوت آيات ۽ ابتدائي ڪلمات ڪانپوءِ فرمايو:

اسانکي الله جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي جو اڄ وِيهارو ڪن ادارا ظاهر ظهور وجود ۾ اچي چڪا آهن جيڪي خلافت ئي جو نالو وٺي رهيا آهن، نہ تہ هن کان ڪجهہ سال اڳ تہ خلافت جو نالو وٺڻ تائين ڪير ڪونہ هو- جڻ الله جي مرضيءَ جو ظهور "زبان خلق" جي صورت ۾ ٿي رهيو آهي. ليڪن خلافت جي عمومي مقبوليت سان گڏوگڏ هي بہ ضروري آهي تہ خلافت جي حقيقت کي سمجهيو وڃي ۽ عام ڪيو وڃي، هن جي فلسفيانہ بنيادن کي ذهن ۾ ڪَنو ڪيو وڃي ۽ هن دور ۾ خلافت جا جيڪي نشان آهن انهن جي شعور کي عام ڪيو وڃي.

## بنياد پرستي ۽ اجتهاد

خلافت راشده کي ختم ٿيندي تہ تيرهن سؤ سال گذري چڪا آهن- جڻ وقت جي درياء ۾ تمام گهڻو پاڻي وهي ويو آهي، تمام گهڻا حالات بدلجي ويا آهن. جيتوڻيڪ انهن ئي بدلجندڙ حالات جي پيش نظر اسانجي دين ۾ "اجتهاد" جو باقاعده ادارو رکيو ويو آهي تہ جيئن "We can move with the movement of time" تڏهن تہ اجتهاد جو مطلب Fundamentals کان منهن ڦيرائڻ. اسانکي بغير ڪنهن معذرت جي شدت سان چوڻ گهرجي تہ اسان Fundamentalist (بنياد پرست) آهيون، پر هن اصطلاع جو ترجمو "بنياد پرست" غلط آهي- پوڄا تہ اسين الله کانسواءِ ڪنهن جي نٿا ڪري سگهون. جيتوڻيڪ اسين پنهنجن بنيادن جي پوڄا تہ ڪونہ ٿا ڪريون ليڪن اسين انهن کي برقرار بہ رکنداسين ۽ انهن جو پرچار بہ ڪنداسين.

انهيءَ سان گڏ اسان هي بہ تسليم ڪريون ٿا تہ زمانو ڪڏهن بيهي نٿو بلڪِ هُو ارتقاء پذير آهي.

جو تها نہيں ہے، جو ہے نہ ہوگا<br>
يہی ہے اک حرف محرمانہ

پيو واقعو هيءُ ئي آهي تہ:

«ثبات اك تغير كو ہے زمانے ميں»

لهذا ڏسڻو هيءُ آهي تہ هن بدلجندڙ زماني جي چيلنج جو مقابلو ڪندي خلافت جي شڪل ڇا هوندي؟

آئون هن Fundamentalism جو مثال قرآن مان ئو ونان قرآن حڪيم ۾ ڪلمہ طيب جو مثال بيان ڪندي چيو ويو آهي:

(الم تر كيف ضرب الله مثلا كلمة طيبة كشجرة طيبة اصلها ثابت وفرعها في السماء)
(ابراهيم: ٢۴)

"ڇا توهان هي نہ ڏٺو تہ الله تعالىٰ ڪلمه طيب جو مثال بيان ڪيو، جيئن هڪ پاڪيزه وڻ جنهن جي پاڙ مضبوط آهي ۽ جنهنجون شاخون آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون آهن"-

ظاهر آهي وڻ جڏهن تہ فقط پاڙ جو نالو نہ آهي- وڻ ۾ ٿڙ بہ آهي، شاخون بہ- آخر پن ۽ ميوا شاخن ۾ ئي لڳندا نہ ڪہ پاڙ سان گڏ- ان جي باوجود پاڙ جي اهميت تمام گهڻي آهي- وڻ جي پاڙ وڍي ڇڏيون تہ اهو وڻ ئي نہ ڀهندو، هو تہ ٻرڻ لائق ڪاٺي بڻجي ويندو- ان ڪري اسان کي پهرين خلافت جي اصولن کي چڱي طرح سمجهڻ گهرجي..

هنن اصولن جي باري ۾ اسانکي ڪو Compromise (رضانامو) ناهي ڪرڻو، بلڪہ انهن کي جيئن جو تيئن برقرار رکڻو آهي. البت جتي حالات تقاضا ڪندڙ هجن اتي انهن اصولن کي سامهون رکندي اجتهاد جو رستو اختيار ڪرڻو پوندو.

## خلافت جي حقيقت

١. الله جي حاڪميت: هي سوال تہ خلافت ڇا آهي؟ هن جو مختصر ترين جواب هي ٿيندو تہ خلافت، حاڪميت جو ضد آهي- اسلام جي نزديڪ حاڪميت فقط الله تعالىٰ جي لاءِ مخصوص آهي- (١) جيئن تہ اسلامي نقطہ نظر کان جيڪو بہ پنهنجي حاڪميت جي

دعوي ڪندو اهو جڻ خدائي جو دعويدار آهي. فرعون جي دعوي بہ تہ اها ئي هئي:

(ايس لي ملک مصر وهذه الانهار تجري من تحتي)
(الزخرف:٥١)

"ڇا مصر تي منهنجي حڪمراني ناهي؟ ۽ نهرون منهنجي (ماڙين جي هيٺان) نہ وهنديون آهن ڇا؟ نظام آبپاشي سمورو منهنجي قبضي ۾ آهي، جنهن کي چاهيان ڏيان ۽ جنهنکي چاهيان محروم ڪري ڇڏيان.

مصر جي سموري معيشت جو دارومدار انهيءَ "Irrigation System" تي هو. تنهنڪري هن (انا ربکم الاعلیٰ) جو نعرولڳايو- نہ فرعون ايترو احمق هو نہ هن کي مجڻ وارا ايترو جاهل هئا جو هُو ڪائنات جي خالق جي دعوي ڪري ٿو ويهي ۽ هن جي رعيت هي دعوي ڪن بند ڪري تسليم ڪريو وٺي- دراصل هن جي دعوي حاڪميت ئي جي دعوي هئي ۽ هن ئي دعوي کي خدائي جي دعوي قرار ڏنو ويو آهي-

توحيد جي هن اهم شاخ کي چڱيءَ طرح واضح ڪرڻ جي لاءِ مون قرآن حڪيم جي چئن جاين تان آيتون منتخب ڪيون آهن- سوره بني اسرائيل ۾ ارشاد آهي:

(ولم يکن له شريک في الملک) (بني اسرائيل:١١١)
"بادشاهت ۾ هن جو شريڪ ڪير نہ آهي"-
سوره ڪهف ۾ فرمايو:
(ولايشرک في حکمه احدا) ڪهف. ٢٦)
"هو پنهنجي بادشاهت ۾ ڪنهن کي شريڪ نہ ٿو ڪري"
سوره يوسف ۾ آهي:
(ان الحکم الا الله، امر الا تعبدوا الا اياه، ذالک الدين القيم....)
(يوسف:٤٠)
"نہ آهي حڪومت ۽ بادشاهت مگر فقط الله جي، هن حڪم ڏنو آهي تہ هن کانسواءِ ڪنهن جي بندگي نہ ڪريو"-

پوءِ سوره نور (آيت:۵۵) ۾ الله تعاليٰ جي بادشاهت کي تسليم ڪرڻ جو جيڪو منطقي نتيجو نڪري ٿو يعني انسانن جي خلافت، ان جو ذڪر هن طرح فرمايو ويو آهي:

(وعدالله الذين آمنوا منكم وعملوا الصٰلحٰت ليستخلفنهم في الرض)

"الله واعدو ڪيو آهي انهن ماڻهن سان جيڪي توهان منجهان ايمان آڻين ۽ عمل صالح ڪن تہ هو انهن کي زمين تي ضرور خليفو بنائيندو"-

مطلب هي آهي تہ انسانن جي لاءِ حاڪميت نہ، خلافت آهي. انسانن جي حاڪميت، خواهہ شخصي هجي يا اجتماعي، قرآن جي روشني ۾ شرڪ آهي. جمهوريت جو اصول [illegible] آهي. هي بہ ايترو ئي وڏو ڪفر ۽ شرڪ آهي جيترو ڪنهن انسان جي انفرادي حاڪميت- فرعونيت- نمروديت، ۽ عوامي حاڪميت ۾ نوعيت جي اعتبار کان ڪو فرق نہ آهي- بقول اقبال:

ديو استبداد جمهوری قبا میں پائے کوب
تو سمجھتا ہے يه آزادی کی ہے نیلم پری

انساني "حاڪميت" جو عقيدو هڪ نجاست (پليتي) آهي. هاڻ خواهہ نجاست جو ڪيترائي ٽن وزني هي ٽوڪرو ڪنهن هڪ شخص جي مٿي تي رکيو وڃي يا تولو تولو ماسو ماسو ڪري ان نجاست کي جمهور تي ورهايو وڃي. شرڪ جو هي نجس عقيدو ورهائي ڏيڻ کان پوءِ بہ نجس جو نجس ئي رهندو. توحيد جي تقاضا تہ هيءَ آهي تہ حاڪميت فقط الله جي آهي. ۽ جڏهن حاڪميت الله جي آهي تہ هاڻ انسانن جي لاءِ ڇا رهجي ويو؟ خلافت ۽ فقط خلافت (۲) جڏهن تہ خلافت الله تعاليٰ جي حاڪميت جو منطقي نتيجو آهي-

هن تصور کي سمجهڻ جي لاءِ انگريزي حڪمراني جي دور جي وائسراءِ جي مثال کي سامهون رکو- هن دور ۾ حاڪميت برطانيہ جي راڻي يا برطانيا جي شاهہ جي هئي- دهلي ۾ انهن جو وائسراءِ هوندو هو- وائسراءِ جو ڪم فقط هي هو تہ اصل حاڪم جو جيڪو حڪم

دعوئي ڪندو اهو ڄڻ خدائي جو دعويدار آهي. فرعون جي دعوئي بہ تہ اها ئي هئي؛

(ايس لي ملک مصر وهذه الانهار تجري من تحتي)
(الزخرف:٥١)

"ڇا مصر تي منهنجي حڪمراني ناهي؟ ۽ نهرون منهنجي (ماڙين جي هيٺان) نہ وهنديون آهن ڇا؟ نظام آبپاشي سمورو منهنجي قبضي ۾ آهي، جنهن کي چاهيان ڏيان ۽ جنهنکي چاهيان محروم ڪري ڇڏيان.

مصر جي سموري معيشت جو دارومدار انهيءَ "Irrigation System" تي هو. تنهنڪري هن (انا ربکم الاعلیٰ) جو نعرولڳايو- نہ فرعون ايترو احمق هو نہ هن کي مڃڻ وارا ايترو جاهل هئا جو هُو ڪائنات جي خالق جي دعوئي ڪري ٿو ويهئي ۽ هن جي رعيت هي دعوئي ڪن بند ڪري تسليم ڪريو وٺي- دراصل هن جي دعوئي حاڪميت ئي جي دعوئي هئي ۽ هن ئي دعوئي کي خدائي جي دعوئي قرار ڏنو ويو آهي-

توحيد جي هن اهم شاخ کي چڱيءَ طرح واضح ڪرڻ جي لاءِ مون قرآن حڪيم جي چئن جاين تان آيتون منتخب ڪيون آهن- سوره بني اسرائيل ۾ ارشاد آهي؛

(ولم يكن له شريک في الملک) (بني اسرائيل:١١١)
"بادشاهت ۾ هن جو شريڪ ڪير نہ آهي"-

سوره ڪهف ۾ فرمايو؛
(ولايشرک في حكمه احدا) ڪهف، ٢٦)
"هو پنهنجي بادشاهت ۾ ڪنهن کي شريڪ نہ ٿو ڪري"

سوره يوسف ۾ آهي؛
(ان الحكم الا الله، امر الا تعبدوا الا اياه، ذالک الدين القيم....)
(يوسف:٤٠)

"نہ آهي حڪومت ۽ بادشاهت مگر فقط الله جي، هن حڪم ڏنو آهي تہ هن کانسواءِ ڪنهن جي بندگي نہ ڪريو"-

اچي وڃي ان جي تڪميل و تعميل ۾ نافذ ڪري- هن کي ڪنهن چُون چُراجي جرئت نه هئي، ڇاڪاڻ ته حاڪميت هن جي نه هئي- ها جن معاملات ۾ هُتان حڪم نه ٿي مليو اُتي هُو حڪمت ۽ حالات جي تقاضائن کي سمجهندي پنهنجي صوابديد (سنئن تجويزن) سان فيصلو ڪري سگهندو هو- هي Vicegerency (قائم مقام هجڻ) جو صحيح تصور آهي. بس فرق هي هو ته هن جو حاڪم برطانيه جي راڻي يا برطانيه جو شاهه هو جڏهن ته هتي معاملو شهنشاهه ارض وسماء (زمين و آسمان) جو آهي ۽ انسان جي حيثيت Vicegerent (عيوضي) جي آهي.

٢. خلافتِ جمهور: خلافت جي سلسلي ۾ ٻيو نڪتو هي آهي ته الله تعاليٰ هيءَ خلافت پوري نوع انساني کي عطا ڪئي آهي جيتوڻيڪ نوع انساني جي پڙڏاڏي حضرت آدم عليه السلام کي خليفو بڻايو ويو هو- جيئن ته ارشاد آهي:

( اذقال ربك للملائكة اني جاعل في الارض خليفه) (البقره: ٣٠)

"۽ (ياد ڪريو) جڏهن تنهنجي رب فرشتن کي چيو هو بيشڪ آئون زمين ۾ هڪ خليفو بڻائڻ وارو آهيان"-

هن جو مطلب هي آهي ته آدميت کي خلافت ڏني وئي، ليڪن .... .... آدم جي نسل منجهان جيڪو خودمختاري جو دعويدار بڻجي بغاوت جي روش اختيار ڪري وئي اهو باغي ٿي ويو ۽ باغي کي زنده رهڻ جو بہ حق نه هئڻ گهرجي. تڏهن بہ هن جي گهٽ ۾ گهٽ سزا ته بلڪل منطقي آهي ته هن جو حقِ خلافت کسجي وڃي (٣) جيتوڻيڪ الله تعاليٰ بنيادي طور تي ته خلافت سموري نوع انساني کي عطا ڪئي هئي. ليڪن هاڻ انسانن ۾ خلافت جا حقدار فقط اهي ماڻهو آهن جيڪي الله جي حاڪميت کي تسليم ڪري هن جي سامهون اطاعت لاءِ سر جهڪائين. سندن اهو رويو "اسلام" آهي ۽ هُو خود مسلم آهن. اسلام جي معنيٰ آهي گردن جهڪائي ڇڏڻ يعني to srren der يا to submit اهوئي سبب آهي ته جيڪي ماڻهو هاڻ انساني حاڪميت جا دعويدار

ڪري تہ منهنجا اختيارات قطعي آزاد آهن. آئون جيڪي چاهيان حڪم ڏيان تہ جڻ هن "حاڪميت" جي دعويٰ ڪئي جيڪو ڪفر وشرڪ آهي. تنهن هوندي بہ جيڪڏهن هُو تسليم ڪري تہ آئون الله جو بندو آهيان. الله جو حڪم نافذ ڪندس تہ هاڻ هن جي حيثيت خليفي جي ٿي وئي- حضرت ابراهيم عليه السلام جي اِها ئي پوزيشن هئي، هُو ڪٿي جا بادشاهہ نہ هئا، بس هڪ گهراڻي جا سردار هئا. پر الله جا نبي هئا. الله جو حڪم نافذ ڪرڻ وار اهئا- جڻ هُو پنهنجي خاندان ۾ الله جا خليفا هئا-

عمراني ارتقاء جي اڳئين مرحلي (Stage) ۾ وڏيون وڏيون مملڪتون قائم ٿي ويون. انهن سلطنتن جي زماني ۾ بادشاهت جي دور جو آغاز ٿيو. هي بادشاهہ بہ ٻن قسمن جا هئا. هڪ پاسي فرعون جهڙو بادشاهہ هو جيڪو پنهنجي قطعي آزاد اختيارن جو دعويدار هو. ٻئي پاسي داؤد عليه السلام جهڙا بادشاهہ هئا. قرآن مجيد ۾ اچي ٿو "وجعلكم ملوكا" ۽ (اي بَني اسرائيل هن توهانکي بادشاهہ بنايو) جڻ عمراني ارتقا جي هن مرحلي (Stage) ۾ هُو بادشاهہ تہ آهن پر معناً خليفا آهن. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ جو جيڪو حڪم اچي رهيو آهي ان کي هو خود بہ مڃي رهيا آهن ۽ ان کي نافذ بہ ڪري رهيا آهن.

۽...... عمراني ارتقاء جو هاڻ آخري مرحلو (Stage) عوامي حاڪميت جو دور آهي. انسانن ۾ پنهنجي حقن جو شعور بيدار ٿيو. انهن جي ذهنن ۾ سوالات ايرڻ لڳا تہ انهن جي مٿان انهن ئي جهڙو هڪ انسان ڪيئن حڪومت ڪري سگهي ٿو. هن کي بہ ٻہ ئي هٿ ۽ ٻہ ئي پير تہ آهن هي حڪمراني تہ پوري انسانيت جو حق آهي جنهن تي هڪ شخص قابض ٿي ويو آهي پر هن آخري ارتقاء جي منزل ۾ بہ حق ۽ باطل جو جهڳڙو جاري آهي. اسين چئي سگهون ٿا تہ شروع کان ٻن ئي شين جي وچ ۾ هڪڙو رهيو آهي، هڪ پاسي حاڪميت آهي ٻئي پاسي خلافت- جڻ:

ستیزہ کار رہا ہے ازل سے تا امروز
چراغ مصطفوی سے شرار بولہبی

البت هي ضرور آهي تہ حاڪميت جون شڪليون مختلف دورن ۾ مختلف رهيون آهن. حاڪميت ۽ خلافت جا ظاهري ڍانچا بظاهر هڪ جهڙا ٿين ٿا، انهن ۾ ڪو بہ فرق نظر نٿو اچي- جوڻ ۾ تہ فرعون ۽ نمرود بہ بادشاهہ آهن ۽ داؤد عہ و سليمان عہ بہ بادشاهہ ليڪن نمرود ۽ فرعون درحقيقت خدائي جا دعويدار آهن لهذا مشرڪ ۽ ڪافر آهن جڏهن تہ دائود و سليمان ظاهري اعتبار کان تہ بادشاهہ آهن ليڪن حقيقت ۾ خليفا آهن- عين مطابق هيءَ ئي پوزيشن اڄ جي دور ۾ آهي-

علامہ اقبال هيءَ ڳالهہ پنهنجي زندگي جي آخري نظم "ابليس جي مجلس شوريٰ" ۾ بيان ڪئي آهي. هن نظم ۾ علامہ اقبال جي عمراني فڪر (Social Thoughts) جو خلاصو اچي ويو آهي. جيتوڻيڪ هن نظم ۾ ابليس جو هڪ مشير چوي ٿو؛

"جمهوريت جو دور اچي ويو آهي. اسانکي هن مان وڏو انديشو آهي. جوڻ اسانجي شيطانيت کي چيلنج ڪرڻ جي لاءِ انسان جاڳي اٿيو آهي"- ٻيو مشير چوي ٿو تہ "توهانکي خواہ مخواہ جي تشويش ٿي وئي آهي- اڙي

ہم نے خود شاہی کو پہنایا ہے جمہوری لباس
جب ذرا آدم ہوا ہے خود شناس وخود نگر
تونے کیا دیکھا نہیں مغرب کا جمہوری نظام
چہرہ روشن اندروں چنگیز سے تاریک تر»

حقيقت هيءَ آهي تہ موجوده دور جي جمهوريت دراصل سرمايہ دارن جي آمريت (Dictatorship of the capitalists) آهي. آمريڪا جي نظام کي جيڪي ماڻهو جمهوريت سمجهي ويٺا آهن انهن جي دماغي صحت يقيناً مشڪوڪ آهي بقول اقبال؛

دیو استبداد جمہوری قبا میں پائے کوب
تو سمجھتا ہے یہ آزادی کی ہے نیلم پری

آمريڪا ۾ اليڪشن وڙهڻ جي لاءِ Millionare (ارب پتي) نہ Billio-

nare (ڪرب پتي) هجڻ ضروري آهي. ويچاري عام ماڻهوءَ جي هٿ ۾ ته فقط ووٽ جي پرچي آهي، جنهن هن کي چريو بنائي ڇڏيو آهي. اِها ئي پرچي اسان وٽ به عام ماڻهوءَ جي هٿ ۾ اچي وئي آهي، پر پس پرده راند هُتي سرمايه دارن جي آهي هِتي جاگيردارن جي آهي. جمهوريت ته تڏهن ٿيندي جڏهن عوام جي اندر معاشي انصاف قائم ٿي وڃي. هن معاشي انصاف ڪانپوءِ اِنهن جي هٿن ۾ پرچي ڏئي ڏسجو. هاڻ هُو خود فيصلي ڪرڻ جي پوزيشن ۾ هوندا ته هن پرچي کي هُو ڪنهن جي لاءِ استعمال ڪن.

هڪ پاسي عمراني ارتقاء جي نتيجي ۾ شيطان انساني حاڪميت جي تصور کي اجتماعي حاڪميت (Popular Sovereignty) جي شڪل ڏئي ڇڏي آهي ته جيئن هن جي شيطانيت برقرار رهي. ٻئي پاسي الله تعاليٰ به انساني خلافت کي شخصي خلافت کان هٽائي اجتماعي خلافت ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. هيءُ معاملو گڏوگڏ هلي رهيو آهي. حاڪميت ۽ خلافت جي جنگ مسلسل جاري آهي. موجوده دَور جي خلافت "عوامي خلافت" آهي. حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جي بقول خلافت "امرالمسلمين) آهي- هيءُ مسلمانن جو هڪ اجتماعي ادارو آهي. قرآن مجيد ۾ هن فلسفي کي سوره شوريٰ ۾ هنن لفظن جي ذريعي واضح ڪيو ويو آهي (وامرهم شوريٰ بينهم) هن مان هيءُ ئي مراد آهي ته مسلامن جو "امر" مسلمانن جي باهمي مشورن سان طئه پاتو ويندو.

خليفة المسلمين: هن وقت به هر انسان پنهنجي جاءِ تي خليفو آهي پر ڪهڙي معنيٰ ۾؟ هن معنيٰ ۾ ته منهنجو هيءُ جسم مون وٽ الله جي امانت آهي. آئون هن جي استعمال ۾ الله جو خليفو آهيان ته جيئن هن جسم تي الله جو حڪم نافذ ڪريان ۽ جسم ۾ جيڪي صلاحيتون ۽ امانتون آهن انهن کي هُن جي مرضيءَ مطابق صرف ڪريان. هن جسم کي اهو ئي ڏيان جيڪو الله هِن جي لاءِ حلال ڪيو آهي. جيڪڏهن آئون هيءُ روش اختيار ڪريان ته خليفو آهيان- ان جي برعڪس جيڪڏهن

آئون هيءُ چوان تہ پنهنجي جسم ڪان پنهنجي مرضيءَ جي مطابق ڪم ونندس تہ آئون ڇڻ خدائي جو دعويدار آهيان، حاڪميت جو دعويدار آهيان. جيئن سوره الحديد ۾ آيو آهي:

(امنوا بالله ورسوله وانفقوا مما جعلكم مستخلفين فيه) الحديد:٧)

"يعني ايمان آڻيو الله تي ۽ ان جي رسول تي ۽ ڪپايو انهن سيني شين کي الله جي رستي ۾ جنهن ۾ هن توهانکي خلافت عطا ڪئي آهي"-

بقول حضرت شيخ سعدي

این امانت چند روزه نزد ماست
درحقیقت مالک ہر شے خدا است

(هي جيڪي ڪجهہ مون وٽ آهي ڪجهہ ڏينهن امانت آهي (نہ تہ) هر شيءِ جو مالڪ تہ درحقيقت الله تعاليٰ آهي-)

هي هٿ منهنجي ملڪيت نہ آهن پر الله تعاليٰ جي عطا ڪيل امانت آهن. منهنجو پورو وجود ۽ پوءِ جيڪي ڪجهہ وڌيڪ مال و اولاد جي شڪل ۾ ڏنو ويو آهي سڀ الله جي امانت آهي. ان ڪري پهرين خلافت پنهنجي وجود ۾، ان ڪانپوءِ پنهنجي ان گهر ۾ جنهنجا اوهين سربراهہ آهيو، خلافت جو حق ادا ڪريو- پر جيڪڏهن توهان پنهنجن گهرن ۾ الله جي حڪم جي بدران ڪنهن ٻئي جو حڪم هلائڻ شروع ڪري ڏنو آهي تہ ان صورت ۾ توهان خليفانہ، باغي آهيو-

هاڻ هيءُ ڏسڻو آهي تہ خلافت جي اجتماعي شڪل ڇا هوندي. اجتماعي نظام ڪيئن ناهڻو پوندو؟ ان کي هن ڳالهہ تي اندازو لڳايو تہ اجتماعي حاڪميت جو نظام ڪيئن بنايو ويو آهي. پاڪستان ۾ هن وقت ٻارهن ڪروڙ ماڻهو رهن ٿا تہ ڇا ٻارهن ڪروڙ حاڪم ٿي ويا؟ جيڪڏهن هيءُ صورت آهي تہ گاڏي ڪيئن هلندي؟ "تون بہ راڻي، آئون بہ راڻي ڪير ڀريندو پاڻي" نظام بنائڻ ۽ هلائڻ جي لاءِ ووٽ جي هڪ پرچي ڏئي توهان پنهنجي حاڪميت کي منتقل ڪري ڇڏيو ٿا. آئون راءِ جو اظهار هڪ شخص جي حق ۾ ڪري رهيو آهيان، توهان ڪنهن ٻئي

شخص جي حق ۾ ڪري رهيا آهيو- هي شخص حاڪميت جو حق ووٽ جي ذريعي انهن ماڻهن کي سپرد ڪري ڏي ٿو جيڪي چونڊجي اسيمبلي ۾ پهچي ويا. جيڪڏهن صدارتي نظام آهي ته هي اختيار صدر کي منتقل ٿي ويندو. جڻ ملڪ جي عوام جي اڪثريت پنهنجي حاڪميت هن کي منتقل ڪري ڏني آهي. عين هي ئي معاملو (امرهم شوري بينهم) ۾ به ٿيندو. آئون به الله جو خليفو آهيان، اوهان به الله جا خليفا آهيو، ان ڪري جو خلافت اجتماعي آهي. هاڻ اجتماعي نظام بنائڻ جي لاءِ ڪنهن اصول کي اختيار ڪرڻو پوندو. ماڻهو پنهنجي "خلافت" ڪنهن هڪ شخص کي منتقل ڪندا جيڪو "خليفة المسلمين" سڏيو ويندو- سيني مسلمانن وٽ جيڪو خلافت جو حق هو ان حق کي ان جي وڏي اڪثريت ان شخص کي منتقل ڪري ڏنو. اِن معنيٰ ۾ هُو خليفہ المسلمين آهي.

خلفاء راشدين جي لاءِ اميرالمومنين جو اصطلاع استعمال ٿئي ٿو ليڪن خلافت عثمانيہ تائين پهچندي پهچندي اصطلاح بدلجي ويو. هاڻ انهن خلفاء جي لاءِ امير المومنين جو اصطلاحَ استعمال نٿو ٿئي. انهن جي لاءِ خليفہ المسلمين جو اصطلاح استعمال ٿيڻ لڳو. هي اصطلاح بلڪل صحيح آهي. ظاهر ڳالهہ آهہ ۽ موجوده دور ۾ جيڪا خلافت ٿيندي اها "امرهم شوريٰ بينهم) جي اصول جي تحت ئي ٿيندي. مسلمانن جي نزديڪ جيڪو شخص اهل آهي اهي هن کي ووٽ ڏيندا. انهن جي هن راءِ سان خليفہ المسلمين منتخب ٿيندو ۽ هن طرح اجتماعي نظام وجود ۾ اچي ويندو.

هاڻ اسانکي اجتماعي نظام تي ڳالهہ ڪرڻي آهي. انساني اجتماعيت جي اندر مختلف سطحون (Stage) آهن جن جي هڪ تاريخي ترتيب به آهي ۽ اهميت جي اعتبار کان به هن کان علاوه هڪ ترتيب قرآن حڪيم ۽ دين جي حوالي سان به آهي-

## اجتماعيت جي پهرين سطح ... عائلي نظام

انساني اجتماعيت جو پهريون قدم هڪ مرد ۽ هڪ عورت جي وچ ۾ رشتہ ازدواج آهي. هڪ مرد ۽ عورت جي هن رشتي سان هڪ خاندان وجود ۾ آيو، هن سان اڳتي اولاد ٿيو جنهن سان خاندان جو هيءُ سلسلو وسيع ٿيو ۽ معاشرو وجود ۾ آيو ڇڻ اجتماعيت جو پهريون قدم عائلي ۽ معاشرتي نظام آهي. هيءُ ئي سبب آهي تہ قرآن حڪيمءُ اجتماعيت جي ٻين طرفن جي نسبت عائلي نظام جي باري ۾ وڏا تفصيلي احڪام ڏنا ويا آهن. ان ڪري جو جيڪڏهن پهرين سر صحيح رکي وڃي تہ سڄي عمارت مٿي تائين صحيح نہ ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن پهرين سر ڏنگي ڦڏي رکي وئي تہ پوءِ بقول شاعر:

خشت اول چوں نہد معمار کج
تا ثریا می رود دیوار کج

## قرآن ۾ سياسي ۽ معاشي نظام جو ڍانچو موجود ناهي:

قرآن حڪيم ۾ سياسي ۽ معاشي نظام جو ڪوبہ ڍانچو شروع کان موجود نہ آهي. سياسي نظام جا فقط اصول ڏنا ويا آهن، جڏهن تہ معاشي نظام جا ڪجهہ اصول بہ ڏنا ويا ۽ ڪجهہ احڪام بہ موجود آهن. ڇڻ قرآن حڪيم جي ترتيب جي روشني سان اجتماعي زندگي ۾ اهميت عائلي ۽ خانداني نظام کي حاصل آهي، جڏهن تہ موجوده دور ۾ معاملو هن جي بلڪل برعڪس ٿي ويو آهي. اڄ جي دنيا ۾ اهم ترين شيءِ سياسي ۽ دستوري ڍانچو آهي.ان لاءِ تہ جيڪو ڪجهہ دستور ۾ طئہ ٿي ويندو گاڏي انهي جي مطابق هلندي- مثلاً دستور جي اندر هي طئہ ڪيو وڃي تہ ڪابہ قانون سازي ڪتاب وسنت جي خلافت نٿي ٿي سگهي تہ ملڪ ۾ ايوب خان جا رائج ڪيل عائلي قانون بہ چئلينج ڪري سگهجن ٿا. ڇڻ هن دور ۾ سموري معاشرتي نظام کي ڪنٽرول ڪرڻ واري شيءِ دستور آهي (۴)- ليڪن قرآن حڪيم دستوري ڍانچي جي سموري معاملي کي ڪليل ڇڏي ڏنو آهي.

ٻي اهم ڳالهه هي سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته جيستائين رياست جي سچي نظام جو تعلق آهي، مثال هي ته رياست جا عضوا (Organs of the state) کهڙا کهڙا آهن، انهن جي درميان حقوق و فرائض جي ورچ کهڙي طرح ٿيندي. وڏيڪ حد بندي ۽ موازن ڪرڻ (Checks & Bal-ances) جو سمورو نظام ڪيئن وجود ۾ اچي ٿو. مطلب ته هي سيئي فن جنهن کي "State Craft" جو نالو ڏنو ويو آهي، هي تفصيلي ڍانچو اسان کي خلافت راشده ۾ به ابتدائي صورت ۾ ملندو نه ته دنيا ۾ هي سمورو ڍانچو حقيقت ۾ پوءِ وجود ۾ آيو آهي. ڪجهه حقيقتن کي جرئت سان تسليم ڪري وٺڻ ئي سان ڳالهه اڳتي وڌندي. جڏهن خلافت راشده جو زمانو ختم ٿيو ته ان وقت هي فرق ڪٿي موجود نه هوته هي انتظاميه آهي، هي قانون بنائيندڙ آهي ۽ هي عدليه آهي. خلافت راشده ۾ هي اصول ضرور هو ته جيڪڏهن خليفو غلط رستي تي هلي ته هن کي روڪيو وڃي. هاڻ ڪيئن روڪيو وڃي؟ ان جو ڪو مقرر ڪيل رستو نه هو. جيئن ته اسين ڏسون ٿا ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه خلافت جي بيعت کانپوءِ فوراً اعلان ڪري ڇڏيو ته جيڪڏهن آئون سڌو هلان ته توهان تي منهنجي اطاعت فرض آهي ۽ جيڪڏهن ڏنگو ٿيڻ لڳان ته مونکي سڌو ڪجو.

اهڙي طرح حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جو هڪ وڏو دلچسپ واقعو آهي. پاڻ هڪ ڀيرو مسلمانن جي مجمع کي خطاب ڪندي سوال پڇيو: آئون سڌو هلان، صحيح حڪم ڏيان ته توهان ڇا ڪندؤ؟ سڀني جواب ڏنو: "نسمع و نطيع" ته اسان ٻڌنداسون ۽ مڃينداسون! ان کانپوءِ پاڻ وري پڇيائون جيڪڏهن آئون ڪو غلط رستو اختيار ڪريان ته ڇا ڪندؤ؟ ان تي هڪ شخص مجمع مان اٿي بيٺو ۽ هن تلوار مياڻ مان ٻاهر ڪڍي چيو ته اسان توکي هن سان سڌو ڪري ڇڏينداسون. ان تي حضرت عمر رضه الله جو شڪر ادا ڪيو ته منهنجي آسپاس ڪا اندي ٻوڙي رڍ ڪانهي پر هي زنده ۽ هوش مند ماڻهو آهن جيڪي عمر کي به سڌو ڪري سگهن ٿا.

## خلافت راشده کان پوءِ

هن ڳالهہ کي چڱي طرح سمجهڻ گهرجي تہ خلافت راشده کانپوءِ ديني اعتبار کان اسان مسلسل زوال ڏي جي طرف ويا آهيون. بنو اميہ جي ۹۰ سالن جي دور حڪومت ۾ آهستہ آهستہ خلافت راشده جون ترجيحي وصفون ختم ٿيڻ شروع ٿي ويون. ان کانپوءِ بنو عباس جو دَور شروع ٿيو. هن ۾ تہ بادشاهت پنهنجي پوري شان سان جلوه گر ٿي وئي. ديني اعتبار کان مسلمانن هڪ هزار سالن تائين دنيا جي امامت (رهنمائي) ڪئي. پنهي ڳالهين کي پيش نظر رکو، اسلام ڪري رهيو آهي پر مسلمان نٿو ڪري. محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جنهن بلنديءَ تي پهچايو هو اتان ڪرندي ڪرندي بہ دنياوي اعتبار کان غلبو مسلمانن وٽ موجود رهيو-

عالَم اسلام علوم ۽ فنون جي معراج (بلند مرتبي) تي پهتل هو. جڏهن تہ يورپ ان وقت سُتل هو. اهي خود بہ ان دور کي Dark Ages جي نالي سان ياد ڪن ٿا. اُتي سائنس ۽ فلسفي پڙهڻ جي اجازت ڏي نہ هئي. ڪنهن گهر مان سائنس يا فلسفي جو ڪوبہ ڪتاب برآمد ٿيندو هو تہ ان کي زنده ساڙيو ويندو هو.

مطلب تہ هڪ هزار سالن تائين مسلمانن جو دٻدٻو قائم رهيو. جيڪڏهن هڪ طرف ۾ هن جي اقتدار جو سج لٿو تہ ٻئي طرف کان اڀري ويو. هسپانيہ کان مسلمانن جو خاتمو ٿيو تہ اوڀر جي طرف کان ترڪ اسلام جا علمبردار بنجي يورپ ۾ داخل ٿي ويا.

جہاں میں اہل ایماں صورت خورشید جیتے ہیں
اِدھر ڈوبے اُدھر نکلے، اُدھر ڈوبے اِدھر نکلے

## اسانجي غفلت ۽ مغرب جي بيداري

مسلمانن جي ڪهڙ وڏ هيءَ حالت هڪ هزار سالن تائين رهي. ان کانپوءِ اسانجا ٽي سؤ سال غفلت جي ننڊ سمهڻ جا آهن. يورپ کي

اسان پنهنجي هسپانوي يونيورسٽين مان بيدار ڪيو ۽ خود سمهي رهياسون. يورپ کي علم، هنر، فلسفو، سائنس ۽ منطق اسان سيکاريو آهي. اٽلي، فرانس ۽ جرمني مان نوجوان هِن طرح هلي اچي غرناطہ ۽ قرطبہ جي يونيورسٽين ۾ پهچندا هئا جيئن اڄ جو اسانجو نوجوان يورپ ۽ آمريڪا وڃي ٿو. ان ڪانپوءِ جو علمي وتهذيبي ارتقاء سڀ جو سڀ اُتي ٿيو آهي. هي جيڪي چيو وڃي ٿو تہ "Give the devil his due" يعني شيطان کي بہ هن جو جائز حصو ملڻ گهرجي. قرآني الفاظ جي گفتگو مطابق (لايجرمنكم شنان قوم علي الاتعدلوا' اعدلوا هو اقرب للتقويٰ) حالانڪ هي ڳالهہ هر انسان ڄاڻي ٿو تہ سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جو ارتقاء مغرب ۾ ٿيو آهي. هي بجلي ڪنهن مسلمان تہ ايجاد نہ ڪئي، اهڙي طرح هي لائوڊ اسپيڪر، اسٽيم انجن، هوائي جهاز، وائرليس، هي سموري ترقي يورپ ۾ ئي ٿي آهي، حالانڪ هي انهن جي پيءُ جي جائداد نہ آهي بلڪہ آدم جي اولاد جو مشترڪہ ورثو آهي، اسانجو بہ هن تي ايترو ئي حق آهي جيترو انهن جو آهي. حضور صلي الله عليه وسلم جن جي هڪ ارشاد مطابق اسانجو حق زياده آهي؛

"الحكمة ضالة المومن، هو احق بها حيث وجدها"

يعني حڪمت مومن جو گم شده اثاثو آهي، اهو جتي بہ ان کي ملي هُو ئي ان جو زياده حقدار آهي. اسان هي ٺٺا ڇڻي سگهون تہ هي انگريزن جي ايجاد آهي، اسان هن مان فائدو نہ وٺنداسون- جيڪڏهن اسان هي طئہ ڪري وٺنداسين تہ اسان غيرن جي ڪابہ شيءِ استعمال نہ ڪنداسين، تہ اسين پنهنجن پيرن تي ڪهاڙو هڻنداسين. اسانجي هن روش سان هن جو تہ ڪجهہ نہ بگڙندو-

## انساني حقن جو جيارڻ ۽ رياستي تنظيم جو ارتقاء

يورپ ۽ مغرب جي سائنسي ترقي جي اعتراف سان گڏ هڪ ٻي شيءِ بہ اسان جي توجه جي مستحق آهي. اها هيءَ تہ محمد رسول الله

صلي الله عليه وسلم اسان کي عوامي حقوق جو اعليٰ ۽ تمام بلند نظام (۵) ڏنو هو، پر ان کي تہ اسان ضايع ڪري ڇڏيو، اسان سمهي رهياسون، پر يورپ وري رت ڏنو- فرانسيسين پنهنجي رت سان بادشاهت کي ختم ڪيو ۽ جمهوريت آندي، انساني حقوق جو تصور ٻيهر اجاگر ڪيو. هي انساني حقوق جو هيءُ تصور اسان ڏنو هو، ليڪن اسان خود ئي هن کان محروم ٿي وياسين. علامہ اقبال چيو هو:

هر ڪجا بيني جهان رنگ وبو
زانکه از خاڪش برويد آرزو
يا زنور مصطفى او را بهاست
يا هنوز اندر تلاش مصطفى است (٦)

بهرحال هن معاملي ۾ بہ اسانکي يورپ جو احسانمند هئڻ گهرجي جو انهن رياست جي سموري مشينري ايجاد ڪئي آهي. هي اصول بہ انهن ئي ڏنو تہ رياست جا ٽي جزا (عضوا) قانون بنائيندڙ ادارو، انتظاميہ ۽ عدليہ آهن. هيءُ ڪم بہ اسان نہ ڪيو آهي. جهڙي طرح اسان انهن جي سائنسي ايجادات جو انڪار نٿا ڪريون پر انهن مان فائدو حاصل ڪريون ٿا بلڪل اهڙي طرح اسانکي انهن شين جي بہ نفي نہ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان انهن جي عمراني ۽ سياسي اصولن کي اسلام جي اصولن سان گڏ اختيار نہ ڪيوتہ نقصان پنهنجو ئي ڪنداسون. اسانجي هن رويي جو بہ انهن کي ڪجهہ نقصان نہ ٿيندو.

هلندڙ وقت ۾ هيءُ ڳالهہ بہ چڱي طرح سمجهي وٺڻ گهرجي تہ رياست جا اصول اُتان کان وٺڻا پوندا، البت هي ڏسڻو پوندو تہ جيڪا شيءِ اسلام سان گڏ نٿي ٺهڪي ان کي ڇڏي ڏجي. سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جو معاملو هن اعتبار کان بلڪل مختلف آهي جيڪو اسلام سان سؤ في سيڪڙو مطابقت رکي ٿو. جڏهن تہ عمراني ۽ سياسي فلسفہ و فڪر قرآن و سنت جي ڪسوٽي تي پرکيو ويندو. البت هن ڳالهہ کي خيال ۾ رکڻو پوندو تہ جيڪا شيءِ اسلام سان موافقت اختيار ڪري سگهي ٿي اها ڇڏڻ اسانجي پونجي آهي. هن معاملي ۾ اسانجي

وزيراعظم جو گردن مروڙي ڇڏي. انهن ترميم کانپوءِ صدر ته ضياء الحق جهڙو ٿي ٿيندو جو هن جوڻيجو صاحب کي هڪ منٽ ۾ رخصت ڪري ڇڏيو نه ته صدر فضل الاهي وانگر ايوان صدر جو قيدي ٿيندو، جنهن جي آزادي جي لاءِ ڀتين تي نعرا لکيا پوندا ته "صدر فضل الاهي چوڌري کي آزاد ڪيو"- جيڪڏهن صدر وٽ ڪو ڪم ئي نه هوندو ته هُو ويهي ويهي ٿڪجي پوندو ۽ ڪجهه ڪرڻ لاءِ نه هوندو ته ويچارو سازش ئي ڪندو.

اصولي طور تي هي ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته جديد رياست جا جيڪي ٽي ڪنارا عدليه، انتظاميه ۽ قانون سازي مقرر ڪيا ويا آهن، صدارتي نظام ۾ بلڪل جدا ٿين ٿا- انتظاميه جو سربراه صدر منتخب ٿيڻ کانپوءِ قانون ٺاهيندڙ (ڪانگريس) جو محتاج نٿو رهي. امريڪا ۾ ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيو آهي ته ڪانگريس ۾ اڪثريت ڊيموڪريٽس جي آهي پر صدر ريپبلڪين پارٽي سان تعلق رکي ٿو، پر ان جي باوجود هُو وڏي اطمينان ۽ تسليءَ سان انتظامي امور سرانجام ڏيندو رهي ٿو- جڏهن ته قانون سازي ڪانگريس جو ڪم آهي جيڪو ڪنهن خارجي دٻاءُ جي بغير پنهنجو ڪم ڪري رهي آهي، لهذا ڪٿي ڪا ڳڙ ٻڙ نٿي ٿئي. عدليه پوري آزادي سان آئين و قانون جي حفاظت جي ذميداري نڀائي ٿي. ان جي برعڪس پارلياماني نظام ۾ قانون سازي ۽ انتظاميه گڏوچڙ هوندا آهن. هيءَ سڀ کان وڏي مصيبت آهي ته ڪنهن وقت به ڪجهه ڏيڏر جوش ۾ اچي سگهن ٿا يا چند گهوڙا وڪامي سگهن ٿا ۽ ويچاري وزيراعظم جو وقت انهن ئي گهوڙن جي نگهباني ۾ صرف ٿي وڃي ٿو.

پارلياماني نظام جون خاميون اڄ اسانجي سامهون زياده کلي ظاهر ٿيون آهن پاڪستان جا تازه انتخاب (١٠) کانپوءِ آزاد اميدوارن جون حڪومتون ٺهيون آهن. جڻ آزاد اميدوار اڪثريتي پارٽين کي بليڪ ميل ڪري رهيا آهن. ڪجهه صوبن ۾ ته هي تماشو به ڏٺو ويو ته تمام

آزاد اميدوار وزير بنجي ويا ۽ پارٽي ميمبر ٽڪ ٽڪ ديدم دم نہ ڪشيدم جي تصوير بنجي رهجي ويا. صدارتي نظام ايترو صاف سٿرو آهي جو توهان صدر جو انتخاب ڪيو. بس هاڻ صدر جنهنکي اهل سمجهي وزير بنائي. صدارتي نظام ۾ وزيرن جو ڪانگريس مان هجڻ ضروري نہ آهي جڏهن تہ پارليماني نظام ۾ وزيرن جي لاء پارليامينٽ جو ميمبر هجڻ ضروري آهي. صدارتي نظام ۾ انهن ماڻهن جي صلاحيتن مان بہ فائدو وٺي سگهجي ٿو جيڪي سياست جي راند کان پري آهن ليڪن ڪنهن خاص شعبي ۾ ماهر (Expert) آهن. مثلاً اوهانکي ماليات جي لاء اهڙي ماڻهوء جي ضرورت آهي جيڪو جديد معشيات کان پوري طرح واقف هجي. هاڻ ضروري نہ آهي تہ هُو پارليامينٽ جو ميمبر هجي. پر پارليماني نظام ۾ هن جي خدمتن مان اوهان فائدو نٿا وٺي سگهو جيستائين هو پارليمينٽ جو ميمبر نہ بنجي وڃي.

## نظام خلافت جي لاء ٿي لوازم (ضروري شيون)

هن اصولي ڳالهين کانپوء هاڻ اسان هن ٽن شين تي روشني وجهنداسون جن جي شامل ڪرڻ سان ڪنهن بہ نظام حڪومت کي خلافت ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو.

١. الله تعاليٰ جي حاڪميت؛ سڀ کان پهرين هي ڳالهہ تسليم ڪئي وڃي تہ حاڪميت الله تعاليٰ جي آهي ڇاڪاڻ تہ خلافت جي لاء پهريون شرط لازم ئي هي آهي تہ بندو حاڪميت کان الله جي حق ۾ دستبردار ٿي وڃي ۽ تسليم ڪري تہ حاڪميت الله جي لاء آهي، بندو محض هن جو خليفو آهي- (١١)

الحمدالله اسانجي ملڪ ۾ دستور جو بنياد قرارداد مقاصد ۾ الله جي حاڪميت جو هي اقرار وضاحت سان گڏ موجود آهي. هن ۾ چيو ويو آهي تہ حاڪميت فقط الله تعاليٰ جو حق آهي ۽ اسان وٽ جيڪي بہ اختيارات آهن، اهي اسانجا ذاتي نہ پر عطا ڪيل يا Delegated آهن ۽

اهي الله تعاليٰ جي طرف کان هڪ مقدس امانت آهن.

هي اختيارات انهن ئي حدن ۾ رهي ڪري استعمال ٿيندا جيڪي اصل حاڪم مقرر ڪيا آهن. جڏهن دستوري سطح تي خلافت جو اعلان ڪريڏنو ويو. جڏهن تہ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ ملڪ جي آباديءَ جي اڪثريت جو لحاظ ڪندي زياده سرڪاري مذهب جو اعلان هن قسم جي لفظن ۾ ڪيو ويجي ٿو؛

"Religon of state is christianity" اسان جي دستور ۾ سرڪاري مذهب جو اعلان بہ آهي تہ اهو اسلام آهي، حالانڪہ قرارداد مقاصد جي منظوري کان پوءِ هن اعلان جي ايتري قدر ضرورت نہ هئي.

**٢. ڪتاب و سنت جي خلاف قانون سازي جي ممانعت:**

نظام خلافت جو ٻيو شرط هي آهي تہ دستوري سطح تي طئہ ڪيو وڃي تہ ڪتي ڪو قانون ڪتاب و سنت جي خلاف نہ بنايو ويندو. ان لاءِ الله جي حاڪميت جونفاذ ٿيندو ڪيئن؟ قانون سازي جيڪا بہ هجي، ان جونالو ڀلي پارليامينٽ هجي، مجلس ملي هجي، مجلس شوريٰ هجي يا ڪنهن ٻئي نالي سان سڏيو ويو هجي، هن جي قانون سازي جو دائرو ڇا هوندو؟ هي ادارو يعني قانون بنائيندڙ جديد رياستي ڍانچي جو اهم حصو آهي. اهو اڄ ڪلهہ دستور خصوصاً بنيادي حقن جي خلاف تہ قانون سازي ڪرڻ جوا ختيار نتو ٿئي، باقي هن کي هر قسم جي قانونن بنائڻ جو اختيار حاصل هوندو آهي. ليڪن نظام خلافت ۾ هي ادارو پنهنجا اختيارات قانون سازيءَ کي ڪتاب و سنعت جي تابع رکڻ جو پابند هوندو آهي. جيتوڻيڪ دستوري سطح تي هي طئہ ڪري ڏنو ويندو-

"Legislature's authority is limited by the injuctions of the Quran and Sunnah"

سوره الحجرات جي آيت نمبر-١ ۾ هن مفهوم جي بهترين لفظن ۾ تعبير ڪئي وئي آهي:

(يا ايهالذين امنوا لاتقدموابين يدي الله ورسوله)

"اي ايمان وارو الله ۽ ان جي رسول جي اڳيان نہ وڌو"

الله جون حدون قرآن ۾ موجود آهن جڏهن تہ رسول جون حدون حديث ۾ موجود آهن. الله تعاليٰ جي نمائندگي قران مجيد ڪري رهيو آهي جڏهن تہ رسول جي قائم مقامي "سنت" کي حاصل آهي. جڏهن تہ آئيني سطح تي ڪنهن عام حڪم جي بغير ڪتاب و سنت جي مڪمل بالادستي قبول ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن هن مان هڪ شيء بہ ڪڍي وئي تہ سڄو معاملو ختم ٿي ويندو. پوء اسان هن سزا ڏيڻ جي واعدي جي صدمي ۾ هونداسين. جيڪا سورة البقره جي آيت ٨٥ ۾ بني اسرائيل کي ٻڌائي وئي آهي.

(افتومنون ببعض الكتب وتكفرون ببعض. فما جزاء من يفعل ذالكـ منكم الاخري في الحيوة الدنيا. ويوم القيامة يردون الي اشد العذاب وما الله بغافل عما تعملون)

"تہ ڇا توهان ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان رکو ٿا ۽ ٻئي حصي جو انڪار ڪريو ٿا تہ توهان مان جيڪو شخص هي ڪم ڪري ان جو بدلو هن ڪانسواء ڇا آهي جو دنيا جي زندگي ۾ هن کي خواري هجي ۽ آخرت ۾ انهن کي سخت عذاب جي طرف موٽايو ويندو ۽ جيڪي ڪجهہ توهان ڪري رهيا آهيو الله ان کان غافل نہ آهي" - الله تعاليٰ اسانکي هن سزا جي واعدي جي مستحق ٿيڻ کان محفوظ رکي- آمين!

ڪتاب و سنت جي بالادستي تسليم ڪرڻ جو هڪ بهترين مثال هڪ حديث شريف ۾ پيش آيو آهي:

(مثل المومن كمثل الفرس في آخيته. يجول ثم يرجع الي آخيته)

"مومن جو مثال ان گهوڙي جهڙو آهي جيڪو پنهنجي مضبوط ڪِلي سان ٻڌل آهي. گهمي ڦري پنهنجي ڪِلي ڏانهن موٽي اچي ٿو" -

آزاد گهوڙو تہ جتي چاهي چَرندو رهي ليڪن ڪلي سان ٻڌل گهوڙو تہ بس ايستائين وڃي سگهي ٿو جيستائين هن جي رسي هن کي وڃڻ جي

ڪي سؤ في سيڪڙو صحيح ٿو سمجهان، ڇاڪاڻ تہ پارليامينٽ جي ذريعي جيڪو اتحاد ٿيندو اهو قرآن و سنت جي اندر رهي ڪري ٿيندو. اجتهاد تہ هوندو ئي اهو آهي جيڪو ڪتاب و سنت جي دائري ۾ رهي ڪري ٿئي. هن ڳالهہ جي هرگز اجازت نتي ڏني وڃي تہ پارليامينٽ جيڪو ڪجهہ بہ پاس ڪري اهو ئي دين بڻجي وڃي. ان لاءِ تہ جيڪڏهن پارليامينٽ جي اختيارات کي ايتري گنجائش ڏني وئي تہ حاڪميت پارليامينٽ وٽ هلي ويندي. جڏهن تہ اسلامي رياست ۾ حاڪميت فقط الله تعاليٰ کي حاصل هوندي آهي. ان جي برخلاف عوامي حاڪميت جو جيڪو تصور آهي اهو تہ ڪفر ۽ شرڪ آهي. اسانکي "عوامي حاڪميت" ۽ "عوامي خلافت" جي فرق کي چڱي طرح سمجهڻ گهرجي.

هي آهي پارلياماني اجتهاد جي اصولي ۽ عملي صورت. هي موجوده دور جا چند ضروري مسئلا اهن. انهن کي چڱي طرح سمجهڻ ضروري آهي. جيئن تہ مٿي عرض ڪيو ويو اسلام ۾ جائز حلال جو دائرو تمام وسيع ۽ ڪشادو آهي. جيتوڻيڪ تي سگهي ٿو تہ هڪ معاملي ۾ مثال آئون چوان ٿو تہ هينئن ٿيڻ گهرجي جڏهن تہ ڪو ٻيو شخص اجتهاد ڪري ٿو تہ معاملو ڪنهن ٻئي نموني هئڻ گهرجي ۽ هن جي ويجهو هن ئي جي راءِ اقرب الي السنہ (سنت جي قريب) آهي تہ مٿئين ڇاٿايل صورت ۾ ڪنهن جو اجتهاد نافذ ٿيندو؟ هيءَ ڳالهہ پارليامينٽ طئہ ڪندي. ظاهر آهي تہ حلال و پاڪ جي باري ۾ پارليامينٽ طئہ ڪري سگهي ٿي. ها هوءَ حرام کي حلال نتي بڻائي سگهي. مُعاملو جيڪڏهن پاڪائي جو آهي تہ اڪثريت سان طئہ ڪري ڇڏجي. هن ۾ ڪوبہ حرج ڪونهي. لهذا هي اصول تسليم ڪرڻ گهرجي تہ اهڙن معاملات کي پارليامينٽ طئہ ڪندي.

انهي ڳالهہ کي هڪ ٻئي حوالي سان بہ سمجهي سگهجي ٿو. بنو عباس جي دور ۾ امام اعظم تي دٻاءُ وڌو ويو تہ قاضي القضاة (چيف جسٽس) جوعهدو قبول ڪريو، اوهان جي اجتهادات تي سڄو نظام

هلندو، پر امام ابو حنيفه رحہ انڪار ڪري ڇڏيو- (١٢) انڪار هن
ڪري ڪيائين جو اسلامي قانون اڃا "Formative stage" (جوڙجڪ جي
مرحلي) ۾ هو. آئون ٻہ اجتهاد ڪري رهيو آهيان، ٻيا مجتهدين ٻہ آهن،
لهذا آئون هي حق پنهنجي لاءِ اختيار ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيان تہ منهنجو
ئي اجتهاد سڀني تي نافذ ٿي وڃي. امام ابو حنيفہ رح ڄاڻندا هئا تہ نافذ
ڪرڻ جي قوت بادشاهہ جي هٿ ۾ آهي ۽ هُو منهنجو انتخاب ڪري
پيو. ان ڪري منهنجو اجتهاد نافذ ٿي ويندو.

هن جو هڪ ٻيو مثال هي آهي تہ اڄ کان ڪجهہ سؤ سال اڳ
اورنگزيب عالمگير عالمن جي هڪ ڪميٽي ناهي هن ڪميٽيءَ پنهنجي
دور جي مطابق فتوائون مرتب ڪري ڏنيون. حالانڪہ فتوائون ۽ فقهہ
جا ڪتاب پهرين ٻہ موجود هئا ليڪن حالات جي تبديليءَ جي تحت
اجتهاد جي ضرورت محسوس ٿي. هي ڳالهہ نظر جي سامهون آهي تہ
علماء ڪي نامزد ڪيو ويو هو. بادشاهت جي دور ۾ بادشاهہ ڪي علماء
جيڪي پسند هئا انهن ئي ڪي آٿي ڪٺو ڪيو ويو. هي منتخب ادارو نہ
هو- ان لاءِ تہ ان وقت نافذ ڪرڻ جي قوت بادشاهہ وٽ هئي. اڄ نافذ
ڪرڻ جي قوت هڪ شخص وٽ نہ رهي پر پارليامينٽ وٽ هلي وئي
آهي. جڏهن تہ اڄ اهو ئي اجتهاد نافذ ٿيندو ۽ قانون جو درجو حاصل
ڪندو جيڪو پارليامينٽ منظور ڪندي.

## ڪتاب و سنت جي بالادستي جي عملي صورت

الله تعاليٰ جي حاڪميت جونفاذ هڪ دستوري مرحلو آهي اوهان
پنهنجي دستور ۾ لکي ڇڏيو تہ هر شيءِ تي قرآن و سنت جي بالادستي
هوندي. حاڪميت جي هن دستوري اقرار کان پوءِ هن جي نفاذ جو
عملي مرحلو باقي آهي. هن قانون ۾ سورة نساء جي آيت نمبر ٥٩ مان
رهنمائي ملندي آهي.

(ياايهاالذين امنو اطيعوالله واطيعو الرسول واولي الامر منكم،
فان تنازعتم في شيء فردوه الي الله والرسول ان كنتم تومنون

بالله واليوم الآخر، ذالک خير واحسن تاؤيلا) (النساء: ٥٩)
"اي ايمان وارو! اطاعت ڪريو الله جي ۽ اطاعت ڪريو رسول ﷺ جي ۽ انهن حڪمرانن جي جيڪي توهان منجهان آهن. پوءِ جيڪڏهن توهان ۾ ڪنهن شيءِ جي باري ۾ فساد ٿي وڃي تہ ان کي الله ۽ رسول ڏانهن موٽايو جيڪڏهن توهان الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکو ٿا. هي (طريقو) بهتر آهي ۽ نتيجي جي لحاظ کان ڀلو آهي"-

هن آيت مان هڪ ڳالهہ تہ هيءَ معلوم ٿي تہ الله جي اطاعت ۽ رسول جي اطاعت تہ هميشہ لاءِ ۽ غير شروط آهي ڇاڪاڻ تہ ٻنهي سان گڏ اطيعوا (امر جوصيغو) جدا جدا نازل ٿيو آهي (١٣)

ٻي ڳالهہ هن آيت مبارڪ مان هيءَ معلوم ٿي تہ اولي الامر مان جهيڙو پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ فيصلو ڪيل معاملو الله ۽ رسول ﷺ جي طرف موٽائڻو پوندو. ڇڻ

ا) اولي الامر مان جهڳڙو ممڪن آهي (١۴) جڏهن تہ الله ۽ رسول ﷺ جي اطاعت بغير چون چرا جي ڪرڻي آهي-

ب) نزاع (جهيڙو) جو فيصلو الله‎ِ رسول ﷺ ڏانهن موٽائڻو پوندو-

پر سوال هي آهي تہ الله ۽ رسول ﷺ ڏانهن موٽائڻ جي صورت ڇا هوندي نہ الله تعاليٰ خود فيصلي جي لاءِ موجود آهي نہ رسول موجود آهي- (١٥)

موجوده دور جي حڪومت جي دستورن ۾ شهري جي وچ ۾ يا قانون ناهنيدڙ ۽ شهري جي وچ ۾ جهڳڙي وارن معاملن ۾ فيصلي جو ڪم اهڙي طرح عدالتن جي حوالي ڪيو ويو آهي جهڙي طرح شهري ۽ شهري جي درميان اختلاف جو فيصلو عدالتن ئي جي ذريعي پورو ڪجي ٿو.

جڏهن تہ ڪنهن قانون يا طريقي جي باري ۾ جيڪڏهن هي اختلاف پيدا ٿي پوي تہ اهو ڪتاب و سنت جي دائري اندر آهي يا نہ تہ

هن جهڳڙي جو فيصلو به پين جمهوري دستورن وانگر خلافت جي نظام ۾ به عدالتن جي حوالي ڪري سگهجي ٿو. هن سلسلي ۾ اصولي اجازت، هدايت ۽ روشني قرآن حڪيم جي انهن اڪثر آيات ۽ احاديث مبارڪ مان حاصل ڪئي ويندي جن آيات ۽ احاديث ۽ عداوتن ۽ جهڳڙن جي حصي ۾ عدل، غير جانبداري ۽ ڪتاب و سنمت جي حمايت جا گهڻا ئي احڪام موجود آهن (١٦)

اهڙي طرح هن آيت ۾ اولي الامر جي اطاعت جو حڪم ته ڏنو ويو آهي پر ان جي تقرر جي طريقي کي واضح نه ڪيو ويو آهي. تقرر جي طريقي جي وضاحت نه هجڻ جي حڪمت هيءَ ئي آهي ته اسين پنهنجي تمدني حالتن جي لحاظ کان ۽ معاشرتي ترقي ڪرڻ جي مطابق بهتر کان بهتر قابلِ عمل طريقو خود اختيار ڪري سگهون. البت هڪ ڳالهه ته هيءَ واضح ڪئي وئي آهي ته اولوالامر توهان منجهان هئڻ گهرجن غيرن منجهان نه- ٻي ڳالهه هي ته انهن جي تقرر ۾ باهمي صلاح مشوره جو روح موجود هجڻ گهرجي.

## انتخابات جي ذريعي اولي الامر جو تقرر

اولي الامر جي تقرر جي لاءِ انتخابات جو طريقو به اختيار ڪري سگهجي ٿو پر اليڪشن جي نظام کي اسلامي رياست ۾ ڪجهه حدن جو پابند ڪرڻو پوندو. تنهن هوندي به وقت جي خواهش جي تقاضا ته انتخابات زياده کان زياده Broad Base (ڪليل بنياد تي) هئڻ گهرجن. گهٽي کان گهٽ ماڻهن (شهرين) جي راءِ جو هن ۾ عمل دخل هجي. هن ڳالهه ۾ به سيد الطائفه امام اعظم ابو حنيفه رحمة الله عليه کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو پاڻ فرمايو اٿن ته "المسلم کفولکل مسلم" يعني "قانوني و دستوري حقن جي اعتبار کان سڀ مسلمان برابر آهن" اسلامي رياست ۾ ائين نه ٿيندو ته هڪ مسلمان متقي آهي لهذا هن جا قانوني و دستوري حقوق ڪجهه وڌيڪ تسليم ڪيا وڃن ۽ هڪ فاسق و فاجر مسلمان جا حق ڪجهه گهٽ هجن. شهري حقن جي لحاظ کان

اسلامي رياست جي سڀني شهرين جا حقوق هڪ جهڙا ۽ قانون جي نگاهه ۾ سڀئي برابر آهن. البت ذميداريون سپرد ڪرڻ ۾ شهرين جي علم و عمل جي لحاظ کان انهن جي وچ ۾ فرق ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪرڻ به کپرجي، هي ئي سبب آهي ته اسلامي رياست ۾ ووٽ ڏيڻ جو حق سڀني مسلمانن کي حاصل هوندو. هي ڳالهه اسلامي تعليمات سان هم آهنگ هئڻ سان گڏوگڏ باهمي صلاح و مشوره جي روح جي تقاضا به آهي ته کهڻي کان گهڻن ماڻهن جي نظامِ حڪومت ۾ پنهنجي شموليت جو احساس هجي.

## ووٽر جون وصفون

البت ووٽر تي ڪجهه نه ڪجهه پابنديون ته لڳائڻيون پون ٿيون هن ڳالهه ۾ هڪ مسئلو ته هي آهي ته ووٽر جي عمر ڪيتري هئڻ کپرجي- ٢٠ سل هجي يا ٢١ سال هجي؟ يا ان کان ڪجهه گهٽ وڌ هجي؟ منهنجي ذاتي راءِ ته هيءَ آهي ته ووٽر جي عمر گهٽ ۾ گهٽ ٤٠ هئڻ کپرجي. آئون هيءَ ڳالهه تمام گهڻا ڀيرا چئي چڪو آهيان ته ڪا نه ڪا حڪمت ته آهي جو قرآن حڪيم ۾ ارشاد ٿيو آهي (حتيٰ اذبلغ اشده و بلغ اربعين سنة) (ايستائين جو جڏهن هُو پنهنجي قوت تي پهتو ۽ هن جي عمر چاليهه سال تي وئي) جيڪڏهن ووٽر جي عمر چاليهه سال نٿي ڪري سگهجي ڇاڪاڻ ته هن صورت ۾ شهرين جو هڪ تمام وڏو طبقو نظام هلائڻ ۾ پنهنجي شرڪت جي احساس کان محروم ٿي ويندو.... ته اليڪشن ۾ حصو وٺندڙ جي عمر ٤٠ سالن کان گهٽ نه هئڻ کپرجي. پر هي سڀئي ڪم جائز ۽ درست جي دائري ۾ اچن ٿا ۽ باهمي صلاح و مشورن سان طئه ڪري سگهجن ٿا. وڌيڪ پارليامينٽ ۾ هن سلسلي ۾ قانون سازي ڪري سگهجي ٿي.

هي به ممڪن آهي ته باهمي مشوري سان ووٽر جي لاءِ تعليم جي به ڪا گهٽ ۾ گهٽ حد مقرر ڪئي وڃي ڇاڪاڻ ته تعليم جو ته ڪو ماپو ٿي سگهي ٿو پر تقويٰ کي ووٽر جي اهليت ۾ مدنظر نٿو رکي

سگهجي. ڇا معلوم تہ ڪنهن ظاهري طور تي تقويٰ جو لباس ڍڪي ڇڏيو هجي ليڪن اندر کان حقيقت ڪجهہ ٻي هجي.

## اليڪشن ۾ حصو وٺندڙن جي اهليت

اسلامي رياست ۾ جيڪي ماڻهو اليڪشن ۾ حصو وٺڻ چاهيندا انهن جي لاء يقيناً سنهيون ڇاڻيون لڳايون وينديون. انهن کي پنهنجي ڪردار جو ثبوت ڏيڻو پوندو. خاص طور مالي معاملات جي صفائي پيش ڪرڻي پوندي. انهن منجهان هر هڪ کي ٻڌائڻو پوندو تہ هن وٽ ڪيترو مال آهي ۽ هن اهو ڪٿان ڪمايو آهي؟ آخر اسلامي عدالت ۾ هر شخص تہ شاهد بڻجي نٿو وڃي سگهي. هن کي پهرين پنهنجو ڪردار ثابت ڪرڻو پوي ٿو. هن کي اسلامي اصطلاح ۾ "تزڪيہ الشهود" (پاڪ و صاف شاهد) چيو وڃي ٿو. شاهدن جي باري ۾عدليہ جي هنن سيني اصولن کي اسين ووٽر ۽ اليڪشن لڙندڙ اميدوارن جي شرطن ۾ بہ لاڳو ڪري سگهون ٿا. ان طرح سان غلط ماڻهن جي اچڻ جو رستو سوڙهو ٿي ويندو. مون هي اصولي اشارا ڏنا آهن. باهمي مشورن سان تشريح ۽ وضاحت بہ مرتب ڪري سگهجن ٿيون ۽ انهن مشورن ۾ تبديلي بہ آڻي سگهجي ٿي.

## احتسابي نظام

ٻي ضروري ڳالهہ هي آهي تہ منتخب نمائندن جي لاء جواب طلبيءَ جو هڪ اثرائتو نظام بڻائڻو پوندو. هي نظام ان ڪري ضروري آهي تہ جوڻدجي ايندڙ ابوبڪر رضہ و عمر رضہ نہ آهن جن جي طرف کان اسانکي ڪنهن بد ديانتي ۽ خيانت جو انديشو نہ هجي. خلفاء راشدين جي صفائي خود محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم ڇڻ ڪرڻ فرمائي هئي. جواب طلبي جو هي نظام هن موجوده دور ۾ ترقي يافتہ ملڪن ۾ ڪافي مؤثر آهي. جڏهن تہ آمريڪا ۾ صدر نڪسن جي خلاف اچا جواب طلبي (Impeachment) جي تحريڪ ٿي هئي تہ هو ازخود استعيفا

ڏني ويو. آمريڪا ۾ آئين صدر کي جتي تمام گهڻا اختيارات ڏنا آهن اتي Checks and Balances (چڪاس ۽ تور يا حساب ڪتاب) جي سخت نظام صدر کي به چڱو جڪڙي ڇڏيو آهي.

## پاڪستاني دستور ۽ اسلامي قانون فقرا

هيءَ ڳالهه پهرين به چئي وئي آهي ته پاڪستان جي دستور اسلامي رياست جي پهرئين دستوري تقاضا...... الله تعاليٰ جي حاڪميت جو اقرار ..... کي قرارداد مقاصد جي ذريعي پورو ڪري ڇڏيو آهي. پر هڪ افسوسناڪ پهلو هي آهي ته هڪ وقت تائين هي قرارداد فقط دستور جو ديباچو بنجي رهي دستور جي واجب العمل حصي ۾ نه هئڻ جي ڪري هن قرارداد جي بنياد تي حڪومت جي خلاف يا ڪنهن قانون جي خلاف ڪو مقدمو درج نٿي ٿي سگهيو. پاڪستان جي دستوري تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ضياء الحق مرحوم هن ڳالهه ۾ قدم کنيو ۽ ........ دستور جي ديباچي مان ڪڍي ڪري هن کي دستور جي دفعه ٢ (الف) جي صورت ۾ باقاعدي دستور جو جزو بنائي ڇڏيو.

ليڪن ضياء الحق مرحوم قرارداد مقاصد کي دستور جوجزو ته بنايو پر دستور جي اندر هن قرارداد سان ٽڪرائيندڙ جيڪي فقرا هئا انهن کي ائين رهڻ ڏنو. جنهنجو نتيجو هيءَ نڪتو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ قرارداد مقاصد کي اوليت ڏئي هڪ فيصلو ڪري ڇڏيو. جڏهن ته سپريم ڪورٽ هن فيصلي کي هي چئي ڪري رد ڪري ڇڏيو ته دستور جا سيئي فقرا برابر آهن ڪنهن فقري کي ٻئي فقري تي فوقيت حاصل نه آهي. گهربو ته هي هوته جڏهن قرار مقاصد کي دستور جو جزو بنايو ويو هو ته ان سان ٽڪرائيندڙ فقرن کي دستور مان ڪڍي ڪڍيو وڃي ها. ڪتاب و سنت جي بالادستي سان متعلق موجوده دستور جي فقري ٢٢٧ جنهن جا الفاظ هن طرح آهن:

All existing laws shall be brought in conformity with the injunctions of Islam as laid down in the Holy Quran and Sunnah, in this part referred to as the injunctions of Islam, and no law shall be enacted which is repugnant to such injunctions.

سگهجي. ڇا معلوم تہ ڪنهن ظاهري طور تي تقويٰ جو لباس ڍڪي ڇڏيو هجي ليڪن اندر ڪان حقيقت ڪجهہ ٻي هجي.

## اليڪشن ۾ حصو وٺندڙن جي اهليت

اسلامي رياست ۾ جيڪي ماڻهو اليڪشن ۾ حصو وٺڻ چاهيندا انهن جي لاءِ يقيناً سنهيون ڇاڻيون لڳايون وينديون. انهن کي پنهنجي ڪردار جو ثبوت ڏيڻو پوندو. خاص طور مالي معاملات جي صفائي پيش ڪرڻي پوندي. انهن منجهان هر هڪ کي ٻڌائڻو پوندو تہ هن وٽ ڪيترو مال آهي ۽ هن اهو ڪٿان ڪمايو آهي؟ آخر اسلامي عدالت ۾ هر شخص تہ شاهد بڻجي نٿو وڃي سگهي. هن کي پهرين پنهنجو ڪردار ثابت ڪرڻو پوي ٿو. هن کي اسلامي اصطلاح ۾ "تزڪيہ الشهود" (پاڪ و صاف شاهد) چيو وڃي ٿو. شاهدن جي باري ۾عدليہ جي هنن سيني اصولن کي اسين ووٽر ۽ اليڪشن لڙندڙ اميدوارن جي شرطن ۾ بہ لاڳو ڪري سگهون ٿا. ان طرح سان غلط ماڻهن جي اچڻ جو رستو سوڙهو ٿي ويندو. مون هي اصولي اشارا ڏنا آهن. باهمي مشورن سان تشريح ۽ وضاحت بہ مرتب ڪري سگهجن ٿيون ۽ انهن مشورن ۾ تبديلي بہ آڻي سگهجي ٿي.

## احتسابي نظام

ٻي ضروري ڳالهہ هي آهي تہ منتخب نمائندن جي لاءِ جواب طلبيءَ جو هڪ اثرائتو نظام بڻائڻو پوندو. هي نظام ان ڪري ضروري آهي تہ جوڻڌجي ايندڙ ابوبڪر رضہ و عمر رضہ نہ آهن جن جي طرف کان اسانکي ڪنهن بد ديانتي ۽ خيانت جوانديشو نہ هجي. خلفاء راشدين جي صفائي خود محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم ڇِن ڪرڻ فرمائي هئي. جواب طلبي جو هي نظام هن موجوده دور ۾ ترقي يافتہ ملڪن ۾ ڪافي مؤثر آهي. جڏهن تہ آمريڪا ۾ صدر نڪسن جي خلاف اچا جواب طلبي (Impeachment) جي تحريڪ تي هئي تہ هو ازخود استعيفا

ڏئي ويو. آمريڪا ۾ آئين صدر کي جتي تمام گهڻا اختيارات ڏنا آهن اتي Checks and Balances (چڪاس ۽ تور يا حساب ڪتاب) جي سخت نظام صدر کي ٻه چڱو جڪڙي ڇڏيو آهي.

## پاڪستاني دستور ۽ اسلامي قانون فقرا

هيءَ ڳالهه پهرين ٻه چٽي وئي آهي ته پاڪستان جي دستور اسلامي رياست جي پهرئين دستوري تقاضا...... الله تعاليٰ جي حاڪميت جو اقرار ..... کي قرارداد مقاصد جي ذريعي پورو ڪري ڇڏيو آهي. پر هڪ افسوسناڪ پهلو هي آهي ته هڪ وقت تائين هي قرارداد فقط دستور جو ديباچو بنجي رهي دستور جي واجب العمل حصي ۾ نه هئڻ جي ڪري هن قرارداد جي بنياد تي حڪومت جي خلاف يا ڪنهن قانون جي خلاف ڪو مقدمو درج نٿي ٿي سگهيو. پاڪستان جي دستوري تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ضياء الحق مرحوم هن ڳالهه ۾ قدم کنيو ۽ ........ دستور جي ديباچي مان ڪڍي ڪري هن کي دستور جي دفعه ٢ (الف) جي صورت ۾ باقاعدي دستور جو جزو بنائي ڇڏيو.

ليڪن ضياء الحق مرحوم قرارداد مقاصد کي دستور جوجزو ته بنايو پر دستور جي اندر هن قرارداد سان ٽڪرائيندڙ جيڪي فقرا هئا انهن کي ائين رهڻ ڏنو. جنهنجو نتيجو هيءَ نڪتو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ قرارداد مقاصد کي اوليت ڏئي هڪ فيصلو ڪري ڇڏيو. جڏهن ته سپريم ڪورٽ هن فيصلي کي هي چئي ڪري رد ڪري ڇڏيو ته دستور جا سيئي فقرا برابر آهن ڪنهن فقري کي ٻئي فقري تي فوقيت حاصل نه آهي. گهربو ته هي هوته جڏهن قرار مقاصد کي دستور جو جزو بنايو ويو هو ته ان سان ٽڪرائيندڙ فقرن کي دستور مان رڳڙي ڪڍيو وڃي ها. ڪتاب و سنت جي بالادستي سان متعلق موجوده دستور جي فقري ٢٢٧ جنهن جا الفاظ هن طرحتي آهن؛

All existing laws shall be brought in conformity with the injunctions of Islam as laid down in the Holy Quran and Sunnah, in this part referred to as the injunctions of Islam, and no law shall be enacted which is repugnant to such injunctions.

انهن ٿي لفظن سان مليل جليل لفظن ۾ هي حصو هر پاڪستاني دستور ۾ شامل ڪيو ويندو رهي ٿو.

يقيناً هي الفاظ قرآن و سنت جي بالادستي جي اعتراف و اظهار جي لاءِ ڪافي آهن. ليڪن افسوسناڪ ڳالهہ هي آهي تہ هن فقري ۾ جيڪي ڪجهہ ڏنو ويو هو اهو دستور جي انهي باب جي ٻين فقرن جي ذريعي واپس ورتو ويو. جنهنجو خلاصو هي آهي تہ دستور جي هن فقري تي عمل فقط ان طريقي سان ٿيندو جنهنجو تفصيل هن ئي باب ۾ ٻڌايو ويو آهي ۽ هن تفصيل جو اختصار هي آهي تہ حڪومت هڪ اسلامي نظرياتي ڪائونسل نامزد ڪندي جيڪا؛

١. موجوده قوانين منجهان انهن قوانين يا قوانين جي انهن حصن جي نشاندهي ڪندي جيڪي ڪتاب و سنتہ سان ٽڪرائيندڙ آهن.

٢. پارليامينٽ يا صوبائي اسيمبلي جيڪڏهن ڪنهن تجويز ڪيل قانون جي باري ۾ دريافت ڪري تہ ڪنهن قانون يا ان جو ڪو حصو ڪتاب و سنت سان ٽڪرائجي تہ ڪونہ ٿو تہ هو هن کي پنهنجي مشوري سان اطلاع ڪندي. واضح هجي تہ ڪو تجويز ڪيل قانون اسلامي نظرياتي ڪائونسل کي فقط ان وقت موڪليو ويندو جڏهن اسيمبلي جي سيني ميمبرن منجهان گهٽ ۾ گهٽ ٢٠ في سيڪڙو ميمبر ان جي ضرورت محسوس ڪن.

٣. جڏهن صدر يا ڪنهن صوبي جو گورنر (جڻ مرڪزي يا صوبائي حڪومت) ڪنهن قانون کي اسلامي نظرياتي ڪائونسل کان مشوره جي لاءِ ڪائونسل کي موڪلين تہ هو پنهنجو مشورو ڏيندي. ليڪن انهن سيني صورتن ۾ اسلامي نظرياتي ڪائونسل جيڪو مشورو ڏيندي ان جي حيثيت فقط سفارش جي هوندي. مرڪزي پارليامينٽ يا صوبائي اسيمبلي

کي اختيار هوندو تہ هو هن مشوري کي مڃي يا مسترد
ڪري. اهڙي طرح حڪومت بہ مشوري جي پابند نہ هوندي.
ڇڻ ڪتاب و سنت جي خلاف ڪو قانون بنائڻ جو اعلان
مڪمل طور تي چونڊيل ايوان جي فيصلي تي منحصر آهي.

هن صورتحال ۾ ضياء الحق مرحوم دستوري سطح تي اسلام جي طرف اڳيرو ٿيڻ جي تعلق ۾ هڪ ٻيو ڪم بہ ڪيو. پر انتهائي اڌوري دل سان ڪيو. جيتوڻيڪ هي پيش رفت صحيح راهہ ۾ هئي ليڪن سيئي ضرورتون پوريون نہ ڪيون ويون. اها پيش رفت وفاقي شرعي عدالت جو قيام هو. هِن عدالت کي اختيار ڏنو ويو تہ اها؛

۴. ازخود يا ڪنهن شهري جي درخواست تي ڪنهن رائج ٿيل قانون جي باري ۾ فيصلو ڪري تہ آيا هو ڪتاب و سنت سان ٽڪرائجي ٿو ۽ ٽڪرائجڻ جي صورت ۾ حڪومت کي مقرر وقت ڏي جنهن جي اندر هو يا تہ هن فيصلي جي خلاف سپريم ڪورٽ جي شريعت بينچ ۾ اپيل ڪرڻ يا ان قانون کي ڪتاب و سنت جي مطابق بنائي ليڪن مقرر وقت ۾ جيڪڏهن حڪومت انهن ٻنهي ڪمن منجهان ڪوبہ ڪم نہ ڪيو تہ وقت گذرڻ ڪانپوء اهو قانون خود بخود منسوخ ٿي ويندو.

## ليڪن هن عدالت جي قيام ۾:

١. هڪ غلطي تہ هيءَ ڪئي وئي تہ هن جي لاء بلڪل جدا عدالت بنائي وئي حالانڪہ ان کي ملڪ جي نظام عدليہ سان گڏ رکڻ گهربو هو-

٢. ٻي غلطي هيءَ ڪئي وئي تہ هن عدالت جو درجو ٻين اعليٰ عدالتن کان گهٽ رکيو ويو جڄن جو تقرر فقط ٽن سالن جي لاء ڪيو ويو ۽ انهن کي برطرف ڪرڻ جو اختيار بہ رکيو ويو اِن طرح هي عدالت حڪومت جي دٻاء کان آزاد ٿي ڪري فيصلي ڪرڻ جي قابل نہ رهي.

٣. ٽين زيادتي هيءَ ڪئي وئي ته هن عدالت جي هٿن ۾ ٻه هٿڪڙيون ۽ پيرن ۾ ٻه بيڙيون پاتيون ويون. پهرين هٿڪڙي هي ته پاڪستان جو دستور هن عدالت جي دائري کان ٻاهر ڪيو ويو. ٻي هٿڪڙي هيءَ هئي ته عدالتي قوانين وضوابط يعني "Any law relating to the procedure of any court or tribunal" به هن جي دائري کان ٻاهر آهن. انهن کان علاوه ٻه بيڙيون هي هيون ته مسلم عائلي قوانين هن عدالت جي دائري کان ٻاهر آهي ۽ ڏهن سالن تائين مالي قوانين به هن عدالت جي دائري کان ٻاهر رکيا ويا جڏهن ته انهن جي خلاف به هن عدالت جو دروازو نٿو کڙڪائي سگهجي.

هي ئي سبب آهي ته هي سموري پيش رفت عملي طور بيڪار ثابت ٿي چاڪاڻ ته قرآن مجيد ۾ سڀ کان زياده تفصيلات ته عائلي قوانين ئي جي باري ۾ موجود آهن. توهان حيران ٿيندا ته انگريز به پنهنجي زماني ۾ هنن قوانين کي نه ڇيڙيو هو ڀارت جي مسلمانن به پنهنجي عائلي قوانين جي لاءِ تحفظ حاصل ڪري ورتو. پر اسانجي ملڪ جي هڪ چيف مارشل لاءِ ايڊمنسٽريٽر (محمد ايوب خان) هڪ منڪر حديث جا بڻايل قوانين نافذ ڪري ڇڏيا اهي هن جي يارهن سال دور ۾ نافذ رهيا ۽ اڃا تائين نافذ آهن البت ..... هڪ هٿڪڙي جيڪا هڪ مقرر وقت تائين جي لاءِ هئي اها ڏهه سال پوري ٿيڻ تي کلي پئي لهذا وفاقي شرعي عدالت اهو تاريخي فيصلو ڏئي ڇڏيو ته بئنڪ جو نفعو به وياج آهي. منهنجي نزديڪ هي قرارداد مقاصد جي درجي جو اهم فيصلو آهي پر آءِ جي آءِ جي حڪومت هن جي خلاف سپريم ڪورٽ جي شريعت بينچ ۾ اپيل دائر ڪري ڇڏي جيڪا اڃا تائين زير سماعت آهي. (١٧)

گلہ جفائے وفا نما کہ حرم کو اہل حرم سے ہے
کسی بتکدے میں بیاں کرو توکہے صنم بھی ہری ہری

هن صورتحال مان نتيجو هي حاصل ڪري رهيو آهيان ته چوڻ لاءِ ته هي ڳالهه آسان آهي ته دستور ۾ قرآن و سنت جي بالادستي جو فقرو

عليه وسلم جن فرمايو آهي "فذالکــ المسلم الذي له ذمة الله و ذمة رسوله" (تہ هي آهي اهو مسلمان جنهن جي لاءِ الله جو ذمو آهي ۽ ان جي رسول جو ذمو آهي) (١٩)

## نظام خلافت ۾ غير مسلمانن جا حقوق ۽ پابنديون

اچو اسين ڏسون تہ نظام خلافت ۾ غير مسلمانن کي ڪهڙا ڪهڙا حق حاصل هوندا آهن ۽ ڪتي ڪتي انهن تي پابندي آهي. پهرين اسين غير مسلمانن تي لڳل بندشن کي بيان ڪريون ٿا ان ڪوشش ۾

١. پهرين ڳالهہ هيءَ آهي تہ ڪوبہ غير مسلم خليفو (سربراهہ مملڪت) نٿو ٿي سگهي. هي ڳالهہ هلندڙ دور ۾ بہ تسليم ڪئي وڃي ٿي جڏهن تہ دستوري سطح تي طئہ ڪيو ويندو آهي تہ رياست جو سربراهہ مثلاً مسلمان ٿيندو يا عيسائي ٿيندو. (پر ايستائين جو عيسائين جي فلاڻي فرقي مان هوندو) پر هي پابندي ان ملڪ جي سرڪاري مذهب جي آڌار تي لڳائي وڃي ٿي. ليڪن هتي هي معاملو آهي تہ خلافت جيئن تہ الله پوري آدم جي اولاد کي ڏني هئي ليڪن آدم جي اولاد ۾ جيڪو حاڪميت جو دعويدار بنجي ويهي رهيو (يا جنهن غيرالله جي حاڪميت تسليم ڪئي) تہ ان جو حقِ خلافت کسيو ويو لهذا خلافت هاڻ فقط مسلمان جي آهي جڏهن تہ منطقي طور تي غير مسلم خليفو نہ ٿيندو.

٢. ٻي پابندي هيءَ هوندي تہ موجوده دور جي خلافت جي نظام ۾ قانون سازي جو رڪن ڪو غير مسلم نہ بنجي سگهندو ان ڪري جو نظام خلافت ۾ قانون سازي جو دارومدار ڪتاب و سنت تي آهي ۽ جيڪو شخص نہ ڪتاب الله کي مڃي نہ سنت کي مڃي اهو قانون سازي ۾ ڪيئن شريڪ ٿي سگهي ٿو!!

٣. ٽئين پابندي هيءَ هوندي تہ رياست جي پاليسي ٺاهيندڙ اهم ادارن جي رڪنيت بہ غير مسلم کي نہ ڏني ويندي. جنهن جو سبب بہ صاف ظاهر آهي تہ جڏهن بہ نظام خلافت دنيا ۾ قائم ٿيندو تہ ان جي

top most priority هي هوندي تہ هن نظام کي سڄي دنيا ۾ پکيڙڻو آهي. هاڻ اوهان خود سوچيو تہ ڪو غير مسلم هن پاليسي جي بناوت ۽ نفاذ ۾ معاون مددگار ڪيئن بنجي سگهي ٿو. ظاهر آهي تہ غير مسلم نظرياتي بنياد تي قائم هن خلافت جي نظام جا قائل ٿي نہ آهن لهذا اهي تہ هن جي رستي ۾ رڪاوٽ ٿي پيدا ڪندا.

هن اعتبار کان هي ٽئي ادارا غير مسلم جي لاءِ out of bounds آهن.

هاڻ اسان هنن حقن کي بحث هيٺ آڻينداسون جيڪي غير مسلمانن کي نظام خلافت جي تحت حاصل هوندا.

١. پهرين ڳالهہ تہ هيءَ آهي تہ نظام خلافت ۾ غير مسلمانن جي جان و مال عزت و آبرو ايترو ئي محفوظ هوندي جيترو ڪنهن مسلمان جي هوندي آهي. جڻ هن معاملي ۾ مسلم ۽ غير مسلم جي درميان ڪو فرق نہ رکيو ويندو.

٢. ٻيو حق هي هوندو تہ انهن کي مڪمل مذهبي آزادي حاصل هوندي.

٣. ٽئين ڳالهہ هيءَ آهي تہ انهن جي عبادتگاهن جي حفاظت مسجدن کان وڌيڪ ڪئي ويندي. مسجدن کان وڌيڪ حفاظت ڪرڻ جي ڳالهہ تہ ممڪن آهي تہ اوهان ڇرڪو، ليڪن منهنجي ڳالهہ جو هڪ دليل تہ قرآن حڪيم ۾ آهي ۽ ٻيو دليل خليفہ راشد حضرت عمر فاروق رضہ جي عمل سان آهي. سوره حج ۾ الله تعالي پنهنجو هڪ قانون بيان ڪيو آهي جڏهن تہ ارشاد فرمايو:

(ولولا دفع الله الناس بعضهم ببعض لهدمت صوامع وبيع وصلوات ومساجد يذكر فيها اسم الله كثيرا)

"جيڪڏهن ائين نہ ٿئي ها تہ الله تعالي وقت بوقت ڪجهہ ماڻهن جي ذريعي ڪجهہ ٻين (ظالم) ماڻهن کي هٽائي نہ رهي ها تہ هي خانقاهون، گرجائون، عبادتگاهون ۽ مسجدون ڊاهيون وڃن ها جن جي اندر الله جي نالي جو تمام گهڻو ذڪر ڪيو وڃي ٿو"-

هن آيت مبارڪ ۾ ڏسندا، ٻين عبادتگاهن جو ذڪر پهرين آهي جڏهن تہ مسجد جو ذڪر آخر ۾ آهي.

ٻيو دليل حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جو اهو عمل آهي جيڪو بيت المقدس جي فتح جي موقعي تي سامهون آيو. پاڻ رضہ گرجا ۾ هئا تہ نماز جو وقت ٿي ويو. کين (گرجا جي متنظمين) چيو هتي ئي نماز ادا ڪريو. حضرت عمر رضہ جن فرمايو هرگز نہ جيڪڏهن مون هتي نماز پڙهي ڇڏي تہ مسلمان هن جڳہ کي مسجد بنائي ڇڏيندا جو حضرت عمر رضہ هتي نماز پڙهي آهي. پاڻ گرجا کان ٻاهر نڪري ان جاء تي نماز ادا ڪئي جتي بعد ۾ مسجد عمر رضہ تعمير ٿي.

۴. چوٿين ڳالهہ هيءَ آهي تہ نظام خلافت ۾ غير مسلمانن کي پنهنجي Personal law تي عمل ڪرڻ جي مڪمل آزادي هوندي جڏهن تہ شادي مُرادي،نڪاح ۽ طلاق ۽ وراثت جو نظام هو پنهنجي مذهب جي مطابق طئہ ڪندا.

۵. پنجين ڳالهہ هيءَ آهي تہ انهن کي هيءَ آزادي هوندي هو پنهنجي ايندڙ نسل کي پنهنجو مذهب جهڙيءَ طرح چاهين پڙهائين البت مسلمانن ۾ تبليغ جي هرگز اجازت نہ هوندي.

٦. ڇهين ڳالهہ هيءَ آهي تہ هُنن کي تجارت ڪرڻ ۽ صنعت و حرفت ۾ حِصو وٺڻ جي مڪمل آزادي هوندي وڌيڪ تہ غير مسلمانن کي سموروا موقعا حاصل هوندا تہ هُو پنهنجي اهليت جي بنياد تي سرڪاري ملازمتون حاصل ڪن. جيتوڻيڪ هن ڪوشش ۾ پاليسي تشڪيل ڏيندڙ ادارا مستثنيٰ هوندا. ظاهر ڳالهہ آهي تہ هر ڪاتي ۾ هڪ اعليٰ ترين سطح اها ٿيندي آهي جتي grand policy ٺاهي وڃي ٿي. ان بلند ترين سطح تي تہ پابندي هوندي جڏهن تہ هن کان هيٺ سيني شعبن ۾ ملازمت جا موقعا غير مسلمانن کي بہ مسلمانن وانگر حاصل رهندا.

غير مسلمانن جي حوالي سان هڪ آخري ڳالهہ اهم ڳالهہ هيءَ آهي تہ صدارتي نظام ۾ هن ڳالهہ جو امڪان بہ آهي تہ قانون سازي

جو رڪن نہ بنجي سگهجڻ جي باوجود غير مسلم کي ڪا وزارت بہ ڏني وڃي.

جيئن تہ پهرين بہ چيو ويو آهي تہ نظام خلافت جي تحت اسلامي رياست جو باضابطہ ۽ مڪمل شهري فقط مسلمان هوندو. ڇاڪاڻ تہ نظام خلافت غير مسلمانن جي حقوق جي حفاظت جي باوجود انهن تي بهرحال ڪجهہ پابندي بہ عائد ڪري ٿو. جدت پسند ماڻهو هن تي هي خوشطبع مثال چالاڪيءَ سان ڏيندا جو هن طرح تہ هُو Second rate citizens بنجي رهجي ويندا مگر مون هن سلسلي ۾ اسلام جي اصولي پوزيشن واضح ڪري ڇڏي آهي جنهنکي محض طعن ۽ خوف سان ڇڏي نٿو سگهجي.

## جزيو ڇا آهي؟

هتي جزيي جي حوالي سان بہ ڪجهہ ڳالهيون سمجهي ڇڏڻ گهرجن. هن لفظ کي بہ گار بنائي ڇڏيو ويو آهي. جزيو جزا مان نڪتل آهي، جڏهن تہ اسان وٽ جيترو بہ Taxation جو نظام آهي اهو سڀ جزيو ئي تہ آهي. اسلامي نظام خلافت ۾ غير مسلمانن کان زڪواة وصول نٿي ڪري سگهجي جڏهن تہ انهن کان جزيو وصول ڪيو ويندو. ظاهر آهي تہ غير مسلم بہ هن ملڪ جو شهري آهي ۽ رياست هن جي حفاظت جو ذمو کنيو آهي رياست جيڪا ذميداري کڻي رهي آهي ان جي عيوض هن کان ٽيڪس وصول ڪندي. اهو ٽيڪس، هي جزيو آهي. بدقسمتي سان هي سڀئي شيون اسانجي نظرن کان غائب ان ڪري ٿي ويون آهن جو اڄ پوري دنيا ۾ مسلمان خود جزيو ڏئي رهيو آهي هن وقت سڄي دنيا ۾ ٽيڪس جو نظام رائج آهي ان کي اسين زڪواة نٿا چئي سگهون ان کي جزيي ئي سان تعبير ڪيو ويندو. جڏهن نظام خلافت جي تحت اسلام جو اقتصادي نظام قائم ڪيو ويندو تہ موجوده ڍانچو مڪمل طور تي بدلجي ويندو هن وقت تائين اسان رياست کي هن تحفظ جي ضمانت جي عيوض جيڪا اسانکي رياست جي طرفان حاصل آهي "جزيو" ڏئي رهيا آهيون، جنهن کي ٽيڪس چيو وڃي ٿو-

# ياداشت

۱. انهيءَ جو خوبصورت تعبير علامہ اقبال هن طرح ڪيو آهي

سروری زیبا فقط اس ذات بے ہمتا کو ہے
حکمراں ہے اك وہی باقی بتان آزری

۲. يا وري بغاوت

۳. پر حقيقت تہ هيءَ آهي تہ باغيءَ خلافت جو حق خود ئي ڇڏي ڏنو۔

۴. هن سلسلي ۾ اسانجي ملڪ جي دستوري تاريخ ۾ هڪ دلچسپ واقعو بہ پيش اچي چڪو آهي. مشهور ماهر قانون ... ڪي بروهي ڪتي هي چئي ويئو تہ جيڪو شخص هي ثابت ڪري ڏي تہ قرآن حڪيم ۾ دستوري خاڪو موجود آهي آئو ان کي هڪ هزار رپيہ انعام ڏيندس. سندس ڳالهہ هڪ اعتبار کان صحيح هئي. ظاهر آهي تہ ڪو تفيلي دستوري خاڪو تہ قرآن حڪيم ۾ موجود نہ آهي. قرآن حڪيم تہ فقط اصول ڏنا آهن. قرآن نہ صدارتي نظام ڏنو آهي، نہ پارلياماني، نہ وفاقي نظام ڏنو آهي نہ وحداني- ڳالهہ تہ بروهي صاحب جي هن حوالي سان درست ئي هئي، مگر سياسي دٻاءَ جي سبب کان هو پنهنجي ڳالهہ تي قائم نہ رهي سگهيو.

۵. هن نظام کان اعليٰ نظام تہ ممڪن ئي نہ آهي. پنهنجن کان علاوه غيرن بہ هن حقيقت کي تسليم ڪيو آهي ..... ۱۹۳۷ع ۾ گانڌي پنهنجن وزيرن کي ابوبڪر رضہ وعمر رضہ جي نقش قدمِ تي هلڻ جي تلقين ڪري رهيو آهي. ان کي چون ٿا جادو، اهو جنهنجو اثر ازخود ظاهر ٿئي. (الفضل ما شهدت به الاعداء) مگر ان کانپوءِ اسان محل سينگاريا ۽ عياشيون شروع ڪري ڇڏيون. علامہ اقبال پنهنجي مشهور نظم ۾ ابليس جي زبان کان چورايو آهي؛

۱۲. امام ابو حنيفہؒ جو هي انڪار سندن عظمت جو دليل آهي ۽ پاڻ سيد الطائفہ ۽ امام اعظم چورائڻ جا مستحق آهن.

۱۳. هي قرآني بلاغت جو معجزو آهي جو الله ۽ رسول ٻنهي سان گڏ لفظ اطيعوا جو بار بار دهرائڻ آهي ليڪن اولي الامر جي اطاعت کي جدا لفظ سان واضح ڪرڻ کانسواء ان کي الله جي اطاعت ۽ رسول جي اطاعت تي ٻنهي کي ملائي ڪري ظاهر ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ اول الامر جي اطاعت پهرين ٻنهي اطاعتن جي ماتحت آهي.

جڏهن تہ جيڪڏهن هيئن چيو وڃي تہ "اطاعت ڪريو الله جي ان جي رسول جي ۽ پنهنجي اولي الامر جي" تہ هي ڄڻ آخري ٻئي اطاعتون الله جي اطاعت جي ماتحت ٿي وينديون يا هيئن چئو تہ بريڪيٽ (ڏنگي) جي ٻاهران جي رقم بريڪيٽ جي اندر جي سڄي رقم سان ضرب ٿي وڃي ٿي-

۱۴. جنهن جي مثلاً هڪ صورت هيءَ آهي تہ اولي الامر پنهنجي ڪنهن حڪم کي شريعت جي دائري جي اندر قرار ڏي مگر ڪو شهري هن حڪم کي شريعت جي دائري کان خارج قرار ڏي ٿو.

۱۵. مون هي لفظ پوري شعور سان چيا آهن- درحقيقت هن آيت ۾ ٻہ خالي جايون آهن. هي الفاظ (نعوذ بالله) ڪنهن بي ادبي جي تحت نہ چئي رهيو آهيان. پر هي ٻئي خالي جايون الله تعاليٰ پنهنجي حڪمت جي بنياد تي ڇڏيون آهن. قران مجيد تمام گهڻين مصلحتن جي بنياد تي بعض خالي جايون ڇڏي ڏي ٿو. ان صحابہ رضہ کي انهيءَ لاء چيو آهي تہ "اي مسلمانو! اهڙين ڳالهين جي باري ۾ نہ پڇو جو جيڪڏهن ظاهر ڪيون وڃن تہ توهان کي تڪليف ڏين (تنهن هوندي بہ) جيڪڏهن نزول قرآن جي وقت تون سوال ڪندين تہ انهن ڳالهين کي ظاهر ڪري ڏنو ويندو"-

جڻ تي سگهي ٿو تہ هن طرح توهان پنهنجو پاڻ تي ڪئين پابنديون خود لاڳو ڪرڻ جي لائق بنجي ويو جيئن هڪ صحابيءَ خطاب جي دوران نبي صلي الله عليه وسلم جن کان پڇيو حضور ڇا حج هر سال فرض آهي. پاڻ ﷺ خاموش رهيا. ٻئي دفعا پڇڻ تي پاڻ ﷺ جن فرمايو "جيڪڏهن آئون ڇئي ڏيان تہ هر سال تہ هر سال فرضي ٿي وڃي- ان ڪري خوام خواهہ سوال نہ ڪريو"-

هن آيت جي اندر جيڪي بہ خالي جايون آهن انهن منجهہ پهريون خلاصو هي آهي تہ؛

١. هي اولي الامر ايندا ڪٿان؟ رسول ﷺ جن جا نامزد ٿيندا؟ مسلمان انهن کي پنهنجي مرضي سان چونڊيندا؟ خود مسلط ٿي ويندا؟ ڪو طاقوتر خاندان گروهہ يا فوجي تنظيم انهن کي نامزد ڪندي؟ انهن سڀني سوالن جو واضح جواب قرآن ۾ موجود نہ آهي جيڪڏهن تعميل ڏني وڃي تہ-

(الف) نبي صلي الله عليه وسلم جن ڪنهن کي نامزد نہ ڪيو هو- فقط ڪجهہ اشارا ڪيا هئا.

(ب) حضرت ابوبڪر رضہ (شوريٰ جي مشوري سان) حضرت عمر رضہ کي جانشين نامزد ڪري ڇڏيو.

(ج) حضرت عمر رضہ (امت جي عام اتفاق کي محسوس ڪندي ڇهن ماڻهن جي ڪميٽي نامزد ڪري ڇڏي-)

(د) حضرت علي رضہ کي سموري عالم اسلام جي لاءِ فقط مديني وارن منتخب ڪيو ڇاڪاڻ تہ هي دارالخلافہ ۽ سياسي مرڪز هو.

(هہ) بعد ۾ خاندان مان حڪمران اچڻ لڳا-

تہ هاڻ هي مختلف صورتون ٿي ويون بلڪہ هي بہ ٿيو تہ بابر آيو ۽ ابراهيم لوڌي کي ٻي دخل ڪري زبردستي دهلي جي تخت تي ويهي رهيو. يعني حملہ آور حڪمران بہ آيا اسان جي فقهاء

متغلب (حملہ آورن- غلبو ڪندڙن) جي اطاعت بہ لازم قرار ڏني آهي- بشرطيڪ هُو ڪتاب و سنت جي مطابق حڪم هلائي ۽ امن و امان قائم ڪري- ڊاڪٽر جاويد اقبال هن تي فقهاء جي سخت ملامت ڪئي آهي. ليڪن جيڪڏهن هن عملي صورت کي تسليم نہ ڪيو وڃي تہ ڇا بغاوت تي بغاوت ٿيندي رهي: آخر اسانجي اعليٰ عدالت بہ تہ نظريہ ضروروت جي تحت مارشل لاء حڪمراني تسليم ڪئي. عدالت فوج سان تہ وڙهي نہ ٿي سگهي. اهو ئي سبب آهي تہ قرآن حڪيم "اولي الامر" جي تقرري جو معاملو کليو رکيو آهي. البت هڪ ڳالهہ واضح ڪري ڇڏي تہ هي اولي الامر توهان منجهان هجڻ گهرجن جن جي تقرريءَ جي آئيڊيل Ideal صورت هيءَ ئي آهي تہ هُو مسلمانن جي مشوري سان اچن. جڏهن تہ هي اصول ڏنو ويو (وامرهم شوري بينهم) يعني مسلمانن جو (هر اجتماعي) معاملو باهمي مشوري سان هئڻ گهرجي.

٢. سوره نساء جي مٿئين آيت ۾ ٻي خالي جاء هي آهي تہ جڏهين اولي الامر ڪنهن معاملي کي ڪتاب و سنت جي مطابق نہ هجي تہ فيصلو ڪير ڪندو؟ ان جون ڪيتريون ئي صورتون ممڪن آهن.

١. شهري دليلن سان پنهنجي راء جو اظهار ڪري ۽ اولي الامر هن جي راء کي مڃي- مثال مهر جي مقرر حد جي باري ۾ هڪ عورت جي آيت "واتيتم احدا هن قنطارا" مان ثبوت ڏئي حضرت عمر رضہ پنهنجي راء ڏي متوجه ٿيو-

٢. شهري اولوالامر جي ثبوت کان مطمئن ٿي وڃي جيئن مانعين زڪواة جي خلاف جهاد ڪرڻ جي فيصلي کان حضرت عمر رضہ ۽ ٻيا صحابہ رضہ حضرت ابوبڪر رضہ جي دليلن کي ٻڌي ڪري مطمئن ٿي ويا.

٣. عام شهري پنهنجي راء جا سلسلا علماء ۽ اهل شوريٰ ڏانهن رجوع ڪري ڏي ۽ انهن جي ڳالهہ قبول ڪري وٺي-

۴. علماء ۽ اهل شوريٰ اولي الامر کي سندن غلطي تي تنبيهه ڪري انهن کي پنهنجي راهه ڇڏڻ تي مجبور ڪن.
ليڪن انهن منجهان ڪو طريقو به باضابطه نٿو چئي سگهجي- البت موجوده دور جي جديد فن حڪمراني (اسٽيٽ ڪرافٽ) ۾ عدليه هن خالي جاءِ کي باضابطه طور تي پُريو آهي- جيتوڻيڪ اڄ جيڪڏهن ملڪ جي دستور ۾ لکيو وڃي ٿو ته ڪا قانون سازي ڪتاب و سنت جي خلاف نه هوندي ۽ ملڪ جي پارليامينٽ هڪ قانون ٺاهي ٿي جيڪو پارليامينٽ جي راءِ جي مطابق قرآن و سنت جي دائري جي اندر اندر آهي. ليڪن ڪو عام شهري هي ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار نه آهي هاڻ شهري کي ...... ثابت ڪرڻو پوندو ته ڪتاب و سنت سان خلاف ورزي ٿي آهي پر هي شهري ڪيڏانهن ويندو؟ هوعدالت جو دروازو ڪَڙڪائيندو چاڪاڻ ته هلندڙ دور ۾ عدليه کي دستور جو محافظ بنايو ويو آهي. دستور ۾ جن بنيادي شهري حقن کي مهيا ڪيو وڃي ٿو انهن جي حفاظت به عدالت عاليه جي ذميدري آهي. جڏهن ته هڪ شهري، ڊپٽي ڪمشنر يا ايس پي جي خلاف رٽ داخل ڪري سگهي ٿو ته هن منهنجي دستور حقن تي ڌاڙو هنيو آهي.
جيئن ته اسان ڏٺو، سوره نساء جي ذڪر ڪيل مٿين آيت ۾ هي ٻه خالي جايون موجود آهن پر هي خالي جايون حڪمت جي تحت رکيون ويون آهن. هاڻ هن حڪمت کي به سمجهي ڇڏيو- دراصل نزول قرآن جي وقت عمراني ارتقاء جو عمل (Process of social evolution) به جاري رهيو. ان وقت ماڻهو رياست ۽ حڪومت جي فرق کي نه سمجهندا هئا نه فن حڪمراني State craft جي مطابق رياست جون ٽي ڪنڊون يا طرف ...... قانون سازي، انتظاميا ۽ عدليه...... آدم جي اولاد تي اڃا ظاهر ٿيا هئا. لهذا قرآن حڪيم انهن سيني شين

ڪي Accommodate (سهوليت ۽ سهنج) ڪرڻ لاء خالي جاء ڇڏي ڏني. جيڪڏهن سيئي ڳالهيون پهرين کان طئہ ڪيون وڃن تہ شايد اسين زماني جو ساٿ نہ ڏئي سگهون.

اهو ئي سبب آهي تہ چين جي پراڻي تهذيب وانگر عورتن جي پيرن کي ننڍي رکڻ جي لاء ٻالڪپڻ ۾ هنن کي لوهہ جون جتيون پارائڻ جو طريقو اسانجي شريعت نہ اپنايو جو عمراني ارتقاء کي روڪڻ وارا تفصيل احڪام ڏئي ڪري اسانکي هڪ مخصوص واعدي اقرار جو پابند بنايو وڃي ها. پر احڪام اهي ڏنا جن ۾ لچڪ ۽ گنجائش آهي ۽ جيڪي عمراني ارتقا جي ڪنهن مرحلي ۾ رڪاوٽ نٿي ثابت ٿيا.

مطلب تہ عدالت جيڪڏهن ڪنهن قانون يا اقدام جي باري ۾ هي فيصلو ڏئي ڇڏي ٿي تہ هو ڪتاب و سنت جي خلاف نہ آهي تہ خواهہ هو قانون ڪنهن کي پسند هجي يا ناپسند ان کي ميٺو پوندو ڇاڪاڻ تہ جائز و درست جي دائري ۾ پارليامينٽ کي قانون سازي جو حق آهي. جيتوڻيڪ پارليامينٽ جي اجتهاد جو هي مسئلو انتهائي سادو آهي پر اسانجي ڪجهہ جدت پسند ۽ مغرب ڏنگيل دانشورن خوام خواهہ هن کي معمو بنائي رکي ڇڏيو آهي.

١. مثلاً ڪجهہ آيتون پيش آهن:

(ا) فا حکم بينهم بما انزل الله (المائده:۴۸)

”بس تون فيصلو ڪر انهن جي وچ ۾ هن شيء جي مطابق جيڪا الله نازل فرمائي“

(ب) وان حکمت فاحکم بينهم بالقسط (المائده:۴۲)

”۽ جيڪڏهن تون فيصلو ڪرين تہ انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪر انصاف سان“

(ج) واذا حکمتم بين الناس ان تحکموا بالعدل (النسا:۵۸)

”۽ جڏهن تون ماڻهن جي درميان فيصلا ڪرين تہ عدل سان

فيصلا ڪر"۔

(د) انا انزلنا اليڪ الڪتاب بالحق لتحڪم بين الناس بما اراڪ الله (النساء: ١٠٥)

" اسان توڏانهن ڪتاب حق سان گڏ نازل ڪيون ٿا تہ تون ماڻهن جي درميان ان دانائي ۽ عقلمندي جي مطابق فيصلو ڪرين جيڪا الله توکي ڏني آهي"۔

(هہ) وان خفتم شقاق بينهما فابعثوا حڪما من اهله وحڪما من اهلها (النساء:٣٥)

"۽ جيڪڏهن توکي انهن ٻنهي (زال مڙس) جي وچ ۾ اختلاف (وڌي وڃڻ) جو انديشو هجي تہ مقرر ڪر هڪ فيصلو ڪرڻ وارو مڙس جي خاندان مان ۽ هڪ زال جي خاندان مان"۔

هن سلسلي ۾ آيتون ۽ حديثون تمام گهڻيون آهن جن جي مطابق عدالتن کي ڪتاب و سنت ۽ انصاف تي ٻڌل فيصلا ڪرڻ جي واضح ذميداري حوالي ڪئي وئي آهي.

١٧. ۽ پي پي پي جي حڪومت سپريم ڪورٽ جي شريعت بينچ جي ٻنهي ججن کي فارغ ڪري شريعت بينچ جو ئي خاتمو ڪري ڇڏيو. انالله وانا اليه راجعون

١٨. آخر هڪ ملڪ جي قوم ٻئي ملڪ جي قوميت سان گڏ جيڪڏهن مخلوط (مليل جليل) ٿئي ٿي سگهي تہ الله تعاليٰ کي مقتدر اعليٰ مڃڻ وارا پنهنجي قوميت جدا ڳاڻہ ڇونہ رکن ۽ الله کانسواءِ ٻئي جي لاءِ اقتدار اعليٰ تسليم ڪرڻ وارن کي پنهنجي قوميت ۾ ڇو شامل ڪريون.

١٩. ان ڪري ذمي گار نہ بلڪ هڪ اعزاز آهي.

٢٠. ڇاڪاڻ تہ هي تبليغ رياست جي مقتدر اعليٰ جي خلاف بغاوت جي تبليغ هوندي جنهن جي اجازت ڪا رياست نٿي ڏئي سگهي. هيءَ ٿي ڇا گهٽ آهي تہ مقتدر اعليٰ جو اقتدار نہ مڃڻ وارن کي رياست ۾ سمورن حقن سان گڏ رهڻ جو حق حاصل آهي.

۳

# خطبو ټيون

## موجوده دور په
## نظام خلافت
## جو
## معاشي و معاشرتي ڍانچو

عنوان صفحو


- مارڪسزم جا رهنما اصول ۽ اسلام
- سرمائيداري نظام جا بنيادي اصول ۽ اسلام
- سرمائيداري نظام کي اسلامي نظام ۾ ڪيئن بدلائي سگهجي ٿو؟
- اسلامي نظام معيشت
- اسلامي اصولن تي عملي صورتون
- زمين جو مسئلو
- قمار (شرط) يا جوا
- بادشاهي دور جا فتنا فساد
- فقه تي بادشاهت جا اثرات
- بيع موجل (مهلت ڏنل وڪرو) بيع مرابحہ (نفعي سان وڪرو)
- بادشاهي دور جون باقي بچيل برايون (خرابيون)
- زڪواة جي حقيقت
- اسلام جو معاشرتي نظام
- معاشرتي نظام جا اصول ۽ بنياد

هن حد درجي جي اهم موضوع تي گفتگو کان پهرين ڪجهه بنيادي ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. هن دور ۾ اڄ کان پهرين جڏهن، ڪڏهن اقتصاديات جي موضوع تي ڳالهه ٿيندي هئي ته سوشلزم يا ڪميونزم جي اقتصادي نظام ۽ مغربي سرمائيدارانه اقتصادي نظام جي درميان هڪ مقابلو اسانجي سامهون ايندو هو ڇاڪاڻ ته دنيا ۾ عملي طور هي ٻئي ٻه نظام موجود هئا. جيستائين تعلق آهي اسلام جو، اهو ذهنن ۽ ڪتابن ۾ ته موجود آهي پر عملي طور ڪنهن زمين جي خطي تي ان جو وجود نه آهي. ڇڻ اها ٿي ڳالهه ته:

مسلمانی در کتاب و مسلمانان در گور

(اسلام جو وجود "ڪتاب" ۾ آهي ۽ مسلمان قبر ۾)

هن وقت صورتحال هيءَ آهي ته هن دنيا جي ٻن اقتصادي نظامن منجهان هڪ جو ڇڻ موت واقع ٿي چڪو آهي. جڏهن ته هن جو حريف مغرب جو سرمائيدارانه نظام هن وقت وڏي سرور ۽ نشي جي ڪيفيت ۾ آهي. انهن جو چوڻ آهي ته ڪميونزم ۽ سوشلزم جي اقتصادي نظام جي ناڪامي هيءَ ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته اسان جو نظام صحيح آهي. مغرب ۾ پنهنجي ان فتح تي جشن ملهايو پيو وڃي.

اصولاً هيءَ ڳالهه عرض ڪري ڇڏيان ته ڪميونزم جو اقتصادي نظام جيڪڏهن هڪ غير فطري انتهاپسندي ڪي ڇهڻ لڳو هو ليڪن اصل ۾ اهو مغرب جي سرمائيدارانه معيشت جو فطري ۽ منطقي ردعمل هو. هن وقت دنيا ۾ وري اهو ئي مغربي سرمائيدارانه نظام ڇانيل آهي. جيئن ته جيڪڏهن اسلام جو عادلانه اقتصادي نظام دنيا ۾ نافذ نه ٿيو ته ردعمل پيهر ڪنهن ٻئي شديد ترشڪل ۾ ظاهر ٿي ويندو. مغربي سرمائيدارانه نظام ۾ يقيناً ڪو فساد هو جو ردعمل ڪميونزم جي صورت ۾ ظاهر ٿي ويو.

## مارڪسزم جا رهنما اصول ۽ اسلام

اسلام مارڪسزم (ڪميونزم) جي ڇهن رهنما اصولن (cardinal Principles) کي پنهنجي الدر روحاني ۽ اخلاقي سطح تي برقرار رکيو آهي، قانوني سطح تي نه-

١. پهريون اصول، انساني بادشاهت جو انڪار آهي، هر شيء الله جي ملڪيت آهي، نه ڪنهن انسان جي انفرادي ملڪيت آهي نه ئي قومي ملڪيت آهي. قرآن مجيد ۾ هي ڪلمات هڪ کان وڌيڪ ڀيرا نازل ٿيا آهن؛ لِله مافي السموات و مافي الارض (الله ئي جي ملڪيت ۾ آهي جيڪي ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي)

انسان وٽ جيڪي ڪجهه آهي امانت آهي. انسان کي جيڪي ڪجهه ملي ٿو اهو محض انساني محنت جو نتيجو نه آهي پر الله تعاليٰ جو فضل آهي، ۽ فضل ان کي چيو ٿو وڃي جو ڪنهن قابليت کانسواء عطا ٿئي. جڏهن ته مزدوري ۽ انعام ڪم ۽ قابليت جي بنياد تي ملن ٿا. مؤمن بندي کي هي ڪڏهن نه سمجهڻ گهرجي ته هن کي جيڪي ڪجهه مليو آهي اهو سڀ ڪجهه هن جي ڪمائي ۽ محنت سان ميسر ٿيو آهي، نه ئي هن کي پنهنجي صلاحيت ۽ ذهانت جو نتيجو سمجهڻ گهرجي. سوره جمعه ۾ ارشاد آهي:

(فاذا قضيت الصلوة فانتشروا في الارض وابتغوا من فضل الله)

يعني" جڏهن نماز (جمعه) مڪمل ٿي وڃي ته زمين ۾ پکڙجي وڃو ۽ الله جو فضل ڳولهيو"

جيتوڻيڪ هن فضل منجهان انسان جو جائز حق فقط هن جون ضرورتون آهن ۽ جيڪي ڪجهه به ضرورت کان وڌيڪ آهي اهو الله تعاليٰ آزمائش جي لاء اسانکي عطا ڪري ڏنو آهي. امتحان هي آهي ته هن وڌيڪ مال کي فقيرن ۽ مسڪينن ۾ تقسيم ڪري "حق بحق دار رسيد" (حق حقدار کي پهچي ويو) تي عمل ڪندا آهيو يا هن تي غاصبانه قبضو ڪري ويهي رهو ٿا ته منهنجو مال آهي. جيتوڻيڪ سورة

بقره ۾ الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

(ويسئلونک ماذا ينفقون. قل العفو)

يعني "اي رسول ﷺ هي توهان کان پڇن ٿا تہ ڇا خرچ ڪريون- چئي ڏيو ضرورت کان جيترو وڌيڪ آهي (العفو) ان جو خرچ ڪريو (ڀلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪريو)"-

اوهان غور ڪريو ان کان بہ بلند ڪا سوشلزم ممڪن آهي؛ ليڪن هي آهي رضاڪارانہ، اختياري، ان کي قانون نٿو بنائي سگهجي. جيتوڻيڪ اسين ڏسون ٿا تہ نبي صلي الله عليه وسلم جن ان جي مطابق زندگي گذاري آهي. پاڻ ﷺ سموري زندگي ڪجهہ بچائي رکيو ئي ڪونہ جو زڪواة جو سوال پيدا ٿئي. آئون جڏهن هي چوندو رهان ٿو تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن سڄي زندگي زڪواة ڏني ئي نہ آهي تہ ان تي ماڻهو ڇرڪن ٿا. زڪواة ڏيڻ جو سوال تہ تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن پاڻ ﷺ ڪجهہ بچائي رکن ها ۽ صاحب نصاب هجن ها. ان کي آئون Spiritual socialism سان تعبير ڪري ڇڏيندو آهيان.

جنهن روحاني سوشلزم جو ذڪر هيٺ ٿيو آهي ان تي نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن کان علاوه فقراء صحابہ رضہ جن بہ زندگي گذاري آهي. انهن ئي فقراء صحابہ رضہ ۾ حضرت ابوذر غفاري رضہ سخت تقويٰ جي سبب کان ڪنهن قدر انتها پسندي ڏانهن مائل ٿي ويا. جيتوڻيڪ انهن جونظريو هي هو تہ سون جو هڪ ٽڪرو بہ پاڻ وٽ رکڻ قطعي حرام آهي. پوءِ هي معاملو فقط صحابہ رضہ تائين بہ محدود نہ آهي پر اسانجي پرهيزگار بزرگن بہ انهي روحاني سطح تي زندگي بسر ڪئي آهي. هي هڪ حقيقت آهي تہ اسلام انهن ئي صاحب ڪردار ماڻهن جي ڪري پکڙيو. جڏهن تہ اسان وٽ جيڪي بادشاهہ آيا اهي اسلام جي طرف دعوت ڏيڻ جي بدران اسلام کان متنفر ڪرڻ وارا هئا.

## سرمائيداري نظام جا بنيادي اصول ۽ اسلام

مٿين ڇانڱيل اصولن جي برعڪس آئون اوهان کي ٽي اهڙا اصول ٻڌائڻ چاهيان ٿو جن جي بنياد تي اڄ مغربيت فتح مند آهي ۽ هي اصول اسلام ۾ به موجود آهن.

**١. پهريون اصول:** قانوني سطح تي نجي ملڪيت (Private ownership) جي آهي. هن جي تحت اوهان ڪنهن به شيءِ جا قانوني مالڪ ٿي سگهو ٿا. هر استعمال جي شيءِ جا مالڪ ٿي سگهو ٿا. اهڙي طرح پيداوار جي طريقن (Means of production) جي به نجي ملڪيت (Private ownership) ٿي سگهي ٿي. جيئن ته اوهان دڪان، ٻني ٻاري ۽ ڪارخاني جا مالڪ ٿي سگهو ٿا. سرمائيدارانه معيشت جي حقيقي ۽ بنيادي شيءِ ئي نجي ملڪيت جو تصور آهي. هن تصور جو منطقي نتيجو ذاتي ترغيب (Personal incentive) جي صورت ۾ نڪري ٿو. جيئن ته اوهان وڌيڪ محنت ڪندا، راتين جو جاڳندا، پنهنجي ذاتي جائيداد ۾ اضافو ڪندا ته سيٺي پيداواري اضافو اوهانجو پنهنجو هوندو. ڪميونزم جو موت واقعي انهي ڪري ته ٿيو آهي ته اُتي هي ذاتي ترغيب (Personal incentive) جو اصل بنياد غائب هو. هر شخص فطري طور تي سوچي ٿو ته آئون وڌيڪ ڪم ڇو ڪريان جڏهن ته مونکي معلوم آهي..... ته مونکي هڪ مقرر ڪيل وظيفو ئي ملڻو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان وٽ جيڪي صنعتون قومي ملڪيت ۾ ورتيون ويون انهن جو ٻيڙو غرق ٿي ويو. ظاهر ڳالهه آهي ته ڪارخانيدار ته راتين جو جاڳندو. هن کي معلوم آهي ته ڪارخاني جو خراب پرزو جيڪڏهن رات وچ ۾ نه ٺهي سگهيو ته منهنجو ڪارخانو سڀاڻ بند رهندو جنهن سان مونکي هيترن لکن جو نقصان ڪٺڻو پوندو. ان جي برعڪس جيڪڏهن جنرل مئنيجر صاحب فقط هڪ پگهاردا ماڻهو آهي جو هن جو پنهنجو ڪو ذاتي مفاد ته هن ۾ آهي ڪونه، اهو ڇاجي لاءِ محنت ڪري، ڪارخانو خراب ٿئي ٿو ٿي وڃي، ڪم بند ٿئي ٿو ٿي وڃي.

**٢. ٻيو اصول:** ٻي شيءِ Market Economy آهي، جيڪا رسد و کهرج (Supply & Demand) جي اصول تي مبني آهي. هن اصول جي تحت شين جي رسد (پهچ) جيڪڏهن گهڻي آهي ۽ طلب گهٽ آهي تہ قيمتون ڪري پونديون. ان جي برعڪس جيڪڏهن رسد گهٽ آهي ۽ طلب گهڻي آهي تہ قيمتون وڌي وينديون. هن جي هوندي ڪنهن Artificial جي ضرورت ناهي ۽ جيڪڏهن توهان مصنوعي طور تي ڪنٽرول ڪندا تہ Control سان ماڻهن کي ٻي ايمان بڻائڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ حاصل نہ ٿيندو.

**٣. ٽيون اصول:** مغربي سرمائيدارانہ معيشت جو ٽيون اصول Hire and Fire آهي. هن جو مفهوم هي آهي تہ توهان ڪنهن شخص کي پاڻ وٽ ملازم رکو ٿا. اوهان هي سمجهو ٿا تہ هُو توهان جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو ۽ هو ان کي سهڻي انداز ۾ پورو ڪندو. توهان هي بہ اندازو لڳايو ٿا تہ هن جي Out-put چا هوندي. انهيءَ بنياد تي توهان هن سان پگهار جو معاملو بہ طئہ ڪري ڇڏيو ٿا. هي سڄو عمل Hire آهي. پر توهان عرصي کانپوءِ محسوس ٿا ڪريو تہ هُو ان صلاحيت جو مالڪ نہ آهي يا هُو محنت نٿو ڪري تہ هن کي ملازمت مان ڪڍي ٿا ڇڏيو. هي Fire جو عمل ٿيو ۽ توهان جهڙي طرح Hire ڪرڻ جو اختيار رکندا هئا اهڙي طرح پنهنجي مفاد کي مدِنظر رکندي Fire ڪرڻ جو بہ اختيار رکو ٿا.

## سرمائيداري نظام کي اسلامي نظام ۾ ڪيئن بدلائي سگهجي ٿو

هي ٽئي اصول اسلام ۾ بہ موجود آهن، پر جهڙي طرح نظام خلافت جي سياسي ۽ دستوري نظام تي گفتگو ڪندي مون چيو هو تہ ڪنهن بہ جمهوري نظام ۾ ٽي شيون شامل ڪيون وڃن تہ اهو نظام خلافت ۾ تبديل ٿي ويندو. يعني الله جي حاڪميت، ڪتاب و سنت جي

مڪمل بالادستي ۽ مسلم قوميت جو تصور. بلڪل اهڙي طرح مغرب جي سرمائيدارانه نظام مان ٽي شيون ڪڍي ڇڏيو ته اهو اسلامي نظام معيشت ڏانهن مائل ٿي ويندو.

۱. پهريون شيء جيڪا مغربي سرمائيدارانه نظام مان ڪڍڻي آهي اهو وياج آهي. هي آهي ته هڪ شيء پر تمام ئي ڳري آهي. هيءَ وياج نظام معيشت ۾ خراب طرح چنبڙي چڪو آهي- (۱) اوهان هيئن سمجهو ته ڪئنسر آهي جيڪو سڄي جسم ۾ زخم ڪري چڪو آهي. اوهان ڪٿي ڪٿي آپريشن ڪندا. جڻ-

تن همه داغ داغ شد، پنبه ڪجا ڪجا نهم

(سڄو جسم زخمن سان چُور چُور آهي( مرهم جا) پها ڪٿي ڪٿي رکان)

بلڪل اهڙي طرح هن وياج اسان جي معيشت جي نسن ۽ تنتن ۾ زخم ڪري وڌا آهن، جو هن جا ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ ڪانسواء نٿو نڪري سگهي ۽ ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي هن عمل ئي جو نالو انقلاب آهي.

۲- ٻي شيء جيڪا سرمائيدارانه نظام معيشت مان ڪڍڻي آهي اها جوا آهي-

۳. ٽين شيء جاگيرداري ۽ غير حاضر زمينداري کي ڪڍي ڇڏيو- ظاهري طور هي ٽي شيون تمام ننڍيون ننڍيون لڳن ٿيون ليڪن حقيقت هيءَ آهي ته نظام کي مڪمل طور بدلائڻ بغير انهن کي ڪڍڻ ممڪن نه آهي.

## اسلامي نظام معيشت

اسلام جي نظام معيشت جي حوالي سان آئون ڪجهه بنيادي ڳالهيون ڇوڻ ٿو چاهيان-

۱. پريهن ڳالهه ته هيءَ آهي ته اسلام هي ته چاهي ٿو ته سرمائيڪاري هجي پر اها سرمائيداري کي باقي رکڻ جي جائز نه هجي. مغربي معيشت سرمائيڪاري تي مبني آهي. پر جڏهن هن ۾ وياج شامل

تي وجي ٿو تہ سرمائيڪاري، سرمائيداري بڻجي وڃي ٿي. سرمائيڪاري تہ هيءَ آهي تہ اچو ڪم ڪريو، سرمايو لڳايو ۽ واپار ڪريو- پر توهان کي سرمائيداري جي اجازت ڪانهي، سرمائيداري هي آهي تہ محض سرمائي کي فائدي جمع ڪرڻ جو ذريعو بڻايو وڃي. محنت بہ نہ ڪئي وڃي ۽ نقصان ۾ شرڪت بہ نہ ڪئي وڃي. هن جو نتيجو دولت جو هڪ جاءِ تي جمع ٿيڻ جي صورت ۾ نڪري ٿو. جنهن جي باري ۾ قرآن حڪيم فرمايو آهي تہ:

﴿ڪي لايڪون دولة بين الاغنياء منڪم﴾

يعني "ايئن نہ هئڻ گهرجي تہ سرمايو فقط دولتمندن ئي جي وچ ۾ گردش ڪندو رهي" - ڇاڪاڻ تہ هن طرح طبقاتي ورڇ پيدا ٿي ويندي ۽ قرآن مجيد جي اصطلاح ۾ "مترفين" ۽ "محرومين" جا بہ طبقا وجود ۾ اچي ويندا.

مترفين جو طبقو هن طرح وجود ۾ اچي ٿو تہ هر معاشي Proposition (رٿ) ۾ ٽي ڪم شامل هوندا آهن.(ا) سرمايو (ب) محنت (ج) ۽ موقعو- ڇاڪاڻ تہ اها ئي سرمائيڪاري ۽ اها ئي محنت ڪنهن خاص وقت يا جاءِ تي وڌيڪ نتيجہ خيز ۽ نفعي بخش ثابت ٿين ٿا. جڏهن تہ اِهو ئي سرمايو ۽ اها ئي محنت ڪنهن ٻئي وقت ۽ جاءِ تي ايتريقدر نتيجہ خيز نٿا ثابت ٿين. انهيءَ کي موقعو يا Chance چوندا آهن.

اسلام اصلي زور محنت تي ڏنو آهي. جڻ محنت کي تحفظ حاصل آهي جڏهن تہ...... سرمائي کي محض سرمائي جي حيثيت سان Earning Factor بڻايو وڃي تہ اسلام جي نظر ۾ هي غلط آهي. اهڙي طرح Chance محض Chance جي حيثيت سان جيڪڏهن ڪمائي جو ذريعو بڻايو وڃي تہ هي حرام آهي. جڏهن سرمايو سرمائي جي حيثيت ۾ Earning Agent بڻجي ٿو تہ ان جي بدترين شڪل وياج آهي. سود (وياج) آهي ئي هيءُ تہ محض سرمائي جي زور تي هڪ مقرر ۽ مفروضہ منافعو حاصل ڪيو

وجي. هن طرح سان نقصان جو ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اسلام ۽ قرآن جي روشني سان هن ڪان وڌيڪ ڪا شيءِ حرام نہ آهي.

اهڙي طرح "جوا" آهي- هي ڇا آهي؟ محض Chance جي بنياد تي منافعو حاصل ڪرڻ- هن ۾ محنت ڪي ڪو دخل نہ هوندو. اسلام جي روشني سان هي حرام آهي. انهن پنهي صورتن کي اسلام ان ڪري حرام قرار ڏنو تہ سڄو توجه محنت تي محڪم هجي. جڏهن تہ ظاهر ڳالهہ آهي تہ محض محنت سان ڪجهہ نٿو ٿئي. محنت سان گڏ ڪجهہ نہ ڪجهہ سرمائي جي بہ ضرورت هوندي آهي ۽ ڪجهہ نہ ڪجهہ Chance جو بہ دخل هوندو آهي. ليڪن محض Chance جي بِنا تي ڪمائي جوا آهي ۽ محض سرمائي جي بنياد تي بي خوف مطمئن ڪمائي وياج آهي.

## اسلامي اصولن تي عملي صورتون

هاڻ اسان انهن اصولي ڳالهين جو عملي زندگي تي باهمي ملڻ جلڻ ڪريون ٿا. توهانجو پنهنجو سرمايو آهي ۽ پنهنجي محنت بہ آهي تہ هي بلڪل جائز آهي. جيڪڏهن ڪنهن وٽ سرمايو ٿورو آهي تہ هو ننڍڙي ڇپي ڪٽي هلندو. جيڪڏهن گهڻو تي ويو تہ ريڙهو ناهيندو ۽ گنجائش هوندي تہ منڊي لڳائيندو. اهڙي طرح درجي بدرجي وڌندو رهندو. هن ڪوشش ۾ قران حڪيم فقط هڪ تاڪيد ڪيو آهي:

(يا ايهالذين ا منو لاتاڪلو اموالڪم بينڪم بالباطل الا ان تڪون تجارة عن تراض منڪم) (النساء: ٢٩)

يعني ڏيڻ وٺڻ جيڪو هجي باهمي رضامندي سان هجي. جيڪڏهن توهان ڪنهن جي مجبوري مان فائدو وٺو يا ڌوڪي ۽ ٺڳيءَ سان ڪنهن جو مال هٿ ڪريو تہ توهان اخلاقي (۽ قانوني) ڏوهہ جا قصور وار (مجرم) سمجهيا ويندا-

هن جي عملي صورت اها ٿي آهي تہ سرمايو منهنجو آهي ۽ محنت توهان ڪري رهيا آهيو. جڻ مونکي نفعو بغير محنت جي محض سرمائي جي بنياد تي ٿي رهيو آهي! پر هتي بہ اسين ڏسون ٿا تہ اصل تحفظ محنت کي حاصل آهي، سرمائي کي نہ. جيڪڏهن نقصان ٿئي ٿو تہ مڪمل طور تي اهو شخص برداشت ڪندو جنهن سرمايو لڳايو آهي. هن تصور سان سرمائيدارانہ ذهنيت جون پاڙون ڪٽجي وڃن ٿيون هي ئي سبب آهي تہ ڪو سرمائيدار هي ڪم ڪرڻ تي تيار نٿو ٿئي.

بهرحال مضاربت ۾ جيڪڏهن نفعو ٿئي ٿو تہ سرمايو لڳائڻ وارو ۽ محنت ڪرڻ وارو برابر جا شريڪ آهن.

ليڪن هن صورت کان اڳتي وڌي ڪري محض سرمائي جي بنياد تي مقرر ڪيل نفعو بغير ڪنهن نقصان جي حاصل ڪرڻ شريعت ۾ هن سختيءَ سان حرام آهي جو هن کان وڌيڪ شدت سان ٻي شيءِ حرام نہ آهي. جڏهن تہ هن حرام کي اختيار ڪرڻ جي سلسلي ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي؛

(فاذنوا بحرب من الله ورسوله)

" توهان هن روش تي الله ۽ ان جي رسول جي طرف کان جنگ جو اعلان سمجهو" توهان حيران ٿيندا تہ ڪنهن ٻئي گناهہ تي اعلان جنگ نہ ڪيو ويو!! جيڪڏهن اعلان جنگ آيو آهي تہ اهو وياج تي آيو آهي. پر اسين هن وياج کي تمام هلڪي شيءِ سمجهي ويٺا آهيون.

## وياج جي ڪندگي (خرابي)

نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن وياج جي خرابي کي هڪ مثال سان واضح ڪيو آهي- سمجهائڻ جو هي انداز خود قرآن ڪريم ۾ بہ موجود هي. جڏهن تہ سوره حجرات ۾ غيبت (گلا) جي خرابيءَ کي مئل ڀاءُ جو گوشت کائڻ جي مثال سان واضح ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح

وياج جي باري ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "الربو سبعون حوبا" وياج اهڙن ستر گناهن جي برابر آهي جن مان سڀني کان هلڪو گناهه هي آهي ته "ايسرها ان ينكح الرجل امه" ماڻهو خود پنهنجي ماءُ سان بدڪاري جو فعل ڪري.

هاڻ هن حديث جي روشني ۾ وياج جي گناهه جي سختي ۽ تناسب جو حساب لڳائي سگهجي ٿو- (العياذ بالله) ستر گناهن منجهان سڀ کان هلڪو گناهه پنهنجي ماءُ سان بدڪاري- استغفرالله

## وياج جو ڪهڙو يا حدون

وياج جي باري ۾ سڄي دنيا ۾ هڪ غلط فهمي پيدا ڪئي وئي آهي جو قرآن، جنهن ڪي وياج چوي ٿو اهو ته فقط "Usury" (وياج خوري) آهي. يعني ڪو شخص ذاتي استعمال جي لاءِ قرض وٺي ۽ قرض ڏيڻ وارو پنهنجي اصل کان وڌيڪ وصول ڪري ۽ واپسي جي مدت ۾ جيترو اضافو ٿئي قرض ڏيڻ وارو انهيءَ نسبت سان اصل قرض تي اضافو ڪندو هلندو رهي. حالانڪ وياج فقط اهو ڪونهي بلڪ ڪمرشل انٽريسٽ ۽ بئنڪ انٽريسٽ به وياج آهي..

هيءَ سعادت به هن زمين جي خطي جي حصي ۾ آئي آهي ته هتي جي وفاقي شرعي عدالت پنهنجي ڪليل واضح دليلن سان ثابت ڪيل فيصلي ۾ تجارتي قرض جي انٽريسٽ ۽ بئنڪ انٽريسٽ ڪي به حرام قرار ڏنو آهي. اسان وٽ وڏن وڏن "عهد شڪن غدار" دانشورن عدالت ۾ وڃي ڪري دلائل ڏنا ته بئنڪ انٽريسٽ وياج نه آهي. انهن دانشورن ۾ ڪراچي جو خالد ايم اسحاق صاحب ۽ لاهور مان ايس ايم ظفر به شامل آهن. انهن سڀني ڪڙي چوٽيءَ جو زور لڳايو پر دليلن ۾ مار کائي ويا- الله تعاليٰ جسٽس ڊاڪٽر تنزيل الرحمان کي اجر عطا فرمائي جنهن ڪمال جي جرئت سان دليلن سان فيصلو ڏنو. هن دور ۾ بئنڪ ..ريسٽ کي حرام قرار ڏيڻ ڪا معمولي ڳالهه ته آهي ڪانه-

## زمين جو مسئلو

هاڻ آئون هن کان به وڏيڪ "Sensitive Issue" ڏانهن پيو اچان، ۽ اهو آهي زمين جو مسئلو- مون شروع ئي ۾ عرض ڪيو هو ته جن ٽن خرابين کي ڪڍي ڪري ڪنهن به نظام معيشت کي اسلامي بنائي سگهجي ٿو، انهن مان هڪ جاگيرداري ۽ غير حاضر ملڪيت زمين (Absentee Land Lordism) جو نظام به آهي. هن ڳالهه کي توهان ائين سمجهو ته زمين اوهانجي آهي، اوهان محنت ڪريو، خُوب محنت ڪريو ۽ وڌ کان وڌ پيداوار جو فائدو حاصل ڪريو "چشم ماروشن دل ماشاد" ليڪن اصل مسئلو پيدا ان وقت ٿيندو آهي جڏهن زمين ڪنهن ٻئي جي هجي ۽ محنت ڪو ٻيو ڪري. هڪ ٻي صورت هيءَ ٿي سگهي ٿي ته زمين به پاڻ ۾ گڏيو ۽ محنت به، جيئن "پائيواري" ۾ ٿيندو آهي. هن طرح اوهان Collective Farming ڪري سگهو ٿا جڻ اوهان وسائل ۽ محنت گڏجي ڪئي. پر هي سمورو معاملو رضاڪارانه ۽ پائيوارن جي آزاد مرضيءَ سان هئڻ گهرجي. هن ۾ ڪنهن قسم جي زور زبردستي جو دخل نه هئڻ گهرجي.

زمين جي زراعت جي هڪ ٽئين صورت به آهي. اها هيءَ آهي ته زمين مثال منهنجي آهي پر پوک ڪو ٻيو ڪري-

هن ڪوشش ۾ جيڪا ڳالهه آئون چوڻ ٿو چاهيان، ان کي سمجهڻ جي لاءِ پهرين هڪ اصول کي ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ ته جيستائين حڪم جو منطق سمجهه ۾ نه ايندو ايستائين ڳالهه چڱي طرح پڪڙي نه سگهبي. اصل ڳالهه هيءَ آهي ته زمين جي سلسلي ۾ مضاربت جو اصول نٿو هلي سگهي ڇاڪاڻ ته مضاربت ۾ سرمائي لڳائڻ واري کي منافعي ۾ حصي ڏيڻ جو جواز هن بنياد تي پيدا ٿيو هو ته نقصان جي صورت ۾ نقصان سمورو سرمائيدار کي برداشت ڪرڻو پوندو پر هتي سرمايو زمين آهي. زمين جو ڇا بگڙندو اها ته جيئن جو تيئن موجود رهندي جڏهن ته سرمايو سڀ جو سڀ يا هن جو

حصو ڀڏي سگهي ٿو پر زمين جي صورت ۾ فقط پورهيت جي محنت ڀڏي ٿي. لهذا مضاربت جو معاملو زمين ۾ نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن سرمائيدار (زمين جو مالڪ) نقصان ۾ به شريڪ ٿي سگهي ته مضاربت وانگر مزارعت به جائز هجي.

## مزارعت (ڪاشتڪاري) جي باري ۾ فقه جي امامن جو مسلڪ

مزارعت امام ابو حنيفه رح ۽ امام مالڪ رح ٻنهي جي ويجهو بلڪل حرام آهي- پوءِ مزارعت ڪيئن ۽ ڪڏهن جائز ڪئي وئي هن جي وضاحت آئون ڪندس. فقه حنفي ۾ هن جي حلال هئڻ جي فتوٰي صاحبين (قاضي ابو يوسف ۽ امام محمد رحمہ هما الله) ڏني پر اسانجي چوٽي جا به امام هن جي بلڪل حرام هئڻ جا قائل اهن. انهن ٻنهي فقه جي امامن جي اهميت هن جي حوالي سان به آهي ته انهن منجهان امام ابو حنيفه کي دانشمندي جو سرگرده تسليم ڪيو ويجي ٿو جڏهن ته امام مالڪ رح اصحاب حديث جا سرگرده آهن جڻ ٻئي مڪاتب فڪر جا top most امام مزارعت کي مطلق حرام سمجهن ٿا. حرام هئڻ جو سبب آئون پهرين بيان ڪري چڪو آهيان ته مزارعت کي مضاربت تي تسليم نٿو ڪري سگهجي. هيءُ ئي سبب آهي ته آئون پڪيءَ طرح سان چئي رهيو آهيان ته مزارعت حرام آهي، جائز نه آهي.

امام ابو يوسف رحمة الله عليه ۽ امام محمد رحمة الله عليه ڪجهه شرط عائد ڪري مزارعت جي جواز جي فتوٰي ڏني اهي. بدقسمتي سان اسانجي ملڪ ۾ مزارعت جو نظام انهن شرطن کي به پورو نٿو ڪري. ڪجهه وقت اڳ ڪراچي جي مشهور عالم ۽ قاضي عبداللطيف جي وڏي ياءُ جناب مولانا قاضي عبدالڪريم صاحب سان منهنجي خط و ڪتابت انهيءَ موضوع جي باري ۾ ٿي هئي. هن جو چوڻ هي هو ته مزارعت جي مروج کي ڪير ٿو حلال چوي؟ قاضي ابو يوسف رحمة الله عليه به هن

کي جائز نٿو چوي بلڪ جواز جي لاءِ وڏيون ڪڙيون شرطون عائد ڪري ٿو. هي معاملو غير حاضر مالڪ زمين (Absentee Land Lordship) جو آهي. توهان پنهنجي زمين خود پوکيو ۽ جيڪڏهن معاملو هن جي برعڪس ڪري رهيا آهيو ته توهان وياجي معاملو ڪيو-

## جاگيرداري نظام

هاڻ اسان جاگيرداري جي طرف اچون ٿا. اسان وٽ جاگيرداري جي جيڪا مصيبت آهي ان کي شمشير فاروقي ئي سان ختم ڪري سگهجي ٿو اهو جيڪو علامہ اقبال چيو هو ته:

خوشتر آں باشد مسلمانش کنی
کشتهء شمشیرِ قرآنش کنی

(بهتر هي آهي ته توهان هن کي مسلمان بڻايو- ۽ قرآن جي تلوار سان هن کي ماريو)

جاگيرداري جي خلاف حضرت عمر فاروق رضہ جو هي تمام وڏو اجتهاد هو جيڪو اجماع جي صورت اختيار ڪري ويو. انهن معاشي مسائل کي چڱي طرح سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ضرورت آهي. اسانجي هتي مذهبي سياسي جماعتن اسلام جو نعرو ته لڳائي ڇڏيو پر انهن مسئلن کي ڇيڙيو ئي ڪونہ. اهو ئي سبب آهي جو عام ماڻهن جي ذهن ۾ اسلام جي نافذ ٿيڻ جو بس هيءُ ئي تصور آهي ته ڪوڙا لڳندا ۽ هٿ وڍجندا!!! ظاهر آهي ته هُو اسلام کان ڀڄندا نہ ته ٻيو ڇا ڪندا. اسلامي نظام جي برڪتن کي ته سامهون آندو ئي نہ ويو- ايستائين جو اسانجي ٻن مذهبي جماعتن پنهنجي پنهنجي انتخابي منشور ۾ "تحديد ملڪيت زمين" جو مسئلو ڪنيو آهي. يعني هڪ مخصوص حد کان وڌيڪ ڪنهن شخص وٽ زمين رهڻ نہ ڏيندا. فرض ڪريو ته هي حد ٢٥ ايڪڙ آهي ته هاڻ جنهنجي ملڪيت مثال پنج سؤ ايڪڙ آهي هن جي پوٺا پنج سؤ ايڪڙ ڪهڙي دليل جي بنياد تي اوهان واپس وٺندا؟ اوهان جي ملڪ ۾ سپريم ڪورٽ جي شريعت بينچ تفصيلي فيصلو ڏئي چڪي

آهي تہ اوهان ڪنهن جي ملڪيت منجهان ڪا شيءِ زبردستي نتا وٺي سگهو. ڄيڪڏهن ڪنهن قومي ضرورت يا تقاضا جي تحت ڪا شيءِ وٺڻ ناگزير ٿي وڃي تہ مالڪ کي معاوضو ادا ڪرڻو پوندو. جڻ اوهان شرعي دليل کانسواءِ هڪ انچ زمين بہ نتا وٺي سگهو.

اسان وٽ الحمدالله دليل موجود آهي. اسان هن موضوع تي بحث جي شروعات هڪ عرصي کان ڪري ڏني آهي ۽ هي بحث وسيع حلقن ۾ پکڙجي رهيو آهي. ظاهر آهي ڳالهہ پولهہ ۽ بحث و تڪرار ئي سان هڪ مسئلو نروار ٿي سامهون ايندو. جهڙوڪ مون هاڻ عرض ڪيو هو جاگيرداريءَ کي شمشير فاروقي سان ختم ڪري سگهجي ٿو. حضرت عمر فاروق رضہ جاگيرداري جي خلاف جيڪو اجتهاد ڪيو هو ان جو تفصيل هي آهي تہ جڏهن عراق، شام، ايران ۽ مصر فتح ٿيا تہ ان وقت مجاهدن جو تعداد ڪجهہ هزار ئي هو..... مسلمانن جي فوج جو تعداد لکن تائين نہ پهتو هو. مجاهدن چيو تہ هي سيئي زمينون ۽ علائقا اسان فتح ڪيا آهن، سيئي مال غنيمت آهن. انهن منجهان بيت المال جو حصو فقط ١/٥ آهي، باقي چار حصا جنگ ۾ حصو وٺندڙ مجاهدن جا هوندا آهن. لهذا هي سموري زمين ۽ ان جا پوکيندڙ مجاهدن ۾ ورهائي ڏِنا وڃن. پوکيندڙ (ڪاشتڪار) اسانجا غلام ۽ زمينون اسانجون جاگيرون ٿينديون. شروع ۾ هي مطالبو حضرت بلال رضہ ۽ ان جي ڪجهہ ساٿين ڪيو، پوءِ هي مطالبو زور پڪڙي ويو.عشره مبشره منجهان حضرت زبير بن العوام ۽ حضرت عبدالرحمان بن عوف رضي الله عنهما بہ اٿي بيٺا. هن موقعي تي حضرت عمر فاروق رضہ جي اجتهادي بصيرت عام مجاهدن جي هن راءِ کي ناپسند ڪيو ۽ حضرت عمر رضہ جو مقام (مرتبو) اهو آهي جنهن جي باري ۾ آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد آهي

"الحق ينطق علي لسان عمر"

يعني "حق عمر جي زبان مان جڻ هوندو آهي"

پاڻ ﷺ وڏيڪ هي بہ فرمايو آهي تہ؛

"لوكان بعدي نبيا لكان عمر"

يعني "مونکان پوءِ جيڪڏهن ڪو نبي هجي ها تہ اهو عمر ٿي هجي ها" جيتوڻيڪ هن نازڪ مسئلي ۾ حضرت عمر رضہ جي بصيرت جو مشاهدو سيني ٿي ڪري ڇڏيو.

واقعو هيءُ آهي تہ جيڪڏهن اُن وقت مجاهدن جو مطالبو مڃيو وڃي ها تہ عالم اسلام ۾ دنيا جو بدترين جاگيردارانہ نظام قائم ٿي وڃي ها. مگر حضرت عمر رضہ هن مطالبي جي سخت مخالفت ڪئي. سندن اجتهاد قرآن تي مبني هو. جنهن سان سندن مطالعہ قرآن جي وسعت ۽ اونهائي جو اندازو بہ لڳائي سگهجي ٿو.

قرآن حڪيم ۾ "اموال فيء" جو حڪم سوره حشر ۾ بيان ٿيو آهي جيڪو سڀ جو سڀ بيت المال ۾ داخل ڪيو وڃي ٿو ۽ مجاهدن ۾ هن کي ورهايو نٿو وڃي. امير المؤمنين حضرت عمر رضہ فرمايو تہ هي فتح ڪيل علائقا مال غنيمت نہ پر مال فيء آهن. مال غنيمت جو اطلاق فقط انهيءَ مال تي هوندو جيڪي عين جنگ جي محاذ ۾ هٿ اچي. انهيءَ مال ۾ جنگي اوزار مثال تلوارون، نيزا ۽ ڍالون وغيره يا دشمن پنهنجي ڪاڌي جي لاءِ جيڪو چوپايو مال رڍون ٻڪريون پاڻ سان ڪٺي اچي ٿو. اهڙي طرح سواري ۽ بار برداري جا جانور، اٺ، گهوڙا ۽ خچر وغيره شامل آهن. جڏهن تہ زمين وغيره " فيء" آهن جيڪا سڀ بيت المال جي ملڪيت آهي. هيءَ ڪنهن جي انفرادي ملڪيت نہ آهي.

حضرت عمر رضہ جي هن راءِ جي تائيد وڏن اڪابر صحابن رضي الله عنهما منجهان حضرت علي رضہ، حضرت عثمان رضہ، حضرت طله رضہ ۽ حضرت عبدالله بن عمر رضہ رضوان الله عليهم بہ ڪري رهيا هئا. پر انهن جليل القدر صحابہ جي راءِ جي باوجود هن معاملي تي تمام گهڻو گفت وشنيد ٿي. هيءَ ڪا معمولي ڳالهہ تہ نہ هئي. حضرت عمر رضہ پنهنجي راءِ جي حق ۾ پهاڙ (جبل) وانگر بيهي رهيو آخرڪار

هن مسئلي کي حل ڪرڻ جي لاءِ حضرت عمر رضہ هڪ "لينڊ ڪميشن" مقرر ڪئي. هن ڪميشن ۾ ڪنهن مهاجر کي شامل نہ ڪيو ويو ڇاڪاڻ تہ زراعت پيشو (ڏنڊو) نہ هئڻ جي جي سبب کان زراعت جي مسئلن کان ناواقف هئا. هي حضرات مڪي کان هجرت ڪري آيا هئا ۽ هن غير زرعي وادي ۾ واپار ۽ ڪاروباري گذران جو ذريعو هو. ڪميشن ۾ پنج انصاري خزرج قبيلي منجهان ۽ پنج انصاري قبيلي اوس منجهان شامل ڪيا ويا هن لينڊ ڪميشن حضرت عمر رضہ جي راءِ سان اتفاق ڪيو ۽ انهيءَ تي هن اجتهاد جي روشني سان اسلامي قانون ۾ زمين جا مستقل ٻہ قسم قيامت جي قائم ٿيڻ تائين وجود ۾ اچي چڪا آهن.

## زمينن جا ٻہ قسم

زمين جو هڪ قسم اهو آهي جنهن جي مالڪن ڪنهن جنگ و جهيڙي جي بغير ايمان آندو هجي. اهڙي زمين انهن جي ملڪيت شمار ٿيندي ۽ ان جي پيداوار منجهان عشر وصول ڪيو ويندو. اهڙي زمين کي عشري زمين چيو وڃي ٿو-

هن قسم جي زمين جو سڀ کان نمايان مثال مدينہ منوره جون زمينون آهن. مديني کي نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فتح نہ ڪيو هو پر اتي جي ماڻهن خود آنحضرت ﷺ کي مديني اچڻ جي دعوت ڏني هئي.

عشر ٻن نمونن جو ٿئي ٿو- جيڪا زمين مينهن يا قدرتي ذريعن سان سيراب ٿئي تہ ان مان سمورو عشر يعني پيداوار جو ١٠ في سيڪڙو وصول ڪيو ويندو. پر جنهن زمين جي آبپاشي هٿرادو طريقي تي هجي، جنهن ۾ هاريءَ کي اخراجات ادا ڪرڻا هجن مثال آبيانو ادا ڪرڻو پوي يا ڊيزل، بجلي خرچ ٿئي تہ ان تي اڌ عشر يعني پيداوار جو ٥ في سيڪڙو وصول ڪيو ويندو.

زمين جو ٻيو قسم اهو آهي جنهن کي خواجي (محصولي) چيو ويچي ٿو. هي انهن علائقن ۾ ملڪن جون زمينون آهن جيڪي تلوار جي زور تي فتح ٿيون آهن. اهڙيون زمينون مسلمانن جي اجتماعي ملڪيت آهن جڻ هي اسلامي رياست جون ملڪيتون آهن. هن زمين ۾ ڪنهن جو هڪ انچ ملڪيتي ايراضي نہ آهي. جيڪي ماڻهو پهرين کان انهن زمينن تي قابض هئا اهي عيسائي هجن، مجوسي هجن، قبطي هجن يا يهودي هجن اهي ڪاشتڪار جي حيثيت سان هوندا ۽ اهي زمين جو محصول سڌو سنئون خود بيت المال کي ادا ڪرڻ جا ذميدار هوندا. محصول جي حد اسلامي حڪومت پنهنجي اجتهاد سان مقرر ڪندي. مسلمانن جو بيت المال نظام خلافت جو سڀ کان وڏو Source of revenue هوندو.

حضرت عمر رضہ جي ڇاٽايل متئين اجتهاد جي روشني ۾ پاڪستاني مسلمانن جي لاءِ زمين جو مسئلو حل ڪرڻ مشڪل نہ رهيو. اسان هن مسئلي کي شريعت جي مطابق حل ڪري سگهون ٿا. اسلامي شريعت جي روشني سان پاڪستان جي هڪ انچ زمين ڪنهن جي ملڪيتي زمين نہ آهي ڇاڪاڻ تہ پاڪستان جا سيئي علائقا تلوار جي زور تي فتح ٿيا هئا. هاڻ ڪنهن بہ دليل سان ملڪيت ثابت نٿي ڪري سگهجي. هيءَ زمين محصول واري آهي جيڪا ڪنهن جي ملڪيت نہ آهي. هيءَ آهي اها شمشير فاروقي جنهن کي هٿ ۾ کڻي ايراضيءَ جو هڪ نئون بندوبست ڪري سگهجي ٿو، جنهن سان جاگيرداري جي پاڙ ڪٽجي سگهي ٿي. جيڪي ماڻهو اڃا تائين هن اصول جي خلاف زمين تي ملڪيت جي دعوي ڪندي هن مان فائدو حاصلڪندا رهيا آهن انهن کي اهڙي قسم جي آزادي ڏئي سگهجي ٿي جهڙي الله تعالي وياج تي قرض ڏيڻ وارن کي رعايت ڏني هئي يعني جيڪو وياج پهرين ورتو ويو هجي ان کي معاف ڪيو وڃي ٿو. آئنده جي لاءِ وياج وٺڻ بلڪل حرام آهي، زمين جي آمدني جي باري ۾ بہ هيءُ ئي چئي سگهجي ٿو تہ ماضي ۾ جيڪي ڪجهہ ٿي چڪو سو ٿي چڪو. هاڻ مستقبل ۾ زمين تي

سيني قابض ماڻهن جي حيثيت ڪاشتڪارن (هارين) جهڙي آهي ۽ انهيءَ حيثيت ۾ هُو زمين مان فائدي حاصل ڪرڻ جا حقدار هوندا.

زمين جي نئين حد بندي ڪانپوءِ جيڪي ماڻهو پهرين کان زمين پوکي رهيا آهن اهي پوءِ به زمين پوکيندا رهندا آخر اهي به مسلمان آهن ۽ هن ئي معاشري جا فرد آهن. هن ڪوشش ۾ هي فيصلو ڪري سگهجي ٿو. چڱي طرح گذران جي قابل صحيح يونٽ ڪيترن ايڪڙن تي مشتمل هئڻ گهرجي. جيڪو پيداوار جي اعتبار کان ۽ انتظامي اعتبار کان بهتر هجي، اهو يونٽ سيني کي ڏنو وڃي.هاڻ ڪاشتڪار ۽ بيت المال جي وچ ۾ نہ ڪو جاگيردار هوندو نہ زميندار. پر محصول سڌو سنئون بيت المال کي ادا ڪيو ويندو. هن طرح تمام گهڻن قسمن جي ڪٽوتين ۽ ٽيڪسن کان ڪاشتڪار جي جان ڇُٽي پوندي.

هن وقت اسان جي ملڪ ۾ علماء ڪرام پاڪستان جي زمين جي شرعي حيثيت جي حوالي سان بحث شروع ڪري ڏنو آهي. هي هڪ سٺي نشاني (علامت) آهي. اسين بہ اهو ئي ٿا چاهيون تہ هن معاملي تي کلي بحث ٿئي تہ جيئن حقيقت نروار ٿي سامهون اچي وڃي. مولانا مفتي محمد شفيع رحمت الله عليه بہ هن موضوع تي هڪ ڪتاب لکيو آهي ۽ پاڻ پاڪستان جي زمين کي عشري قرار ڏنو آهي. سندن دليل پنهنجي جاءِ تي ليڪن آزادانہ بحث و مباحثو بهرحال ضروري آهي.

اٿون هن بحث ۾ هڪ حوالو گذريل صديءَ جي هندوستان جي چوٽيءَ جي عالمن منجهان قاضي ثناء الله پاڻي پتي رحہ جو ڏيڻ چاهيان ٿو. قاضي صاحب تعارف جا محتاج نہ آهن. تفسير مظهري جا مصنف ۽ حضرت مرزا مظهر جان جانان شهيد رحمة اللهعليه جا شاگرد ۽ خليفہ مجاز (با اختيار جانشين) هئا. پاڻ فقه جي بنيادي مسئلن تي هڪ رسالو "مالا بدمنہ" جي نالي سان لکيو آهي. هن رسالي ۾ پاڻ لکن ٿا تہ "هندوستان جون سڀ زمينون جيئن تہ محصول واريون آهن ان ڪري اٿون عشر جا مسئلا نہ لکي رهيو آهيان" فقہ جو هيءُ رسالو اڄ بہ

اسانجي سيني پراڻن مدرسن ۾ پڙهايو وڃي ٿو.

پاڪستان جي زمين جي حوالي سان علمي سطح تي ڳالهه پوله ضرور ٿيڻ گهرجي پر انهن زمين جي شرعي حيثيت جو هاڻ باقائده فيصلو ٿئڻ گهرجي. مون ضياء الحق مرحوم جي شوريٰ ۾ هي تجويز ڏني هئي تہ توهان هڪ لينڊ ڪميشن ٺاهيو. هن ڪميشن ۾ پاڪستان جي نہ فقط خاص زبردست علماء کي شامل ڪيو وڃي پر زمين جي حد بندي جي انتظام ڪندڙ ماهرن جون خدمتون بہ ورتيون وڃن. علماء اهي شامل ڪيا وڃن جيڪي اجتهادي بصيرت رکندا هجن ۽ جيڪي قرآن و سنت جي اصل هدفن (نشانين) کي سامهون رکي سگهن. پوءِ هن ڪميشن کي آزادانہ ڪم (Free Hand) جو موقعو ڏيندا تہ جيئن هو هتي جي زمين جي شرعي حيثيت مقرر ڪري ڏي. تنهن هوندي بہ آئون تہ هي عرض ڪندس تہ هن ڪم ۾ بہ اصل ذميداري انهن مذهبي سياسي جماعتن تي آهي جيڪي پنهنجي پنهنجي منشور ۾ هي دعويٰ ڪنديون آهن تہ هو زمين جي ملڪيت جي هڪ حد مقرر ڪري ڇڏينداسين. جڏهن تہ هن حد بندي جي لاءِ هنن وٽ ڪو دليل نہ آهي.

## قمار (يا) جوا

هاڻ آئون هنن ٽن ڳالهين منجهان ٽئين ڳالهہ ڏانهن ٿو اچان جنهن کي ڪڍي ڇڏڻ سان هر معاشي نظام کي نظام خلافت جي معاشي ڍانچي ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو، اهــا ٽئين شيءِ آهي جــوا جو خاتمو- (٢)

## بادشاهي دور جا فتنا فساد

هي تہ آئون پهرين بيان ڪري چڪو آهيان تہ بادشاهت جي دور جي شروعات ۾ ئي اسلامي تاريخ تمام گهڻن حادثن سان دوچار ٿيڻ

(سامهون ٿيڻ) شروع ٿي وئي هئي. جيتوڻيڪ ڪربلاجو واقعو، حره جو واقعو، حضرت عبدالله بن زبير جي شهادت، وري حجاج بن يوسف جي هٿان سوين تابعين جو شهيد ٿيڻ، ان ڪانسواءِ حضرت محمد بن قاسم رحمت الله عليه جي شهادت جو واقعو- هي سيئي خرابيون ۽ حادثات پنهنجي جاءِ تي ليڪن منهنجي نزديڪ بادشاهت جي دور جون اصل خرابيون مالياتي آهن. بنو اميہ جو دور تہ بادشاهت جي شروعات بندي هئي. بادشاهت اونهيون پاڙون تہ بنو عباس جي دور ۾ پڪڙيون هيون. شروع ۾ نہ ڪو شرڪ جو فتنو هو نہ ڪي باطل عقيدا اسلام ۾ اندر داخل ٿيا هئا نہ مُعتزلہ (اختلاف پيدا ڪندڙ) پيدا ٿيا هئا نہ بدعتن جو طوفان ڪڙو ٿيو هو. هڪ طرف خرابي فقط سياسي ۽ دستوري سطح تي آئي هئي جو خلافت شورائي نہ رهي هئي موروثي ٿي وئي هئي. پر ٻئي طرف سڀ کان وڏي خرابي مالياتي ڪمن ۾ داخل ٿي وئي هئي. هن ڪم ۾ هڪ ڳالهہ هي سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ جاگيرداري جي حيثيت بادشاهت جي لاءِ پيرن جهڙي آهي. ڇڻ سيئي جاگيردار بادشاهت جا "پير" هوندا آهن. لهذا بادشاهت جي دور ۾ پهريون ڪم هيءُ ٿيو تہ وڏا وڏا زمينن جا علائقا ڏئي ماڻهن کي نوازڻ شروع ڪيو ويو. اهو ئي سبب آهي تہ اسانجي پهرئين ۽ آخري صاحبِ اختيار مجدد حضرت عمر بن عبدالعزيز رحمت الله عليه جو پيو تجديدي ڪارنامو (٣) هي ئي هو تہ هن وقت تائين جيتريون بہ جاگيرون عطا ڪيون ويون هيون انهن سڀني جا دستاويزات گهرايائين ۽ قينچيءَ سان ڪتري انهن جو ڍگ لڳائي ڇڏيائين.

## فقه تي بادشاهت جا اثرات

علامہ اقبال، جنهن کي مصور پاڪستان جو لقب بہ ڏنو ويو آهي ان مسلم ليگ جي اجلاس الہ آباد جي صدارت ڪندي ١٩٣٠ع ۾ سڀ کان پهرين پاڪستان جي نالي وٺڻ بغير پاڪستان جو تصور پيش ڪيو

هو. انهيءَ خطبہ الہ آباد ۾ هن هڪ ٻي اهم ڳالهہ چٽي هٿي پاڻ فرمايو هئائين:

”جيڪڏهن اسان هڪ رياست قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسون تہ اسانجي لاءِ هي موقعو پيدا ٿي ويندو تہ اسان اسلام جي اصل تعليمات جن تي بادشاهي دورءِ عرب امپيريلزم (Arab Imperialism) عرب شهنشاهي جي دوران پردا وڌا ويا هئا انهن کي هٽائي اسلام جي صحيح صورت دنيا جي سامهون پيش ڪريون“

هي آهي علامہ اقبال جو پاڪستان جي باري ۾ تصور جنهن جي طرف اڃا تائين اسان جو رخ بہ نہ ٿيو. علامہ اقبال جي هن لفظن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هُو اسلام تي عرب بادشاهت جي اثرات کي ڪهڙي نگاهہ سان ڏسندو هو. حقيقت هيءَ آهي تہ هن بادشاهت اسانجي فقه تي بہ اثرات وڌا آهن. جيتوڻيڪ اسان ڏسون ٿا تہ حضرت امام ابو حنيفہ سختيون برداشت ڪيون، جيل وڃڻ قبول ڪيو، پر قاضي القضاء جو عهدو قبول نہ ڪيو، جڏهن تہ انهن جي شاگرد هي عهدو بهرحال قبول ڪيو. آئون قاضي امام ابو يوسف رحمة الله عليه جي نيت تي هرگز حملو نٿو ڪريان پر انهن پنهنجي مصلحت يا حالتن جي تقاضا سمجهي هي عهدو بهرحال قبول ڪيو. هن طرح امام ابو حنيفہ رح ۽ امام ابو يوسف رح جي طرز عمل ۾ بهرحال فرق تہ واقع ٿي ويو. هاڻ قاضي ابو يوسف ملڪ جا چيف جسٽس آهن، پر جيڪا خرابي اچي چڪي آهي اهي ان کي دفع ڪيئن ڪن؟ جيتوڻيڪ ”نظريہ ضرورت“ جي تحت قاضي ابو يوسف ۽ امام محمد رحمهما الله بعض ڪڙيون شرطون لڳائي مزارعت جي جواز جي فتوىٰ ڏئي ڇڏي آهي. انهن شرطن ۾ مثلاً هي شرط بہ آهي تہ مالڪِ زمين، ٻج بہ مهيا ڪري ۽ وڏيڪ فلاڻيون فلاڻيون شيون بہ مالڪ جي ذمہ آهن تہ جيڪڏهن فصل تباهہ ٿي وڃي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ نقصان زميندار کي بہ تہ کڻڻ گهرجن. سڄو ڪفارو (نقصان) ويچاري ڪاشتڪار تي بہ نہ اچي.

هي "نظريہ ضرورت" اڄ بہ موثر آهي. جيتوڻيڪ جڏهن مارشل لاء اچي ٿو وڃي تہ اسان جي عدالت عظميٰ بہ هن کي انهيءَ نظريہ ضرورت جي تحت قبول ڪري وٺي ٿي، هاڻ عدالت فوج سان وڙهي تہ نہ ٿي سگهي. اهڙي صورت ۾ عدالتون وڌ کان وڌ ڪجهہ شرط لڳائي سگهن ٿيون مثلاً هي تہ انتخابات نوي ڏينهن جي اندر ڪرايا وڃن. هي جدا ڳالهہ آهي تہ هي نوي ڏينهن وڌي ٻارهن سالن تي ڇانئجي وڃن.

هي، عين اها ئي شيءِ آهي جنهن کي پهرين بہ آئون بيان ڪري چڪو آهيان تہ اسانجي فقهاء غلبو ڪندڙ يا حملہ آورن جي اطاعت کي بہ ضروري قرار ڏنو آهي ڇاڪاڻ تہ بدامني ۽ بدنظمي بهرحال قابل قبول نہ آه. بني اميہ ۽ بني عباس جي دور ۾ اِها ئي صورتحال پيدا ٿي پئي هئي. بادشاهت جي رستي روڪڻ جون سڀئي ڪوششون ناڪام ٿي چڪيون هيون. جڏهن تہ انهن بادشاهن جي اطاعت کانسواء ڪوبہ چارو نہ رهيو هو.

بهرحال منهنجي نزديڪ مزارعت زمين جو وياج آهي. هن ڪوشش ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي حديث مبارڪ بہ موجود آهي. جڏهن تہ بعض حضرات هن حديث جي هڪ ٻي شرح بيان ڪئي آهي- حديث هيءَ آهي تہ:

> "هڪ دفعو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن حضرت رافعہ بن خديج رضہ کي هڪ ٻني (زمين) ۾ ڪم ڪندي ڏٺو- پاڻ ﷺ جن حيران ٿي ويا تہ حضرت رافعہ بن خديجہ رضہ جن تہ مهاجر آهن. پاڻ ﷺ جن سوال ڪيو هي ڪنهنجي ٻني آهي؟ هن عرض ڪيو تہ هي زمين فلاڻي انصاري جي آهي. آئون هن تي محنت ڪري رهيو آهيان. پيداوار اسانجي وچ ۾ ورهائجي ويندي. پاڻ صلي الله عليه وسلم

جن فرمايو تہ "فقد اربيتما" توهان پنهي تہ
هيءُ وياج جو معاملو ڪيو آهي ۽ وڌيڪ ارشاد
فرمايائون "رد الارض الي اهلها" زمين هن جي
مالڪ کي واپس ڪريو."

بعض حضرات هن حديث مبارڪ جي هيءَ شرح بيان ڪئي آهي تہ هي بندش هڪ مخصوص قسم مزارعت جي لاءِ هئي جنهنجي روشني سان پيداوار جي ورڇ جو طريقو هي هو تہ پاڻي جي نالين جي پر ۾ پيدا ٿيندڙ فصل زمين جي مالڪ کي ۽ پري پري پيدا ٿيندڙ فصل ڪاشتڪار کي ڏنو ويندو. هن شرح سان حديث کي خاص ڪيو ويو. نہ تہ خود حديث جا الفاظ تہ عام آهن. بهرحال توهان جي سامهون مون پنهنجي راءِ رکي ڇڏي آهي.

اسان هن موضوع تي مولانا محمد طاسين صاحب مدظلہ جو هڪ ڪتاب "مروجہ نظام زميداري ۽ اسلام" جي نالي سان شايع ڪيو آهي. هن جيڪا ڳالهہ ڪئي آهي دليلن سان ڪئي آهي. ڪتاب جي اشاعت کان اڳ اسان هن کي پهرين "حڪمت قرآن" ۽ "ميثاق" ۾ شايع ڪيو هو ۽ اهي تعداد جن ۾ مضمون شايع ٿيا هئا ڪجهہ علماء جي خدمت ۾ پيش يا ويا. گهڻن عالمن انهن مضمونن تي وڏي تنقيد ڪئي ۽ انهن کي غلط قرار ڏنو. مون انهن کي چيو تہ اوهان تنقيد لکو تہ جيئن اسان هن کي شايع ڪريون، پر تنقيد لکڻ جي زحمت ڪنهن نہ ڪئي.

## بيع موجل ۽ بيع مرابحہ

جيئن مون عرض ڪيو تہ اسان موجوده دور ۾ اهم مسئلن تي گفتگو جو آغاز ڪيو آهي تہ جيئن ڳالهہ کلي سامهون اچي، هن وقت هڪ بحث بيع موجل ۽ بيع مرابحہ جي حوالي سان بہ جاري آهي.

بيع موجل جي صورت هي هوندي آهي تہ جيڪڏهن توهان ڪا

شيءِ روڪ رقم ادا ڪري ونو تڏهن تہ مثلاً توهان کان ١٠٠ رپيا قيمت وصول ڪئي ويندي پر جيڪڏهن توهان قيمت سال کن کانپوءِ ادا ڪندا تہ قيمت مثلاً ١٢٠ رپيا وصول ڪئي ويندي. اسان وٽ هن جي جائز هجڻ جي بہ فتويٰ ڏني وئي آهي. هن ڪوشش ۾، آئون عرض ڪندس تہ عقل ۽ منطق جي ثبوت سان هن ۾ ۽ وياج ۾ فرق ڪهڙو آهي؟ اهي شيون جيڪي بازار ۾ روڪڙي قيمت تي ملن ٿيون، انهن کي جيڪڏهن توهان قسطن تي ونو ۽ قيمت وڌيڪ ادا ڪريو، تہ قيمت ۾ جيڪا واڌ آهي ان کي وياج ڪانسواءِ ٻيو ڪهڙو نالو ڏئي سگهجي ٿو؟ عجيب ڳالهہ هيءَ آهي تہ هن جواز جي ڪا مقرر ڪيل فتويٰ بہ نہ آهي. بس هڪ بيان ۽ ڳالهہ ڪٿان نڪتي آهي جنهن جا الفاظ ڪجهہ هن طرح آهن "ڇا توهان ڏسو نٿا تہ هن جو رواج آهي" هاڻ هن ان ڳالهہ کي ڪٽي ڪري اسان وٽ سمورو قسطن جو جيڪو ڪاروبار ٿي رهيو آهي ان جو جواز ڳوليو پيو وڃي. انهي سان ضياء الحق صاحب وياج کي اسلام ۾ شرف بخشيو آهي. توهان ڪنهن بينڪار کان PLS جي حوالي سان پڇيو، هُو صاف چوندو تہ وياج آهي، اسان فقط نالو تبديل ڪيو آهي. هن طرح مختلف فقعي حِيلن سان بيع موجل جي جهاز جي فتويٰ ڏني پئي وڃي.

فقط هڪ صورت جدا ڪرڻ جي هيءَ ٿي سگهي ٿي تہ هڪ شيءِ جيڪا روڪڙي ملي ٿي ڪانہ پئي يا ڪا هيءِ اهڙي آهي جنهن جي روڪ ۽ اوڌر قيمت ۾ ڪو فرق نہ آهي. مثلاً معاملو هينئن طئہ ٿيو هجي تہ قيمت جيڪا بہ اڄ طئہ ٿي وئي اهي ان جي ادائگي هڪ سال کانپوءِ ٿيندي تہ هيءَ صورت بهرحال وياج جي نہ آهي. هن سلسلي ۾ بہ اسان جا فقهاء چون ٿا تہ جيڪڏهن طئہ شده وقت ۾ قيمت جي ادائگي نہ ٿي ۽ ان ۾ ڪجهہ اضافو ڪرڻو پيو تہ ادائگي جي وقت ۾ اضافي جي سبب ڪري قيمت ۾ اضافو نہ ڪيو ويندو ڇاڪاڻ تہ هي اضافو وياج هوندو.

اهڙي طرح جو معاملو "بيع مرابحه" جو آهي. بيع مرابحه ڇا آهي؟ هن کي توهان ائين سمجهو تہ مونکي بازار مان ڪا شيءِ خريد ڪرڻي

جو مقصد ئي نظام انصاف و عدل جو قيام آهي. جڏهن تہ سوره حديد جي آيت نمبر ٢٥ ۾ ارشاد رباني آهي:

(لقد ارسلنا رسلنا بالبينات وانزلنا معهم الكتب والميزان ليقوم الناس بالقسط)

"اسان پنهنجي رسولن کي معجزن ۽ واضح تعليمات سان گڏ موڪليو ۽ انهن سان گڏ ڪتاب ۽ ميزان نازل ڪيا تہ جيئن ماڻهو عدل ۽ انصاف تي قائم هجن".

هن جي برعڪس جيڪڏهن "Haves and have nots" جي وچ ۾ اونهاِ اختلاف موجود آهن. انسانيت مترفين ۽ محرومين، مستضعفين ۽ متڪبرين ۾ ورهايل آهي تہ ظاهر ڳالهہ آهي تہ شريعت جي نزول جو اصل مقصد تہ حاصل نہ ٿي رهيو آهي.

موجوده مغربي سرمائيدارانہ نظام ۾ بہ هڪ سٺي شيءِ موجود آهي هوندڻ تہ اسلام اها شيءِ هن کي بهتر انداز ۾ عطا ڪئي آهي. مغربي سرمائيداري نظام ۾ اها شيءِ بي روزگاري الاؤنس (Un employ-ment allowance) آهي. هن وقت اتڪل سيني يورپي ملڪن ۾ اجتماعي بهبود (ويلفيئر) جو نظام ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ موجود آهي، جڏهن تہ هي نظام اعليٰ ترين شڪل ۾ اسڪينڊي نيوين ملڪن ۾ موجود آهي. جڏهن تہ انهن ملڪن ۾ جنهن اسڪول جي اندر هڪ Billionare جو ٻار پڙهي ٿو هن ئي اسڪول ۾ ان شخص جو ٻار بہ پڙهي ٿو جنهن جو وقت گذران محض Welfare allownce تي آهي. هي ئي معاملو علاج معالج ۽ ٻين بنيادي سهوليتن ۾ بہ ڪارفرما آهي. هن ۾ شڪ نہ آهي تہ هڪ فلاحي رياست جي جيڪا بلند ترين سطح ممڪن آهي اها Scandanavian Countries ۾ موجود آهي. برطانيہ بہ هن جي آسپاس پهچي نہ سگهيو جڏهن تہ آمريڪا تہ اڃا تمام پري آهي.

اسلام بہ هي ئي شيءِ هن کان بهتر انداز ۾ عطا ڪئي آهي، مغربي سرمائيدارانہ نظام ۾ هن کي Internal management of Capital جي اصطلاح

سان سچاڻن ٿا. ظاهر ڳالهه آهي ته سرمائيدارانه نظام جي اندر ڪليل مقابلي جو ماحول هوندو آهي. هن جي نتيجي ۾ ڪجهه ماڻهو تمام اڳتي هليا ويندا ۽ ڪجهه پٺتي رهجي ويندا. هاڻ هن Gap (خال) کي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ڪو Feed back هئڻ گهرجي، نه ته انهن ٻن طبقن ۾ زياده اختلاف تي پوڻ جو نتيجو هي نڪرندو ته بکيا، پيٽ پريلن جو پيٽ ڦاڙيندا. لهذا انهن کي ڪجهه ڪارائي پياري چُپ رکڻو آهي. دراصل هي سرمائيدارانه نظام جي ناگزير ضرورت آهي. اسلام انهيءَ مقصد کي زڪواة جي ذريعي پورو ڪيو آهي. اسلام زڪواة کي محض ٽيڪس جي طور تي لاڳو نه ڪيو آهي پر ان کي عبادت جو درجو ڏنو آهي. هن وقت سرمائيدارانه نظام ۾ ٽيڪس کان بچڻ ته ماڻهو پنهنجو حق سمجهي ٿو! جڏهن ته هن مقصد جي لاءِ مختلف قانوني هٿ جون چالاڪيون استعمال ڪيون وڃن ٿيون. سرمائيدارن جي مدد جي لاءِ وڏيون وڏيون فرمون هونديون آهن جيڪي وڏيون ڳريون فيون Fees وٺي انهن کي رستو ٻڌائينديون آهن ته هيئن ڪندؤ ته ٽيڪس کان بچي ويندؤ هن جي برخلاف اسلام زڪواة کي عبادت جو درجو ڏنو آهي. لهذا ڪو مسلمان ان کي Avoid نه ڪندو.

## زڪواة جي حقيقت

هاڻ اسان هن سوال تي غور ٿا ڪريون ته زڪواة اصل ۾ آهي ڇا؟ زڪواة جي باري ۾ حديث رسول ﷺ ۾ آهي:

توخذ من اغنياء هم وترد علىٰ فقراء هم

”(زڪواة) انهن جي دولتمندن کان ورتي ويندي آهي ۽ انهن ئي جي مسڪينن ۾ ورهائي ويندي“-

هتي هيءَ ڳالهه به سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته غني (دولتمند) مان مراد Billionare (ڪروڙ پتي) نه آهي، نه ئي فقير مان مراد ايتري قدر بکايل آهي جو فاقه ڪٽي رهيو هجي پر انهن ٻنهي جي وچ ۾ هڪ واضح

ليڪ (نشان- سَنڌو) ڪڍيو ويو آهي. جيڪڏهن اوهان وٽ ست تولا سون يا ٻاونجاه تولا چاندي جي ماليت آهي تہ اوهان معطي (عطا ڪندڙ Donors) ۾ شامل آهيو. جڏهن اوهان غني آهيو پر جيڪڏهن هن ماليت جا مالڪ نہ آهيو تہ اوهان عطيہ وٺڻ جا حقدار (recipient) آهيو. هن طرح ڏيڻ وارن ۽ وٺڻ جي حقدارن جي وچ ۾ هڪ ديوار ڏني وئي آهي.

هن موقعي تي هيءُ بہ عرض ڪندو هلان تہ هن زڪواة جي نظام تي تمام وڏو ظلم اسانجي مرحوم صدر ضياء الحق ڪيو آهي. زڪواة آرڊيننس ۽ زڪواة جي نظام کي خاص پنهنجي سياسي مقصدن جي لاءِ استعمال ڪيو آهي. هن جو نتيجو هي نڪتو هڪ منظم ٻنڻ جو نظام وجود ۾ اچي ويو. زڪواة جو اصل نظام عوام جي ضمانت جي لاءِ آهي اسلامي رياست کي پنهنجي سيني شهرين جي بنيادي ضرورتن جي ذميداري قبول ڪرڻيپوندي. اسان وٽ ڪنهن زماني ۾ روٽي ڪپڙا ۽ مڪان جو نعرو لڳايو ويو هو. هي نعرو غير اسلامي هرگز نہ هو. هي بلڪل ٻي ڳالهہ آهي تہ نعرو لڳائڻ وارا جاگيردار هئا. انهن جاگيردارن پنهنجي وقتي سياسي مقصدن جي لاءِ هن نعري کي استعمال ڪيو. انهن مان ڪنهن جي نيت ڪجهہ ڪرڻ جي نہ هئي نہ تہ ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ عملي قدم کنيا وڃن ها. پر هيءَ حقيقت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ زڪواة جي نظام سان گڏ جيڪي ڪجهہ ضياء الحق مرحوم ڪيو اهو هن کان بہ بدتر آهي. اُن شخص زڪواة جي نظام کي بدنام ڪيو آهي. ضياء الحق جي زڪواة جو نظام هي آهي تہ "Fixed deposit" جي اندر وياج جو هڪ حصو ڪٽي ان کي زڪواة جو نالو ڏنو ويو. جڏهن تہ زڪواة جو اصل نظام نافذ ٿي نہ ڪيو ويو.

## زڪواة جو اصل نظام

زڪواة جو اصل نظام آهي ڇا؟ اهو نظام هي آهي تہ سموري واپار جي مال تي اڍائي في سيڪڙو جي حساب سان زڪواة نافذ ڪئي ويندي.

فرض ڪريو توهانجي جي دوڪان ۾ پنجن لکن جو مال پيل آهي. اوهان کان اڍائي في سيڪڙو جي حساب سان ورتو ويندو. ان طرح اوهان جي انڪم (ٽيڪس) سان ڪو تعلق شروع کان آهي ئي ڪونه- هن ڳالهہ جو بہ امڪان آهي تہ ڇا گذريل سال ڇهن لکن جو مال رهيو هجي ۽ هن سال پنجن لکن جو رهجي ويو هجي. زڪواة هڪ لک جي نقصان ڪانپوءِ بہ ڏيڻي پوندي. جيستائين ڪو شخص صاحب نصاب آهي اُن کي زڪواة ادا ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن ڪو اُن انداز کان هيٺ آهي تہ هاڻ انهن جو ڳاڻيٽو وٺڻ وارن ۾ ٿي ويندو. اوهان وٽ جيترو بہ واپار جو مال گودام ۾ يا دوڪان ۾ آهي اوهانکي ان جو اڍائي في سيڪڙو ڏيڻو پوندو. جيڪڏهن ڪو ڪارخانو آهي تہ مشينري، زمين ۽ عمارت زڪواة کان ڇُٽل هوندا. ان کان علاوه جيترو بہ ڪچو مال ۽ تيار شده مال موجود آهي ان سڀ تي زڪواة نافذ ٿيندي.

زڪوات جي نظام کي جيڪڏهن هن جي اصل روح سان گڏ نافذ ڪيو وڃي تہ اسڪينڊي نيوين ملڪن کان گهڻو بهتر ويلفيئر جو نظام آڻي سگهجي ٿو. هن ويلفيئر جي نظام جو فائدو هي ٿيندو تہ دولت گردش ۾ ايندي: هيءَ ڳالهہ بلڪل واضح آهي تہ جيڪڏهن عوام جي قوت خريد ۾ اضافو هوندو تہ ان سان ڪاروبار ۾ تيزي ايندي. ان طرح هن جون برڪتون وري واپس اچي سڄي معاشري ۾ پکڙجي وينديون ۽ سڄي معاشري ۾ خوشحالي ايندي. هن خوشحالي جو نتيجو هي نڪرندو تہ توهان بہ معاشري جو حصو هئڻ جي سبب کان فائديمند ٿيندا ۽ اوهان کي بہ feed back ملي ويندو.

زڪواة جي نظام جي حوالي سان هڪ ڳالهہ اِها بہ سمجهي وٺڻ گهرجي تہ مال جا ٻہ قسم آهن بلڪل اهڙي طرح جيئن زمين جا ٻہ قسم آهن- مال جا ٻہ قسم هي آهن (i) ظاهر مال ۽ (ii) باطل مال- مال جي انهن ٻنهي قسمن کي سمجهڻ سان تاريخ اسلام جي ان واقعي جي حقيقت بہ سمجهہ ۾ اچي ويندي تہ خلافت راشده جي دور ۾ ماڻهو

زڪواة ڪٺي ڦرندا هئا پر زڪواة وٺڻ وارو نہ ملندو هو. خلافت راشده ۾ زڪواة تہ بيت المال وصول ڪندو هو ھي زڪواة ڪٺي ڦرڻ ڪهڙي معني رکي ٿو؟ هن سوال جو جواب ظاهر مال ۽ باطن مال جي ورڇ سان واضح ٿي ويندو.

اصل ڳالهہ هيء آهي تہ ظاهر دولت يعني اها دولت جيڪا لِڪل نہ آهي مثال واپار جو سامان جيڪو دوڪان يا گودام ۾ موجود آهي. ان دولت کي ڪيسي ۾ يا وهاٽي جي هيٺان رکي لڪائي تہ نٿو سگهجي، اهڙي طرح چوپائي مال جو ڌڻ آهي انهيء جي ڳڻپ بہ آساني سان ممڪن آهي. اهڙيء طرح ڪارخاني ۾ جنهنجون شيون اکين جي سامهون آهن- هيترو ڌاڳو آهي، هيترو ڪپڙو آهي، هيتري ڪپهہ آهي، جڏهن تہ اهو ۽ اِن طرح جي سيئي ظاهري دولت تي نظام خلافت ۾ زڪواة لاڳو ڪئي ويندي ۽ زبردستي بہ وصول ڪئي ويندي. ڇاڪاڻ تہ نظام خلافت جي تحت هر انسان جي زندگيء جي بنيادي ضرورتن جي ضمانت رياست جي ذميداري آهي. ان ذميداري کي پوري ڪرڻ جي لاء زڪواة زبردستي سان بہ وصول ڪئي ويندي (۴) هيء زبردستي وصولي ظاهري دولت سان ئي ڪئي ويندي ۽ هڪ هڪ پائي جو حساب ورتو ويندو.

پر مال ۽ دولت جو ٻيو قسم "باطن مال" جهڙوڪ اها روڪڙي رقم يا زيورات جيڪي توهان پنهنجي گهر ۾ ڪنهن ڏکئي وقت جي لاء رکي ڇڏيا آهن. انهن جي تلاش نہ ورتي ويندي نہ ان مال جي زڪواة زبردستي وصول ڪئي ويندي. هي اوهان جو ۽ الله جو معاملو آهي. هن ۾ اوهانکي هيء آزادي حاصل آهي جي چاهيو تہ زڪواة رياست کي ڏئي ڇڏيو چاهيو تہ پنهنجي طور تي ڏئي ڇڏيو. هي ئي لڪل دولت هئي جو ان جي زڪواة ماڻهو ڪٺي ڦرندا هئا پر ڪير وٺڻ وارو نہ ملندو هو.

## نظام زڪواة جو هڪ وڏيڪ فرق

هتي آئون هي ڳالهہ بہ عرض ڪندو هلان تہ اسڪينڊي نيوين ملڪن جو سوشلزم يا ويلفيئر جو نظام وڏيڪ هلي نہ سگهندو. مون ڪيترا سال اڳ هي ڳالهہ چئي هئي تہ ويلفيئر جي ايتري بلند سطح برقرار رکڻ مشڪل آهي. ان جي ڪري معاشري ۾ اهو طبقو پيدا ٿي ويندو ۽ وڌندو ويندو جيڪو ڪم ڪرڻ کانسواءِ هن ويلفيئر نظام ۾ مان حاصل ڪيل فائدي کي ڪافي سمجهي ويندو ۽ حڪومت جي اِن نظام مان حاصل ڪيل فائدي کي پنهنجو حق سمجهڻ جي ڪري ڪنهن بہ الائونس جي وصولي ۾ پنهنجي خودداري بہ مجروح ٿيل محسوس نہ ڪندو. اهو ئي سبب آهي تہ انهن ملڪن ۾ هاڻ اهڙا ماڻهو وڌي ويا آهن جن کي حڪومت روزگار ڏياري ٿي پر هو جلد از جلد بي روزگار ٿي بي روزگاري الائونس وصول ڪرڻ لڳن ٿا.

هن جي برخلاف اسلام جڏهن تہ سگهين آسودن تي زڪواة کي فرض قرار ڏنو آهي پر زڪواة وٺندڙن کي چيو آهي تہ هي توهانجي غيرت جو انڪار آهي تہ توهان وٺندڙ بنجو ۽ زڪواة قبول ڪريو. اسلام چاهي ٿو تہ انسان پنهنجن پيرن تي بيهي ۽ ڪنهنجو محتاج نہ رهي. نبي صلي الله عليه وسلم جن هٿن سان ڪمائي جي ترغيب ڏياري آهي. سندن ﷺ ارشاد آهي تہ "الڪاسب حبيب الله" (روزي ڪمائيندڙ الله جو دوست آهي) پاڻ ﷺ هي بہ فرمايو آهي تہ سڀ کان وڏيڪ پاڪيزه ڪمائي هٿ جي ڪمائي آهي. حضرت داؤد عليه السلام پنهنجي هٿ جي ڪمائي کائيندا هئا زرهون ٺاهيندا هئا. خزاني کي پنهنجي ذاتي ملڪيت نہ سمجهندا هئا. سندن ﷺ هيءُ ارشاد بہ آهي تہ: "مٿيون هٿ (ڏيڻ وارو) هيٺئين هٿ (وٺڻ واري) کان بهتر آهي"- پاڻ ﷺ زڪواة کي گند ڪچرو قرار ڏنو آهي ۽ خود پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي اولاد کي زڪواة جي وصوليءَ کان بلڪل جدا ڪري ڇڏيو آهي (۵)

## اسلام جو معاشرتي نظام

اڄ جي خطبه خلافت جي ٻئي حصي ۾ تعلق نظام خلافت جي تحت معاشرتي نظام جي اصول ۽ بنياد سان آهي. اسلام جي معاشرتي نظام جي حوالي سان هڪ ڳالهه تہ هيءَ آهي تہ اسان مان هر هڪ شخص هن نظام مان ڪنهن نہ ڪنهن درجي تائين واقف آهي. مثال هر مسلمان پردي ۽ ستر جي لازم هئڻ جو علم رکي ٿو خواهہ عمل ڪرڻ ۾ ڪو ڪيتري ئي ڪوتاهي ڪري ٿو. جڏهن تہ نظام خلافت جي تحت معاشي ۽ سياسي نظام جي باري ۾ اول تہ عام مسلمان تمام گهٽ ڄاڻن ٿا. پوءِ جديد تقاضائن جي تحت انهن ٻنهي ۾ اجتهاد جي سخت ضرورت بہ آهي. جڻ انهن شعبن جي باري ۾ جيترو ڪجهہ علم آهي بہ اهو پراڻو ٿي چڪو آهي ۽ انهن احڪام و معاملات ۾ اجتهاد جي روشني ۾ نظرثاني جي ضرورت آهي.

هن خطبن جي شروع ئي ۾ هيءَ ڳالهہ عرض ڪئي وئي هئي تہ اجتماعي نظام جي پهرين منزل عائلي نظام آهي. هن پهرين منزل کي امام الهند شاهہ ولي الله رح "تدبير منزل" سان تعبير ڪن ٿا. پهرين منزل کان پوءِ گهڻا ٻيا عمل شامل ٿي ڪري معاشرت کي وجود بخشين ٿا. پوءِ جڏهن هڪ معاشرو وجود ۾ اچي ٿو تڏهن اقتصادي ۽ سياسي مسئلا جنم وٺن ٿا ۽ انهن ئي مسئلن جي ڪک مان سياسي ۽ اقتصادي نظام وجود ۾ اچي ٿو.

## معاشرتي نظام جا اصول ۽ بنياد

اسلام جي معاشرتي نظام جي حوالي سان پهرين ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسلام ۾ پيدائشي طور تي سڀئي انسان برابر آهن. جڻ مڪمل انساني مساوات موجود آهي. پيدائشي طور تي نہ ڪير مٿانهون آهي نہ هيٺانهون نہ نسل جي بنياد تي نہ رنگ جي بنياد تي ۽ نہ جنس جي بنياد تي. اسلام هرگز هن ڳالهہ جي اجازت نٿو ڏي تہ عورت کي مرد کان

ڳهڻ تصور ڪيو وڃي. قرآن حڪيم ذات ۽ پات جي هن قسم جي هر تصور جو انڪار ڪندي فرمائي ٿو تہ "بَعضُکُم من بعض" (آل عمران، ١٩٥) يعني توهان سڀئي هڪ ٻئي مان ئي آهيو. هڪ ئي پيءُ جي نطفي (ڦڙي) منجهان هن جو پٽ بہ آهي ۽ ڌيءُ بہ ۽ هڪ ئي ماءُ جي پيٽ ۾ ٻنهي پرورش پاتي آهي.

هي ڳالهہ چوڻ ۾ جيتري سادي ۽ هلڪي آهي دل جان سان ان کي تسليم ڪرڻ اوترو ئي مشڪل آهي. اسان وٽ هندن کي خوب برو ڀلو چيو وڃي ٿو تہ انهن وٽ برهمڻ ۽ شودر جو معاشرتي فرق موجود آهي پر بلڪل ساڳيءَ طرح اسان وٽ مصلي (صلواة ادا ڪندڙ) ۽ سيد (سنڌ ۾ امتي ۽ سيد) جو فرق موجود آهي. پر حقيقت هيءَ آهي تہ خود اسلام هن ورڇ کي ڪنهن حد تائين بہ قبول نٿو ڪري. اسلام جو پهريون بنيادي اصول سماجي سطح تي مڪمل انساني مساوات اسلام جي تصور ۾ جيڪڏهن رتبي جو ڪو فرق آهي تہ اهو علم ۽ تقوي جي حوالي سان آهي. جڏهن تہ قرآن حڪيم ۾ ارشاد آهي:

(ان اکرمکم عندالله اتقکم) (الحجرات: ١٣)

"الله جي نزديڪ توهان مان سڀ کان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو تقوي (خدا ترسي) ۾ سڀ کان وڌيڪ هجي"

علم ۽ تقوي اهي شيون آهن جن کي اوهان پنهنجي محنت سان حاصل ڪريو ٿا. انهن جي برعڪس اهي شيون جيڪي اوهان کي پنهنجي ڪمائي ڪري حاصل ڪرڻ کان علاوه عطا ڪيون ويون آهن، اوهانجي پسند و ناپسند ۽ ڪمائي و محنت کي انهن جي ملڻ ۾ ڪوبہ دخل ڪونهي انهن کي اعزاز واڪرام جو سبب نہ بنايو ويو. الله اوهان کي جيڪو رنگ ۽ شڪل و صورت عطا ڪيا آهن ساڳي طرح اوهانکي جنهن نسل ۾ پيدا ڪيو ويو آهي ۽ اوهانجي جيڪا جنس ناهي آهي. انهن شين ۾ اوهانکي ڪوبہ اختيار بلڪل نہ ڏنو ويو لهذا جن شين ۾ اوهانجو اختيار نہ آهي ان جي سبب کان ذات ۽ پات جو معيار قائم نٿو

ڪري سگهجي. قرآن حڪيم ۾ ارشاد آهي؛

(يا ايها الناس انا خلقنا كم من ذكر وانثيٰ وجعلتكم
شعوبا و قبائل لتعارفوا، ان اكرمكم عندالله اتقكم
(الحجرات، ١٣)

اي انسانو! بيشڪ اسان توهانکي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو ۽ توهانکي قومن ۽ قبيلن جي صورت ۾ بنايو تہ هڪ ٻئي کي سڃاڻي سگهو. بيشڪ الله جي نزديڪ توهان منجهان وڏيڪ عزت وارو اهو آهي تہ جيڪو البت سيني کان وڏيڪ صاحبِ تقويٰ هوندو."

البت دستوري ۽ قانوني سطح تي مسلم ۽ غير مسلم جي وچ ۾ فرق هوندو- هيءُ فرق بہ محض انتظامي ضرورت جي تحت آهي. ان لاءِ تہ اسانکي هڪ نظام هلائڻو آهي، ۽ نظام اهو ئي هلائي سگهي ٿو جيڪو ان جي صداقت تي ايمان رکندو هجي. ان ڪري نظام خلافت هلائڻ جي ذميداري فقط مسلمانن جي آهي. غير مسلم هن نظام کي نٿا هلائي سگهن نہ هلائڻ جو حق رکن ٿا. پر هن فرق جي حوالي سان هيءُ ڳالهہ ذهن ۾ رهڻ گهرجي تہ هتي بہ معاملو افضليت (وڏائي) يا مفضوليت جو نہ آهي. ڪنهن کي ڪڏهن هيءُ نہ سمجهڻ گهرجي تہ آئون مسلمان آهيان ان ڪري ڪافر کان افضل آهيان (ايمان جي فضيلت پنهنجي جاءِ تي پر آدم جي اولاد هجڻ ۾ يا انسان هجڻ جي ناطي ڪافر ۽ مسلم ٻئي هڪ ئي سطح تي آهن) علاوه ان جي مسلمان کي ڪافر کان خوبي پرکڻ جي طور تي افضل نہ قرار ڏيڻ جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ اصل اعتبار عاقبت جو آهي ۽ ڪنهن جي عاقبت يا خاتمو ڪهڙي حالت تي ٿيندو ان جو ڪنهن کي علم نہ آهي. آئون الحمدالله اڄ مسلمان آهيان پر هن ڳالهہ جو امڪان تہ موجود رهي ٿو تہ سياڻ منهنجو پير ترڪي وڃي ۽ آئون گمراهي جي غار ۾ وڃي ڪران ۽ هن ڳالهہ جو بہ امڪان موجود آهي تہ الله تعاليٰ هن ڪافر جي لاءِ هدايت

جو دروازو کولي ڇڏي. ڪفر ۽ اسلام جي هي ورڇ مستقل نہ آهي جڏهن تہ ڪاري ۽ گوري جي ورڇ مستقل آهي هي ممڪن ناهي تہ ڪو ڪارو گورو ٿي وڃي پر ڪو ڪافر ڪلمو پڙهي هن فرق کي هڪ لمحي ۾ ختم ڪري سگهي ٿو.

هڪ ٻي ورڇ انتظامي اعتبار کان آهي. هي ورڇ آفيسر ۽ ماتحت جي آهي هن ورڇ ۾ فرق کي اسانکي تسليم ڪرڻو پوندو. انسانيت جي شرف جي اعتبار کان مرد ۽ عورت برابر آهن. روحاني ۽ اخلاقي بلندي جي لاء ميدان ٻنهي جي لاء کليل آهي جڏهن تہ سوره احزاب جي آيت ٣٥ ۾ ارشاد رباني آهي؛

(ان المسلمين والمسلمات والمؤمنين والمؤمنات والقنتين
والقنتت والصادقين والصادقات والصبرين والصبرت والخاشعين
والخاشعت والمتصدقين والمتصدقت والصائمين والصائمات
والحافظين فروجهم والحفظت والذاكرين الله كثيرا والذاكرات
اعدالله لهم مغفرة واجراً عظيما O)

هن آيت مبارڪ ۾ جيڪي بہ اعليٰ صفتون ڳڻايون ويون آهن انهن ۾ مرد ۽ عورت ٻنهي کي شريڪ ڪيو ويو آهي جڏهن تہ نہ معلوم ڪيترا ڪروڙين مرد حضرت خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها جي رتبي تي رشڪ ڪندا هوندا.

جيئن تہ عرض ڪيو ويو آهي تہ انسانيت جي شرف جي اعتبار کان مرد ۽ عورت برابر آهن پر جڏهن هڪ مرد ۽ هڪ عورت رشتہ ازدواج ۾ وابستہ ٿي ويا تہ هاڻ (انتظامي طور) برابر نہ رهيا. ان لاء تہ هاڻ هڪ ادارو وجود ۾ اچي ويو آهي. هي خاندان جو ادارو (Institution of family) آهي ۽ هر اداري جي لاء هڪ سربراهہ هجڻ لازمي آهي. اوهان ڄاڻو ٿا تہ ڪنهن اداري ۾ برابر جي درجي وارا ٻہ سربراه هجن تہ ان جو ٻيڙو غرق ٿي ويندو. هن لحاظ کان قرآن حڪيم جي هدايت هيءَ آهي تہ؛

**(الرجال قوامون علي النساء بما فضل الله بعضهم علي بعض وبما انفقوا من اموالهم. فالطلحت قانتت حافظات للغيب بما حفظ الله)**

**"مرد حاڪم آهن عورتن تي هن فضيلت جي ڪري جو الله هڪ کي ٻئي تي ڏني آهي ۽ هن سبب ڪان جو انهن پنهنجا مال (خاندان جي اداري کي قائم ڪرڻ تي) خرچ ڪيا آهن-"**

**هي دراصل خانداني اداري جو انتظام آهي ۽ انهيءَ تي اسانجو سمورو فقهي نظام قائم آهي خاندان جي اداري جو سربراهه مرد آهي. هو شاديءَ جي لاءِ مهر ادا رڻ جو پابند آهي حالانڪ جهڙيءَ طرح شادي مرد جي ضرورت آهي اهڙيءَ طرح عورت جي بہ آهي. مرد عورت کانسواءِ نامڪمل آهي ۽ عورت مرد کانسواءِ. ان جي باوجود مهر ادا ڪرڻ جي پابندي مرد جي لاءِ آهي، عورت جي لاءِ نہ آهي. مرد جي ذمي ڪفالت (سار سنڀال) بہ آهي، هو زال جي کاڌي پيتي جو ذميدار آهي. ٻارن جي پرورش، سار سنڀال ۽ تعليم و تربيت جي ذميداري بہ مرد تي ئي آهي. انهي مصلحت سان وراثت ۾ مرد جو حصو عورت کان ٻيڻو رکيو ويو آهي. هي سڀئي ڳالهيون هڪ ساڳئي نموني منطقي طور تي لاڳاپيل آهن. حقيقت هي آهي تہ اسلامي فلسفہ حيات ڪنهن پاسي کو نقص نہ ڇڏيو آهي.**

**اسلام جي عائلي نظام جي حوالي سان علامہ اقبال هڪ تمام سٺي ڳالهہ چئي آهي. علامہ اقبال پنهنجي ڇهين ليڪچر ۾ چوي ٿو تہ ماڻهو اسلام جي عائلي قانونن تي وڌي وسيع انداز ۾ غور ڪن ٿا ۽ هن سبب ڪان هو تمام گهڻا اعتراض شروع ڪري ڏين ٿا. اونهائي ۾ وڃي غور نٿا ڪن. اسلام جيڪا ڳالهہ چئي آهي اها اختصار سان چئي آهي ليڪن انهي اختصار کي ڪجهہ کولي ڏٺو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ اسلام جو هر حڪم يا هدايت انتهائي درست آهي. اسلام جي عائلي قوانين ۾ طلاق جو اختيار مرد کي ڏنو ويو آهي عورت کي نہ ڏنو ويو، تنهن هوندي بہ عورت خلع حاصل ڪري سگهي ٿي طلاق نٿي ڏئي سگهي**

ليڪن هي تہ شادي جي موقعي تي عورت طلاق جي حق جو شرط مڃائي ڇڏيو هجي. هي سڀئي احڪام خاندان جي نظام کي مستحڪم رکڻ جي لاءِ مرد جي قوت جي ضرورت جو اظهار آهن.

اسلام جي خانداني نظام ۾ والدين جا حق هن نظام جو ٻيو رخ يا بعد ثاني (Second dimension) آهي. هڪ مرد ۽ عورت سان خاندان جي شروعات ٿئي ٿي. پوءِ اولاد ٿيڻ سان (Second dimension شروع ٿي وڃي ٿي. هاڻ والدين ۽ اولاد جو رشتو بہ قائم ٿي ويو پوءِ اولاد جڏهن هڪ کان وڌيڪ ٿي وڃي ٿو تہ اخوت (برادري) جو رشتو قائم ٿي وڃي ٿو. هي جڻ هڪ خاندان جا ابعاد ثلاثہ (three dimension) آهن.

هن اداري جو استحڪام مرد ۽ عورت جي وچ ۾ مضبوط رشتي تي منحصر آهي. اهڙي طرح جيترو اولاد ۽ والدين جي وچ ۾ رشتو مضبوط هوندو اوترو ئي خاندان جو ادارو مستحڪم ٿيندو. هيءُ ئي سبب آهي تہ قرآن حڪيم ۾ ڇئن جاين تي الله جي حق سان گڏ والدين جي حقن جو ذڪر آهي. اوهان حيران ٿيندا تہ انهن جاين تي رسول جو ذڪر بہ نہ آهي. جڏهن تہ سوره لقمٰن ۾ اچي ٿو تہ (ان اشڪرلي ولوالديک) يعني "شڪر ڪريو منهنجو ۽ پنهنجي والدين جو" هي ئي مضمون سوره بني اسرائيل ۾ آيو آهي (وقضي ربڪ الا تعبدوا الا اياه وبا لوالدين احسانا) يعني "توهان جي رب فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ هن کانسواءِ ڪنهنجي عبادت نہ ڪريو ۽ والدين سان سهڻو سلوڪ ڪريو" هي سڀ انهيءَ لاءِ آهي تہ اولاد ۽ والدين جو رشتو مضبوط هجي ۽ والدين پوري اطمينان سان پنهنجو پاڻ کي پنهنجي اولاد ۾ چڱي طرح سمائي ڇڏين. هو پنهنجي وڏ پڻ جي لاءِ هن فڪر سان ڪجهہ بچائي نہ رکن تہ اُن وقت ڪتان کائيندس. هنن کي اطمينان هجي تہ هنن جو اولاد انهن کي ان جو بدلو ڏيندا. سوره بني اسرائيل ئي ۾ اچي ٿو تہ (رب ارحمهما کما ربياني صغيرا) يعني "اي منهنجا پروردگار هنن ٻنهي تي رحم فرماءِ جيئن انهن (رحم سان) مونکي پاليو نپايو جڏهن آئون ننڍڙو هوس"

هن ئي سوره ۾ هي بہ ارشاد ٿيو آهي؛ (اما يبلغن عندکـ الکبرا حد هما او کلاهما فلاتقل لهما اف ولا تنهر هما و قل لهما قولاً کريما O واخفض لهما جناح الذل من الرحمة وقل رب الرحمهما کما ربياني صغيرا O)

هن آيت مبارک کي پڙهو ۽ يورپ ۾ وڃي ڏسندا تہ پوڙهن والدين جو ڇا حشر ٿئي ٿو، اوهان سندن حسرت ۽ محرومي جو اندازو نٿا لڳائي سگهو. هو ويچارا ڪيترن سالن کان پنهنجي اولاد کي ڏسڻ جي انتظار ۾ گذاري ڇڏين ٿا. هو ڪرسمس جو انتظار محض هن خوشيءَ ۾ ڪندا رهن ٿا تہ ان موقعي تي پٽ يا ڌيءَ جي شڪل نظر ايندي. پر قابل افسوس ڳالهہ هيءَ آهي تہ هاڻ ان موقعي تي بہ انهن کي پنهنجن پيارن جي شڪل ڏسڻ لاءِ نٿي ملي. انهن وٽ Old home ۾ سڀ سهولتون موجود آهن. اتي ٽي وي سيٽ لڳا پيا آهن. بهترين کاڌو ميسر آهي ليڪن يورپ وارا هيءَ ڳالهہ ڀلجي ويا تہ انساني جذبات ڪنهن ٻي شيءِ جي بہ تقاضا ڪن ٿا.

خاندان جي اداري جي استحڪام جي لاءِ هڪ ٽيون عنصر پردي ۽ حجاب جا احڪام آهن. هن اهم عنصر جي طرف تمام گهٽ ماڻهن جو توجه آهي. هيءَ ڳالهہ تہ سڀني کي معلوم آهي تہ زنا جي خاتمي جي لاءِ عورتن ۽ مردن جو آزادانہ ميل ميلاپ نہ هئڻ گهرجي. هن جو اهم ترين تعلق جيڪو خاندان جي مضبوطي سان آهي ان جي طرف توجه نہ ڪيو ويو (٦) هاڻ غور ڪريو جنهن معاشري ۾ بي پردگي ۽ عرياني آهي، آزادانہ ميل جول آهي ان معاشري ۾ جيڪڏهن ڪو مرد ڪنهن عورت کي ڏسي ٿو ۽ هوءَ هن جي نگاهن ۾ "سمائجي" وڃي ٿي تہ هاڻ هن جي خيالن ۾ تہ اها ئي سمايل هوندي. ظاهر ڳالهہ آهي تہ هن جو نتيجو هيءُ ئي نڪرڻو آهي تہ زال تان توجه کڄي ويندو. هن سان مڙس ۽ زال جي وچ ۾ جيڪو رشتہ الفت ۽ محبت موجود رهڻ گهرجي اهو ڪمزور ٿي پوندو ۽ ان جي ڪمزور ٿيڻ سان خاندان جو ادارو عدم استحڪام

جو شڪار ٿي رهجي ويندو. ان ڪري اسلام عورت جي لاءِ پردي کي لازم ڪيو آهي ته جيئن مڙس جو سڄو توجه زال تي ۽ زال جو مڙس تي ڄميل رهي.

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته جنسي خواهش انسان جي اندر تمام گهڻي طاقتور چرپر جي حيثيت رکي ٿي. اسان وٽ جديد تعليم يافته طبقو جيڪو مغربي تهذيب جو عاشق آهي ان جي هي تمام وڏي علمي خيانت آهي جو هو هڪ طرف ته فرائڊ کي جديد نفسيات جو "امام" ٿا مڃين جنهنجو چوڻ هي آهي ته انسان جي اندر سڀ کان طاقتور جذبو حرڪتِ شهوت آهي. پر هي مغرب زده ماڻهو ڄاڻي ٻُجهي علمي خيانت ڪندي هن جذبي کي محض مولوين جي خصلت ظاهر ڪري انهن کي بدنام ڪن ٿا ۽ رڙيون ڪندي چون ٿا ته مولوين کي جنسيات کانسواءِ ٻي ڪا ڳالهه اچي ئي ڪانه ٿي. جڏهن ته قرآن حڪيم ۾ انساني فطرت جي پيش نظر صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين ۽ ازواج مطهرات رضه جي باري ۾ احڪام ڏيندي فرمايو ويو آهي ته نبي صلي الله عليه وسلم جن جي گهر وارين کان ڪا شيءِ گهرڻي آهي ته پردي جي پٺيان گهرو- حالانڪِ نبي صلي الله عليه وسلم جن جون گهر واريون امهات المؤمنين آهن ليڪن ان جي باوجود پردي جي پٺيان گهرڻ جو حڪم ان لاءِ ڏنو پيو وڃي ته:

(ذالكم اطهر لقلوبكم وقلوبهن) (الاحزاب:٥٣)

"هي (عمل) تمام پاڪ آهي توهانجي دلين جي لاءِ به ۽ انهن جي دلين جي لاءِ به" هن حقيقت کان ڪير انڪار ڪري ٿو سگهي ته جيڪڏهن مڙس ۽ زال جو توجه منتشر نه آهي ته هن سان گڏيل اعتماد ۾ واڌارو ٿيندو ۽ هي گڏيل پيار ۽ الفت خاندان جي اداري جي پختگي (مضبوطي) تي نتيجه خيز ٿيندا. مڙس ۽ زال جي اعتماد جي هن ماحول ۾ جيڪو اولاد نپجي ٿو اهو تمام صحتمند نفسيات سان گڏ وڏو ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن معاملو ان جي ابتڙ هجي ته مڙس جو زال تان اعتماد

ڪجهي وڃي ۽ زال جو مڙس تان تہ توهان اندازو لڳايو تہ هن ماحول ۾ جيڪو اولاد نپجندو ان جي اندر منفي رجحانات ڪانسواءِ ڇا هوندو. هن بي اعتمادي جي ماحول ۾ ٻارن جي اندر مثبت صفتون ڪٿان پيدا ٿينديون.

اسلام عورت جي لاءِ يقيناً پردي ۽ حجاب جا احڪام ڏنا آهن. مگر انهن احڪامن جي پابندي جي باوجود عورت کي تمام گهڻي آزادي حاصل آهي. عورت ڪاروبار ڪري سگهي ٿي ۽ پنهنجي جائداد رکي سگهي ٿي، بس شرط هي آهي تہ عيش عشرت ڪري نہ رهي ها اخلاقي تعليم هيءَ آهي تہ (وقرن في بيوتڪن) (توهان جو اصلي توجه توهان جي گهرن تي هئڻ گهرجي) هي گهر توهان جو اصل حد اختيار آهي. جيئن تہ هيءَ ڪا قانوني پابندي نہ آهي لهذا اسانجي معاشري ۾ زنانہ ۽ مردانہ ڪاليج جدا جدا موجود آهن ۽ جڏهن اسان يونيورسٽي جي جدا قيام جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ مغرب زده طبقي جي نڙي ۾ هيءُ مطالبو نہ معلوم ڇو هڏي ٻنجي ڦاسي پوي ٿو. اهڙي طرح سان زنانہ ۽ مردانہ اسپتالون بہ جدا بنائي سگهجن ٿيون جيڪا اسپتال زنالي هجي اتي مريض عورتن کي ئي داخلا ملي ۽ ڊاڪٽر بہ عورتن مان هجن. زنانہ اسپتالن ۾ نرسون بہ عورتن منجهان هئڻ گهرجن جڏهن تہ مردانہ اسپتالن ۾ مرد نرسن جو اهتمام هئڻ گهرجي. هنن اسپتالن ۾ زنانہ نرسون تمام گهڻي فساد جون پاڙون آهن. سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ ڇا مرد نرسنگ نٿو ڪري سگهي؟ جڏهن تہ فوج ۾ Forward medical units هوندا آهن جيڪي جنگ جي محاذ تي ويندا آهن، اتي ڪا عورت نرس نہ هوندي آهي. حالانڪ اتي نرسن جي ضرورت بہ سخت هوندي آهي. اتي تہ توهان عورت نرسن کي نٿا وٺي وڃو جڏهن عام مردانہ اسپتالن ۾ عورتن کي بطور نرس رکيو وڃي ٿو. توهان سوچيو ڇا پي آءِ اي ۾ ڪاڏي ۽ ناشتي جا ٽري مرد نٿو پيش ڪري سگهي؟ (٧)

خانداني اداري جي اندر وڏيڪ استحڪام پيدا ڪرڻ جي لاءِ انهن

قريبي رشتيدارن کي "محرم" قرار ڏنو ويو آهي جيڪي گهڻو ڪري گڏجي رهڻ تي مجبور آهن ۽ جن سان خاندان جو ادارو تشڪيل پائي ٿو ۽ محرم مردن سان نڪاح کي حرام قرار ڏنو ويو آهي ته جيئن انهن رشتن سان تعلق رکڻ وارا هڪ ٻئي کي هميشه پاڪيزه نگاهن سان ڏسن. پاءُ ۽ ڀيڻ، ماءُ ۽ پٽ، سس، سهرو ۽ نياڻو وغيره. جيڪڏهن هڪ ٻئي تان اعتماد کڄي وڃي ته خاندان جي اندر استحڪام ڪيئن پيدا ٿي سگهي ٿو.

هي آهن شريعت جا احڪام، هاڻ ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته اسين هڪ دفعو هي طئه ڪري ڇڏيون ته اسانکي هلڻ شريعت تي آهي هي طئه ڪرڻ کانپوءِ آئون دعويٰ سان ٿو چوان ته رستو ڪير نٿو روڪي سگهي. هي سڀ ڪم ٿيندا ليڪن جدا جدا دائرن جي تحت ٿيندا. باهه ۽ پاڻيءَ جو هي ميلاپ جيڪو فساد جي پاڙ آهي ان کي بهرحال ختم ڪرڻو پوندو. هن ڪم ۾ هڪ ڳالهه چٽي سگهجي ٿي پر گهڻو چٽي وڃي ٿي ته اڄ جي دنيا معاشي دنيا آهي. هن معاشي ڊوڙ ۾ جيڪڏهن توهان پنهنجي آبادي جي پنجاهه في سيڪڙو کي الڳ رکندؤ، ته دنيا جو مقابلو ڪيئن ڪندا. هن جو جواب آئون ڏئي چڪو آهيان ته هڪ دفعو عزم ڪيو وڃي ته رستا کلندا ويندا. اوهان گهريلو صنعتن جو اهتمام ڪريو، عورتن کي گهرن ۾ ڪم ڏئي ڇڏيو ته جيئن انهن کي نڪرڻ جي ضرورت ئي نه ٿئي اهڙي طرح پرائمري ايجوڪيشن مڪمل طور تي عورتن جي حوالي ڪئي وڃي پر هي معاملو ٽئين ۽ چوٿين جماعت تائين ئي هئڻ گهرجي ان کان اڳتي نه هي ٻارن جي عمر جو اهو دور ٿئي ٿو جنهن ۾ انهن کي شفقت ۽ محبت جي ضرورت هوندي آهي ۽ الله تعاليٰ عورت جي اندر ممتا جو جذبو رکيو آهي. ان کانسواءِ اهڙا صنعتي يونٽ بنائي سگهجن ٿا. جتي عورتون ئي نگراني ڪن ۽ عورتون ئي ڪم ڪن. هن ڪم ۾ هيءَ ڳالهه پيش نظر رهڻ گهرجي ته عورتن جي ڪم جا وقت مردن جي مقابلي ۾ گهٽ هجن ته

جيئن هو زوال ۾ ماڻ جي حيثيت سان بہ پنهنجي ذميدارين جي ادائگي جي لاءِ وقت ڪڍي سگهن.

آئون پنهنجي ڳالهہ کي هن نُڪتي تي ختم ٿو ڪريان تہ اسلام جو معاشرتي ۽ سماجي نظام هلندڙ دور جي تقاضائن جو ساٿ ڏيڻ جي پوري صلاحيت رکي ٿو. اسان کي هن حوالي سان عذر يا بهانو چاهيندڙ رويو اختيار ڪرڻ جي بلڪل ضرورت نہ آهي. اسان پنهنجي دين تي عمل ڪندي دنيا جو نہ فقط مقابلو ڪنداسين بلڪِ ان کان اڳتي وڌي ڏيکاريندا‌سين ليڪن اڳتي وڌڻ جي شوق ۾ حضرت محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي آندل دين جو دامن هٿن مان هرگز نہ ڇڏيندا‌سين.

## يادا شت

١. سوره توبه ۾ ڪجهہ منافقن جو نقشو چِٽيو ويو آهي تہ نفاق انهن جي دلين ۾ اهڙي طرح پاڙون پڪيڙي ڇڏيون آهن جو هو هاڻ نڪري ٿي نٿو سگهي جيستائين دل جا ٽڪرا ٽڪرا نہ ڪيا وڃن. هي ئي صورت سرمائيدارانہ نظامِ معيشت ۾ وياج جي آهي.

٢. جوا جي خاتمي جي سلسلي ۾ قرآن جي حڪمت جو هڪ عجيب رخ سامهون اچي ٿو. جوا، جيڪو هڪ خالص معاشي معاملو آهي الله تعالىٰ هن کي خمر (شراب) سان گڏي بريڪيٽ ڪندي ٻنهي جي حرمت ۽ مذمت سورة بقر ۽ سوره مائده ۾ هڪ ئي وقت گڏي ڪئي آهي. ان جو سبب هي آهي تہ جوا ۾ بہ ماڻهو محنت سان جيءُ چورائي ٿو ۽ شراب جو نشو بہ زندگي جي تلخ حقائق کان ڀڄڻ جي لاءِ هوندو آهي جهڙوڪ شاعر چيو آهي:

ميں ميکدے کی راہ سے ہوکر نکل گیا
ورنہ سفر حیات کا بے حد طویل تھا

شراب ۽ جوا ۾ مشابهت جو ٻيو پهلو هي آهي تہ ٻنهي بغض ۽ عداوت پيدا ڪرڻ جا ڪارڻ بہ آهن.

٣. ان جو ٻهريون تجديدي ڪارنامو نامزدگيءَ جي بنياد تي خليفو بنجڻ کان انڪار ۽ ماڻهن کي پنهنجي هن بيعت کان آزاد ڪرڻ هو جيڪا نالو ظاهر ڪرڻ کان بغير هڪ دستاويز تي ورتي وئي هئي جنهن ۾ بادشاهہ پاڻ کانپوءِ جي خليفہ جو نالو لکي ڇڏيو هو. هن بيعت کان آزاد ڪرڻ کانپوءِ جڏهن ماڻهن خود پنهنجي آزاد مرضي سان ان جي بيعت ڪئي تڏهن پاڻ ﷺ خلافت جي ذميداري قبول ڪئي.

۴. هن موقعي تي حضرت ابو بڪر رضہ جو هي ارشاد وري ياد ڪري ڇڏيو تہ پاڻ زڪواة کان انڪار ڪندڙن جي خلاف قدم کڻڻ جي موقعي تي فرمايو هو" جيڪڏهن هي ماڻهو چون تہ اٺ تہ وٺي وڃ پر اٺ کي ٻڌڻ جي رسي نہ ڏينداسين تڏهن بہ آئون انهن سان جنگ ڪندس" ڪٿي اٺ ڪٿي اٺ جي رسي مگر اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ پاڻ ﷺ دين ۾ زري جيتري بہ ترميم گوارا ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا انهن فرمايو هو "ڇا منهنجي جيئري هوندي دين ۾ گهٽتائي ڪئي ويندي؟"

۵. اسانکي سيرت مبارڪ مان اهڙا ڪيترا واقعا ملن ٿا جڏهن پاڻ ﷺ مدد جي گهر ڪندڙ کي ڪم ڪرڻ جي ترغيب ڏني ۽ جهنگل مان ڪاٺيون وڍي ڪٺي اچڻ ۽ ان مان روزگار حاصل ڪرڻ جو عملي رستو ٻڌايو.

٦. مون هي ئي ڳالهہ هڪ انٽرويو ۾ انگريزي رسالي هيرالڊ کي چئي هئي، منهنجو انٽرويو ڦيرائي گهيرائي شايع ڪيو ويو. ان کانپوءِ انهيءَ انٽرويو جو حوالو هڪ آمريڪي عورت پنهنجي ڪتاب ۾ بہ ڏنو آهي ۽ مون تي چڱيءَ طرح ڇَوہ ڇنڊيا اٿس. مون جيڪا اصل ڳالهہ چئي هئي اها پردي ۽ حجاب جي حڪمن جا اثرات

آهن جيڪي خانداني نظام جي استحڪام تي ترتيب ڏنل هوندا آهن.

٧. مون هيءَ ڳالهه صدر ضياء الحق مرحوم سان به ڪئي هئي ته هي ايئر هوسٽس جيڪا هفتن جي لاءِ گهر کان ٻاهر وڃي ٿي هي شريعت جي ڪهڙي قاعدي جي مطابق جائز آهي جڏهن ته مسلمان عورت حج ۽ عمري جي لاءِ به محرم کان بغير نٿي وڃي سگهي. حالانڪ حج ۽ عمرو ڪرڻ واريون عورتون عموماً اڌڙوٽ يا عمر جون وڏيون هونديون آهن مگر پي آء اي ۾ هن جي برعڪس نوجوان ڇوڪريون ويهه ويهه ڏينهن جي لاءِ هڪ کان ٻئي ملڪ فلائٽ سان گڏ وڃن ٿيون. غور ڪندا هي ڪير آهن، محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ حضرت عائشه رضه ۽ حضرت خديجة الڪبريٰ رضه جون "نياڻيون" آهن!!-

۴

# خطبو چوٿون

## نظام خلافت جي قيام

## جو

## نبوي ﷺ طريقو

صفحو

عنوان


- گذريل بحثن تي هڪ نظر
- خلافت علي منهاج النبوة دنيا جو مشڪل ترين ڪم
- نظام خلافت برپا ڪرڻ جو لائحہ عمل
- سيرت نبوي ﷺ جي مطالعي جي اهميت
- انقلاب محمدي ﷺ جامع انقلاب
- منهج انقلاب نبوي ﷺ جا مرحلا
- دعوت ايمان بذريعہ قرآن ۽ تربيت و تزڪيہ (پاڪائي)
- نظام جماعت جو بنياد ....... بيعت
- تنظيم جو مرحلو
- اسلامي اجتماعيت جا تقاضا
- درويشي جا چار عناصر
- حق و باطل جو تصادم (ٽڪرجڻ)
- موجوده دور ۾ تصادم جو مرحلو
- نبي صلي الله عليه وسلم جي دور ۽ اڄ جي حالات ۾ فرق
- نهي عن المنڪر جا ٽي درجا
- نظام خلافت قائم ڪرڻ جي جدوجهد عين فرض آهي
- اسانجو ڪم

**گذريل بحثن تي هڪ نظر**

گذريل ٽن خطبن ۾ اسان علمي ۽ معلوماتي موضوعن تي گفتگو ڪئي آهي مثلاً نظام خلافت ڇا آهي. هن جي تحت رياست جو دستوري ۽ سياسي ڍانچو ڇا هوندو؟ هن رياست ۾ اسلامي معاشري جي شڪل ڇا هوندي، اقتصادي ۽ معاشي نظام جا اهي اصول ۽ بنياد ڇا آهن جيڪي هن نظام ۾ اختيارڪيا ويندا؟ هيستائين انهن سيني موضوعن تي گفتگو جو انداز علمي رهيو آهي- (١)

**خلافت عليٰ منهاج النبوة ..... دنيا جو مشڪل ترين ڪم**

اڄ اسانجي گفتگو جو موضوع علمي بحث نه آهي پر هي عملي مسئلو آهي ته نظام خلافت ڪيئن برپا ٿيندو؟

هن ڪم ۾ منهنجو تاثر هي آهي ته هي ڪم ايترو مشڪل آهي جو جيڪڏهن نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن هن نظام جي ٻيهر برپا ٿيڻ جون صحيح خبرون نه ڏنيون هجن ها (٢) ته اسان ڪڏهن به يقين نه ڪريون ها ته هيءُ ڪم دنيا ۾ هڪ دفعو وري به ٿي سگهي ٿو. منهنجو هيءُ تاثر انهي لاءِ بنيو آهي ته سڄي تاريخ ۾ هي سعادت جو دور فقط هڪ ئي ڀيرو دنيا ڏٺو آهي. هن ڪم جي مشڪل هجڻ جو اندازو هن ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم کان پهرين هن ڪم جي تڪميل ڪنهن به رسول جي ذريعي نه ٿي سگهي. هاڻ رسالت و نبوت ته حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم تي ختم ٿي چڪي آهي. ته هڪ اهڙو ڪم جيڪو هن کان اڳ رسولن جي ذريعي به نه ٿي سگهيو اهو هاڻ امتين جي هٿان ڪيئن ٿي ويندو. انسان جو محدود عقل هن ڳالهه کي تسليم نٿو ڪري ته جيڪو ڪم انساني تاريخ ۾ فقط هڪ ڀيرو وري به سيد الانبياء المرسلين جي هٿان انجام ڏنو ويو هجي اهو ٻيهر امتين جي هٿان ٿي ويندو. پوءِ اڄ جي دور ۾ زماني جو جيڪو رخ آهي، انسان جنهن طرحماديت پرستي ۾ غرق آهي ۽ سڄي دنيا جو مطلوب و مقصود به اهوئي ڪجهه قرار پائي چڪو

آهي تہ عقل آخر ڪيئن ھيءَ تسليم ڪري سگهي ٿو تہ ھي ڪٺن (مشڪل) منزل آخرڪار طئہ ٿي ويندي- پوري انسانيت تي ماده پرست تهذيب جو غلبو آهي. عالمي سطح تي بيهودگي، عرياني ۽ فحاشي ھڪ آرٽ (فن) جي حيثيت اختيار ڪري ورتي آهي ۽ "ڪلچر" جي نالي سان ھن جو فروغ ٿي رهيو آهي. ھي سڄي دنيا جو رخ آهي جڏهن تہ اسلام بلڪل ٻئي رخ تي انسانيت کي وٺي وڃڻ چاهي ٿو. ان ڪري ھن ڪم کي آسان سمجهي اڪثي وڏڻ ۽ ڪم ڪرڻ جو بوجهہ کڻڻ سخت ناداني آهي.

ھن جي ھڪ واقعي جي شهادت اسان وٽ موجود آهي. پروپيگنڊائن ۽ سياسي دٻاء سان اسانجي دستور ۾ ھيءَ فقرو شامل تہ ضرور ڪرايو ويو تہ "قرآن و سنت جي خلاف ڪا قانون سازي نہ ڪئي ويندي". پر ان تي عمل اڄ تائين نہ ٿي سگهيو قرارداد مقاصد منظور ٿيندي اٽڪل اڌ صدي مڪمل ٿيڻ تي آهي. ليڪن ھن ڪان اڳتي قدم اڄ تائين نتو کڻي سگهجي. ان جو سبب ھي ئي آهي تہ زماني جو وهڪرو ٻئي رخ تي آهي جيڪو اسلام جي عين مخالف طرف ۾ آهي. جاگيرداري جو خاتمو ڪو آسان ڪم نہ آهي ھي جڻ شينهن جي منهن مان گرهہ کسڻ آهي. اهو رعايتون مليل طبقو جنهنجي اڄ خدائي نافذ آهي. ان جي خدائي کسي وٺڻ آسان ڪم نہ آهي.

آئون ھي سڀ ڳالهيون اوهانکي بزدل بنائڻ جي لاء نہ چئي رهيو آهيان پر ان لاء چئي رهيو آهيان تہ اوهان سوچي سمجهي قدم وڌايو تہ جيئن وڌندڙ ڪو قدم تڪليفن کي ڏسي پٺتي نہ هٽي- ياد رکو ھي مشڪل ترين ڪم پيهر ٿيڻو آهي. ان ڪري جو ان جي خبر ڏني آهي محمد رسول الله عليه وسلم جن جيڪي "الصادق والمصدوق" آهن.

## نظام خلافت برپا ڪرڻ جو لائحہ عمل

هاڻ آئون اصل موضوع ڏانهن اچان ٿو ۽ نظام خلافت کي برپا ڪرڻ جي لائحہ عمل کي وضاحت سان گڏ بيان ڪريان ٿو. ليڪن هن بيان جي سلسلي ۾، پنهنجي عام طريقي کان هٽي ڪري آئون پنهنجي ڳالهہ جي وضاحت جي لاءِ نفي (انڪار) ۽ اقرار جو طريقو اختيار ڪندس. هي تمام مشهور طريقو آهي. خود ڪلمہ طيبہ جا ٻہ جزا آهن، پهرين جزي جو تعلق نفي (انڪار) سان آهي يعني "لا اله" ۽ ٻئي جزي جو تعلق اقرار سان آهي يعني "الا الله"-

آئون پهرين ڇهن پروسن کان نفي ڪرڻ ٿو چاهيان تہ نظر جي سامهون ڪم هن نموني سان پورو نٿو ٿي سگهي. هن طرح تمام گهٽيون ڳالهيون خودبخود کلي ظاهر ٿي سامهون اچي وينديون. ان کانپوءِ اقرار جو معاملو آسان ٿي پوندو جن ڇهن ڳالهين جي آئون نفي ڪرڻ چاهيان ٿو انهن کي ٻہ ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. ٽي ڳالهيون اهڙيون آهن جن کي هر مسلمان ڄاڻي ٿو. ان جي باوجود انهن کي ٻہ سمجهہ جي سطح تي تازو ڪرڻ مفيد آهي تہ جيئن انسان انهن جي باري ۾ ٻہ هڪ طرف ٿي وڃي. خواهش، دعا ۽ غير عقلمندانہ محنت اهي ٽي ڳالهيون آهن جن سان هيءَ منزل پار نٿي ٿي سگهي.

## خواهش، دعا ۽ غير عقلمندانہ محنت؟

(١) خواهش: ظاهر ڳالهہ آهي تہ هي عظيم ڪم محض خواهش (٢) سان سرانجام نٿو ڏئي سگهجي. سوره نساء آيت نمبر ١٢٣ ۾ اچي ٿو (ليس بامانيڪم ولا اماني اهل الڪتاب) يعني "اي مسلمانو نہ توهانجي خواهش سان ڪجهہ ٿيندو نہ اهل ڪتاب جي خواهش سان"- سڌي سنئين ڳالهہ آهي. محض خواهش سان ڪڻڪ جو هڪ داڻو بہ پيدا نٿو ڪري سگهجي ان جي لاءِ هر ملائي زمين تيار ڪرڻي پوندي ۽ مناسب وقت تي ٻج وجهڻو پوندو. ان کانپوءِ توهان کي هن جي آبياري ڪرڻي پوندي. نہ تہ اوهان کي فصل نہ ملندو. ان لاءِ تہ هي دنيا "عالم

اسباب" چوارائي ٿي. هنن سببن ۽ علتن کان هٽي ڪري ڪنهن ڪم جو ٿي وڃڻ معجزو آهي ۽ معجزن جو سلسلو ختم نبوت ٿي سان گڏ ختم ٿي ويو آهي- (۴) معجزن جو ظاهر ٿيڻ نبوت سان گڏ مخصوص آهي ۽ اهو به معاملن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي خالص نبوت جي ڪم جو بنياد معجزن تي نه پر پاڻ ﷺ هن ڪم ۾ تڪليفن ۽ مشڪلاتن جي پهاڙن سان منهن ڏنو آهي.

البته هي ضرور آهي ته جڏهن پاڻ صلي الله عليه وسلم جن ۽ صحابه رضه جن پنهنجو سڀ ڪجهه ڪٺي آلي قدمن ۾ ڍڳ ڪري ڇڏيو ته نصرت خداوندي اچي وئي ۽ هي نصرت (مدد) اڄ به اچي سگهي ٿي.

فضائے بدر پیدا کر فرشتے تیری نصرت کو
اتر سکتے ہیں گردوں سے قطار اندر قطار اب بھی

(۲) دعاء ۾ ڳالهه هي عرض ڪندس هي ڪم دعا سان به نه ٿيندو. هي حقيقت پنهنجي جاءِ تي ته دعا تمام وڏي شيءِ تمام وڏي طاقت آهي. نبي صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي "الدعا" مخ العباده" يعني دعا عبادت جو مغز آهي. سندن هڪ ٻيو ارشاد گرامي آهي "الدعاء هوالعباده" يعني دعا ئي عبادت آهي. پاڻ ﷺ دعا جي طاقت و قوت بيان ڪندي فرمايو آهي "لايردالقضاء الا الدعا" جڻ تقدير معلق (اڻ ٽر مضبوط تقدير) به دعا سان بدلجي وڃي ٿي. دعا جي هيءُ اهميت درست آهي ليڪن دعا جي ڪم ۾ به الله تعاليٰ جا ڪجهه قانون آهن. سڀ کان پهريائين ته هي ڏٺو ٿو وڃي ته دعا ڪرڻ وارو دعا جو منهن به رکي ٿو يا نه- قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو: "يا اهل الکتب لستم علي شيءِ حتيٰ تقيموا التوراه والانجيل) اي ڪتاب وارو! توهان جي ڪا حيثيت نه آهي (توهان جو منهن نه آهي اسان سان ڳالهه ڪرڻ جو) جيستائين توهان تورات ۽ انجيل کي قائم نه ٿا ڪريو. انهيءَ تي توهان پنهنجي باري ۾ گمنا ڪري ڇڏيو ته "يا اهل القرآن...... يعني اي اهلِ قرآن توهانجي ڪا ئي حيثيت نه آهي جيستائين توهان قران کي قائم نه ڪريو"

بي ڳالهہ هيءَ آهي تہ دعا تڏهن قبول ٿئي ٿي تہ جڏهن انسان جي وَس ۾ جيڪي ڪجهہ هجي اهو ڪري ڇڏيو هجي. جيڪي ڪجهہ اوهان وٽ آهي سو ميدان ۾ آڻي ڇڏيو ان کانپوءِ الله تعاليٰ کان دعا گهرو بقول اقبال.

آج بهی ہو جو براهيم کا ايماں پيدا
آگ کر سکتی ہے انداز گلستاں پيدا

نصرت خداوندي جو سلسلو بند هرگز نہ ٿيو آهي. ليڪن هن نصرت جي حاصل ڪرڻ جو جو هڪ قائدو آهي جيڪو سورة بقره جي آيت نمبر ٢١٤ ۾ بيان ٿيو آهي.

(ام حسبتم ان تدخلوا الجنة ولما ياتكم مثل الذين خلومن قبلكم. مستهم الباء ساء والضراء وزلزلوا حتي يقول الرسول والذين امنوا معه متي نصرالله. الا ان نصرالله قريب)

"ڇا توهان سمجهيو آهي تہ ائين ئي جنت ۾ داخل ٿي ويندؤ حالانڪ اڃا تہ توهان تي اهي حالات آيا ئي نہ آهن جيڪي توهان کان اڳ وارن مٿان تي اچي چڪا آهن. انهن تي تڪليفون آيون مفلسي ۽ تنگي سان منهن ڏيڻو پيو ۽ انهن کي پريشان ڪيو ويو ايتريقدر جو رسول ۽ ان سان گڏ ايمان آڻيندڙ دانهون ڪرڻ لڳا تہ الله جي مدد ڪڏهن ايندي. (تڏهن انهن کي خوشخبري ٻڌائي وئي) ٻڌو الله جي مدد (بس) ويجهو آهي"-

جڏهن تہ اڳون هن کان پهرين عرض ڪري چڪو آهيان تہ مسلمانن کي جيڪي هي خبرون ڏنيون ويون آهن تہ "نصرمن الله و فتح قريب" ۽ هي تہ "الله ايمان آڻيندڙن ۽ عمل صالح ڪرڻ وارن سان استخلاف (خلافت ڏيڻ) جو وعدو ڪيو آهي"- تہ هي خبرون سن ٥هہ جي آخر يا سن ٦هہ جي شروع ۾ ڏنيون ويون هيون. مڪي دور جا تيرهن سال ۽ غزوه احزاب (خندق) تائين وارا ٥ سال نهايت ئي سخت تڪليفن جو دور آهي. انهن سترهن سالن ۾ جڻ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم ۽ سندن ﷺ ساٿين جهاد و قتال سان پنهنجي ايمان ۽ عمل

صالح جو ثبوت فراهم ڪري ڏنو هو. هن ڪانپوءِ فرمايو ويو اي نبي! بشارت (خوشخبري) ڏئي ڇڏيو تہ اوهان ﷺ ۽ اوهان ﷺ جا ساٿي اسانجي امتحانن ۾ ڪامياب ٿيا آهن هاڻ اسانجي مدد اچڻ چاهي ٿي ۽ فتح اوهانجا قدم چمڻ چاهي ٿي.

مون هي جيڪو عرض ڪيو آهي تہ محض دعائن سان هي ڪم نہ ٿيندو. تہ هن جو تجربو خود اوهان بہ ڪري چڪا آهيو. سن ٧١ع جي جنگ ۾ ڀارت جي خلاف اسانجي دعائن جو ڇا حشر ٿيو. گهڻن ئي مسجدن ۾ قنوت نازلہ (٥) جو اهتمام ڪيو ويو. ڪيترين ئي صُبحون ٿيون جن ۾ هي مؤثر دعا وڏي آهہ وزاري سان گڏ پڙهي وئي پر نتيجو ڪهڙو برآمد ٿيو؟ هن مان معلوم ٿيو تہ دعا جا بہ ڪجهہ قاعدا ۽ ضابطا آهن. پروردگار عالم هي بہ ڏسي ٿو تہ گهرڻ وارو ڪير آهي؟ اسانجي دين ۽ اسانجي شريعت جي باري ۾ هن جو رويو ڇا آهي. هن جو ذاتي ڪردار ڇا آهي. لهذا دعائن ۾ بہ اثر تڏهن ٿيندوجڏهن اسان پنهنجي عمل سان ثابت ڪري ڇڏينداسين تہ اسان دعا جا اهل آهيون (٦)

(٣) غير عقلمندانہ محنت و مشقت: هاڻ آئون ٽين ڳالهہ عرض ڪري رهيو آهيان جيڪو تمام اهم آهي- ۽ اها هيءَ ڳالهہ آهي تہ هي ڪم محض محنت و مشقت سان بہ نہ ٿيندو. ڀلي هي محنت و مشقت پنهنجي آخري حد تائين پهتي ئي ڇو نہ هجي. اسانجي هيءَ محنت ۽ مشقت تڏهن فائديمند ٿيندي جڏهن هي محنت محمد صلي الله عليه وسلم جي طريقي مطابق هجي. خالي قربانيون ڏئي هلي وڃڻ سان نہ ڀهرين ڪجهہ ٿيو نہ ڪجهہ هاڻ ٿيندو. اوهان جي سامهون جي ڳالهہ آهي. افغانستان ۾ ڏهہ لک زندگيون بي ريا خلوص سان ڏنيون ويون ليڪن نتيجو ڇا آهي هڪ ٻئي جي ڳچيءَ ۾ هٿ آهن ان لاءِ جو جدوجهد نبوي ﷺ طريقي کان هٽي ڪري ڪئي وئي. هونئن تہ هيءَ ڳالهہ پنهنجي جڳهہ تي آهي تہ اتي جيڪو رت خلوص سان ڏنو ويو آهي اهو الله جي حضور ضايع نہ ويندو- ۽ الله تعالي هن دنيا ۾ بہ ڪو نتيجو

ڪيندو. پر اجا تائين نہ نڪتو. جيڪا شيءِ اسان ڪي نظر اچي رهي آهي اها تہ خانہ جنگي آهي. اهڙي طرح تحريڪ پاڪستان جي دوران لکن زندگين جي قرباني ڏني وئي ليڪن هتي اسلام تہ پوءِ بہ نہ آيو. هي مثال اسانجون اکيون کولي ڇڏڻ لاءِ ڪافي آهي. بقول شيخ سعدي رحہ:

خلاف پيمبر صہ کسے رہ گزيد
کہ ہرگز بمنزل نہ خواہد رسيد

ٻن بزرگ شخصيتن جي حوالي سان هي واضح ڪرڻ ٿو چاهيان تہ اسانجون قربانيون طريقِ محمدي صہ تي هلي ئي رنگ لائي سگهن ٿيون. انهن ٻن بزرگن منجهان هڪ انبياء ڪانپوءِ افضل البشر بالتحقيق حضرت ابوبڪرالصديق رضي الله تعاليٰ عنہ آهن ۽ ٻي شخصيت امام دارالهجرت امام مالڪ رحمة الله جي آهي. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جڏهن حضرت عمر رضي الله عنہ کي پنهنجو جا نشين نامزد ڪيو تہ هن موقعي تي پاڻ هڪ تمام پيارو خطبو ارشاد فرمايو ان خطبي ۾ پاڻ فرمايائون: "لا يصلح آخره الا بما صلح به اوله" يعني هڪ ڳالهہ چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏيو تہ هن معاملي (نظام خلافت) جي آخري حصي جي اصلاح نہ ٿيندي مگر فقط ان طريقي سان جنهن طريقي سان پهرئين حصي جي اصلاح ٿي. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جي هن قول کي وڌيڪ واضح ڪندي امام مالڪ رح بيان ڪيو تہ "لن يصلح آخر هذه الامة الا بما صلح به اوله" يعني هن امت جي آخري حصي جي اصلاح نہ ٿيندي پر فقط ان طريقي سان جنهن طريقي سان پهرئين حصي جي اصلاح ٿي هئي. هن ڳالهہ کي پنهنجي دل و دماغ ۾ نقش ڪري ڇڏڻ گهرجي تہ ٻين ڪان اڌارا ورتل طريقن سان نتيجو حاصل نہ ٿيندو ۽ هن ڳالهہ کي بہ چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ طريقہ محمدي صلي الله عليه وسلم جي ڪنهن هڪ جزي تي عمل ڪندي بہ منزل پار ڪبي. اسانکي سيرت محمدي ۾ ڏسڻو پوندو تہ ڪهڙي شيءِ پهرين هئي ۽ ڪهڙي بعد ۾ ۽ هي تہ سيرت جو مطالعو هڪ پوري ڪامل جي حيثيت سان هئڻ گهرجي. مون هيءَ ڳالهہ هن مفصل حديث مبارڪ جي حوالي سان

اوهانجي سامهون رکي هئي تہ هن امت جو پهريون حصو بہ خلافت اعليٰ منهاج النبوة تي آهي ۽ آخري حصو بہ خلافت اعليٰ منهاج النبوة تي ٿيندو. هاڻ هن حديث کي سامهون رکندي حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه ۽ حضرت امام مالڪ رح جي قولن تي غور و فڪر ڪريو- فرمايائون تہ هن امت جي آخري حصي جي اصلاح نہ ٿي سگهندي پر انهي طريقي سان جنهن طريقي سان پهرئين حصي جي اصلاح ٿي هن مان ظاهر ٿيو تہ جنهن طريقہ ڪار سان خلافت عليٰ منهاج النبوة جو نظام ان وقت قائم ٿيو هو انهي ئي طريقي تي هلنداسين تہ اهو نظام بيهر قائم ٿيندو نہ تہ نہ ٿيندو-

**عملي تجربي جي شهادت**

مون جيڪي ڳالهيون انڪاريہ بيان ڪيون آهن تہ انهن سان خلافت علي منهاج النبوة قائم ٿي نٿي سگهي هاڻ آئون انهن جو جائزو Applied form ۾ بہ پيش ڪرڻ ٿو چاهيان ۽ هن جائزي ۾ توجہ جو مرڪز سيرت نبوي صلي الله عليه وسلم تي رهندو. منهنجي هي گفتگو اصولي هوندي ڪنهن خاص جماعت يا گروہ جو ذڪر ڪندي بغير آئون ڪجهہ ڳالهيون عرض ڪندس، هن ڪوشش ۾ پهرين ڳالهہ جنهن جي طرف اوهانجو توجه ڏيارڻ ٿو گهران اها هيءَ آهي تہ ڪجهہ ماڻهن جو هيءُ جيڪو خيال آهي تہ بس تبليغ ۽ تلقين ڪندا هلندا هلو. جڏهن سيئي ماڻهو بدلجي ويندا تہ نظام خود بخود بدلجي ويندو- حالانڪِ دعوت و تبليغ محمدي صلي الله عليه وسلم جي طريقي جو محض نقطہ آغاز آهي. تنهن هوندي بہ جيڪڏهن ڪو شخص هي خيال ڪري ٿو تہ فقط تبليغ سان هي ڪم ٿي ويندو تہ هو تمام وڏي ڀُل ۾ آهي. دعوت و تبليغ سان ماڻهن ۾ تبديلي اچي وڃي ٿي پر نظام تبديل نٿو ٿئي. هن ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ صاف دل فطرت رکندڙ ماڻهو حق جي دعوت ڏانهن ڇڪجي اچن ٿا. جهڙي طرح چقمق لوهہ جي ڀُوري کي پنهنجي طرف ڇڪي وٺي ٿو اهڙي طرح اسانجو دين جيڪو دين

فطرت آهي اهو ٻہ ساده دل فطرت وارن انسانن کي پنهنجي طرف ڇڪي وٺي ٿو ۽ هُو ان جي دعوت کي قبول ڪري وٺن ٿا. ليڪن نظام جو معاملو جدا آهي هن سان گڏ تہ صاحب اقتدار ماڻهن جا مفادات وابستہ آهن. هي ماڻهو نظام مان خصوصي رعايتون حاصل ڪندا رهندا آهن ان ڪري هي بگڙيل ماڻهو فقط دعوت سان مڃڻ وارا نہ آهن. انهن کي مڃائڻ لاءِ ڪجهہ ٻيو ڪرڻو پوندو. سوره حديد ۾ هي ڳالهہ تہ چٽي وئي آهي تہ:

(لقد ارسلنا رسلنا بالبينت واترلنا معهم الكتاب والميزان ليقوم الناس بالقسط، وانزلنا الحديد فيه باس شديد و منافع للناس وليعلم الله من ينصره ورسله بالغيب، ان الله قوي عزيز)

اسان پنهنجن رسولن کي موڪليو واضح تعليمات ۽ معجزن سان گڏ ۽ انهن سان گڏ ڪتاب ۽ ترازي لاٿا تہ جيئن ماڻهو انصاف تي قائم ۽ (ها) اسان لوهہ لاٿو جنهن جي اندر جنگ جي قوت آهي ۽ ماڻهن جي لاءِ (وڏيڪ) فائدا بہ آهن، تہ جيئن الله پرکي تہ (لوهہ جي طاقت سان) ڪير آهي جيڪو غيب ۾ هوندي هن جي ۽ هن جي رسولن جي مدد ڪري ٿو بيشڪ الله مضبوط غالب آهي.

هن آيت مبارڪ مان واضح ٿئي ٿو تہ انصاف تي ماڻهن کي قائم ڪرڻ (دين غالب ڪرڻ) جڻ الله جي مدد ڪرڻ آهي علاوه ان جي دين جي غالب نہ هجڻ جو مطلب الله جي خلاف بغاوت آهي ۽ ان بغاوت کي ختم ڪندي الله جي دين کي قائم ڪرڻ الله جي مدد آهي ۽ جيئن تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي منصب جو منسوب الله جي دين کي غالب ڪرڻ آهي لهذا هي رسول جي مدد بہ آهي. انهي ڪري رسول جي دعوت ٿيندي آهي: "من انصاري الي الله" (ڪير آهي منهنجو مددگار الله جي دين جي غلبي جي لاءِ)

سوره حديد جي مذڪوره مٿئين آيت قرآن حڪيم جي اهم ترين آيتن

مان آهي. هن آيت مان ثابت ٿيو تہ نظام بدلجڻ جي لاءِ طاقت جو استعمال ناگزير آهي (٧) ايستائين جو ڪنهن مرحلي تي هٿيار بہ استعمال ڪرڻو پوندو-

هن سلسلي ۾ هڪ نهايت اهم ڳالهہ عرض ڪرڻ ٿو چاهيان اها هيءَ آهي تہ جيڪڏهن ڪو شخص فقط دعوت و تبليغ سان خلافت جو نظام برپا ڪرڻ جو خيال، هن خيال جي حقيقي ضمانت ڪي سمجهڻ ۽ چاڻڻ بغير رکي ٿو تہ ان سان درگذر ڪري سگهجي ٿو. نہ تہ حقيقت هيءَ آهي تہ هن قسم جو تصور غير شعوري طور تي نئي صحيح نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي توهين (نعوذ بالله) ۾ شامل آهي چاڪاڻ تہ هي هڪ ڪليل حقيقت آهي تہ هي ڪم فقط دعوت ۽ تبليغ سان جيڪڏهن ممڪن هجي ها تہ پوءِ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن تلوار هٿ ۾ ڇو ڪنئي؟ آئون تہ چوان ٿو تہ جيڪڏهن فقط دعوت و تبليغ سان هي ڪم مڪمل ٿي سگهي ها تہ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم ڪنهن مسلمان جي رت جو هڪ ڦڙو تہ پري جي ڳالهہ آهي ڪنهن ڪافر جي رت جو هڪ ڦڙو بہ زمين تي ڪرڻ نہ ڏين ها. ليڪن نظام بدلائڻ ئي جي لاءِ رحمة اللعالمين ڪي هي ڪم ڪرڻو پيو. جيڪڏهن هڪ طرف سوين ڪافرن جو رت وهايو ويو تہ ٻئي طرف سوين اصحابن ڪي بہ پنهنجين جانين جي قرباني پيش ڪرڻي پئي. (٨) خود نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جو رت دامنِ احد ۾ جذب ٿيو ۽ طائف جي گهٽين ۾ بہ پکڙيو.

## انتخابات جو رستو

دعوت ۽ تبليغ ڪانسواءِ سڄي دنيا ۾ جيڪو ٻيو "پاپولر" (مشهور) طريقو رائج آهي اهو اليڪشن جو طريقو آهي ۽ جنهن شيءِ جو رسم رواج تي وچي ٿو انهيءَ ۾ ماڻهن ڪي سؤ خوبيون نظر اچڻ لڳن ٿيون. اليڪشن بہ انهن طريقن منجهان آهي جيڪي اسانکي مغرب جي استادن سيکاريو آهي. اقبال انهن تي مذاق ڪندي چيو آهي.

الیکشن ممبری کونسل صدارت
بنائے خوب آزادی نے پھندے
اٹھا کر پھینک دو باہر گلی میں
نئی تہذیب کے انڈے ہیں گندے۔

جيئن تہ مون عرض ڪيو تہ هڪ شيءِ جو جڏهن رواج ٿي وڃي ٿو تہ اها ذهن تي پنهنجو مڪمل تسلط ڄمائي ڇڏيندي آهي. ان وقت نہ معلوم ڪيترين جماعتون ۽ ڪارڪن انتهائي اخلاص سان گڏ پنهنجون قوتون هن طريقہ ڪار جي تحت کپائي رهيا آهن. هيءَ ڳالهہ آئون پوري دل جي خلوص سان چئي رهيو آهيان تہ جيترين جماعتن بہ هن طريقہ ڪار کي اپنائي ڇڏيو آهي انهن جي ڪارڪنن جي خلوص ۾ مون کي ذري برابر شڪ نہ آهي. هر جماعت جي پٺيان هلڻ وارن جي اڪثريت مخلص ٿي هوندي رهي ٿي ۽ انهن ئي مخلص ڪارڪنن جي دم سان هنن جماعتن جو وجود قائم آهي. ها هيءَ ممڪن آهي تہ ليڊرن منجهان ڪنهن جو معاملو جدا هجي ليڪن انهن منجهان بہ ڪنهن جي باري ۾ اسان يقين سان ڪجهہ نٿا چئي سگهون ان ڪري جونيت جو حال تہ فقط الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو.

انهن سيني بزرگن ۽ ڪارڪنن جي خلوص کي تسليم ڪندي آئون هي ضرور چوندس تہ هنن جو هيءَ خيال تہ انتخابات جي رستي سان نظام بدلائي سگهجي ٿو تمام وڏي ناداني آهي. هن ڪم ۾ آئون هڪ آخري درجي جو مثال بيان ڪري رهيو آهيان تہ جيڪڏهن نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم انتخابات جي وسيلي عرب جزيري ۾ اسلامي حڪومت قائم ڪرڻ چاهين ها تہ ڇا ائين ڪري سگهيا ٿي؟ هيءَ ڳالهہ مون ٿورو ڊڄي ڊڄي ڪئي آهي تہ هن کي آنحضرت ﷺ جي شان ۾ گستاخي نہ قرار ڏنو وڃي. ليڪن هڪ ٻيو مثال ماضي قريب مان پيش ڪرڻ ٿو چاهيان. ڇا ايران ۾ آيت الله خميني صاحب جي حڪومت انتخابات جي ذريعي قائم ٿي سگهي ٿي؟ ڪو هڪ شخص بہ هن سوال جو جواب اقرار (ها) ۾ نٿو ڏئي سگهي. پوءِ جيڪڏهن هن ڪم ۾

اوهانکي قرآن جي واضح احڪامات جي خواهش آهي تہ اها هيء آهي تہ قرآن حڪيم سوره انعام جي آيت ١١٦ ۾ فرمائي ٿو:

(وان تطع اكثر من في الارض بضلوک عن سبيل الله)

”جيڪڏهن توهان زمين ۾ رهڻ وارن جي اڪثريت جي پيروي ڪندؤ تہ اهي توهانکي الله جي راهہ کان ڀٽڪائي ڇڏيندا“

جڏهن تہ اليڪشن جو سڄو دارومدار اڪثريت ۽ اقليت تي آهي. سمورو نظام ٿي هن فرضي ڳالهہ تي هلي رهيو آهي تہ اڪثريت حق تي ۽ اقليت باطل تي.

هاڻ قرآن جي واضح احڪامات کانپوء جيڪڏهن عقلي دليل جي خواهش آهي تہ اهو بہ موجود آهي. هيء ڳالهہ هر ماڻهو ڄاڻي ٿو تہ هر ملڪ هڪ مخصوص Politico-Socio-Economic ڍانچي تي قائم هوندو آهي. ڪجهہ ملڪن ۾ جاگيردارانہ نظام آهي تہ ڪن ۾ سرمايہ دارانہ نظام پنهنجا پير ڄمائي ڇڏيا آهن ڪٿي توهان ڏسندا تہ قبائلي نظام رائج آهي. هن نظام جي تحت قبائلي سردار ئي طاقت جو سرچشمو هوندا آهن. توهان هن نظام ۾ رهي ڪري انتهائي بهتر ۽ غيرجانبدارانہ انتخابات جو انعقاد ڪري ڇڏيو، هن اليڪشن ۾ بہ اهو ئي Politico - Socio - economic Structure ئي ظاهر ٿي سامهون ايندو جيڪو هن معاشري ۾ رائج آهي اوهان ڄاڻو ٿا تہ پاڪستان ۾ ٧٠ في سيڪڙو آبادي ڳوٺن تي مشتمل آهي. ۽ هي سڀ جاگيردارن ۽ وڏيرن جا هاري آهن. انهن حالتن ۾ توهان تبديلي ڪيئن آڻيندا. هن نظام جي اندر انتخابات سان هي تہ ٿي ويندو تہ هڪ لغاري جي جاء تي ٻيو لغاري اچي وڃي. اهڙي طرح هڪ مزاري جي بدران ٻيو مزاري ۽ هڪ جتوئي جي جاء تي ٻيو جتوئي چونڊجي وڃي. ليڪن انهن کي هٽائي ڪو ٻيو نہ ايندو. شهرن ۾ ممڪن آهي تہ ڪا تبديلي اچي وڃي ان ڪري جو شهرن ۾ جاگيردارن جو قبضو ڳوٺن جهڙو نہ آهي. شهرن ۾ ڪا عوامي تحريڪ هلي سگهي ٿي. جهڙوڪ ايم ڪيو ايم جي تحريڪ ڪراچي ۾

هلي آهي. ليڪن قابل غور ڳالهه هيءَ آهي تہ شهرن جي ڪا تبديلي هن ملڪ جي اندر بحيثيت مجموعي فيصلا ڪُن نٿي ٿي سگهي جيڪڏهن هن تبديلي جو بنياد انتخابات هجن.

هنن سڀني دليلن کي سامهون رکندي جيڪڏهن ٿوري دير جي لاءِ انسان سوچي تہ انهيءَ نتيجي تي پهچندو تہ انتخابي طريقہ ڪار هرگز ڪارائتو نٿو ٿي سگهي. هيءَ جدا ڳالهہ آهي تہ هنن سڀني دليلن جي باوجود جڏهن تہ انتخابي سياست جا عادي ٿي ويا آهيون ان ڪري هن مان جند ڪيئن ڇڏائي ٿي سگهجي؟ انتخابي سياست کي نہ ڇڏڻ جو هڪ سبب هيءَ بہ آهي تہ ڪن ماڻهن کي ڪجهہ سيٽون مليون آهن. انهن کي قومي اسيمبلي، سينيٽ يا صوبائي اسيمبلين ۾ نشستون مليون وڃن ٿيون. انهن ڪجهہ سيٽن جي لاءِ پنهنجي وسيلن ۽ ڪارڪنن جي صلاحيتن کي قربان ڪيو پيو وڃي. پاڪستان ۾ پهرين اليڪشن ١٩٥١ع ۾ پنجاب جي صوبائي اسيمبلي جي لاءِ ٿي هئي ۽ هينئر ١٩٩٤ع آهي، توهان اندازو لڳايو ٤٢ سال گذري ويا آهن. اٽڪل اڌ صدي جي هنن ناڪام تجربن ڪانپوءِ بہ عقل نہ اچي تہ ان کي ڇا چيو وڃي! قرآن حڪيم فرمائي ٿو (حتيٰ اذا بلغ اشده و بلغ اربعين سنة) يعني ٻار بہ چاليهہ سالن جي عمر تي شعوري اعتبار کان پختو ٿي وڃي ٿو. ڪاش اسانجي ديني جماعتن کي بہ ڪو سبق حاصل ٿي وڃن ۽ هو پنهنجن اختيار ڪيل رستن تي نظرثاني جي لاءِ تيار ٿي وڃن.

### تشدد ۽ دهشتگردي

هڪ ٻيو خطرناڪ رستو بہ ڪجهہ ديني تحريڪن دنيا جي هڪ ٻئي واري رِيس کي اپنايو آهي ۽ اهو آهي ڇاپہ مار ڪارروايون ۽ مخالفن يا دشمنن جي خلاف تشدد ۽ دهشت گردي جا حربا. جڏهن تہ هي ڪارروايون اسلامي تحريڪن تشدد جي جواب ۾ اختيار ڪيون آهن ۽ هنن جي جواز جي لاءِ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي حيات طيبہ ۾ "قتال" جي مرحلي سان بہ ثبوت ڏنا ويا آهن ليڪن هن طرح جي

ڪارروائين سان به نظام خلافت جو قيام ممڪن نه آهي- (٩)
بدقسمتي سان هي معاملو خاص طور تي عرب ملڪن ۾ شديد تي رهيو آهي. مونکي ١٩٧٩ع ۾ ڪجهه وقت مصر جي مختلف شهرن ۾ گذارڻ جو موقعو مليو- مون اتي ڏٺو ته نهايت دينذار نوجوان انهن ڪارروائين ۾ ملوث هئا. آئون سندن دينداري کي هن طرح بيان ڪريان ٿو هڪ فڪري، انقلابي ۽ نظرياتي مزاج جماعت اسلامي پيدا ڪيو آهي ۽ دينداري، اتباع سنت ۽ عجزو انڪساري جو حامل ٻيو مزاج تبليغي جماعت پيدا ڪيو آهي. هنن مصري نوجوانن ۾ هي ٻئي مزاج موجود هئا. ليڪن انهن ئي نوجوانن اتي تشدد جي جواب ۾ دهشت گردي جو رستو اختيار ڪري ڇڏيو.
ساڳئي طرح ڏسو! الجزائر جي اسلامي تحريڪ اليڪشن جو رستو اختيار ڪري ڇڏيو هئائين ۽ اليڪشن ۾ هن جي ڪاميابي يقيني ٿي چڪي هئي. پهرئين مرحلي جي نتيجن ۾ هن تحريڪ کي نمايان برتري حاصل هئي (١٠) ليڪن اليڪشن ۾ هن ڪاميابي ڪانپوءِ ان جو رستو تشدد سان روڪيو ويو. انتخابات منسوخ ڪيا ويا ۽ تحريڪ اسلامي جي ڪارڪنن کي ڏاڍ ۽ تشدد جو نشانو بنايو ويو. اسلامي تحريڪ به جوابي تشدد جورستو اختياري ڪري ڇڏيو (١١) هن طرح جون ڪارروايون قومي فوج ۽ ملي حڪمرانن جي خلاف ڪاميابي سان همڪنار نه ٿيون. هن قسم جون ڪارروايون قابض افواج (Occupation armies) ۽ غير ملڪي حڪومت جي خلاف مفيد ۽ مؤثر ٿي سگهن ٿيون. جڏهن ته خود الجزائر ۾ به فرانسيسي نو آبادي جي خلاف تمام ڊگهي مسلح جدوجهد جاري رهي ۽ آخرڪار فرانسي الجزائر مان نڪرڻ تي مجبور ٿي ويا (١٢) جڏهن ته قومي فوج جي خلاف هن طرح جي پُر تشدد تحريڪ ڪامياب ٿي نٿي سگهي انهن ٻنهي کي هڪ ٻئي تي قياس نه ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته (پهرين ته) الجزائر جي معاملي ۾ قابض فوج جي Supply Line يعني فرانس تمام پري واقع هو. فوج جو دارومدار اتان ڪان هٿيارن وغيره جي فراهمي تي هو. ويٽ نام ۾

آمريڪا جهڙي سپر طاقت به انهي سبب کان مار کائيوئي.

بي ڳالهه هيءَ آهي ته قومي فوج ۽ ملڪي حڪومت جا رابطا ملڪ ۾ رهندڙ آبادي سان گڏ هوندا آهن. انهن جي خلاف پُر تشدد ڪارروائي سان عام طور تي انهن سان گڏ قوم جي همدردي ۽ تعاون ۾ واڌارو ٿي ويندو آهي، ۽ تشدد جي راهه اپنائڻ واري تحريڪ جي مخالفت وڌندي ويندي آهي.

## سيرة نبوي ﷺ جي مطالعي جي اهميت

نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي طريقه ڪار کي مون "انقلابي جدوجهد" جو عنوان ڏنو آهي، ۽ هن جدوجهد جي سيني مرحلن کي سيرت النبي جي حوالي سان بيان ڪيو آهي. آئون نظام بدلجڻ جي عمل کي "انقلاب" جو نالو ڏيان ٿو ۽ هن انقلابي عمل جو واحد ذريعو سيرت النبي ﷺ آهي. هيءَ ڳالهه اوهانکي معلوم آهي ته جيڪڏهن ٿورو ذرو به شڪ پئجي وڃي ته هن زمين ۾ تيل جو خزانو لڪيل آهي ته فقط ان شڪ و گمان جي بنياد تي اتان کان تيل ڪڍڻ جي لاءِ ڪروڙين رپيا بغير رنج ۽ افسوس جي خرچ ڪري ڇڏجن ٿا ۽ جيڪڏهن ڪٿي هي يقين ٿي وڃي ته هن سر زمين ۾ تيل يقيني طور تي موجود آهي ته پوءِ ڇا ڪٿي ڇئجي! جڏهن اسانکي معلوم آهي ته انقلابي جدوجهد جي مرحلن ۽ درجن جو علم اسانکي سيرة النبي ﷺ کان حاصل ٿي سگهي ٿو بلڪ سيرت هن علم جو واحد ذريعو آهي ته اسانجو سمورو توجه انهي تي مرڪوز هئڻ گهرجي ته "جا اين جا است" پوءِ جڏهن اسين هن يقين سان گڏ سيرت النبي جو مطالعو ڪنداسين ته سٽن جي وچ ۾ جيڪي ڪجهه آهي ان تي به غور ڪرڻو پوندو. سيرت النبي ئي سان اسين سمجهي سگهنداسين ته پاڻ ﷺ پهرئين مرحلي ۾ ڪهڙا ڪم بجا آندا ۽ ٻئي مرحلي ۾ ڇا بجا آندا ۽ اهي ڪهڙا شرط هئا جن جي تڪميل ڪانپوءِ پاڻ ﷺ اڳئين مرحلي ۾ قدم رکيو.

**"انقلاب محمدي ﷺ" ........ جامع انقلاب**

انقلابي جدوجهد جي مرحلن ۽ درجن جو عقل فقط سيرت النبي مان حاصل ڪري سگهجي ٿو. آئون پنهنجي هن دعويٰ کي ٻن حوالن سان واضح ۽ ثابت ڪرڻ چاهيان ٿو. هن دعويٰ جو پهريون دليل هي آهي تہ دنيا ۾ ٻيا جيترا بہ انقلاب آيا آهن اهي سيئي قليل ۽ مخصوص هئا. سموري انساني تاريخ ۾ هر اعتبار کان ڪامل انقلاب جو واحد مثال "انقلاب محمدي" آهي. سوا بہ سؤ سال اڳ برپا هئڻ وارو "انقلاب فرانس" جو وڏو چرچو آهي. ليڪن هن انقلاب سان فقط سياسي ڍانچو تبديل ٿيو هو. ان جي نتيجي ۾ نہ عقيدا بلديا، نہ اخلاق بدليا، نہ معاشرت بدلي ايتريقدر جو معاشي ڍانچو بہ گهڻي حد تائين جيئن جو تيئن ئي رهيو. جڻ اجتماعي زندگي جو فقط هڪ پهلو تبديل ٿيو.

اهڙي طرح هن صدي جي شروع ۾ بالشويڪ (سوشلسٽ) انقلاب سان فقط معاشي ڍانچو تبديل ٿيو ۽ نئين معاشي ڍانچي جو بنياد نجي ملڪيت (Private owner ship) کي ختم ڪري سيني دولت جي وسيلن کي قومي ڪرڻ تي رکيو ويو. مگر هن معاشي ڍانچي جي تبديلي سان عقيدن، اخلاق، اقدار تهذيبي روايتن ۽ اندازِ فڪر و نظر ۾ جنهن انقلابي تبديلي جا واعدا ڪيا ويا هئا اهي سڀ ڪوڙا ثابت ٿيا.

انهن ٻنهي انقلابن جي برعڪس جيڪڏهن نبي اڪرم صلي الله‌عليه وسلم جي برپا ڪيل انقلاب کي ڏٺو وڃي تہ اسانکي انسان جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگي کي خورد بيني جي هيٺان رکي ڳولهڻو پوندو تہ ان منجهان ڪهڙي شيءِ تبديل ٿيڻ کان بچي وئي. ماڻهن جا عقيدا بدلجي ويا، نظريات بدلجي ويا، اقدار بدلجي ويا، مطلب تہ زندگي جا رات ۽ ڏينهن ۽ صبح و شام تائين بدلجي ويا. معاشي ۽ سياسي ڍانچو ئي نہ تبديل ٿيو پر هڪ اهڙي قوم جنهن جي سڀ کان مهذب قبيلي ۾ لکڻ پڙهڻ ڄاڻڻ وارا آڱرين تي ڳڻي سگهبا هئا. سا علم و تحقيق ۾ بہ دنيا جو امام بڻجي وئي ۽ قديم علوم کي ڄاڻڻ کان علاوه تمام گهڻي

جديد علوم و فنون جو ايجاد ڪندڙ بنجي وئي. اها جهڳڙالو قوم جنهن کي قرآن حڪيم "قوماً لدآ" چيو آهي ۽ مولانا حالي جنهنجو نقشو هن طرح ڪڍيو آهي.

کہیں پانی پینے پلانے پہ جھگڑا
کہیں گھوڑا آگے بڑھانے پہ جھگڑا

اها دنيا جي مهذب ترين قوم بنجي وئي ۽ اهڙي امن پسند قوم بنجي وئي جو حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي پيشنگوئي جي مطابق هڪ عورت صنعاء کان حضر موت تائين سفر ڪندي ۽ ان کي الله کانسواء ڪنهن جو خوف نہ هوندو. عورتون انهن رستن تي سفر ڪرڻ لڳيون جتي محافظن کانسواء وڏن وڏن قافلن جو نڪري وڃڻ آسان نہ هو. جيڪا قوم نظم و ضبط کان بلڪل اڻ ڄاڻ هئي ۽ جنهنجو هر فرد متڪبر ۽ سرڪش بنجي ويو هو نظم جي اهڙي عادي تي وئي جو ان جي پنج وقت عبادت بہ اذان، اقامت، صف بندي ۽ امام جي "Cautions" جي اهڙي پابند تي وئي جو ان تي فوجي ڊرل جو گمان تيڻ لڳو- هي آهي اهو انقلاب عظيم جيڪو محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن برپا ڪيو هو.

انقلاب محمد صلي الله عليه وسلم ۽ ٻين انقلابن ۾ هڪ ٻيو فرق بہ موجود آهي تہ ٻيا جيترا بہ انقلاب برپا تيا اهي ڪيترن نسلن (Generations) ۾ وڃي مڪمل تيا.هڪ نسل فقط فڪر ڏنو. جڻ ان نسل ۾ مفڪر پيدا تيا.هي مردِ ميدان تہ هئا ئي ڪونہ جو ڪنهن انقلابي جدوجهد جو آغاز ڪري ان کي ڪامياب ڪن. تاريخ ۾ ان جا ڪيترائي مثال موجود آهن. مثلاً والٽير ۽ روسو تمام وڏا مفڪر ۽ مصنف ضرور آهن جڏهن تہ انقلابِ فرانس جي پٺيان انهن ئي جو فڪر ڪار فرما هو. ليڪن انقلاب جو عملي قائد تہ روسو نہ هو. بلڪِ فرانس جي انقلاب جو تہ شروع کان ڪو اڳواڻ (قائد) ئي نہ هو ۽ انهي ڪري هي هڪ وڏو خوني انقلاب ثابت ٿيو.

پيو انقلاب جنهن جو مون ذڪر ڪيو آهي. "بالشويڪ انقلاب" ته هن جي پٺيان ڪارل مارڪس ۽ اينجلز جا فڪر موجود هئا. ڪارل مارڪس "Das capital" (داس ڪيپيٽل) جهڙو يادگار ڪتاب لکيو. علامه اقبال هن جي ۽ هن جي ڪتاب جي باري ۾ چيو هو، نيست پيغمبر و ليڪن در بغل دارد ڪتاب (پيغمبر ته ناهي مگر پنهنجي بغل ۾ ڪتاب رکي ٿو) هن ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته مارڪس فڪر ڏنو، ليڪن هُو خود پنهنجي زندگي ۾ ڪنهن هڪ ڳوٺ ۾ به انقلاب برپا ڪري نه سگهيو . . هن پنهنجو ڪتاب جرمني ۽ انگلستان ۾ مڪمل ڪيو (۽ هن جي فلسفي جي مطابق انقلاب به انهن ئي مڪمل صنعتي ۽ سرمائيدار ملڪن ۾ اچڻو هو) جڏهن ته انقلاب آيو روس جهڙي صنعتي لحاظ کان پٺتي پيل پس مانده زرعي معيشت رکندڙ ملڪ ۾!

هن جي مقابلي ۾ ڏسندا انقلاب محمدي صلي الله عليه وسلم ۾ سڀ مرحلا ۽ درجا اڪيلي فرد جي پنهنجي زندگي ئي ۾ تڪميل تي پهچي ويا. پاڻ صلي الله عليه وسلم اڪيلي سِر دعوت جو آغاز ڪري رهيا آهن. نه پاڻ ﷺ سان گڏ ڪا جماعت آهي نه ڪو ادارو آهي، نه اصل کان نهيل ڪا امت آهي. دعوت جي آغاز ۾ سندن ﷺ زوجه محترمه، سندن ﷺ جگري دوست، سند ﷺ آزاد ڪيل هڪ غلام ۽ سندن ﷺ سؤٽ ننڍي عمر واري (۱۳) ايمان آندو. ڏهن سالن جي سخت محنت سان بمشڪل سوا سؤ يا ڏيڍ سؤ ماڻهن ايمان آندو. پوءِ اهو ﷺ ئي اڪيلي فرد صفا جبل تي بيهي "واصباحاه" جو نعرو به لڳائي ٿو ۽ اوهان ڏسندا ته هڪ مرحلي ۾ اهو ئي شخص صلي الله عليه وسلم جن بدر جي ميدان ۾ فوج جي قيادت به سنڀالي رهيا آهن. ايتريقدر جو انقلاب جي تڪميل تائين اڪيلو اهو ئي شخص صلي الله عليه وسلم سڀني مرحلن ۾ قيادت جي سڀني تقاضائن کي پورو ڪندا رهيا. هيءَ ڳالهه اوهانکي سموري انساني تاريخ ۾ ٻي ڪٿي نه ملندي. هن اعتبار کان به اسانکي يقين ڪرڻ گهرجي ته هن انقلابي عمل جو واحد ذريعو ۽ اصل بنياد سيرت محمد صه آهي.

**منهج انقلاب نبوي صلي الله عليه وسلم جا مرحلا**

هاڻ آئون سيرت النبي صلي الله عليه وسلم مان اخذ ڪيل انقلاب جي مرحلن ڪي بيان ڪرڻ ٿو چاهيان. هن کان پهريائين مختلف موقعن تي آئون منهج انقلاب نبوي کي ڇهن مرحلن ۾ ورهائي پيش ڪندو رهيو آهيان. يعني (١) دعوت (٢) تنظيم (٣) تربيت (۴) صبر فقط يا (Passive Resistance) (۵) اقدام يا (Active Resistance) ۽ آخرڪار (٦) مسلح تصادم يا (Armed Conflict) اڄ آئون انهن مرحلن کي سادي زبان ۾ مختصر ڪري ٽن مرحلن ۾ بيان ڪندس.

**دعوت ايمان بذريعہ قرآن ۽ تربيت وتزڪيہ (پاڪائي)**

پهريون مرحلو "دعوت ايمان بذريعہ قرآن" آهي. ظاهر ڳالهہ آهي تہ هر نظام جو ڪو فلسفيانہ بنياد هوندو آهي. جيستائين هي فلسفو ذهن ۾ نہ ويهي وڃي هن انقلاب جي لاء ڪو قدمڻتو ڪٿي سگهجي. اسلام جو نظرياتي ۽ فلسفيانہ بنياد "ايمان" آهي (١۴) پر اسانجي وڏي اڪثريت جو حال هي آهي جو اسان ايمان کان محروم آهيون. اسان ان ڪري مسلمان آهيون جو مسلمان والدين جي گهر ۾ پيدا ٿيا آهيون. بس هڪ موروثي عقيدو آهي جيڪو اسانجي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ موجود آهي. هن عقيدي جو اسانجي فڪر و عمل سان ڪو تعلق نہ آهي. اسان جا اهي مرتبہ جن سان اسين پنهنجو طرز عمل متعين ڪريون ٿا اسانجي عقيدي جو انهن رتبن سان ڪو تعلق نہ آهي. الا ماشاء الله هن ڪيفيت کان بچي ويل تمام گهٽ ماڻهو آهن. اسان کان وڏيڪ ماڻهن جو حال هيءُ ٿي آهي تہ اسين بس مسلمان آهيون ۽ هن کي بہ الله جو وڏو فضل ٿي سمجهڻ گهرجي تہ هن (الله) اسان کي مسلمانن جي گهر ۾ پيدا ڪيو نہ تہ خدانخواستہ جيڪڏهن اسانجي پيدائش ڪنهن هندو يا عيسائي جي گهر ۾ هجي ها تہ اسان منجهان ڪيترا ماڻهو ايمان قبول ڪري وٺن ها. اسان منجهان هر شخص پنهنجو جائزو خود وٺي سگهي ٿو.

سوره حجرات جي آيت (نمبر ١٥) ۾ ايمان کي define ڪيو ويو آهي.
ارشاد آهي.

(انما المؤمنون الذين امنوا بالله و رسوله ثم لم يرتابوا
وجاهدوا باموالهم وانفسهم في سبيل الله، اولئک هم الصادقون)

"مؤمن ته فقط اهي آهن جن ايمان آندو الله تي ۽
ان جي رسول تي پوءِ شڪ ۾ نه پيا ۽ الله جي
رستي ۾ پنهنجن جندن ۽ مال سان جهاد ڪيو. هي
ئي ماڻهو (پنهنجي ايمان جي دعوئ ۾) سچا آهن"

هن آيت ڪريم ۾ حقيقي ايمان جو ذڪر آهي. يعني اهو ايمان جيڪو يقين جي درجي کي پهچي چڪو آهي. بقول اقبال:

یقیں پیدا کر اے نادان یقیں سے ہاتھ آتی ہے
وہ درویشی کہ جس کے سامنے جھکتی ہے فغفوری

سوره حجرات جي جي ذڪر ڪيل مٿين آيت مان ثابت ٿئي ٿو ته ايمان ۽ جهاد لازم و ملزوم آهن. هي ممڪن نه آهي ته دل ۾ حقيقي ايمان موجود هجي ۽ عمل ۾ جهاد نه هجي. لهذا هن انقلابي عمل جو پهريون مرحلو "دعوت ايمان بذريعہ قرآن" آهي. انهيءَ ڪري سوره نساء آيت ١٣٦ ۾ فرمايو ويو آهي:

(يا ايهاالذين امنوا امنوا بالله و رسوله والكتب الذي نزل
علىٰ رسوله والكتب الذي انزل من قبل)

"اي ايمان وارو! ايمان آڻيو الله تي ۽ ان جي رسول
تي ۽ ان ڪتاب تي جيڪو هن پنهنجي رسول تي
نازل ڪيو ۽ ان ڪتاب تي جيڪو هن کان پهرين
هن نازل ڪيو."

هن آيت مبارڪ ۾ چڻ هي چيو ويو آهي ته قانوني ايمان ته توهانکي پهرين ئي حاصل آهي، ليڪن حقيقي ايمان جيڪا تمام وڏي طاقت آهي ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.

هن موقعي تي هڪ ڳالهہ ٻي ياد رکڻ گهرجي تہ قرآن کان علاوه بہ ايمان حاصل ڪرڻ جا ڪجهہ رستا آهن. آئون خود تسليم ٿو ڪريان تہ حصول ايمان جو سڀ کان آسان ذريعو اصحاب ايمان و يقين جي صحبت اختيار ڪرڻ آهي. قران مجيد ۾ بہ فرمايو ويو؛

(يا ايهاالذين امنوا اتقوا الله وكونوا مع الصادقين)

(التوبہ: ١١٩)

"اي ايمان آڻڻ وارو! الله کان ڊڄندا رهو ۽ سچن جي صحبت اختيار ڪريو" - ظاهر آهي تہ ڪٿي باهہ ٻري رهي هجي تہ ان جي ويجهو رهڻ سان گرمي خود بخود پهچندي. ان ڪانپوءِ ڪنهن ٻي محنت جي ضرورت نہ آهي. چڙ اصحاب ايمان جو قرب ئي ڪافي آهي.

صحبت صالح ترا صالح کند
صحبت طالح ترا طالح کند

حصول ايمان جو ٻيو رستو احڪام خداوندي تي عمل پيرا ٿيڻ جو رستو آهي. ايمان ۽ عمل صالح ٻہ طرفہ اثرات جا حامل آهن. ايمان عمل صالح سان پيدا ٿئي ٿو ۽ عمل صالح ۾ اضافو ايمان ۾ اضافي جو ذريعو بنجي ٿو. چڙ لڳاتار عمل سان بہ ايمان پيدا ٿئي ٿو. هن صورتحال کي تسليم ڪرڻ جي باوجود هاڻ جيڪا ڳالهہ آئون چوڻ ٿو چاهيان اها تمام اهم آهي ۽ اها ڳالهہ هي آهي تہ انهن ٻنهي طريقن سان جيڪو ايمان پيدا ٿئي ٿو اهو غير شعوري هوندو آهي. هن قسم جي ايمان سان گڏ شعوري عنصر (Intellectual Element) شامل نہ هوندو. انهن طريقن سان جيڪو ايمان پيدا ٿئي ٿو ان کي Blind Faith (انڌو اعتقاد) چوڻ زياده مناسب آهي. تنهن هوندي بہ هن غير شعوري ايمان جو بہ اثر عمل تي پوندو. جڏهن تہ اهڙو ايمان رکندڙ شخص بہ هن رستي ۾ ڪا قرباني ڏيڻ ۾ گهٽتائي نہ ڪندو. هي Blind Faith وڏي نعمت آهي. ليڪن هي ڳالهہ چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ انقلابي عمل جي شروعات جي لاءِ بهرحال هن شعوري ايمان جي ضرورت آهي جنهن سان

(خاطري) Conviction شامل هجي ۽ هي Conviction ڪنهن نہ ڪنهن In-tellectual Element جي موجودگي جي بغير پيدا نٿو ٿئي. انقلابي عمل جڏهن انهن مرحلن ۾ داخل ٿي وڃي، تڏهن جان جي بازي لڳائڻ جي ضرورت ٿيندي آهي. هن وقت هي Blind Faith وارا جيڪڏهن ملي وڃن تہ هي بہ وڏا قيمتي ثابت ٿيندا. هن لاءِ تہ هن وقت جان جي بازي لڳائڻ جي لاءِ انهن ۾ بہ سموري قوت ۽ آمادگي هوندي آهي.

## شعوري ايمان ۽ ان جي اهميت

شعوري ايمان جو ذڪر سوره يوسف جي آيت ١٠٨ ۾ هن طرح ڪيو ويو آهي:

(قل هذه سبيلي ادعوا الي الله علي بصيرة انا و من اتبعني)

"اي نبي! چئي ڇڏايو تہ اي ماڻهؤ! هي آهي منهنجو رستو. آئون الله ڏي جي طرف پوري بصيرت سان سڏي رهيو آهيان ۽ اهي بہ جن منهنجي پيروي ڪئي" (١٥)

هي تمام وڏي ڳالهہ آهي تہ الله تعاليٰ خود آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي زبان مبارڪ سان شاهدي ڏياري آهي تہ نہ فقط پاڻ ﷺ خود بلڪِ سندن پيروي ڪندڙ بہ اونداهي ۾ اٽڪل يا اندازي سان ڪم نہ ڪري رهيا آهن پر نورِ بصيرت سان فائدو وٺڻ وارا آهن. هي اهو ايمان آهي جنهن سان گڏ شعور ۽ پوشيده دانائي موجود آهي. هن قسم جي ايمان جي حصول جو واحد سرچشمو ۽ ڪليل راهہ قرآن حڪيم آهي. قران ڪانسواءِ هي ڪنهن ٻئي ڪان ملي ئي نٿو سگهي. بقول مولانا ظفر علي خان مرحوم:

وہ جنس نہیں ایمان جسے لے آئیں دکان فلسفه سے
ڈھونڈے سے ملے گی عاقل کو یه قرآں کے سیپاروں میں

ساڳيءَ طرح علامہ اقبال هڪ تمام سٺو شعر پنهنجي زندگي جي آخري ڏينهن ۾ چيو آهي:

تیری نظر میں ہیں تمام میرے گزشته روز و شب
مجھ کو خبر نه تھی که ہے، علم نخیل بے رطب

چڻ فرمائي هي تو ته هن جيترو ڪجهه فلسفو وغيره علم پڙهيا هئا اهي سڀ نخيل بي رطب (نه ڦر ڏيندڙ کجور جو وڻ) هئا. هيءُ ئي سبب آهي ته هو هڪ ٻئي شعر ۾ فرمائي ٿو؛

خرد کی گتھیاں سلجھا چکا میں
مرے مولا مجھے صاحب جنوں کر

هن شعوري ايمان جو ذڪر قرآن مجيد هر هر مختلف طريقن ۾ ڪري ٿو مثلاً سوره آل عمران ۾ شعوري ايمان رکڻ وارن جو ذڪر هن طرح فرمايو آهي؛

(الذين يذكرون الله قياما وقعودا وعلي جنوبهم
ويتفكرون في خلق السموات والارض، ربنا ما خلقت هذا باطلا)

"جيڪي الله جو ذڪر اٿندي ويهندي ڪندا آهن ۽ ليٽندي به ۽ آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪرڻ تي غور ڪندا آهن. (۽ ان شعوري نتيجي تائين پهچي ويندا آهن ته) اي اسانجا ربّ هي سڀ ڪجهه تو بي مقصد پيدا نه ڪيو"-

اهڙي طرح عقل و شعور ۽ فڪر و تدبر جي اهميت جي اظهار جي لاءِ لعلكم تعقلون، لقوم يعقلون، لعلكم تتفكرون، افلايتدبرون القران ۽ ليدبروا آياته وغيره مختلف طريقا اختيار ڪيا ويا آهن.

قرآن مجيد ئي شعوري ايمان جو سرچشمو آهي. هن حقيقت جي عقلي دليلن کان سواءِ نقلي دليل به موجود آهن. سڀ کان وڌي ڪري هيءُ ڳالهه ته نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي دعوت جي لاءِ جيترا به اصطلاحات قرآن مجيد ۾ وارد ٿيا آهن انهن سڀني جي لاءِ قرآن ئي کي ذريعو ۽ وسيلو ٺهرايو ويو آهي مثلاً

(فذكر بالقرآن) (ق:۴۵)

"ته تون هن قرآن جي ذريعي بيان ڪر"

(قل اوحي الي هذا القرآن لانذركم به) (الانعام:۱۹)

"چئه مون ڏانهن هي قرآن نازل ڪيو ويو ته جيئن آئون هن جي ذريعي اوهان (سڀني) کي ڊيڄاريان"

(فانما يسرناه بلسانک لتبشربه المتقين و تنذربه قومالدا)
(مريم:٩٧)
"تہ اسان هن (قرآن) کي تنهنجي زبان تي رڳو هن لاءِ آسان ڪيو سون تہ (تون) ساڻس پرهيزگارن کي خوشخبري ڏين ۽ ان سان جهڳڙالو قوم کي ڊيڄارين"
(بلغ ما انزل اليک من ربک) المائده:٦٧)
"تبليغ ڪر ان جي جيڪو تو ڏانهن تنهنجي رب جي طرفان لاتو ويو آهي."
(وجاهد هم به جهاد اکبيرا) (الفرقان:٥٢)
"۽ هن (قرآن) جي ذريعي انهن سان وڏو جهاد ڪر"۔
ڏسو تبليغ "تذڪير" "انذار" "تبشير" ۽ "جهاد" سيني جي لاءِ قرآن حڪيم کي وسيلو بنائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. هي ئي سبب آهي تہ پاڻ ﷺ جتي بہ ويندا هئا اتي وڏن وڏن خطبن ڏيڻ جي بدران قرآن مجيد ئي پڙهي ٻڌائيندا هئا.

### شعوري ايمان جا فائدا

جڏهن تہ هن انقلابي جدوجهد جو پهريون قدم "دعوت ايمان بذريعي قرآن" آهي. هنطرح سان جيڪو حقيقي ايمان حاصل ٿيندو ان جي نتيجي ۾ سڀ کان پهرين انسان جو عمل درست هوندو. جهڙوڪ پهرين بہ چئي چڪو ويو آهي تہ دل ۾ حقيقي ايمان هجي ۽ عمل صحيح نہ هجي ائين ٿيڻ ممڪن ئي ڪونهي.

ٻيو نتيجو هي نڪرندو جيڪي ڪجهہ الله تعاليٰ بندي کي عطا ڪيو آهي يعني هن کي پنهنجي جسم و جان ۽ مال و متاع تي جيڪا شخصي خلافت عطا ڪئي آهي ان مان ڪم وٺي هو پنهنجو سيڪجهہ الله جي دين جي رستي ۾ کپائي ڇڏيندو. مون پهرئين خطبہ خلافت ۾ ٻڌايو هو تہ خلافت جو هڪ قسم خلافت شخصي آهي. يعني الله تعاليٰ اسانکي جيڪي ڪجهہ عطا ڪيو آهي ان جي استعمال ۾ اسان شخصي

طور تي خليفي جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ تي مقرر ٿيل آهيون. هن شخصي خلافت جي پهرين تقاضا هيءَ آهي تہ اصل مالڪ جنهن ڪم ۾ انهن شين کي کپائڻ جو ڪم ڏئي ٿو ان ڪم ۾ انهن کي بيخوف کپايو وڃي. جيئن سوره حديد ۾ ارشاد فرمايو ويو آهي:

(امنوا بالله و رسوله وانفقوا مما جعلكم مستخلفين فيه) (الحديد:٧)

يعني: "ايمان آڻيو الله تي ۽ ان جي رسول تي ۽ ان ايمان جي تقاضا هي آهي تہ خرچ ڪريو ان منجهان جنهن ۾ هن توهان کي خلافت عطا ڪئي آهي."

ايمان حقيقي جو ٽيون نتيجو "جهاد" آهي. هيءُ ايمان جو منطقي نتيجو آهي جهڙوڪ سوره صف جي هيٺ ڏنل آيت جي حوالي سان ٻڌائي چڪو آهيان تہ:

(تؤمنون بالله و رسوله و تجاهدون في سبيل اللهباموالكم وانفسكم)

"توهان ايمان آڻيو الله تي ۽ ان جي رسول تي ۽ جهاد ڪريو الله جي راهہ ۾ پنهنجن مالن سان ۽ پنهنجن جانين سان"-

چوٿون نتيجو "تزڪيہ" آهي. تزڪيہ (پاڪائي) حقيقت ۾ ڪوجدا عمل (١٦) نہ آهي. هيءَ ڳالهہ سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ ايمان ۾ جيتري اونهائي وڌندي ويندي منطقي طور تي هن جو باطن اوترو ئي وڌيڪ روشن ٿيندو رهندو. ايمان جي نور سان ظلمتون اونداهي پري هٽندا ويندا. هي آهي "تزڪيہ" (پاڪائي) ۽ "تجليہ" (روشني) باطن جو نبوي طريقو (١٧)

مون منهج انقلاب نبوي ﷺ جي ٻن مرحلن کي گڏي انهن کي هڪ مرحلي جي طور تي بيان ڪري ڇڏيو آهي. يعني دعوت ايمان۽ تزڪيہ-

انقلاب جي لاءِ سڀ کان پهرين اهڙن جرئتمندن جي ضرورت آهي جن جون دليون ۽ ذهن ايمان جي نور سان منور ٿي چڪا هجن. (١٨) هي ماڻهو اوهانجي دعوت سان هن انقلابي فڪر جي طرف ڇڪجندا. هيءَ دعوت، دعوتِ ايمان هوندي ۽ هن جو ذريعو قرآن هوندو. هاڻ

انهن جانثارن جي تربيت و تزڪيہ ٿيندو ۽ تزڪيہ جو هيءُ عمل بہ قرآن ئي جي ذريعي ٿيندو. جڻ هي ٻئي عمل يعني دعوت ۽ تزڪيہ قرآن جي چوڏاري گهمي رهيا آهن.هي مضمون قرآن حڪيم ۾ چئن جاين تي آيو آهي. جيئن سوره جمعہ ۾ ارشاد آهي:

(هوالذي بعث في الامين رسولا منهم يتلوا عليهم آيته و يزكيهم و يعلمهم الكتب والحكمه) (الجمعہ:٢)

"اهو ئي آهي جنهن اڻ پڙهيلن ۾ هڪ رسول انهن ئي منجهان موڪليو جيڪو انهن تي هن (الله) جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ انهن کي پاڪ ڪري ٿو ۽ انهن کي ڪتاب و حڪمت جي تعليم ڏئي ٿو"-

هي مضمون سوره ال عمران جي آيت ١٦۴ ۾ هنن لفظن ۾ نازل ٿيو آهي:

(لقدمن اللهعلي المؤمنين اذ بعث فيهم رسولا من انفسهم يتلوا عليهم اياته و يزكيهم ويعلمهم الكتب والحكمة وان كانوامن قبل لفي ضلل مبين)

"الله ايمان وارن تي احسان ڪيو تہ انهن ۾ هڪ رسول انهن ئي منجهان ڪنيو- جيڪو هنن کي هن جو آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ انهن کي پاڪ ڪري ٿو ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏي ٿو، جڏهن تہ اهي هن کان اڳ صاف گمراهي ۾ هئا"-

هنن ٻن جاين کان علاوه هي ئي مضمون سوره بقر ۾ بہ ٻن جاين (١٩) تي آيو آهي ۽ هي سڄو عمل دراصل همت وارن جي تياري آهي. هي جانثار مجاهد تيار هوندا تہ جهاد جو عمل شروع ٿيندو. جڏهن تہ اسين ڏسونٿا تہ سيدنا موسيٰ عليه السلام سان گڏ مصر مان نڪرندڙ ڇهہ لک ماڻهو هئا جيڪي ٻارهن قبيلن ۾ ورهايل هئا. پر تربيت نہ هئڻ جي ڪري هي وڏا "سادا" ماڻهو هئا. جڏهن مصر کان هجرت ڪانپوءِ لڙائي ۽ قتل جو مرحلو آيو، ۽ حضرت موسيٰ قوم کي هن فرض جي ادائگي جي لاءِ سڏيو تہ انهن جواب ڏنو:

(فاذهب انت وربک فقاتلا انا ها هنا قاعدون)
(المائده: ۲۴)

"(موسيٰ) تون ۽ تنهنجو رب (ٻئي) وڃو ۽ جنگ ڪريو، اسين تہ هتي ويٺا آهيون" تہ جناب موسيٰ عہ الله تعاليٰ جي حضور ۾ فرياد ڪيو:

(قال رب اني لا املک الا نفسي واخي، فافرق بيننا و بين القوم الفاسقين) (المائده:۲۵)

"موسيٰ) چيو منهنجو وس نہ آهي پر پنهنجو پاڻ تي ۽ پنهنجي ڀاءُ تي تہ (اي منهنجا رب) اسانجي ۽ انهن بگڙي ويل (فاسق) ماڻهن جي وچ ۾ جدائي ڪري ڏي (آئون هنن فراق زده جي وچ ۾ رهڻ تي تيار نہ آهيان جو فرعون جي غلامي مان نجات پائڻ ۽ پنهنجي عظيم معجزن کي ڏسي وٺڻ جي باوجود جن جو حال هيءُ آهي!!)"

هن جي مقابلي ۾ مڪي کان هجرت کانپوءِ جڏهن بدر جو مرحلو آيو ۽ نبي صلي الله عليه وسلم پنهنجن مسلح ٽي سؤ تيرهن اصحابن سان قريش جي تمام وڏي لشڪر جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ مشورو طلب ڪيو تہ هنن جواب ڏنو تہ حضور اسان کي حضرت موسيٰ جي ساٿين تي گمان نہ فرمايو جن چئي ڏنو هو تہ "تون ۽ تنهنجو رب (ٻئي) وڃو ۽ جنگ ڪريو. اسين تہ هتي ويٺا آهيون"- اسين تہ اوهان جي اڳيان اوهان جي پٺيان اوهانجي ساڄي کان ۽ اوهان جي کاٻي کان جنگ ڪنداسين. انهيءَ لاءِ اڪبر الله آبادي مرحوم چيو هو.

خدا کے کام دیکھو! بعد کیا ہے اور کیا پہلے
نظر آتا ہے مجھ کو بدر سے غار حرا پہلے

غار حرا ٿي کان تہ نزول قرآن شروع ٿيو هو ۽ بقول مولانا الطاف حسين حالي اتان کان ڪچي ٽامي کي خالص سون بنائڻ وارو نسخو ڪيميا (قرآن) هٿ آيو هو.

اتر کر حرا سے سوئے قوم آیا
اور اک نسخہء کیمیا ساتھ لایا

جڏهن تہ اسين ڏسون ٿا تہ سيرت نبوي جي شروعاتي پندرهن سالن تائين انهي ئي نسخہ ڪيميا سان ڪيمياگري ٿيندي رهي. دعوت و تبليغ کان وٺي نفسن جي پاڪائي تائين سيئي مرحلا قرآن جي ذريعي ئي طئہ ٿيندا رهيا. انهن مرحلن مان گذرڻ کانپوءِ بدر جو مرحلو آيو. تاريخ ۾ اسانکي بدر جو مرحلو تمام اهم نظر اچي ٿو ليڪن حقيقت ۾ اهم اهو مرحلو آهي تہ جنهن مرحلي ۾بدر جي لاءِ ماڻهو تيار ڪيا ويا-

### تنظيم جو مرحلو

هن جرئتمندن جي تياري کانپوءِ جيڪو ٻيو مرحلو اچي ٿو اهو تنظيم جو مرحلو آهي. اهي ماڻهو جيڪي هن ايمان جي دعوت جي نتيجي ۾ نفسن جي پاڪائي جي مرحلن مان گذرندي پنهنجي ذات تي الله جو دين قائم ڪري چڪا جيستائين هن کي ڪنهن مضبوط تنظيم جي اندر شامل نہ ڪيو ويندو هي ڪجهہ نہ ڪري سگهندا. (٢٠) جڏهن تہ نبي صلي الله عليه وسلم جن جماعت جي اهميت کي گهڻو واضح ڪيو آهي. سندن ﷺ ارشاد گرامي آهي، "آمرکم بخمس" تہ مسلمانو! آئون توهان کي پنجن ڳالهين جو حڪم ڏيان ٿو: هڪ روايت ۾ هي الفاظ بہ آهن "الله امرني بهن" يعني الله مونکي هن (ڳالهين) جو حڪم ڏنو آهي- (٢١) اهي پنج ڳالهيون ڪهڙيون آهن؟ جن جو آنحضرت صلي الله عليه وسلم الله تعاليٰ جي طرفان حڪم ڏنو آهي.

بالجماعه والسمع والطاعه والهجره والجهاد في سبيل الله

يعني جماعت جو لازم قرار ڏيڻ جو (حڪم) ٻڌڻ جو (حڪم) مڃڻ جو (حڪم) (خدا جي راهہ ۾ وطن ڇڏڻ) يعني هجرت جو ۽ الله جي رستي ۾ جهاد جو (حڪم) اسانجي فڪر جي مفلسي ۽ بدقسمتي جي حد هيءَ آهي جو نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي هن قول مبارڪ جي طرف مسلمانن جو توجه ئي نہ آهي. ۽ وڏي اڪثريت تہ جڻ هن جي وجود ئي کان بي خبر آهي. جڏهن تہ اها حديث جنهن ۾

اسلام جي رڪنن جو ذڪر آهي. خوب شهرت رکي ٿي. بلڪ تقريباً هر مسلمان جي ذهن ۾ هن جو مفهوم موجود آهي. جڏهن ته ٻنهي حديثن مبارڪ ۾ پنجن پنجن ڳالهين ئي جو ذڪر آهي. جڏهن ته اسلام جي رڪنن واري حديث معلومات ۽ اطلاع واري ۽ هيءَ حديث امر (حڪم) جي صورت ۾ آهي.

اسانجي هن محرومي جو سبب هي آهي ته جڏهن نظام خلافت ختم ٿيو ته ان ڪانپوءِ بادشاهت اچي وئي بادشاهت ۾ نمونن جي آئي. پهرين مسلمانن جي بادشاهت آئي، ان ڪانپوءِ غير مسلمانن جي بادشاهت، جيتوڻيڪ اسلامي شهرن جا اڪثر حصا مغربي قومن جي غلامي ۾ اچي ويا. اسان برِاعظم پاڪ و هند جا مسلمان انگريزن جا غلام هئاسين. غلاميءَ جي دور ۾ نماز روزو ته هلندورهيو. لهذا هنجو تصور ته ذهنن ۾ موجود رهيوجڏهن تہ جهاد و جنگ، انقلاب ۽ اقامت دين ذهنن مان نڪري هليا ويا ۽ پوءِ اک اوٽ پهاڙ اوٽ واري ڪيفيت پيدا ٿي وئي.

(خير هي ته هڪجملو ٽوڪ وارو هو) بهرحال انقلابي جدوجهد جي ٻئي مرحلي ۾ "جماعت" جي اهميت کي چڱي طرح سمجهي ڇڏڻ گهرجي. هن جماعت جو انتظام بہ فوجي انداز جو مقرر ڪيو ويو آهي جو آفيسر جيڪو حڪم ڏي ان کي ٻڌو ۽ مڃيو. توهان کي هي حق نہ آهي ته ان کان پڇي سگهو ته هي حڪم ڇو ڏئي رهيو آهين، هن حڪم جي حڪمت ۽ مطلب و ضرورت ڪهڙي آهي، جيڪو ڪم تون ڏئي رهيو آهين اهو مناسب بہ آهي يا نہ، اوهانکي هي چوڻ جوحق نہ آهي ته پهرين مونکي سمجهاءِ تڏهن آئون حڪم مڃيندس. جيڪڏهن ڪنهن فوج ۾سوال جواب جو هي سلسلو شروع ٿي وڃي تہ پوءِ اها فوج چوارائڻ جي حقدار نٿي رهي (٢٢) جڻ هن جماعت کي ٻڌڻ ۽ فرمانبرداري جو پابند هئڻ گهرجي. انهي جو تاڪيد ڪرائيندي قرآن مجيد ۾ ارشاد ٿيو آهي:

اذ قلتم سمعنا واطعنا "(يعني ياد ڪريو) جڏهن توهان چيو هو اسان ٻڌو ۽ اطاعت ڪئي" سوره بقره جي آخري آيت کان پهرين واري آيت ۾ هي الفاظ نازل ٿيا آهن:

(وقالوا سمعنا و اطعنا غفرانک ربنا واليک المصير)

"۽ انهن چيو اسان ٻڌو ۽ اسان اطاعت ڪئي. اسان تنهنجي بخشش جا طلبگار آهيون اي اسان جا رب! ۽ تو ڏي ڏانهن موٽي اچڻ آهي"

قرآن حڪيم ۾ اوهانکي سمع و طاعت (ٻڌڻ ۽ اطاعت ڪرڻ) جو اصطلاح هر هر ملندو. هي ٻئي اصطلاح گاڏي جي ٻن ڦيٿن وانگر گڏ اچن ٿا. ڇاڪاڻ ته ڪنهن انقلابي جماعت جو هنن کان بغير تصور به نٿو ڪري سگهجي-(٢٣)

## نظم جماعت جو بنياد.... بيعت

محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جماعت جي انتظام کي بيعت جي بنياد تي مستحڪم ڪيو آهي. خود قرآن مجيد ۾ سوره فتح آيت نمبر-١٠ ۾ به بيعت جو ذڪر موجود آهي. جيئن فرمايو (٢٤):

(ان الذين يبايعونک انما يبايعون الله. يدالله فوق ايديهم)

"(اي نبي!) جيڪي ماڻهو اوهان سان بيعت ڪري رهيا آهن اهي ته الله سان بيعت ڪري رهيا آهن. اِنهن جي هٿن جي مٿان الله جو هٿ آهي."

عام طور تي بيعت وٺڻ جي عملي شڪل هي هوندي آهي ته جيڪو شخص بيعت ڪري ٿو ان جو هٿ مٿي هوندو ۽ جنهن جي هٿ تي بيعت ڪئي وڃي ٿي ان جو هٿ هيٺ هوندو آهي. هن آيت ۾ ٻڌايو هي پيو وڃي ته بيعت ڪندي هڪ هٿ توهانجو آهي، هڪ بيعت ڪندڙ جو آهي ۽ هڪ ٽيون هٿ به آهي جيڪو الله جو آهي مگر اهو نظر نٿو اچي. هي الله جو هٿ انهيءَ لاءِ آهي ته جيڪو سودو (بيعت) ٿي رهيو آهي اهو اصل ۾ الله سان ٿي رهيو آهي.

سوره توبه ۾ "بيع و شراء" (خريد و فروخت) جهڙي الفاظ پنهنجي پوري همهـ گيري سان مڪمل اطاعت جي قول و قرار ۽ عهد و پيمان جي ميدان ۾ استعمال ٿيا آهن. ارشاد آهي:

(ان الله اشتري من المومنين انفسهم واموالهم بان لهم الجنة. يقاتلون في سبيل الله فيقتلون ويقتلون. وعدا عليه حقا في التوراة والانجيل والقرآن. ومن اوفي بعهده من الله فاستبشروا ببيعكم الذي بايعتم به. وذالک هو الفوز العظيم)

"يقيناً مومن کان انهن جي جان ۽ انهن جا مال جنت جي بدلي ۾ خريد ڪري ورتا آهن. هو الله جي رستي ۾جنگ ڪن ٿا. قتل ڪن ٿا ۽ قتل ٿين ٿا. الله جي طرف کان هي پڪو وعدو آهي توريت ۾. انجيل ۾ ۽ قرآن ۾به. ڀلا الله کان وڌيڪ پنهنجو وعدو پورو ڪرڻ وارو ڪير آهي. توهان خوش ٿي وڃو پنهنجي هن سودي تي جيڪو توهان ڪيو آهي ۽ هي ئي عظيم ڪاميابي آهي.

رهيو هي سوال تہ هن دنيا ۾ هي فروخت خالص جان و مال الله جي دين جي غلبي ۽ نظام خلافت کي برپا ڪرڻ ۾ ڪيئن لڳائڻو آهي؟ تہ ظاهر ڳالهہ آهي تہ ڪنهن جماعت جي انتظام ئي جي تحت ان کي لڳائڻو پوندو ۽ هن جماعت جي انتظام جو جيڪو صاحب امر (حڪم ڪندڙ) آهي ان جي هٿ تي بيعت ڏيڻي ۽ فرمانبرداري ڪرڻي پوندي. ان وقت صاحب امر حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن خود هئا ۽ بنفس نفيس (پنهنجو پاڻ) موجود هئا. لهذا پاڻ ﷺ ئي جي هٿ تي بيعت ڪئي وئي. جيڪڏهن حضور صلي الله عليه وسلم جن کي بيعت وٺڻ جي ضرورت نہ هئي ان لاءِ تہ پاڻ ﷺ رسول ۽ ۽ نبي هئا ۽ پاڻ ﷺ تي ايمان آڻڻ وارو هر شخص سندن ﷺ اطاعت جو پابند هو. قرآن ۾ ارشاد ٿيو آهي (وما ارسلنا من رسول الا ليطاع باذن الله) (اسان ڪو رسول موڪليو ئي نہ آهي مگر ان لاءِ جو الله جي حڪم سان هن جي اطاعت ڪئي وڃي) هڪ ٻي جاءِ تي ارشاد آهي (من يطع الرسول فقد اطاع الله) (جيڪو رسول جي اطاعت ڪندو تہ يقيناً هن الله جي اطاعت ڪئي) (٢٥)-

سوال هي پيدا ٿئي ٿو تہ جڏهن پاڻ بيعت جي بغير بہ اطاعت ڪيل هئا تہ پاڻ بيعت ڇو ورتائون؟ ڇا نعوذ بالله پاڻ هڪ غير ضروري ڪم ڪيو!! نہ هرگز نہ، سبب هي آهي تہ جيڪڏهن پاڻ بيعت نہ وٺن ها تہ بعد ۾ ايندڙن جي لاءِ اسوه (نمونو) ڪٿان اچي ها! ان ڪري جو پاڻ ﷺ ڪانپوءِ ڪو نبي تہ اچڻ وارو نہ آهي. حضرت مسيح ع بہ ايندا تہ نبي جي حيثيت ۾ نہ ايندا. هو تہ نماز جي امامت بہ نہ ڪرائيندا ۽ امامت ڪرڻ جي دعوت جي جواب ۾ چوندا امامڪم منڪم (توهانجو امام توهان منجهان ئي هوندو) جڏهن تہ هاڻ خلافت جي قيام جي لاءِ جيڪا بہ جماعت نهندي اها اُسوه رسول تي ئي نهندي. حضور صلي الله عليه وسلم جن بيعت جو نمونو انهي لاءِ ڇڏيو آهي جو هي امت مسلمہ جي ضرورت هئي. هن بيعت جو ذڪر ڪيترن احاديث مبارڪہ ۾ بہ موجود آهي. امام بخاري رحمت الله عليہ جن اهو شعر نقل ڪيو آهي جنهن ۾ هن بيعت جو ذڪر آهي ۽ جيڪو صحابہ ڪرام رضي الله عنهما عزوه احزاب ۾ بطور رجز (جنگ ۾ پڙهڻ جو شعر) خندق کوٽيندي پڙهي رهيو هو-

نحن الذين بايعوا محمدا - علي الجهاد ما بقينا ابدا

(اسين اهي ئي تہ آهيون جن محمد صلي الله عليہ وسلم سان زندگيءَ جي آخري دم تائين جهاد جاري رکڻ جي بيعت ڪئي آهي)

هڪ ٻي حديث مبارڪ ۾ هن بيعت جو ذڪر نهايت مڪمل طور سان آيو آهي. آئون چوندو رهان ٿو تہ هن حديث مبارڪ ۾ هڪ اسلامي جماعت جو پورو دستور موجود آهي. حديث جو متن هن طرح تي آهي:

عن عبادة الصامت رضي الله عنه قال: بايعنا رسول الله صلي الله عليه وسلم علي السمع والطاعة في العسر واليسر والمنشط والمكره و علي اثره علينا و علي ان لا ننازع الامر اهله و علي ان نقول بالحق اينما كنالا نخاف في الله لومة لائم- وفي رواية وان لاننازع الامر الا ان تروا كفرا بوا حاعندكم فيه من الله برهان (متفق عليه)

"عباده بن الصامت" روايت ڪئي آهي تہ اسان رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان تنگي ۽ آساني، خوشي ۽ ناخوشي، هر حالت ۾ حتي ڪہ پنهنجو پاڻ جي مٿان ڪنهن کي ترجيح ڏيڻ جي باوجود سمع وطاعت جي بيعت ڪئي ۽ هن ڳالهہ تي بيعت ڪئي تہ اهل حڪم (اولوالامر) سان اختيارات جي معاملي ۾ فساد نہ ڪنداسين ۽ حق ڳالهہ چونداسين جتي بہ هونداسين الله جي معاملي ۾ (يعني حق ڳالهہ چوڻ ۾) ڪنهن ملامت ڪرڻ واري جي ملامت جي پرواهہ نہ ڪنداسين ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ اسين اهل امر سان جهڳڙو نہ ڪنداسين، ليڪن هي تہ جو توهان (انهن جي اندر) ڪليل ۽ ظاهر ڪفر ڏسو جنهن تي توهان وٽ الله جي طرف کان ڪو دليل موجود هجي"۔

## اسلامي اجتماعيت جا تقاضا

هي بيعت جهاد ۽ بيعت تنظيم جو نقشو آهي جيڪو هن حديث مبارڪ ۾ ڏنو ويو آهي. هي پيري مريدي واري بيعت نہ آهي جنهن کي اسان وٽ بيعت ارشاد جي نالي سان مشهور ڪيو ويندو آهي. ليڪن حسرت ۽ افسوس جي ڳالهہ آهي تہ هنن واضح احاديث جي موجودگي ۾ بہ اسانجي مذهبي جماعتن بيعت جي هن نظام کي اختيار نہ ڪيو. انهن وٽ بہ اهو ئي ميمبري ۽ اليڪشن جو نظام رائج آهي جيڪو غيرن کان اوڌارو ورتو ويو آهي. جڏهن تہ هن نظام ۾ بيشمار فتنا پيدا ٿيڻ جو تجربو ٿي چڪو آهي ۽ نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جيڪو انتظام عطا ڪيو آهي اهو سيني فتنن کي ختم ڪري ڇڏي ٿو.

هڪ دفعو وري سمجهي ڇڏيو تہ جيڪڏهن اوهان واقعي انقلاب برپا ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ اوهان ڪنهن حڪم جي باري ۾ هي نٿا چئي سگهو تہ هن جي تعميل مشڪل آهي، يا منهنجا حالات حڪم جي تعميل جي اجازت نٿا ڏين يا هي تہ منهنجو "موڊ آف" آهي. هي ئي سبب آهي تہ نبي صلي الله عليہ وسلم جن بيعت ۾ في العسر و اليسر" ۽ في المنشط والمكره جا الفاظ شامل ڪيا. تہ آساني هجي يا ڏکيائي، تنگي

هجي يا سهوليت، طبيعت آماده هجي يا نہ هجي، حڪم بهر صورت بجا آڻڻو پوندو.

انقلابي جماعت سان تعلق رکڻ وارو هي بہ نٿو چئي سگهي تہ آئون حڪم يا فيصلو ان ڪري ڪونہ مڃيندس جو هي منهنجي سمجهہ ۾ نٿو اچي. يا مونکي هن سان اتفاق نہ آهي. يا هي حڪم منهنجي نزديڪ مصلحت جي خلاف آهي. اجتماعي فيصلن ۽ احڪامن ۾ سڀني جو اتفاق ڪرڻ ضروري ناهي. فيصلو ٿي وڃڻ ڪانپوء اختلاف رکڻ وارن کي بہ فيصلي تي عمل ڪرڻو پوندو. جڏهن تہ غزوه احد ۾ حضور ﷺ جي راء بہ هيء ٿي هئي تہ مديني ۾ رهي ڪري حملہ آور لشڪر جو مقابلو ڪيو وڃي ۽ رئيس المنافقين عبدالله بن ابي جي راء بہ اتفاق سان هي ٿي هئي، خواه هن جي راء جا سبب ڪجهہ بہ هجن. حضور صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي اصحابن رضي الله عنهما جي جوش و جذبي کي ڏسي فيصلو فرمائي ڇڏيو تہ مقابلو کليل ميدان ۾ ٿيندو. هي اجتماعي فيصلو هو لهذا جماعتي انتظام جي تقاضا هيء بيٺي تہ سڀئي هن تي عمل ڪن. مگر عبدالله ابن ابي پاڻ سان گڏ ٽي سؤ ماڻهن کي ساڻ ڪري واپس هليو ويو. هن چيو تہ جڏهن اسانجي ڳالهہ نٿي مڃي وڃي تہ اسين پنهنجن جانين کي ڇو خطري ۾ وجهون.

صحابہ رضي الله عنهما کان جيڪا بيعت ورتي وئي هئي ان ۾ هن فتني جي قطعي ممانعت بہ ڪئي وئي آهي ۽ في المنشط والمڪره جي لفظن کي بيعت ۾ شامل ڪري هي طئہ ڪيو ويو تہ ڪنهن جي طبيعت آماده هجي يا هن کي پنهنجي طبيعت تي ڏاڍ ڪرڻو پوي اجتماعي فيصلو تسليم ڪرڻو پوندو. امير جي اطاعت هر حال ۾ ڪرڻي پوندي-

لفظ "منشط" نشاط مان نڪتو آهي. يعني خوشدلي جي حالت ۾ توهانکي جيڪو حڪم ڏنو ويندو ۽ توهانجي پنهنجي راء بہ جنهن حڪم سان هم آهنگ ٿيندي تہ ظاهر آهي تہ توهان هن حڪم يا فيصلي تي دل جي خوشيء سان عمل ڪندا. جيڪڏهن صورتحال ابتڙ آهي ۽ توهانجي راء مختلف آهي تہ توهانکي پنهنجي طبيعت تي ڏاڍ ڪرڻو

پوندو. انهن ٻنهي حالتن ۾ حڪم يا فيصلو بهرحال مٺو پوندو.

هن حديث مبارڪ ۾ جماعتي زندگي ۾ ظاهر ٿيندڙ هڪ يا تمام وڏي فتني جو سدباب به ڪري ڏنو ويو آهي ۽ اهو فتنو آهي ته جنهن کي امير مقرر ڪيو ويو آهي ڪو شخص هي سمجهي ويهي ته آئون هن امير کان وڌيڪ اهل آهيان. مثلاً هي خيال ڪري ته هي شخص ته اڄا جماعت ۾ڪالهه داخل ٿيو هو- جماعت سان منهنجي وابستگي پراڻي آهي- منهنجون قربانيون وڌيڪ آهن. ليڪن بيعت جي لفظن ۾ هن فتني جو خاتمو هنن لفظن ۾ ڪيو ويو آهي- و علي اثرة علينا (يعني اسان سمع و طاعت جا پابند رهنداسين خواه اسان تي ڪنهن ٻئي کي (اسانجي خيال جي مطابق خوامخواه) ترجيح به ڏني وئي هجي- انهي ڪري پاڻ ﷺ جن هي به ارشاد فرمايو آهي ته:

من اطاعني فقد اطاع الله و من عصاني فقد عصي الله ومن اطاع اميري فقد اطاعني و من عصي اميري فقد عصاني

"جنهن منهنجي اطاعت ڪئي ان الله جي اطاعت ڪئي هن منهنجي اطاعت ڪئي ۽ جنهن منهنجي امير جي نافرماني ڪئي ان منهنجي نافرماني ڪئي" اسين سيرة نبوي ۾ ڏسون ٿا ته آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن غزوه موته ۾ حضرت زيد بن حارثه کي لشڪر جو سردار مقرر ڪيو. جيڪو سندن ﷺ آزاد ڪيل غلام هو- (٢٦) حالانڪ هن لشڪر ۾ حضور جن جا سؤٽ حضرت جعفر بن طالب رضه به هئا جيڪي بنو هاشم خاندان جا چشم و چراغ آهن.

پوءِ غزوه موته جي شهيدن جو انتقام وٺڻ ۽ قيصر روم سان جنگ جي لاءِ پاڻ پنهنجي مبارڪ حياتي جو جيڪو آخري لشڪر رواني ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ان جو سردار حضرت زيد جي پٽ اسامه کي مقرر ڪيو. سندن والد موته جي جنگ ۾ شهيد ٿي ويا. حضرت اسامه رضه جي لشڪر ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضه ۽ حضرت عمر فاروق رضه جهڙا اڪابر صحابه به شامل هئا مگر آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن حضرت اسامه رضه کي لشڪر جو سردار بنائي ڇڏيو. (٢٧) هن عملي

نموني کان علاوه پاڻ هڪ حڪم جي ذريعي به هدايت فرمائي آهي ته جيڪڏهن ڪو ڪن ڪپيل حبشي به توهانجو امير بنائي ڏنو وڃي ته هن جي به اطاعت ڪريو.

هي آهي اهو صاف سڌو جماعت جو انتظام جيڪو اسانکي احاديث نبويه مان ملي ٿو. هن ۾ ڪو مونجهارو شروع کان موجود ٿي نه آهي. جيتوڻيڪ اسان سيرت مطهره ۾ ڏسون ٿا ته غزوه احد جي موقعي تي حضور ﷺ جن جبلن جي وچئين رستي جي پٺيان پنجاهه تير انداز مقرر ڪيا هئا. سندن حڪم هي هو ته ڀلي اسين سڀئي مري وڃون ۽ پکي اسانجو گوشت چنندا ڪائيندا رهن تڏهن به توهان هن جاءِ تان نه چُرجو- ليڪن جڏهن ابتدائي فتح ٿي وئي ته تيراندازن منجهان ۳۵ (پنجٽيهن) پنهنجي جڳه ڇڏي ڏني. مقامي ڪمانڊر آخري وقت تائين انهن کي چوندو رهيو ته توهانکي هتان چُرڻ جي اجازت نه آهي. بهرحال تيزاندازن جي هن غلطيءَ جو نتيجو هي نڪتو جو خالد بن وليد (جيڪو ان وقت تائين مسلمان نه ٿيو هو) پهاڙي کان ڦري جبل جي رستي جي طرف کان آيو ۽ مسلمانن تي پٺيان کان حملو ڪري ڏنو جڏهن ته فتح شڪست ۾ تبديل ٿي وئي ۽ ستر صحابه رضه جن جامِ شهادت پيتو.

هي ان انقلابي دعوت جو ٻيو مرحلو آهي. پهريون مرحلو جرئتمندن جي فراهمي. هي فراهمي دعوت ايمان قرآن جي ذريعي ٿيندي. دعوت قبول ڪرڻ وارن کي ڳنيڍڻو پوندو. سرون جدا جدا نه ٿينديون. پٽ ۾ لڳنديون تڏهن پناهه (چار ديواري) ٺهندي. پوءِ سرون به پختيون هئڻ گهرجن ۽ انهن کي ڳنيڍڻ وارو مصالحو به مضبوط هئڻ گهرجي هي مصالحو يا مضبوط سيمنٽ نظام بيعت آهي جيڪو پاڻ صلي الله عليه وسلم جن ڏنو آهي.

بهرحال جماعت جي انتظام جي ٻين طريقن کي آئون حرام نٿو چوان. ٻيا طريقا به حلال آهن ليڪن سنت ڪيل ۽ اثرائتو طريقو فقط بيعت آهي. هي اسانجي وڏي محرومي آهي ته اسان هن طريقي کي ڇڏي ڪري غيرن جي طريقن کي اڏارو ورتو آهي. بقول شاعر؛

میں نے دیکھا ہے کہ فیشن میں الجھ کر اکثر
تم نے اسلاف کی عزت کے کفن بیچ دیئے
نئی تہذیب کی بے روح بہاروں کے عوض
اپنی تہذیب کے شاداب چمن بیچ دیئے،

اسان "الحمدلله" سنت تيل طريقي ئي کي اختيار ڪيو آهي. البته هن حوالي سان هي ڳالهہ ذهن ۾ رهڻ گهرجي تہ هاڻ حضور صلي الله عليه وسلم کانپوءِ جنهن جي بيعت ٿيندي ان جي اطاعت قطعاً نہ ٿيندي. حضور صلي الله عليه وسلم جي اطاعت البت قطعي آهي. سندن هر حڪم واجب العمل آهي. ان ڪري جو پاڻ ڪوبہ غلط حڪم ڏئي بہ نٿا سگهن. پاڻ ﷺ معصوم هئا ليڪن پاڻ صلي الله عليه وسلم کانپوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي اطاعت بہ قطعاً نہ آهي. هاڻ جنهن جي بہ بيعت ٿيندي "اطاعت في المعروف" جي پابندي سان هوندي. امير جو حڪم جيڪو شريعت جي دائري ۾ هوندو اهو ئي مڃيو ويندو. جيتوڻيڪ اسان تنظيم اسلامي جي دستور ۾ بيعت جو جيڪو نظام رکيو آهي ان ۾ "في المعروف" جو اضافو ڪري بيعت جا الفاظ هن طرح ڪري ڇڏيا آهن. "ابا يعک علي السمع والطاعه في المعروف"- هنن ٻن لفظن کان علاوه باقي بيعت جا الفاظ اهي ئي آهن جيڪي هن حديث مبارڪ ۾ آيا آهن.

اسان انقلابي جدوجهد جي جن ٻن مرحلن جو هيستائين ذڪر ڪيو آهي. علامہ اقبال پنهنجي هڪ شعر ۾ انهن کي خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو آهي.

بانشهء درویشی در ساز و دمادم زن
چوں پختہ شوی خود را برسلطنتِ جم زن

(درويشي جي نشي سان گڏ راهہ پيدا ڪريوءِ مسلسل جدوجهد جاري رکو. جڏهن پڪا پختا ٿي وڃو تڏهن سلطنت جَم (ايران جي هڪ قديم بادشاهت) تي حملو ڪريو. هي دعوت و تبليغ بہ درويشن جو ڪم آهي. ساڳيءَ طرح تربيت و تزڪيہ جو عمل بہ درويشي جو عمل

۴. چوٿون عنصر هي ته هر قسم جي اشتعال ڏيارڻ جي مقابلي ۾ صبر کان ڪم ونو نه مشتعل ٿجو، نه مايوس ٿجو، جو دعوت انقلاب ترڪ ڪري ڇڏيو. نه طاقتور جي سامهون جُهڪجو.

بلڪ هن حد تائين صبر کان ڪم ونو جو ڪير گار به ڏي ته جواب ۾ گار نه ڏيو- ڪير پٿر هڻي ته صبر کان ڪم ونو ۽ هن جي حق ۾ دعا ڪريو ته اي الله هن کي هدايت ڏي- هن لاءِ ته "فانهم لايعلمون" اهي نٿا سمجهن (ته هو ڇا ڪري رهيا آهن) صبر ۾ اهڙو مقام به اچي سگهي ٿو جو توهانجي جسم جا ٽڪرا اڏايا وڃن ليڪن توهانکي هي سيکجهه برداشت ڪرڻو آهي. خواهه ڪيترو به تشدد ڪيو وڃي پر توهان جي طرف کان ڪابه جوابي ڪارروائي نه ٿيڻ گهرجي. سيرة مطهره ۾ اسين ڏسون ٿا ته مڪي ۾ ٻارهن سالن تائين هيءُ ئي عمل جاري رهيو. حضرت سيمه رضه ۽ حضرت ياسر رضه کي شهيد به ڪيو ويو ليڪن ڪا جوابي ڪارروائي نه ڪئي وئي. حالانڪ ان وقت مڪي مڪرم ۾ چاليهه صحابه موجود هئا ۽ هيءُ به تسليم شده حقيقت آهي ته هو بزدل نه هئا. پوءِ بدلو نه وٺڻ جو سبب ڪهڙو هو؟ ابوجهل جو هٿ ڇو نه روڪيو ويو؟ فقط ان لاءِ ته حضور صلي الله عليه وسلم جي طرف کان طاقت جي استعمال جي اجازت نه هئي. حڪم هي هو ته کفوا ايديکم" "پنهنجا هٿ روڪي ڇڏيو" بقول اقبال:

نغمه ہے بلبل شوریده ترا خام ابهی
اپنے سینے میں اسے اور ذرا تهام ابهی

في الحال هٿ کڻڻ جي اجازت نه آهي. وقت اچڻ تي توهان جا هٿ کوليا ويندا. هن مرحلي جي اچڻ کان پهرين پنهنجي اندر سر تسليم خم ڪرڻ جي خود پاڻ کي پروان چڙهائڻو پوندو. هي چار ڪم اهي آهن جن کي علامه اقبال "بانشه درويشي درساز و دما دم زن" ۾ سمائي ڇڏيو آهي. انهن چئن مرحلن مان گذرڻ کانپوءِ اهو مرحلو ايندو جو جنهن کي علامه اقبال «چوں پخته شوی خود را بر سلطنت جم زن» سان تعبير ڪيو آهي.

(درويشي جي نشي سان رستو پيدا ڪريو ۽ مسلسل جدوجهد جاري رکو. (پو) جڏهن پختا ٿي وڃو تہ پاڻ کي سلطنت جم سان ٽڪرايو-)

نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي مڪي زندگي جي ۱۲ سالن وارو دور هن شعر جي پهرين مصرع جي تشريح بنجي سگهي ٿو. ڏسو! هن دور ۾ دعوت و تبليغ جو ڪم مسلسل جاري آهي. هن دعوت جي عمل جي دوران گارين جي جواب ۾ دعائون ڏنيون پيون وڃن ۽ پٿرن جي جواب ۾ گل وسايا پيا وڃن. مڪي دور ۾ ڪنهن جوابي ڪارروائي جو سراغ نٿو ملي. هن سان گڏوگڏ تزڪيہ جو عمل بہ جاري آهي. ڏينهن جيڪڏهن تبليغ و دعوت جي لاءِ وقف آهي تہ راتيون الله جي حضور بيهي گذاريون وڃن پيون. سوره مزمل ۾ آهي.

(إن ربک يعلم انک تقوم ادنيٰ من ثلثي الليل ونصفه وثلثه وطائفة من الذين معک)

” يقيناً اوهان جو رب ڄاڻي ٿو تہ اوهان ۽ اوهان سان گڏ جيڪي ماڻهو آهن انهن منجهان بہ هڪ ٽولو (ڪڏهن) بہ ٻاگي ٽيون حصو رات (ڪڏهن) اڌ رات ۽ ڪڏهن) هڪ ٻاگي ٽيون حصو رات نماز تهجد جي لاءِ بيهي وڃو ٿا.“

پوءِ دعوت ۽ تزڪيہ جي هن عمل مان گذري جڏهن اهل حق پڪا پختا ٿي وڃن ٿا تہ الله تعاليٰ مدينہ منوره جو "Base" عطا فرمائي ٿو. نبي صلي الله عليه وسلم تہ هن Base جي تلاش ۾ طائف تشريف فرمائي روانہ ٿيا هئا مگر طائف کان پاڻ ناڪام موٽيا. طائف ۾ پاڻ ﷺ تي پٿراءُ ڪيو ويو. جسم اطهر رتو ڇاڻ ٿي ويو. اهڙا اهڙا فقرا ۽ جملا ٻڌڻ لاءِ مليا جيڪي تيرن وانگر جگر پارڪندڙ هئا. جيتوڻيڪ طائف وارا تہ محروم رهيا. مگر الله تعاليٰ هي سعادت اهل يثرب (يثرب وارن لاءِ) لکي ڇڏي. اهو مدينو جتي پاڻ ﷺ خود تشريف فرمائي بہ نہ ويا هئا اتي الله تعاليٰ جي طرف کان هڪ دري کلي وئي. ماڻهو خود هلي آيا. پهرئين

سال ڇهه، ٻئي سال ٻارهن۽ ٽئين سال ٻاهتر ماڻهو آيا. انهن ۾ ٧٠ مرد ۽ ٢ عورتون هيون. هن ڪانپوءِ هجرت جو سلسلو شروع ٿيو ۽ هجرت ڪانپوءِ فساد ۽ پاڻ ۾ ٽڪرڻ جو آغاز ٿيو. هجرت ۽ تصادم جو هي مرحلو سيرة مطهره ۾ مضبوطيءَ ڪانپوءِ آيو. انقلاب برپا ڪندڙ ماڻهو خود پختہ سيرت ۽ ڪردار جا مالڪ هئڻ گهرجن. هو صداقت ۽ امانت جا پيڪر (صورتون) هجن جڻ پنهنجي ذات تي نظام خلافت قائم ڪري چڪا هجن. هي ڀهريون مرحلو هوندو- بقول اڪبر الله آبادي مرحوم؛

تو خاک میں مل اور آگ میں جل جب خشت بنے تب کام چلے
ان خام دلوں کے عنصر پر بنیاد نہ رکھ تعمیر نہ کر

ان ڪانپوءِ ٻيو مرحلو هي آهي تہ منظم ٿي هڪ امير جي حڪم تي چرپر ڪن. وڏن جو حڪم هجي تہ وڏن. رُڪجڻ جو حڪم ملي تہ اتي ئي رڪجي وڃن. ان ڪانپوءِ وڃي ڪٿي پاڻ ۾ ٽڪرجڻ جو مرحلو اچي ٿو.

ٻہ طرفو انقلابي جدوجهد جو اڳيون مرحلو تصادم آهي. حضور صلي الله عليه وسلم جي سيرت طيبہ ۾ هي ٻہ طرفو مرحلو هٿيارن سان جنگ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. هن مرحلي جو آغاز هجرت ڪانپوءِ نبي صلي الله عليه وسلم جي طرف ڪان ٿيو. مڪي وارن جي طرف ڪان نہ ٿيو هو. جڏهن تہ هن مرحلي ۾ مسلح جنگ ٿي سورة توبه جي آيت جو ذڪر ڀهرين ٻہ اچي چڪو آهي. جنهن ۾ واضح ڪيو ويو آهي تہ؛

(ان الله اشتري من المومنين انفسهم و اموالهم بان لهم الجنه، يقاتلون في سبيل الله فيقتلون و يقتلون)

"الله ايمان وارن ڪان انهن جون جانيون ۽ مال جنت جي بدلي خريد ڪيا آهن. هو الله جي رستي ۾ جنگ ڪن ٿا تہ قتل ٻہ ڪن ٿا ۽ قتل ٻہ ٿين ٿا-"

هي جڻ ٻہ طرفو مسلح تصادم (هٿيارن سان ٽڪراء) آهي. جنهن ۾ قتل ڪيا ٻہ ۽ قتل ٿيا ٻہ. اسان سيرت طيبہ ۾ ڏسون ٿا تہ بدر جي

جنگ ۾ ستر قريشي ماريا ويا جيڪي مديني ويندي شهيد ٿي ويا. تنهن هوندي بہ غزوه احد ۾معاملو بلڪل ابتڙ ٿي ويو. هن غزوه ۾ ستر صحابہ رضہ شهيد ٿي ويا.

## موجوده دور ۾ تصادم جو مرحلو

هاڻ اسانکي غور ڪرڻو آهي تہ موجوده دور ۾ تصادم جو هي مرحلو ڪيئن ايندو. جيستائين پهرئين مرحلي جو تعلق آهي تہ هن کي ڪنهن تبديلي جي بغير ڪٽي هلڻو آهي ڪنهن تبديلي ۽ فرق جي بلڪل ضرورت نہ آهي. اهو مرحلو هي آهي تہ قرآن پڙهو ۽ پڙهايو. قرآن جي دعوت کي عام ڪريو. قرآن جي ذريعي ايمان حاصل ڪريو ۽ هن کي دل و دماغ ۾ خوب چڱي طرح داخل ڪريو.

ٻيو مرحلو تنظيم جو آهي. هن مرحلي ۾ فقط ايترو فرق نمودار ٿي ويندو امير جي اطاعت فقط "معروف" (نيڪي) ۾ هوندي، ان ڪري بيعت ۾ سمع وطاعت سان گڏ "في المعروف" جي لفظن جو اضافو ڪري ڏنو ويندو.

البت ٽئين مرحلي کي اسين جيئن جو تيئن نٿا وٺي سگهون. ان ڪري جو هن مرحلي ۾ هڪ تمام وڏي تبديلي نمودار ٿي چڪي آهي ۽ هن تبديلي جي تقاضا هيءَ آهي تہ اجتهاد کان ڪم ورتو وڃي.

## نبي صلي الله عليه وسلم جي دور ۽ اڄ جي حالات ۾ فرق

نبي صلي الله عليه وسلم جي وقت جي حالات ۽ اڄ جي حالات ۾ زمين و آسمان جو فرق ظاهر ٿي ويو آهي. وقت جي درياء ۾ تمام گهڻو پاڻي وهي چڪو آهي. حضور صلي الله عليه وسلم جن ٦٢٢ع ۾مديني ڏانهن هجرت فرمائي. هن لحاظ کان هينئر ١٣٧١ سال گذري چڪا آهن (خطبي جي وقت تائين) جڏهن تہ حضور صلي الله عليه وسلم ۽ اڄ جي حالات ۾ جيڪو فرق نمودار ٿي ويو آهي ان جو دريافت ڪرڻ ضروري آهي جيڪڏهن حالات زمانو گذري وڃڻ جي باوجود جيئن جو تيئن رهن

تہ اجتهاد جي کھڙي ضرورت هئي. اهڙي صورت ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جي ڏسيل راھ جي پيروي جيئن جو تيئن ڪرڻي هوندي.

بهرحال مون جيستائين غور ڪيو آهي هن وقت جي حالات ۾ ٻہ تبديليون تہ منفي نوعيت جون آهن. جڏهن تہ هڪ تبديلي مثبت اعتبار سان نمودار ٿي آهي. هنن ٻنهي قسمن جي تبديلين مان هڪ نتيجو نڪري ٿو جنهن جو ذڪر آئون پوءِ ڪندس.

هڪ منفي تبديلي تہ هيءَ ٿي تہ حضور صلي الله عليه وسلم ۽ سندن ساٿين جو واسطو ڪليو ڪافرن سان هو. جڏهن تہ اڄ اسلامي تحريڪن جو رستو روڪڻ وارا ڪي ٻيا نہ خود مسلمان آهن (٢٩) نظام خلافت جي برپا ٿيڻ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ ئي مسلمان آهن. مصر ۾حسني مبارڪ مصري مسلمانن سان، شام ۾ حافظ الاسد اخوان سان، ساڳيءَ طرح الجزائر ۾ مسلمان فوجي اسلامي تحريڪ سان جيڪي ڪجھہ ڪري رهيا آهن سو سيني جي سامهون آهي. اسانجي پنهنجي ملڪ نظام مصطفيٰ جي تحريڪ تي گوليون هلائڻ وارا بہ مسلمان ئي هئا. جڻ حالات ۾ هيءَ تمام وڏي تبديلي نمودار ٿي چڪي آهي. اڄ نظام خلافت ڪي برپا ڪرڻ جي لاءِ پهرين هنن نام نهاد مسلمانن سان ٽڪر کائڻو پوندو. ان کانپوءِ ڪٿي هلي معاملو ڪافرن سان ٿيندو.

حضور صلي اللهعليه وسلم جي عهد مبارڪ ۽ اسان جي دور ۾ هڪ ٻي تبديلي هي ظاهر ٿي وئي آهي تہ سندن عهد مبارڪ ۾ ڪا باقاعده حڪومت ۽ Standing Army نہ هئي جڻ مقابلو انسانن جو انسانن سان هو. تلوارن جو تلوارن سان تيرن جو تيرن سان گھوڙن جو گھوڙن سان ۽ اٺن جو اٺن سان هو. جيڪڏهن ڪو فرق هو تہ تعداد جو هو. اوهان تعداد جي فرق سان گڏوگڏ هٿيارن جي فرق کي بہ نظر ۾ رکو تہ بہ زياده کان زياده هڪ ۽ سؤ جي نسبت ٻنجندي هن کان وڌيڪ نٿي ٿي سگھي. اڄ معاملو ئي ڪجھہ ٻيو ٿي ويو آهي. هن وقت جيڪي نظام سرمائيدارنہ، جاگيردارانہ ۽ بادشاهت تي مبني موجود آهن، انهن نظامن

جي هلائڻ وارن جا مفادات انهن سان وابستہ آهن. هو انهن نظامن مان بي انداز مراعات حاصل ڪري رهيا آهن. هنن جي مراعات ۽ مفادات جي تحفظ جي لاءِ هنن وٽ مستقل افواج Standing Armies موجود آهن. هي مستقل فوجون، پيرا ملٽري فورس، پوليس ۽ ايئرفورس تي مشتمل آهن. برسر اقتدار مفاد پرست طبقا باغين کي ڪچلڻ جي لاءِ ايئرفورس جي استعمال کان بہ افسوس نٿا ڪن. خود اسانجي ملڪ جي اندر بلوچستان ۾ ايئرفورس استعمال ٿي چڪي آهي. اهڙي طرح حافظ الاسد ايئرفورس جي ذريعي "حمص" جي شهر کي تباهہ و برباد ڪري ڇڏيو هو جيڪو الاخوان المسلمون جو مرڪز بڻجي ويو هو. لهذا انهن ٻن منفي تبديلين جي سبب کان مقابلو انتهائي غير يڪسان (غير برابري وارو) ٿي ويو.

تنهن هوندي بہ هنن ٻن منفي تبديلين کان سواءِ هڪ مثبت تبديلي بہ ٿي آهي. اها مثبت تبديلي هيءَ آهي تہ رسالت مآب صلي الله عليه وسلم جن کان هڪ هزار سال پوءِ تائين بہ انسان جو عمراني شعور هن سطح تائين نہ پهتو هو جو هو رياست ۽ حڪومت ۾ فرق ڪري سگهي. اڄ انسان جو عمراني شعور ايستائين پهچي چڪو آهي جو هُو رياست کي جدا شيءِ سمجهي ٿو ۽ حڪومت کي رياست جو محض هڪ عنصر مڃڻ جو آهي. حڪومت دراصل رياستي ڪمن کي هلائڻ جو هڪ ادارو آهي. شهرين جي وفاداري رياست سان گڏ وابستہ آهي نہ ڪِ حڪومت سان گڏ. بلڪ حڪومت کي تبديل ڪرڻ شهرين جو حق آهي. هي هڪ عظيم فرق آهي. هن فرق جا اثرات و نتائج چڱي طرح دريافت ڪرڻ ضروري آهن.

عمراني ارتقاء سان پيدا ٿيڻ واري هن فرق کي جيڪڏهن سامهون رکيو وڃي تہ هاڻ مسلح تصادم جي مرحلي جو متبادل بہ موجود آهي. آئون مسلح بغاوت (يعني فتني) کي حرام هرگز نٿو سمجهان. امام ابو حنيفہ رح جي فتويٰ موجود آهي تہ هي جائز آهي. هونئن تہ پاڻ هن جي لاءِ ڪڙا شرط عائد ڪيا آهن. سندن چوڻ هي آهي تہ طاقت ايتري ٿي

وڃي جو ڪاميابي يقيني نظر اچڻ لڳي. موجوده حالات مطابق سندن هي شرط پورو ٿيڻ مشڪل آهي. تنهن هوندي بہ جيڪڏهن هي شرط پورو ٿي وڃي تہ پوءِ مسلح بغاوت جائز آهي. مختلف ملڪن جي حالات ۾ بہ فرق هوندو آهي. مثال ڪنهن پهاڙي ملڪ ۾ گوريلا جنگ ڪامياب ٿي سگهي ٿي. ليڪن اسانجي ملڪ جا حالات هن طرح جي گوريلا جنگ جي برداشت ڪرڻ وارا نہ آهن. پاڪستان جي حوالي سان هي شي اڻڪل اڻ ٿيڻي. جڻ اصولي طور مسلح بغاوت حرام نہ هئڻ جي باوجود عملي طور قابل عمل (Feasible) نہ آهي.

## حڪومت تبديل ڪرڻ جا بہ رستا

هن وقت دنيا ۾ حڪومت تبديل ڪرڻ جا بہ رستا آهن. هڪ رستو انتخابات جو آهي. جيتوڻيڪ اوهان ووٽ جي طاقت سان حڪومت تبديل ڪري سگهو ٿا. هن جي حوالي سان اسان تفصيلي بحث ڪري چڪا آهيون تہ هن ذريعي سان چهرا (مُنهن) تبديل ڪري سگهجن ٿا. نظام هرگز نٿو بدلائي سگهجي جڏهن تہ اسانکي مُنهن نہ نظام بدلڻ جي ضرورت آهي. انتخابات جي انعقاد جو مقصد ئي هي هوندو آهي تہ موجود الوقت نظام ڪنهن طرح زياده بهتر نموني ۾ هلايو وڃي.

ٻيو طريقو ايجي ٽيشن (وڪوڙ يا تڪرار) جو آهي. هن طريقي سان ڪاميابي تڏهن ممڪن آهي جو تياري مڪمل هجي. جيڪڏهن لکين ماڻهو سر تي ڪفن ٻڌي نڪرڻ تي تيار هجن تہ ڪاميابي يقيني آهي. هن کي اسين مظاهراتي طريقو بہ چئي سگهون ٿا. هڪ مظاهرو تہ اهو آهي جنهن کي اسين "خاموش مظاهرو" چئون ٿا. هي دراصل اسانجي دعوت و تبليغ ئي جو هڪ طريقو آهي. تنهن هوندي بہ نظام بدلڻ جي لاءِ جيڪو مظاهرو هوندو آهي ان جي ذريعي تہ باطل نظام کي چئلينج ڪيو وڃي ٿو. هي مظاهرو گهيراءُ سان گڏ هوندو تہ هن نظام کي هاڻ هلڻ نہ ڏيندا سين. "ترڪ موالات" (ترڪ باهمي اتحاد) جي تحريڪ بہ

هن ئي جو هڪ حصو هوندي. يعني هاڻ اسان نظام باطل کي ٽيڪس نہ ڏينداسين. بينڪن کي هلڻ نہ ڏينداسين ۽ جاگيردارن کي انهن جو حصو نہ ڏينداسن.

ڪا انقلابي تحريڪ جڏهن هن مرحلي ۾ داخل ٿي ويندي تہ ان جو نتيجو هي نڪرندو تہ باطل نظام هن جي رستي ۾ رڪاوٽ هوندو. هاڻ هن جماعت جي ڪارڪنن تي گوليون وسايون وينديون ۽ هنن کي جيلن ۾ ڌڪيو ويندو. ليڪن هي سمورو تشدد هڪ طرفو هوندو ٻہ طرفو نہ. جڏهن تہ سيرت نبوي ﷺ ۾ هيء جنگ ٻہ طرفو هئي ليڪن هتي اسلامي انقلابي تحريڪ جا ڪارڪن ڪنهن کي قتل نہ ڪندا پر خود قتل ٿيڻ جي لاء تيار ٿي ميدان ۾ ايندا.

## نظام جي تبديليء جي لاء خون (رت)

هيء ڳالهہ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا چئي وئي چڪي آهي تہ رائج الوقت نظام رت ڏيڻ بنا نٿو بدلجي. جيڪڏهن ڪير هي سمجهي ويٺو آهي تہ دين بہ غالب ٿي وڃي ۽ رت جو هڪ ڦڙو بہ نہ وهي تہ هي محض اجايو خيال آهي. جيڪڏهن هي ڪم رت ڏيڻ بنا ٿي سگهي تہ نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم هن جي لاء ڪيترا سؤ صحابہ رضہ جي جانين جو نذرانو پيش نہ ڪن ها. جڏهن تہ اسانجو يقين هي آهي تہ هڪ ادني کان ادني صحابي رضہ جي جان اسان جهڙن لکين انسانن جي جان کان وڌيڪ قيمتي آهي. پاڻ صلي الله عليہ وسلم جن حضرت حمزه رضہ ۽ حضرت مصعب بن عمير رضہ جهڙن رفيقن جون قربانيون ڏنيون آهن. حضرت حمزه رضہ کي پاڻ صہ "اسد الله واسد رسوله" جو خطاب فرمايو ۽ حضرت مصعب بن عمير رضہ مديني ۾ پهچڻ وارا پهريان معلم قرآن آهن. سندن ئي محنت سان مديني ۾ انقلاب جي لاء زمين هموار ٿي هئي.

## نهي عن المنڪر جا ٽي درجا

هاڻ آئون توهان جي سامهون نهي عن المنڪر جي حوالي سان بہ

احاديث مبارڪ پيش ڪري رهيو آهيان. هڪ حديث تہ اها ئي آهي جيڪا مون خطبي جي شروع ۾ پڙهي هئي. هي حديث حضرت ابو سعيد خدري رضہ کان مروي آهي. صحيح مسلم شريف جي روايت آهي تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو.

من رأي منكم منكرا فليغيره بيده، فان لم يستطع فبلسانه، فان لم يستطع فبقلبه، وذالک اضعف الايمان

"توهان منجهان جيڪو بہ ڪنهن برائي کي ڏسي تہ هن تي لازم آهي تہ هو ان کي پنهنجي هٿ (يعني طاقت) سان مِٽائي ڇڏي ۽ جيڪڏهن هو ان جي همت نہ ٿو رکي تہ پنهنجي زبان سان (هن کي برو چوي ۽) هن کي مِٽائڻ جي ڪوشش ڪري ۽ جيڪڏهن ان جي بہ همت نٿو رکي تہ هن کي دل سان برو سمجهي، ۽ هي ايمان جو سڀ کان ڪمزور درجو آهي."

چڱ جيڪڏهن برائي کان دلي نفرت بہ نہ آهي ۽ هن جي بدلڻ جو دل ۾ ارادو بہ نہ آهي تہ پوءِ اهڙي شخص جي دل ۾ ايمان ئي نہ آهي.

هن حديث مبارڪ جي روشني ۾ اسين چئي سگهون ٿا تہ جستائين طاقت نہ آهي "نهي عن المنكر باللسان" جو فرض ادا ڪندو رهجي. جيتوڻيڪ اسان زبان سان چوندا رهنداسين تہ هي حرام آهي هي جاگيرداري، هي وياجي نظام جائز نہ آهي وغيره وغيره. جڏهن طاقت حاصل ٿي ويندي تڏهن باطل نظام کي ميدان ۾ چئلينج ڪيو ويندو "يعني نهي عن المنكر باليد"

هيءُ ئي مضمون هڪ ٻي حديث مبارڪ ۾ وڌيڪ واضح ٿي آيو آهي. هن جو راوي حضرت عبدالله بن مسعود رضہ آهن ۽ هي بہ صحيح مسلم شريف جي روايت آهي:

مامن نبي بعثه الله في امة قبلي الاكان له في امته حواريون واصحاب يا خذون بسنته ويقتدون بامره، ثم انما تخلف بعدهم خلوف يقولون مالا يفعلون ويفعلون مالا يومرون، فمن جا هدهم بيده فهو مومن، ومن جا هد هم بلسانه فهو مومن، و من جا هدهم بقلبه فَهُوَ مومن، وليس وراء ذالک من الايمان حبة خردل

> "مون کان پھرين الله تعاليٰ جنھن نبي کي بہ کنھن امت ۾ کڻايو تہ ھن جي امت منجھہ ھن جا اهڙا وفادار ۽ دوست هوندا هئا جن پنھنجي نبي ﷺ جي سنت کي مضبوط ٿي پکڙيو ۽ ھن جي حکم جي اطاعت تي کيائون وري انھن کانپوءِ ھن جا اهڙا نالائق جا نشين ٿي آيا جن جو حال ھي ھو تہ جيکي چيائون ٿي ان تي عمل نٿي کيائون ۽ اهو کم ٿي کيائون جن جو ھن کي حکم نٿي ڏنو ويو تہ اهڙن ماڻھن سان جيکو شخص ھٿن (قوت و طاقت) سان جهاد کري اھو مومن آھي ۽ جيکو شخص انھن سان زبان سان جهاد کري اھو مومن آھي ۽ جيکو شخص انھن ساندل سان جهاد کري (يعني دل ۾ ڪڙهي) اھو بہ مومن آھي ۽ ان کانپوءِ تہ رائي جي داڻي جي برابر بہ ايمان نہ آھي."

ھي ھڪ وڏي جامع حديث آھي. امتين جي زوال جو سمورو فلسفو ھن ۾ موجود آھي. ان ڪري جو قول ۽ فعل جو تضاد ئي امتين کي زوال سان ملائي ٿو.

جھڙوڪ اڄ اسان جو حال ٿي ويو آھي جو اسين دعويٰ ڪريون ٿا عشق رسول ﷺ جي ليڪن اتباع رسول ﷺ کان مکمل فرار آھي. البت بدعتن ۽ فضول ڳالھين جو ھڪ دفتر ۽ ڪتاب آھي جنھن کي دين بنائي رکيو ويو آھي.

## نظام خلافت قائم ڪرڻ جي جدوجهد فرض حقيقي آهي

انقلابي جدوجهد جي سيني مرحلن ڪي بيان ڪرڻ ڪانپوءِ مونکي ٻہ ڳالهيون وڌيڪ چوڻيون آهن. پهرين ڳالهہ هيءَ تہ نظام خلافت قائم ڪرڻجي جدوجهد هر مسلمان جي لاءِ فرض عين (حقيقي) آهي. هي عين هن جي ايمان جي تقاضا آهي نہ تہ مذڪوره مٿين حديث جي مطابق هو قول و فعل جي تضاد جو جرم ڪندڙ ٿي رهيو آهي جو دعويٰ تہ ڪري ٿو الله تي ايمان جي مگر الله جو دين مِتجندي ڏسي ٿو ۽ پنهنجي ڪاروبار کي چمڪائڻ ۾ مشغول آهي. هن وقت دين جيتري قدر مغلوب آهي ان جو توهان تصور بہ نٿا ڪري سگهو. بقول مولانا الطاف حسين حالي:

پستی کا کوئی حد سے گزرنا دیکھے
اسلام کا گرکر نہ ابھرنا دیکھے
مانے نہ کبھی کہ مد ہے ہر جزر کے بعد
دریا کا ہمارے جو اترنا دیکھے

مولانا حالي بحضور ختم المرسلين صلي الله عليه ۾ مناجات (دعا) عرض ڪئي آهي:

اے خاصہء خاصان رسل وقت دعا ہے
امت پہ تری آکے عجب وقت پڑا ہے
جو دین بڑی شان سے نکلا تھا وطن سے
پردیس میں وہ آج غریب الغربا ہے۔

هڪ طرف دين جي هيناهين جي هيءَ حالت آهي، ٻئي طرف اسانجي بي غيرتي ۽ بيشرمي جي ڪيفيت هيءَ آهي تہ بس پنهنجي ڪاروبار، پنهنجي جائداد ۽ پنهنجن معاملات ۾ جڪڙيا پيا آهيون. اسانکي فڪر آهي تہ پنهنجي ڪارن جي ماڊل جي ۽ پنهنجي ٽيليويزن جي اسڪرين جي سائز (ماپ) جي۔

دين جي غلبي جي جدوجهد کي فرض عين قرار ڏيڻ جي سلسلي ۾ هڪ ٻئي نڪتي جو اضافو ڪندس ۽ اهو هي آهي تہ جتي مسلمان اڪثريت ۾ آهن فقط اتي دين جي غلبي جي جدوجهد ڪري. جيڪڏهن

الله تعاليٰ ساڍا نوسؤ سالن جي زندگي ڏي تہ هِن سڄي زندگي ۾ هي ئي ڪم ڪندو رهي. هيءُ ڪم تڏهن بہ ڪرڻو آهي جڏهن ڪو شخص مڃي ۽ تڏهن بہ ڪرڻو آهي جڏهن ڪو شخص نہ مڃي. قرآن اسانجي سامهون حضرت نوح عليه السلام جو مثال رکيو آهي. اهو الله جو بندو ساڍا نو سؤ سال استقامت جو پهاڙ بڻجي بيٺو رهيو آهي مگر هن ڏکي محنت سان ڪيترن ماڻهن ايمان آندو؟ پوءِ جيڪڏهن اهو ڪم ڇڏي ويهي رهي ها تہ ناڪام قرار ڏنو وڃي ها مگر هو ڪم ڪندو رهيو. قوم نہ مڃيو تہ قوم ناڪام ٿئي ٿي ۽ پنهنجو فرض ادا ڪرڻ جي سبب کان هو خود ڪامياب رهيو.

سيرت مطهره جي مطالعي سان هي ڳالهہ واضح آهي تہ ڪٿي جيڪڏهن هڪ مسلمان بہ آهي تہ هن تي بہ دعوت دين ۽ اقامت دين فرض آهي. پاڻ صلي الله عليه وسلم جن جڏهن ڪم جو آغاز ڪيو تہ پاڻ اڪيلا هئا. اسان جي لاءِ اسوهٔ ڪاملہ حضور صلي الله عليه وسلم آهن، ان لاءِ تہ قرآن ڪريم فرمايو آهي؛

(لقد كان لكم في رسول الله اسوة حسنه) البتہ هڪ ڳالهہ ضرور ياد رکڻ گهرجي تہ پاڻ ﷺ جيڪو ڪم ويهن سالن جي مختصر عرصي ۾ انجام ڏنو هاڻ شايد اهو ڪيترن ئي سو ورهين ۾ مڪمل ٿئي.

جڏهن تہ ڏسو، هي ڪم برصغير پاڪ و هند ۾ اٽڪل چار سؤ سالن کان انجام ڏنو پيو وڃي. ڪم جو آغاز حضرت مجدد الف ثاني رحمة الله کان ٿيو. جنهن کانپوءِ دعوت قرآني امام الهند حضرت شاهہ ولي الله رحہ شروع ڪئي. پوءِ گذريل صدي ۾ جهاد و جنگ جو نمونو سيد احمد شهيد بريلوي رح ۽ حضرت شاهہ اسماعيل شهيد رح جن ڏيکاريو. هي سمورو ڪم درجي بدرجي هڪ نڪتي ڏانهن وڌي رهيو آهي. هي ڳالهہ آئون ڪيترائي ڀيرا چئي چڪو آهيان تہ الله جي مرضي ۾ هن خطي جي خاص اهميت ضرور آهي. ان ڪري تہ هڪ هزار سالن تائين سيئي مجدد دين (دين جا بزرگ) دنيا جي عرب قوم ۾ پيدا ٿيا مگر جيئن ئي الف ثاني (سنہ هجري جو ٻيو هزار) جو آغاز ٿيو تہ مجدد

ديت جو سلسلو هندوستان ۾ شروع ٿي ويو. يارهين صدي جا مجدد شيخ احمد سرهندي رحه آهن جن جي باري ۾ علامه اقبال مرحوم چيو هو:

حاضر ہوا میں شیخ مجدد کی لحد پر
وہ خاک کہ ہے زیر فلک مطلع انوار
گردن نہ جھکی جس کی جہانگیر کے آگے
جس کے نفس گرم سے ہے گرمئی احرار
وہ ہند میں سرمایہ ملت کا نگہبان
اللہ نے بروقت کیا جس کو خبردار

حضرت مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي رحه کانپوءِ، حضرت شاه ولي الله رحه پيدا ٿيا جيڪي ٻارهين صدي جا مجدد آهن. حضرت شاه صاحب حقيقت ۾ مجدد علوم اسلامي هئا. سندن سڀ کان وڏو ڪارنامو هي آهي ته انهن ملت مسلمه کي وري قرآن ڏانهن متوجه ڪيو. جڏهن ته قرآن کان بي پرواهي هن حد کي پهچي چڪي هئي جو هن کي فقط ثواب حاصل ڪرڻ جو ذريعو سمجهي ڇڏيو ويو هو. هي حضرت شاه ئي جي تحريڪ جو اثر آهي جو گذريل ٽن سؤ سالن ۾ قرآن حڪيم تي سڀ کان وڌيڪ علمي و فڪري ڪم برعظيم پاڪ هند ۾ ئي ٿيو آهي. باقي سڄي دنيا ۾ هن جو ڪو مثال ڪونهي.

مون هي به عرض ڪيو هو ته نظام خلافت جو قيام ۽ اقامت دين جو ڪم درجي بدرجي ٿيندو جڏهن ته ڏسو هن وقت ويهين صديءَ ۾ هي ڪم ڀرپور ۽ جامع تحريڪ جي شڪل اختيار ڪري چڪو آهي. هاڻ هن صديءَ جي ٽئين نسل ۾ هي ڪم ٿي رهيو آهي ۽ ڪم کي هن منزل تائين پهچائڻ ۾ تمام گهڻن ماڻهن جي محنت شامل آهي. اڄ کان اناسي ورهيه اڳ مولانا ابوالڪلام آزاد رحه ١٩١٢ع ۾ حڪومت الاهيه جونعرو ڪٿي هن ملڪ ۾ بيهي رهيو هو. هن بيعت ئي جي بنياد تي حزب الله قائم ڪئي هئي. الهلال ۽ البلاغ جي ذريعي دعوت رجوع اِلي القرآن جو شور وَغل بلند ڪري ڏنو هو. ان کان علاوه نوجوان مبلغين قرآن پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڪلڪتي ۾ دار الارشاد جي نالي سان هڪ

ادارو بہ قائم ڪيو هو تہ جيئن قرآن جي فڪر کي عام ڪري سگهجي. جڏهن برعظيم پاڪستان و هند ۾ بہ هي جدوجهد گهٽ ۾ گهٽ اسي (۸۰) سال پراڻي تي ڪري هاڻ ٽئين نسل ۾ داخل ٿي چڪي آهي. جيڪو ڪم رسول الله صلي الله عليه وسلم جن هڪ (Life Span) (زندگي جي ٿوري مدت) ۾ ڪري ڇڏيو هو اهو هاڻ جيڪڏهن ٽن ٽن چئن نسلن ۾ مڪمل ٿي وڃي تڏهن بہ هي تمام وڏي ڪاميابي آهي. مولانا ابوالڪلام آزاد جنهن ڪم جو آغاز ۱۹۱۲ع ۾ ڪيو هو اهو هن کي جاري نہ رکي سگهيو ان جي هن بد دلي جا ڪيترائي سبب هئا انهن مان هڪ وڏو سبب قدامت پسند (قديم رسم و رواج جا پيروي ڪندڙ) علماء جو اختلاف بہ هو- (۳۰)

مولانا ابوالڪلام آزاد مرحوم جنهن ڪم کي ڇڏي ڏنو هو ان جو بيڙو بيهر مولانا ابوالاعليٰ مودودي کنيو. مولانا آزاد مرحوم حزب الله قائم ڪئي هئي جڏهن تہ مولانا مودودي مرحوم جماعت اسلامي جو بنياد رکيو. اگر چہ هن کان هي ڪوتاهي ٿي وئي تہ هن ان جو بنياد نظام بيعت تي نہ رکيو. مولانا آزاد هڪ ادارو " دار الارشاد" جي نالي سان قائم ڪيو هو جڏهن تہ مولانا مودودي مرحوم علامہ اقبال جي هڪ عقيدتمند جي ذريعي دارالاسلام ٺاهيو هو. مولانا ابوالڪلام آزاد پنهنجي ڪم کي ست اٺ سال ئي جاري رکي سگهيو جڏهن تہ مولانا مودودي مرحوم بہ جماعت اسلامي قائم ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي اصولي انقلابي طريقہ ڪار تي ست، اٺ سال ئي ڪاربند رهي سگهيو ۽ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ جماعت اسلامي کي انتخابي سياست ۾ اٽڪايو ويو. هن طرح هوءَ هڪ اصولي اسلامي انقلابي تحريڪ جي بدران محض هڪ قومي سياسي جماعت بنجي رهجي وئي ۽ انتخابي سياست جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي وڃڻ کانپوءِ جماعت اسلامي جو انقلابي ڪردار ختم ٿي رهجي ويو.

## اسانجو ڪم

جتان ڪان مولانا مودودي مرحوم ڪم کي ڇڏيو هو، هاڻ ٽئين نسل ۾، اتان ڪان مون هن ڪم جو آغاز ڪيو آهي. مون پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو وقت دعوت قرآني کي عام ڪرڻ ۾ لڳايو آهي. جڻ ته اها ئي دعوت رجوع الي القرآن آهي، نوجوانن ۾ قرآن جي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن ئي ڪم جي لاءِ انجمن خدام القرآن جو قيام عمل ۾ آيو. هن انجمن جي تحت متعدد قرآن اڪيڊمين ۾ ٻن سالن ۽ هڪ سال نصابن جي ذريعي اهڙا نوجوان تيار ڪيا ويا جو هن قراني فڪر کي عام ڪري سگهن. هن ڪانسواءِ انجمن خدام القرآن جي زير اهتمام قرآن ڪانفرنسون قرآني تربيت گاهون ۽ محاضرات قرآني (قرآن جي تعليم) جو انعقاد مختلف شهرن ۾ ٿي رهيو آهي.

تحديث نعمت (نعمت جي خبر ڏيڻ) جي طور تي عرض ڪري رهيو آهيان ته هن پيغام کي نه معلوم ڪتي ڪٽي ڦريو آهيان. هن سڄي پس منظر کي بيان ڪرڻ جو مقصد هي ٻڌائڻو آهي ته هي ڪم اڄ اسان شروع نه ڪيو آهي بلڪ هي هڪ مسلسل عمل جو حصو آهي. دعوت رجوع الي القرآن جو جيڪو ڪم امام الهند شاه ولي الله رحمة الله عليه شروع ڪيو هو اهو ئي ڪم مختلف نسلن ڪان ٿيندو هيستائين پهتو آهي.

## اسان جي پروگرام جا ٽي جزا

ٻي ڳالهه آئون هي چوڻ ٿو چاهيان ته اسانجي هن ڪم جا ٽي حصا آهن:

١. اسانجي هن ڪم جي پاڙ ۽ بنياد دعوت رجوع الي القرآن آهي. جنهن کي مون انقلابي جدوجهد جي پهرئين مرحلي "دعوت ايمان بزريعي قرآن" سان تعبير ڪيو آهي. هن ڪم جي لاءِ انجمن خدام القرآن قائم آهي ۽ هن جي ڪم جي وسعت جي هڪ جهلڪ آئون هينئر بيان ڪري چڪو آهيان. اسان پنهنجي مختلف نصابن ۽ تربيتي

پروگرامن جي ذريعي اهڙا نوجوان پيدا ڪرڻ چاهيون ٿا جيڪي قرآن کي براه راست (سڌو سنئون) پڙهي ۽ سمجهي سگهن ۽ بقول اقبال نزول ڪتاب هنن جي دلين تي ٿيڻ لڳي.

ترے ضمير پہ جب تک نہ ہو نزول کتاب
گرہ کشا ہے نہ رازی (٤١) نہ صاحب کشاف (۴۲)

قرآن حڪيم کي ترجمن ۽ تفسيرن سان نہ بلڪ سڌو سنئون سمجهيو وڃي جڻ تہ قرآن اوهان جي دل تي نازل ٿي رهيو آهي. (۴۳)

۲. ٻيو ڪم اسين هي ڪري رهيا آهيون تہ تنظيم اسلامي جي نالي سان هڪ اصولي انقلابي جماعت جو قيام عمل ۾ اچي وڃي تہ جيڪي اهي ماڻهو جن جون دليون قرآني نور سان روشن ٿي وڃن. هو اقامت دين جي لاءِ تنظيم اسلامي ۾ شموليت اختيار ڪري وٺن. تنظيم اسلامي سمع وطاعت في المعروف جي بيعت تي قائم آهي. اقدام جو مرحلو جڏهن بہ ايندو اهو تنظيم جي تحت ئي هوندو. ڇاڪاڻ تہ هي ڪم ان وقت ٿي سگهي ٿو جڏهن اهي ماڻهو جمع ٿي وڃن جيڪي پنهنجي مٿان ۽ پنهنجي دائره اختيار ۾ دين جو نفاذ ڪري چڪا هجن ۽ ملي جلي ڪري مضبوط بنياد ٻنجي چڪا هجن. هن تنظيم جي حيثيت وڻ جي ٿڙ جهڙي آهي، جڏهن تہ تحريڪ رجوع الا القرآن وڻ جي پاڙن جهڙي آهي (۴۴) وڻ کي سموري خوراڪ پاڙن کان اچي ٿي ۽ ٿڙ کان گذرندي مٿي تائين پهچندي آهي.

مون عرض ڪيو آهي تہ اسان تنظيم اسلامي جي نالي سان هڪ اصولي انقلابي جماعت ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. اسان جي دعوٰي هي نہ آهي تہ اسان اها جماعت ٺاهي چڪا آهيون. ڇاڪاڻ تہ موجوده حالات ۾ اهڙي جماعت ٺاهڻ تمام مشڪل ڪم آهي. اسان جا ذهن اڃا تائين انگريز جي غلامي مان آزاد نہ ٿيا آهن. اسانجي غيرت ۽ شرم ڇيپاٽجي چڪا آهن. اسانجي اخلاقن جو ڏيوالو نڪري چڪو آهي. اسين ماڻهو واعدا ڪريون ٿا ۽ وساري ڇڏيون ٿا. اهڙن حالتن ۾سمع

وطاعت جي بنياد تي جماعت ٺاهڻ آسان ڪم نہ آهي.

(۲) اسانجي ڪم جي ٽئين سطح هي آهي تہ نظام خلافت جي اجتماعي ڍانچي ۽ هن جي برڪتن کي عام ڪيو وڃي. هي ڪم اسّان تحريڪ خلافت پاڪستان جي نالي سان ڪري رهيا آهيون. هي حقيقت ۾ عوام کي Educate ڪرڻ جو ڪم آهي. هن ڪم جا ٻہ پهلو آهن هڪ عوامي سطح تي نظام خلافت جي برڪتن جي شعور کي عام ڪرڻ. جيتوڻيڪ عوام کي نظام خلافت جي برڪتن کان آگاهہ ڪرڻ جي لاءِ تحريڪ خلافت جي پليٽ فارم تان عام جلسا ۽ ڪارنر ميٽنگن جو انعقاد ڪيو وڃي ٿو. تحريڪ خلافت جي پيش نظر ڪو فوراً هنگامو هرگز نہ آهي. ٻي سطح نظام خلافت جي اجتماعي نظام ۽ پيش ايندڙ جديد مسئلن کي علمي انداز ۾ تعليم يافتہ طبقي تائين پهچائڻ آهي. هي ئي ٻيو ڪم آهي جنهنجي لاءِ خطبات خلافت جو انعقاد ملڪ جي سيني وڏن شهرن ۾ ڪيو ويو آهي. هي تمام اهم ڪم آهي. چاڪاڻ تہ اسلام جو نعرو لڳائڻ تہ آسان آهي ليڪن جديد دستوري ۽ معاشي مسئلن سان زور آزمائي ڪرڻ جو آسان ڪم نہ آهي.

تحريڪ خلافت ۾ شموليت جي لاءِ اسان بيعتؓ جو شرط نہ رکيو. هن ۾ شموليت هڪ طرح جي معاونت آهي، قرآن مجيد جي لفظن ۾ "تعاونو علي البر والتقويٰ" جيڪڏهن توهان کي هن ڪم سان اتفاق آهي تہ هڪ فارم جي ذريعي توهان تحريڪ خلافت جا معاون بنجي وڃو. هي توهان جي طرف کان معاونت جو هڪ واعدو آهي. ظاهر آهي هن ڪم جي لاءِ اوهان پنهنجو ڪم وقت ۽ صلاحيت بہ خرچ ڪندا. تحريڪ خلافت جي معاون بنجڻ کانپوءِ توهان اسانکي ۽ اسانجي ڪم کي وڏيڪ ويجهو ڏسي سگهندا. هن سان باهمي اعتماد ۾ واڌارو ٿيندو. هي اعتماد ۽ جذبو توهانکي آخرڪار تنظيم اسلامي ۾ وٺي ايندو. هيءَ ڳالهہ چڱي طرح سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ اصل شيءِ جنهن کي مضبوط ڪرڻو آهي اها تنظيم اسلامي ئي آهي.

**من انصاري الي الله؟**

آئون خطبات خلافت جو اختتام هن سڏ تي ڪرڻ چاهيان ٿو تہ ”من انصاري الي الله؟“ يعني ڪير آهي منهنجو مددگار الله جي رستي ۾؟ ........ منهنجي مدد جي هڪ صورت هيءَ آهي تہ توهان اڪيلائي ۾ منهنجي لاءِ دعا ڪريو. مونسان گڏ تعاون جو هڪ طريقو هي بہ آهي تہ توهان انجمن خدام القرآن سان وابستہ ٿي وڃو مون سان گڏ تعاون جي هڪ صورت هيءَ بہ ممڪن آهي تہ ڪجهہ نوجوان پنهنجي زندگي جو هڪ سال فارغ ڪري هڪ سالہ رجوع الي القرآن جي ڪورس ۾ شامل ٿي وڃن ۽ قرآن حڪيم جي علوم و معرفت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن. مون سان گڏ تعاون جي بلند ترين سطح هي آهي تہ توهان تنظيم اسلامي ۾ شامل ٿيو منهنجا معاون و مددگار ۽ ساٿي بانهن ٻيلي بنجي وڃو. البت هي ڳالهہ آئون ضرور چوندس تہ تنظيم اسلامي ۾ شامل ٿيڻ کان پهرين منهنجي مٿان مڪمل اعتماد ڪريو. تنظيم ۾ شموليت علي وجه البصيرت (پرکي ۽ پروڙي) هئڻ گهرجي. ڪنهن وقتي جوش ۽ جذبي جي بنياد تي نہ.

مون سان گڏ تعاون جو ٽيون ۽ گهٽ ۾ گهٽ درجو هيءُ آهي تہ توهان تحريڪ خلافت جا معاون بڻجو. جن ماٺهن چار ڏينهن مسلسل خطبات جي لاءِ روزانہ چار ڪلاڪ ڪڍيا آهن ان جو ڪجهہ نہ ڪجهہ عملي نتيجو بہ ضرور نڪرڻ گهرجي.

اقول قولي هذا واستغفرالله لي ولكم
ولسائر المسلمين والمسلمات!

☆☆☆☆

# يـاداشت

(١) آئون الله جو شڪر ادا ٿو ڪريان تہ هن بنيادي مباحثن تي مونکي سير حاصل بحث ۽ گفتگو جي توفيق ٿي ۽ "خطبات خلافت" پنهنجي تڪميلي مرحلي تائين پهچي ويا. هي جيڪي ڪجهہ ٿيو آهي سيئي الله تعاليٰ جي منشا سان ٿيو آهي هن ڪائنات ۾ تہ هڪ پن بہ هن جي مرضيءَ کان سواءِ نٿو لڏي سگهي. جيڪڏهن الله تعاليٰ حالتن کي سازگار ۽ موافق نہ بنائي ها تہ اسان ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهون ها. هن موقعي تي اڪبر الله آبادي مرحوم جا ٻہ شعر مون کي ياد اچن ٿا.

يه عزم ترا سعی سے دمساز ہو کیونکر
اسباب نه ہوں جمع تو آغاز ہو کیونکر
اسباب کرے جمع خدا ہی کا ہے یه کام
طالب ہو خدا سے تو، دعا ہی کا ہے یه کام

(٢) جهڙوڪ گذريل مباحثن ۾ ٻڌائي چڪو ويو آهي تہ نبي صلي الله عليه وسلم جن صاف پيشنگوئي فرمائي آهي تہ قيامت کان اڳ هن دنيا ۾ خلافت عليٰ منهاج النبوة جو نظام قائم ٿيندو ۽ هي قيام ٿيندو بہ عالمي سطح تي (دنيا جي ڪنهن محدود خطي ۾ نہ) البت هن نظام جو قيام ڪنهن وقت ٿيندو؟ هن سوال جو جواب آنحضرت صلي الله عله وسلم جن نہ ڏنو. ان ڪري اسان بہ وقت جو تعين نٿا ڪري سگهون تنهن هوندي بہ الله تعاليٰ جي رسول ﷺ جن جيڪي آثار ۽ نشانيون بيان فرمايون آهن انهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هاڻ هي وڏيڪ پري جي ڳالهہ نہ آهي. حضور صلي الله عليه وسلم جي بيان ڪيل حالات واقعات تيز رفتار ڊرامي

وانگر هڪ ٻئي پنيان ظاهر ٿي رهيا آهن ۽ انهن واقعات جي هُو بهُو ظاهر ٿيڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن جيڪا خوشخبري ڏني آهي ان جي تڪميل جو وقت تمام ويجهو آهي.

(٣) خواهش يا عربي ۾ "امنيه" هن طلب يا ضرورت کي چون ٿا جنهن جي پٺيان هن جي مطابق عمل نہ ٿئي.

(٤) هونئن تہ هي پنهنجي جاء تي تمام وڏي حقيقت آهي تہ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي سيرت طيبہ جو توهان مطالعو ڪريو تہ معجزن جو عمل دخل نہ هجڻ جي برابر آهي هن جي برعڪس پاڻ صلي الله عليه وسلم جن جيڪو انقلاب برپا ڪيو اهو محنت ۽ مشقت برداشت ڪندي ڪيو آهي. ان طرح جڻ امت جي لاء معجزن جي انتظار ۾ هٿَ هٿَ تي رکي ويهي رهڻ جو ڪو جواز باقي نہ رهيو.

(٥) "قنوت نازلہ" نماز فجر جي ٻيء رڪعت ۾ رڪوع کان پوء پڙهي ويڃڻ واري دعا جيڪا ڪنهن وڏي هنگامي مصيبت کي ٽارڻ جي لاء ۽ اسلام و مسلمانن جي دشمنن کي ناڪام ڪرڻ جي لاء پڙهڻ سنت آهن.

(٦). دعا جي قبوليت جا لازمي شرط هيٺيان آهن:

(i) دعا پوري يقين، ايمان ۽ اخلاق سان گهري وڃي.

(ii) بندو يا تہ مڪمل طور تي بيوس هجي يا گهربل شيء جي حاصل ڪرڻ جي لاء پنهنجون سيئي صلاحيتون ۽ وسيلا لڳائي چڪو هجي.

(iii) دعا حقوق الله ۽ حقوق العباد جي خلاف نہ هجي.

(iv) عذاب جو فيصلو ٿي چُڪڻ ڪانپوء عذاب ٽارڻ جي دعا نہ هجي (فقط حضرت يونس عليه السلام جي قوم هن کان آزاد قرار ڏني وئي.

هن شرطن سان جيڪا دعا به ڪئي وڃي ٿي، اها هيٺ ڏنل ٽن صورتن منجهان ڪنهن نه ڪنهن هڪ صورت ۾ لازمي قبول ٿئي ٿي.

(الف) جيڪي ڪجهه گهري رهيو آهي. ڪجهه ان کي عطا ڪري ڏنو وڃي.

(ب) هن کان بهتر يا هن جي برابر ڪا شيءِ بندي کي عطا ڪري ڏني وڃي.

(ج) "دعا" جيڪڏهن مڪمل مصلحت جي خلاف هجي ۽ قبول نه ٿي سگهندي هجي ته ان کي بندي جي اعمالنامي ۾ داخل ڪري آخرت جي ڏينهن ۾ هن جو اجر ڏيڻ جي لاءِ محفوظ ڪري ڏنو وڃي.

(٧) عوام هن حقيقت جو اظهار هن طرح ڪري ٿو-

"الله چار ڪتاب لاٿا ۽ پنجون لاٿو "ڏنڊو" ۽ علامه اقبال پنهنجي انداز ۾ چيو آهي؛

رشی کے فاقوں سے ٹوٹا نہ برہمن کا طلسم
عصانہ ہو تو کلیمی ہے کار بے بنیاد

(٨) الله تعاليٰ جو هي ارشاد به پيش نظر آهي. "الله مومن کان سندن جانيون ۽ سندن مال جنت جي عيوض خريد ڪيو آهي هو الله جي راهه ۾ جنگ ڪن ٿا ته قتل ڪندا به آهن ۽ قتل ٿيندا به آهن.

(٩) هن قسم جون سيئي ڪارروايون اسلام جي احڪام ۽ جنگ جي جواز جي شرطن ۽ حدن جي به خلاف آهن. جن جي تفصيل جو هي موقعو نه آهي.

(١٠) الجزائر ۾ اليڪشن جي ذريعي تحريڪ جي ڪاميابي مان ڪا غلط فهمي نه هئڻ گهرجي. نه پاڪستان جي معاملي کي الجزائر تي ذهن ۾ تورجي تڪجي. چاڪاڻ ته الجزائر ۾ آزادي کانپوءِ سوشلسٽ نظام قائم ٿيو هو. جنهن جي

نتيجي ۾ جاگيرداري جو مڪمل خاتمو ٿي ويو هو. لهذا اتي اها رڪاوٽ موجود ئي نه آهي جيڪا پاڪستان ۾ پهاڙ بڻي بيٺي آهي.

(١١) اسلامي تحريڪن کي ناڪام بنائڻ جي لاء هي به هڪ سازش جي تحت ٿيندو آهي اسلامي تحريڪ کي هن جي اصل طريقه ڪار کان هٽائڻ جي لاء هن تي تشدد ڪيو وڃي ته جيئن هن جي ردِعمل ۾ تحريڪ به تشدد جو رستو اختيار ڪري ۽ هن تشدد کي بهانو بنائي رياستي طاقت جي ذريعي تحريڪ کي چيپاڻي ختم ڪيو وڃي.

(١٢) هن طرح جي مسلح جدوجهد ۾ به شرعي حڪمن جي سختي سان پابندي هئڻ گهرجي. مثال هي ته هنن ڪاروايئن جي ذميداري بااختيار امير جي هٿ ۾ هجي ۽ غير مسلح ماڻهن يا شهرين کي نقصان نه پهچايو وڃي.

(١٣) بالترتيب حضرت خديجه الکبريٰ رضه حضرت ابوبڪر صديق رضه ۽ حضرت علي ابن ابي طالب رضه ڪرم الله وجهه-

(١٤) هي ئي سبب آهي جو مون سوره حجرات جي هنن آيتن جو درس ڪيترائي ڀيرا ڏنو آهي جن ۾ "ايمان" ۽ "اسلام" کي به جدا جدا حقيقتون قرار ڏنو ويو آهي. ته جيئن هي غلط فهمي دور ٿي وڃي ته اسين " دراصل مومن آهيون" حقيقت هي آهي ته اسان مومن نه آهيون بس اسان وٽ هڪ موروثي عقيدو آهي. ايمان ته هڪ تمام وڏي طاقت ۽ نور آهي. دل ۾ حقيقي ايمان هجي ۽ عمل ۾ "جهاد" نه هجي، ايئن ٿيڻ ممڪن ئي نه آهي. درحقيقت ايمان ڪنهن ٻي شيء جو نالو آهي ۽ اسلام ڪنهن ٻي شيء جو نالو! جيتوڻيڪ حجرات جي آيت (١۴) ۾ آهي يعني هي بدو چون

ٿا تہ اسان ايمان آندو. اي نبي صلي الله عليه وسلم هنن کي
چئي ڏي تہ توهان ايمان هرگز نہ آندو آهي، ها هيئن چئو
تہ اسان اسلام (فرمانبرداري) کي اختيار ڪري ڇڏيو آهي.
ايمان تہ توهان جي دلين ۾ اڃا تائين داخل ئي نہ ٿيو آهي.

(١٥) مسلم امت جي اندر بصيرت جي موجودگي تي حضرت عمر رضہ جي طرفان الله جو شڪر ادا ڪرڻ جو مشهور واقعو هن طرح بيان ڪيو ويو آهي تہ هڪ ڀيري پاڻ رضہ خطاب ڪندي فرمايو تہ جيڪڏهن آئون ڏنگو ٿي وڃان تہ توهان ڇا ڪندا؟ ٻڌندڙن منجهان هڪ تلوار تي هٿ رکي چيو "اسين توکي هن سان سڌو ڪنداسين" تڏهن حضرت عمر رضہ الله جو شڪر ادا ڪيو تہ جنهن قوم جي قيادت هو ڪري رهيو آهي، اها قوم صاحب بصيرت آهي، انڌن ۽ ٻوڙن تي مشتمل نہ آهي.

(١٦) هن ڪوشش ۾ تمام گهٽيون ڳالهيون ٻاهران اچي شامل ڪيون ويون آهن. نہ تہ حضور صلي الله عليه وسلم جو "سلوڪ" سڀ جو سڀ مڪمل قرآن ئي جي ذريعي هو.

(١٧) انسان جو باطن (ضمير) ڪنهن طرح شيطان جي اک ۾ آهي هن جو پتو هڪ حديث مبارڪ مان ملي ٿو. پاڻ ﷺ جن فرمايو ان الشيطان يجزي من الانسان مجري الدم (يعني شيطان انسان جي وجود ۾ رت وانگر جذب ٿيو پيو آهي)

علامہ اقبال هن ئي ڳالهہ کي هنطرح بيان ڪيو آهي:

ڪشتن ابليس ڪارے مشڪل است
زانکه او گم اندر اعماق دل است

يعني ابليس کي مارڻ سخت مشڪل آهي، ڇاڪاڻ تہ هو دل جي گهراين ۾ گهڙيل آهي.

هڪ ٻي حديث مبارڪ ۾ واضح ڪيو ويو آهي. هن "شيطان" کي

مسلمان بنائي سگهجي ٿو. حديث ۾ هن طرح ٿي آهي ته هڪ ڀيري آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "هر انسان سان گڏ هڪ شيطان هوندو آهي." الله تعاليٰ جزاءِ خير (ثواب) ڏي ان اصحابي کي جنهن وڏي همت ڪندي پڇي ڏنو "ڇا حضور اوهان سان گڏ به شيطان آهي؟ هن سوال جي جواب مان اسان کي هي حڪيمانه نڪتو مليو ته "ها! مگر مون هن کي مسلمان بنائي ڇڏيو آهي". هيءَ ئي ڳالهه اقبال پنهنجي انداز ۾ هن طرح چئي آهي؛

خوشتر آں باشد مسلمانش کنی
کشته شمشیر قرآنش کنی

(هن ئي شيطان کي مارڻ سان) وڌيڪ بهتر هي ٿيندو ته هن کي مسلمان بنايو ۽ قرآن جي تلوار سان هن کي ماري ڇڏيو ڇاڪاڻ ته هي قرآن ئي آهي جيڪو انسان جي رڳ رڳ ۾ سمائجي وڃي ٿو ۽ شيطان رت جي جنهن جنهن جيوِ گهرڙي ۾ پهچي ٿو اتي قرآن به پهچي هن کي مسلمان بنائي ٿو)-

قرآن جي هن ئي وصف کي اقبال هن طرح بيان ڪيو آهي؛

چوں بجاں در رفت جاں دیگر شود
جاں چوں دیگر شد جہاں دیگر شود

يعني جڏهن قرآن روح ۾ پئجي وڃي ٿو ته اهو روح هڪ ٻيو روح بنجي وڃي ٿو ۽ جڏهن روح ٻيو ٿي وڃي ته دنيا به بدلجي ٻي ٿي وڃي ٿي. قرآن مجيد جڏهن ڪنهن جي اندر سمائجي وڃي ٿو ته انقلاب عظيم برپا ڪري ڇڏي ٿو. هن جو فڪر ئي بدلجي رهجي وڃي ٿو. ٻهرين زندگي سڀ کان وڌيڪ قيمتي شيءِ نظر ايندي هئي مگر هاڻ شهادت جو موت سڀ کان قيمتي شيءِ نظر اچڻ لڳي ٿو. حضرت خالد بن وليد رضه هي ئي ڳالهه دشمن جي فوج کي چئي موڪلي هئي ته مون سان گڏ اهي ماڻهو آهن جن کي موت ايترو ئي عزيز آهي جيترو توکي زندگي عزيز آهي. توهان هنن ماڻهن جو مقابلو ڪيئن ٿا ڪري سگهو.

بقول علامہ اقبال؛

شہادت ہے مطلوب و مقصود مومن
نہ مال غنیمت نہ کشور کشائی

زندگي ۽ موت جي باري ۾ جن جو نقطئہ نظر هي ٿيو پوءِ ڀلا ڪهڙي ڳالهہ جو خوف ٿي سگهي ٿو!! هي ئي سبب آهي جو غزوه موتہ جي موقعي تي ٽن هزار اصحابين هڪ لک جي فوج سان ۽ ڪجهہ روايتن جي مطابق هر قل پنهنجي هڪ لک فوج سان گڏ جڏهن اچي مليو تہ ٽن هزارن جو مقابلو ٻن لکن جي منظم فوج سان ٿيو. صحابہ رضہ جن هن سنگين صورتحال تي جڏهن مشورو ڪيو تہ فيصلو هي ئي ٿيو تہ اسان تہ شهادت جي تمنا ۾ هتي آيا آهيون، فتح حاصل ڪرڻ اسان جو مقصد نہ آهي. هن ئي جنگ ۾ حضرت جعفر طيار رضہ شهيد ٿيا. هي آهي اهو اندر جو انقلاب جيڪو قرآن جي ذريعي برپا ٿيو هو.

(١٨) هي ڳالهہ نوٽ ڪري ڇڏڻ گهرجي تہ انبياء عليهم السلام جي تاريخ ۾ بہ اسان ڏسون ٿا تہ جن کي بهادر ڪم وارانہ مليا اهي انقلاب برپا نہ ڪري سگهيا. ظاهر ڳالهہ آهي تہ اهي انبياء ناڪام نہ ٿيا بلڪ انهن جون قومون ناڪام ٿيون.

(١٩) آيت ١٢٩ ۽ آيت ١٥١ (سوره بقره)

(٢٠) ننڍپڻ ۾ اسان ۽ توهان هيءَ ڪهاڻي پڙهي آهي تہ هڪ پيءُ پنهنجن پٽن کي نصيحت ڪئي هئي ۽ انهن کي چيو هو تہ ڪاٺين جي هن ڀريءَ کي ڀڃو پر پٽن مان ڪوبہ هن ڪم کي نہ ڪري سگهيو پر ڀريءَ کي کولي جڏهن ڪاٺيون جدا جدا ڪيون ويون تہ پٽن وڏي آساني سان هڪ هڪ ڪاٺي کي جدا جدا ڀڃي ڇڏيو. هن موقعي تي پيءُ نصيحت ڪندي چيو تہ ڏسو! تہ جيڪڏهن توهان گڏجي رهيؤ تہ توهان کي ڪير نہ ٽوڙي سگهندو. ليڪن توهان جي وچ ۾

جيڪڏهن نفاق پيدا ٿيو ته توهانکي جدا جدا هرڪو آساني سان جهڪائي ڇڏيندو. انهيءَ ڪري ڇيو وڃي ٿو هڪ اڪيلو ٻه ته ٻارهن نهي پون ٿا.

(٢١) روايت جا متيان لفظ محض وڌيڪ تاڪيد جي لاءِ آهن، ان ڪري جيڪڏهن هنن ڳالهين جو حڪم خود آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي طرف کان به ڏين ته اهو به الله جي طرف کان ئي هوندو ڇاڪاڻ ته قرآن چوي ٿو (وما ينطق عن الهويٰ ان هو الا وحي يو حي) (هو پنهنجي مرضي سان ڪجهه نٿو چوي اها ته وحي آهي (هنن تي) نازل ڪئي وڃي ٿي) (النجم: ٣ ,٤)

(٢٢) مونکي هن موقعي تي ميٽرڪ ۾ پڙهيل انگريزي نظم "چارج آف لائٽ بريگيڊ" جو هڪ شعر ياد اچي رهيو آهي-

Their's not to reason why?
Their's but to do and die!

دليل بازي جو هي موقعو نه ته ڇو ۽ ڇونه (وقت جي تقاضا فقط هي آهي) ته (حڪم تي) عمل ڪريو ۽ (تعميل ۾ جان ڏئي ڇڏيو.

(٢٣) انقلابي جماعت جون ٽي لازمي وصفون آهن (١) اها جماعت بلڪل نئين هجي. (٢) هن جماعت ۾ شموليت جي لاءِ هن جي نظرئي کي شعوري طور تي قبول ڪرڻ ضروري هجي، پوءِ شموليت اختيار ڪرڻ ڪانپوءِ انسان هن نظرئي جي لاءِ جان جي بازي تائين کيڏڻ جي لاءِ آماده هجي. (٣) ۽ انقلابي جماعت جي ٽئين خصوصيت هي هئڻ گهرجي ته هن جا "ڪيڊرز" بلڪل نوان هجن. ايئن نه هئڻ گهرجي ته جيڪو ڪنهن حوالي سان پهرين کان ڪنهن معاشري ۾ متانهون هجي هُو هن جماعت ۾ به متانهون ئي رهي. مثلاً

معاشري ۾ سيد مٿانهون آهي لهذا هُو هن جماعت ۾ بہ مٿانهون تصور ڪجي ۽ "تابع" نِيچ يعني هيٺانهون آهي لهذا هو هن جماعت ۾ بہ هيٺانهون ئي سمجهيو وڃي. جيڪڏهن ايئن آهي تہ اها انقلابي جماعت نہ آهي. هن جي برعڪس انقلابي جماعت ۾ جنهن جي جيتري وڏيڪ قرباني آهي. هو ايترو ئي بلند آهي. هن انقلابي نظرئي سان گڏ هن جي وابستگي ۽ قرباني ئي ڪنهن جو مقام ۽ مرتبو مقرر ڪرڻ جو بنياد بنجندي)

(٢۴) سوره فتح جي آيت ١٨ ۾ بہ بيعت جو ذڪر آهي ۽ هن بيعت تي الله جي رضامندي جو اظهار آهي. اهڙي طرح سوره ممتحنہ جي آيت ١٢ ۾ عورتن جي بيعت ڪرڻ جو ذڪر آهي ۽ الله جي رسول ﷺ کي انهن عورتن کان بيعت وٺڻ جي هدايت آهي.

(٢۵) آئون تہ ڳالهہ سمجهائڻ جي لاءِ ڪندو رهان ٿو تہ سچي نبوت جي عظمت و قوت ڇا هوندي هن جو تہ شايد اسان تصور بہ نٿا ڪري سگهون. ڪوڙي نبوت ۾ ايتري طاقت آهي جو قادياني جماعت جو انتظام اڄ تائين قائم آهي. ان ڪري جو جنهن بہ ڪنهن کي نبي ڪري ميڃيو هِن کي تہ اُن جي اطاعت ڪرڻي ئي آهي هو ان کي هي نٿو چئي سگهي تہ آئون تڏهن ميڃيندس جڏهن اوهان مونکي پنهنجو حڪم سمجهائيندؤ. هي ڳالهہ ڪنهن اهڙي شخص کي تہ چئي سگهجي ٿي جنهن نبوت جي دعوىٰ نہ ڪئي هجي. اهڙي طرح جيڪڏهن اوهان ڪنهن جي دعوىٰ نبوت قبول نٿا ڪريو تہ هن کان دليل جو مطالبو ڪري ٿا سگهو. ليڪن جنهن جي نبوت تي توهان ايمان آندو آهي هُن جو تہ فرمائي ڇڏڻ دليل آهي. قران فرمائي ٿو ما اتاڪم الرسول

فخذوه وما نهاڪم عنه فانتهوا (رسول توهانکي جيڪي ڪجهہ ڏين ان کي وٺو ۽ جنهن شيءِ کان توهان کي منع ڪن ان ڪـان رڪجي وڃو) هاڻ تہ دجال ٿي نبـوت جي دعويٰ ڪندو. هڪ دجال "مسيلمہ ڪذاب" بلڪل ابتدائي دور ۾ بہ پيدا ٿيو هو ان کانپوءِ ڪو دجال ايران ۾ پيدا ٿيو هو تہ ڪو هندستان ۾ شايد ڪو ٻيو بہ دجال پيدا ٿي پوي. اهو المسيح الدجال تہ نڪرندو ئي- حديثن ۾ جنهنجي خبر ڏني وئي آهي. هن کان علاوه ننڍا ننڍا دجال بہ پيدا ٿي سگهن ٿا ليڪن نبي هاڻ بهرحال ڪير ڪونہ ايندو.

(۲۶) حضرت زيد بن حارثہ رضہ کي آزاد ڪرڻ کانپوءِ نبي صلي الله عليه وسلم جن پنهنجو زباني پٽيلو بنايو هو. تنهن هوندي بہ جاهلي (غير مهذب) روايتن جي برخلاف الله تعاليٰ زباني پٽ کي حقيقي پٽ جو درجو ۽ قانوني حقوق ڏيڻ جي ممانعت فرمائي آهي.

(۲۷) روايتن ۾ آهي تہ ڪجهہ حضرات هن تي اعتراض بہ ڪيو مگر نبي صلي الله عليه وسلم جن هنن جي اعـتراض کي سختي سان مسترد فرمايو. نبي صلي الله عليه وسلم جن جي وفات کانپوءِ جڏهن هن لشڪر جي روانگي جو وقت آيو تہ حضرت ابوبڪر رضہ جن پنهنجي ۽ حضرت عمر رضہ جي لاءِ لشڪر ۾ شموليت نہ ٿيڻ جي اجازت باقاعده حضرت اسامہ رضہ کان ورتي تہ اسان ٻئي هاڻ ملڪي نظام جي هلائڻ ۾ مصروف هونداسين ۽ اڃا بہ حضرت ابوبڪر رضہ جن حضرت اسامہ رضہ کي گهوڙي تي سوار ڪرائي ۽ خود پنڌ هلي لشڪر کي رخصت ڪيو.

(۲۸) "اسانجي لاءِ الله جو ڪتاب ڪافي آهي"- هيءَ ئي فتنو اڄ سنت جي انڪار جي صورت ۾ اسانجي سامهون آهي. جديد

تعليم يافتہ نوجوانن جي ذهنن ۾ هيءَ ڳالهہ وهارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي تہ حديث وغيره جي ڪا ضرورت نہ آهي، بس الله جو ڪتاب ئي ڪافي آهي.

(٢٩) فلسطين ۾ اسرائيل P.L.O سان مصلحت هن ڪري ڪئي آهي تہ مسلمان مسلمان کي قتل ڪري. يهودي هي ڪم ڇو ڪن. يهودي قتل ڪندا تہ انهن جي قتل ٿيڻ جو بہ خطرو رهندو. انهي ڪري منصوبو اهو ٺاهيو ويو تہ هنن جي ننڍڙي حڪومت محدود اختيارات سان گڏ ٺاهيو تہ جيئن ياسر عرفات فلسطيني مسلمانن سان اهو ئي ڪجهہ ڪري جيڪي حسني مبارڪ مصر جي مسلمانن سان ڪري رهيو آهي.

(٣٠) انهن هن ڪم کي ڇڏي پنهنجون توانائيون جهاد حريت ۾ کپائڻ شروع ڪري ڇڏيون ۽ ڪانگريس ۾ شموليت اختيار ڪئي. هيءَ ڳالهہ آئون ڪئين ڀيرا ڇئي چڪو آهيان تہ مونکي هن ابوالڪلام سان ڪا دلچسپي نہ آهي. منهنجي دلچسپي ١٩١٢ع کان ١٩٢٠ع تائين جي ابوالڪلام سان آهي.

(٣١) امام فخرالدين رازي رحہ (١١٤٩ـ١٢٠٩) محدث، فقيه ۽ فلسفي مشهور تفسير "التفسير الڪبير" جا مصنف آهن.

(٣٢) جار الله زمخشري (١٠٧٥ـ١١٤٤) لغت، نحو، بلاغت ۽ تفسير جا امام معتزلي فرقي جي مسلڪ رکندا هئا. الڪشاف عن حقائق التنزيل سندن مشهور تفسير آهي.

(٣٣) هتي هڪ ڳالهہ هنن ماڻهن کي چوندس جن دنيوي علوم و فنون تہ سکي ڇڏيا ليڪن ايتري عربي زبان نہ سکي جو قران کي سڌو سنئون سمجهي سگهن. هو سوچي وٺن تہ الله جي حضور ڪهڙو جواب ڏيندا حضور ﷺ جن جي ارشاد

مطابق حاسبوا قبل ان تحاسبوا (محاسبي کان پهرين پنهنجو
احتساب خود ڪريو) بقول علامہ اقبال مرحوم
یہ گھڑی محشر کی ہے تو عرصہ محشر میں ہے

(٣٤) قرآن مجيد جي واضح احڪامات ۾ بہ ڪم جي هن تن
حصن جو ذڪر عمدي وڻ جي تن حصن جي صورت ۾
موجود آهي. سوره ابراهيم ۾ آهي: الم ترڪيف ضرب الله
مثلا ڪلمة طيبة ڪشجرة طيبة اصلها ثابت و فرعها في السماء

وڻ جي هڪ پاڙ هوندي آهي، هڪ ٿڙ هوندو آهي ۽ پوءِ ٽاريون
هونديون آهن جيڪي پڪڙجي وڃن ٿيون. وڻ جو هي مثال هڪ حديث
مبارڪ ۾ بہ آيو آهي جيڪو حضرت معاذ بن جبل کان مروي آهي. پاڻ
ﷺ جن فرمايو: "اي معاذ! جيڪڏهن تون چاهين تہ آئون دين جي عملن
منجهان چوٽيءَ جو عمل ۽ ان جي پاڙ توکي ٻڌايان" هن عرض ڪيو:
منهنجو ماءُ پيءُ اوهان ﷺ تان قربان هجن ضرور ارشاد فرمايو! پاڻ ﷺ
جن فرمايو "پاڙ جو عمل تہ هي آهي تہ تون هيءَ شاهدي ڏي تہ الله
کانسواءِ ڪو معبود ڪونهي، هُو اڪيلو آهي، هن جو ڪو شريڪ نہ
آهي. محمد صلي الله عليه وسلم هِن جا ٻانها ۽ رسول آهن- ۽ جنهن
عمل سان دين جي پڪڙ مضبوط رهي ٿي اها نماز ادا ڪرڻ ۽ زڪواة
ڏيڻ آهي (يعني جماعت جو انتظام) ۽ هن جي چوٽي جو عمل جهاد في
سبيل الله آهي" -

تمت بالخير

# انجمن خدام القرآن سنڌ ڪراچي

جي قيام جو مقصد

## ايمان جي مرڪز — يقين جي سرچشمي

# قرآن حڪيم

جي علم ۽ حڪمت جي

وسيع پيماني ۽ اعليٰ علمي سطح

تي تشهير ۽ اشاعت آهي

ته جيئن امت مسلمه جي سمجهدار طبقي اندر

تجديد ايمان جي هڪ عمومي تحريڪ برپا ٿئي

۽ اهڙي طرح

اسلام جي ٻيهر احياء ۽ دين حق جي غلبه جي نئين دور

جي واٽ هموار ٿي سگهي

وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِاللّٰهِ